

# سنڌوءَ جو ڇوڙ وارو علائقو

جنرل هيگ

عطا محمد ڀنڀرو

سنڌوءَ جو ڇوڙ وارو علائقو ○ جنرل هيگ ○ مترجم: عطا محمّد ڀنڀرو

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد - سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻين ٻولين جي معياري ڪتابن جي ترجمي واري رٿا جي
سلسلي جو چوٿون ڪتاب

# سنڌو جو ڇوڙ وارو علائقو

جنرل هيگ

مترجم:
عطا محمد ڀنڀرو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد سنڌ
1995ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

ڇاپو : پهريون
سال : مارچ 1995ع
تعداد: هڪ هزار

قيمت:

**ملڻ جو هنڌ :**
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
نيشنل هاءِ وي – حيدرآباد سنڌ، پاڪستان.
۽
مرڪزي ڪتاب گهر نمبر - 16
نسيم شاپنگ سينٽر - نسيم نگر
قاسم آباد، حيدرآباد– سنڌ .

هي ڪتاب ميسرس علمي پرنٽرز ڪراچي ڪمپوز ڪيو ۽ اداري پاران اشاعتي نگران امين لغاري ايجوڪيشنل پريس ڪراچي مان ڇپرائي حيدرآباد سنڌ مان پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


باب پهريون: سنڌوءَ جو ڇوڙ وارو علائقو. م

باب ٻيون: سڪندر جي حملي وقت سنڌوءَ
جو ڇوڙ وارو علائقو. ٢١

باب ٽيون: يونان جي پوئين دور جي ڪتابن ۾
سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي جو احوال. ۴۴

باب چوٿون: ڇوڙ وارو علائقو قديم مشرقي مورخن
جي حوالن جي روشنيءَ ۾. ٥٩

• سيوستان تي حملو. ٨٧

باب پنجون: مشرقي جاگرافيدانن جا سنڌ جي وچولي
۽ لاڙ بابت رايا. ١٠٢

باب ڇهون: سنڌ تي مسلمانن جي ٻئي حملي کان پوءِ
ڇوڙ وارو علائقو. ١١٢

باب ستون: ڇوڙ واري علائقي ۾ پورچوگيز ١۴٨

باب اٺون: سنہ 1591-92ع ۾ شاهي لشڪر جو
ڇوڙ واري هيٺين علائقي ۾ اچڻ. ١٥٥

باب نائون: موجوده دور ۾ سنڌ جي لاڙ وارو ڀاڱو. ١٦٦

ضميما

الف: سنڌوءَ جو لوٽي ٻاريءَ وارو ڇوڙ. ١٨٥

ب: ماموئي فقيرن جون اڳ ڪٿيون. ١٨٧

ج: قديم دور ۾ سنڌ ۾ سنڌوءَ جو وهڪرو. ١٩٢

د: لسبيلي مان سفر ۽ غلطيءَ جي تصحيح. ٢٠٨

هہ: پورالي نديءَ ڏانهن پيش قدمي. ٢١٢

• نيرڪوس جو اليگزينڊر هيون کان پورالي نديءَ جي
ڇوڙ تائين هاڪارڻ ٢١٨

حاشيا: ٣٣٨

# پڇاڙي اکر

سنڌ جي درياهي وهڪرن بابت اسان ڪا تحقيق ڪانہ ڪئي آهي.سنڌو مهراڻ يا هاڪڙي بابت اسان وٽ سنڌي زبان ۾ ڪو ڪتاب ڪونہ آهي. مطلب تہ سنڌ جي درياهن ۽ انهن جي وهڪرن بابت سنڌي ۾ ڪوبہ ڪتاب ڪونہ لکيوويو آهي. نہ فقط ايترو، پر سنڌ جي ڏنڍن ڍورن بابت پڻ اسان وٽ ڪوبہ ڪتاب موجود ڪونہ آهي. اهڙيءَ ريت سنڌو جي ڇوڙ واري علائقي بابت بہ اسان وٽ ڪو معياري ڪتاب ڪونہ آهي.

جنرل هيگ پهريون مصنف آهي، جنهن سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي بابت هڪ معياري ڪتاب لکيو، جنهن جو سنڌي ترجمو اوهانجي هٿن ۾ آهي.

سنڌوءَ جو ڇوڙ وارو علائقو تاريخ توڙي جاگرافيءَ جي لحاظ کان وڏي اهميت رکي ٿو. قديم زماني کان سيلاني سمنڊ رستي سنڌ ۾ آيا ۽ پوءِ وري درياهہ ذريعي سفر ڪيائون.

سڪندر جو سنڌ تي حملو عربن جي سنڌ تي ڪاهہ يا اليگزينڊر برنس جو سنڌوءَ جو سفر، هر لحاظ کان ڇوڙ وارو علائقو وڏي اهميت رکي ٿو. هن علائقي ۾ ڪي بندر ۽ درياهي پتڻ هوندا هئا. ڪيترن ئي ملڪن سان وڻج واپار هلندو هو. ڪيترائي شهر وستيون ۽ واهڻ هئا، جن مان اڪثر اجڙي ويا. جنهن تي افسوس ڪندي شاهہ لطيف فرمايو:

نہ سي ووڻ وڻن ۾، نہ سي ڪاتياريون،
پسئو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا يناني جو سُر ڍهر ڏسو، ان جي ڪن بيتن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ درياهي وهڪري جي تبديلي يا ڍنڍن ڍورن جي سُڪي وڃڻ سبب ڪيترين ئي وسنديون ويران ٿي ويون. مثال لاءِ هڪ بيت پيش ڪجي ٿو.

سچ ڪہ سُڪو ڍور، ڪنڌيءَ اڪ ڦلاريا،
جُنگن ڇڏئو زور، سَرسُڪو، سونگي گيا.

هن علائقي ۾ ڪيترين ئي جنگيون لڳيون. سنڌي جوڌا ڌارين سان جنگيون جوٽيندا رهيا ۽ پنهنجي وطن خاطر ڪِونڌر ڪُهايا. ان جو هڪ ثبوت تاريخ جي ورقن مان ملي ٿو، ٻيو ثبوت ڇوڙ واري علائقي جا قديم قبرستان آهن. فقط ننڍي جي آسپاس پنجاهہ قديم قبرستان آهن، نہ ڄاڻ ٻيا ڪيترا قبرستان ڍهي پٽ ٿي ويا هوندا. انهن تاريخ جي وساريل ورقن ۽ قديم کنڊرن تي تحقيق ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي، ضرور ڪو جاکوڙي جوان هڪ نہ هڪ ڏينهن انهن بابت کوجنا ڪري، پنهنجي تاريخ ۽ جاگرافيءَ جي گمنام گوشن کي پڌرو ڪندو. جيستائين وڌيڪ کوجنا ٿئي، تيستائين اسان وٽ جنرل هيگ جو هيءُ ڪتاب نهايت ئي اهم آهي.

هيگ پنهنجي هن ڪتاب ۾ ڇوڙ واري علائقي جي ڪُل ايراضي ڏهہ هزار چورس ميل ڏيکاري آهي ۽ ان علائقي تي ڀرپور نموني روشني وڌي آهي. سندس ڪتاب ۾ ڪجهہ اهڙو قيمتي مواد ڏنل آهي، جيڪو اسان کي تاريخ جي ٻئي ڪنهن بہ ڪتاب ۾ ڪونہ ٿو ملي.

سندس ڪتاب ۾ اٺ باب آهن. پهرين باب ۾ سنڌو جي ڇوڙ واري علائقي جي سڃاڻ ڪرائي وئي آهي. ڇوڙ واري علائقي جو احوال سڪندر جي حملي واري دور کان شروع ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ وارن مختلف دورن ۾ ڇوڙ واري علائقي جي تاريخي ۽ جاگرافيائي صورتحال تي روشني وڌل آهي. مطلب تہ هر باب ۾ قيمتي مواد ڏنو ويو آهي. ٻي خاص ڳالهہ تہ هيگ جي هن ڪتاب ۾ جيڪي ضميما ڏنل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، سي پڻ وڏي اهميت رکن ٿا. ان کان علاوه هن جيڪي حاشيا ڏنا آهن، سي پڻ نهايت ئي قيمتي آهن.

هن ڪتاب جو ترجمو منهنجي پياري دوست عطامحمد ڀنڀري ٻه سال کن اڳ ڪيو هو. منهنجي گذارش تي هن اهو مسودو اداري جي حوالي ڪيو. هن محنت ڪري پنهنجي پاران ڪي حاشيا پڻ ڏنا آهن. هيءُ ڪتاب هوندي ٻه اهم آهي، ويتر ڀنڀري صاحب حاشيا لکي ان جي اهميت ۾ اضافو ڪيو آهي ۽ ڪن غلط ۽ مونجهاري واري ڳالهين تي تاريخ جي حوالن سان روشني وڌي آهي. ڀنڀري صاحب جي ڪن حاشين سان اختلاف جي گنجائش موجود آهي، پر ان هوندي به انهن جي اهميت کان انڪار ڪري نٿو سگهجي.

سنڌ جي هن تاريخي ۽ اهم موضوع تي سنڌي زبان ۾ هيءُ پهريون ڪتاب آهي، جيڪو اداري پاران ڇپرايو ويو آهي.

اميد ته پڙهندڙ ان جو قدر ڪندا.

ڊاڪٽر نواز علي شوق
چيئرمين
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد، سنڌ

ڪراچي
20 فيبروري 1995ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب پهريون

## سنڌوءَ جو چوڙ وارو علائقو

چوڙ واري علائقي جي جاگرافي ۽ ان منجهان وهندڙ ڦاٽن جو مُختصر احوال هن ريت آهي تہ هتان جا ماڻهو پنهجي جاگرافيائي نقطئہ نظر کان سنڌو ماٿري جي هيٺئين حصي کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهائيندا آهن، جن مان هڪ سرو Upper Country ۽ ٻيو وچولو Middle Country ۽ ٽيون لاڙ Sloping descending Coutry آهي، جيڪو لهوارو ٿيندو، هيٺ سمنڊ ڏانهن هلندو وڃي ٿو. اهڙيءَ ريت سيوهڻ کان چاليهہ ميل مٿي ستاويهہ ڊگريون اُتر، ويڪرائي ڦاڪ تي، اتر سنڌ جو علائقو آهي. ان علائقي جي هيٺئين دنگ کان وٺي حيدرآباد تائين "وچولو" سڏيو ويندو آهي ۽ حيدرآباد کان وٺي سمنڊ تائين ساري پرڳڻي کي لاڙ چوندا آهن. جنهن جوءِ جو اوڙڪ ۾ احوال اوريو ويو آهي، سو سنڌ جي چوڙ وارو اهو تاريخي علائقو آهي، جنهن تي سڪندر جي حملي دوران، ان جي مؤرخن جون پهريون نظرون پيون هيون، ان بابت سنڌن اتهاسن ۾ وِستار سان ڳالهيون بہ ڳائجڻ لڳيون هيون. تنهن سمي، هن چوڙ واري علائقي جو اوڙڪ مٿيون پاسو "پٽالا"هو، جتان سنڌو، بہ دَرياهيءَ ۾ ونڊجي ويندو هو. سنڌس هڪ ڇاڙهہ ڏکڻ - اوڀر ڏس تي ۽ ٻي ڏکڻ - اولهہ پاسي لڙي ويندي هئي. هر هڪ ڇاڙهہ کي "سِنڌو" سڏيو ويندو هو. هاڻي مامرو اهڙو منجهي ويو آهي جو " پٽالا" جي سڃاڻپ جا امڪان ئي موجود ڪونہ رهيا آهن. مان انهن مورخن سان ڪڏهن بہ سهمت ڪونہ آهيان، جيڪي هن ٺاڪ کي حيدرآباد يا ان جي پير پاسي ۾ سمجهن ٿا ۽ انهن سان بہ اختلاف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راءِ رکان ٿو، جيڪي ”ٺٽي“ کي ”پٽالا“ سمجهندا آهن. منهنجو انومان آهي، جنهنجا ڪيترا ڪارڻ به آهن، تہ اهو ڦاڪ، حيدرآباد جي ويڪرائي ڦاڪ کان تمام گهڻو هيٺ ڪونہ هو. پر ان جي ڏکڻائي ڦاڪ هن شهر کان گهڻو اوپر طرف هئي. ان ڪري مون کي پڪ ٿئي ٿي تہ سنڌي ،جنهن جاگرافيائي خطي کي ”لاڙ“ سڏيندا آهن ، سو گهڻي ڀاڱي ”پٽاليني“ Patalene واريءَ جوءِ سان ڀيٽ آهي ۽ اهو ئي سنڌوءَ جو ڇوڙ وارو علائقو آهي، جيڪو يونانين جي وقت ۾ بہ موجود هو.

هن ڪتاب ۾ بہ ڇوڙ وارو علائقو سمنڊ کان وٺي مٿي اتر ڏس تي حيدرآباد يا پنجويهہ ڏگريون ۽ ٽيويهہ فوٽ ويڪرائي ڦاڪ اتر طرف تائين آهي، جيڪو اوپر طرف ٿر جي پٽن ڏانهن وڏي وچي سنڌوءَ جي صفا اوپارين ڇاڙهہ ” پراڻ“ سان ملي ٿو، جيڪو هاٿي سڪل آهي. ڇاڙهہ جي رُت ۾ سنڌوءَ جو پاڻي منجهس اچي ويندو آهي. پر ڪنهن سمي اها ڇاڙهہ ڪوريُ ڦاٽ سان ڳنڍيل هئي ۽ سنڌ ۽ ڪڇ جو دنگ ڏيکاريندي هئي .هيءُ ڇوڙ وارو علائقو اولهہ پاسي وڃي جابلو علائقي سان ملندو هو. اهي جبل سنڌ جي جابلو سلسلي ڪوهستان کان هلندا اوپر ۽ اولهہ پاسي نندا ٿيندا نيٺ ختم ٿي وڃن ٿا.سنڌوءَ جي ڇوڙ واري هن علائقي جي سرحدي ليڪ پنجاهہ ميل اولهہ-ڏکڻ هلي ٺٽي جي اوسي پاسي پهچي ٿي. اتان کان سٺ ميل سر اولهہ هلي ڪراچيءَ پرسان سمنڊ تائين توڙ ڪري ٿي . اهڙيءَ ريت ڇوڙ واري علائقي جي ڪل ايراضي ڏهہ هزار ميل همچورس ٻيهي ٿي. ڇوڙ واري هن علائقي جي پاسن جي ڏار ڏار ماپ هن ريت آهي. حيدرآباد کان هيٺان سنڌوءَ کان وٺي عمرڪوٽ تائين نوي ميل ۽ عمر ڪوٽ جي اوپر کان وٺي ڦاٽ جي ڇوڙ تائين هڪ سو پنجاهہ ميل . حيدرآباد کان ٺٽو ۽ ٺٽي کان وٺي ڪراچي ۽ ويجهو ڪلفٽن جي وارياسي جوءِ جي ڏکڻ -اوپر تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اولهه وارو پاسو هڪ سو ڏهه ميل ۽ ساموني ڪنارو هڪ سو پنجويهه ميل آهي ۽ اهو ڪل پکيڙ پنجويهه هزار چورس ميل بيهي ٿي .

هي ميداني علائقو درياهن جي پُراڻن پيٽن سان هنڌين ماڳين ڪاڏل ۽ هيٺ مٿي لڳو پيو آهي. ڪي قديم وهڪرا هن ڇوڙ واري علائقي منجهان آر پار ۽ لاڳيتا ڏسڻ ۾ ايندا. ڪن جا نشان پٽا ڪٿي ڪٿي وچي ڇتا رهيا آهن. ڪن جا ته باقي وچي ڪي اهڃاڻ رهيا آهن. ڪي ته صفا رڱجي ميسارجي ويا آهن. پاڻيءَ جو هڪ تمام پراڻو وهڪرو ڪڏهن سنڌ جي صفا اوپر طرف کان به وهندو هو. سندس تاريخ ڏاڍي دلچسپ آهي. ان جو نالو "هاڪڙو " هو. ٿر جي پٽن جي پر ڏئي "ڪڇ "کان ويهه ميل مٿان وچي "پراڻ" ۾ پوندو هو. هاڻي هاڪڙي جو نالو هن درياه جي ان ٽڪري تائين محدود آهي، جنهن ۾ سنڌوءَ جي ڇاڙهه جو پاڻي هليو ويندو آهي. موجوده دور ۾ هنکي "نارو" سڏيو ويندو آهي. سرڪاري ڪاغذن ۾ هن جو نالو اپرندو نارو Eastern Nara آهي . پر ڪنهن زماني ۾ هي نجو ۽ آجو درياه هو ۽ ناري وارو هاٺوڪو وهڪرو انجو ننڍڙو حصو هو (١) هن قديم وهڪري جا نشان ، سنڌ جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين اڄ به ڏسي سگهجن ٿا. هن وهڪري جو نالو"واندڻ" Wandan هوندو هو.

(1) بهاول پور واري علائقي ۾ ان جو نالو "هاڪڙو"ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. پر بيڪانير ۽ راجپو تانا کان وٺي ويندي هماليه تائين ان کي "سڌارا " Sudhara ۽ ٻين نالن سان سڏيو وڃي ٿو " ڪلڪته رويو"(٢)۾ هڪ سڄاڻ لکڻهار "گم ٿيل درياه" Last river جي عنوان سان هڪ مضمون لکيو هو. سندس ويچارن مان ائين لڳو ٿي ته اهو "گم ٿيل درياه" ستلج ڪانسواءِ ٻيو ڪونه آهي، جيڪو صديون اڳ هڪ جابلو علائقي مان نڪري ور وڪڙ ڪندو اتر- اولهه آهل ڪري، بياس جي ماٿري ڏانهن نڪري آيو هو. پوءِ اولهه پرو سِرڪندو اوڙڪ وڃي بياس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ن سنگم ڪيو هئائين. اها ڳالهه ثابت ڪئي وئي آهي يا نه، تنهن جو ڪونه آهي ته ان سڄي وهڪري کي هاڪڙي جي نالي سان سڏيو ويندو هو . پر ايترو سو يقين آهي ته سنڌ جي لاڙ جي ڀاڱي وارو ”هاڪڙو“ هڪ آجي ۽ نجي درياهه جو حصو هو، جنهنجي سڪي وڃڻ ڪري ڊاڍو هاڃو ٿيو. هزارين همچورس ميل تي مشتمل سڪيو ستابو ۽ سڪر سٽائي وارو وڏو علائقو، جنهن مان لکن ماڻهن کي پنهنجو چوڻو پاڻي ملندو هو، سو سڪي ٻُٽ تي ويو. ان پاڻيءَ ڏوڪي وڃي سنڌوءَ سان سنگم ڪيو، جنهن سان اڳيئي ٻين درياهن جو جام پاڻي ملي رهيو هو. هن واڌو پاڻي ملڻ ڪارڻ هيٺ وڃي، سنڌوءَ ٻوڙ ٻوڙان لائي ڏني ۽ ملڪ اجاڙي ناس ڪري ڇڏيائين.

هاڪڙي کان ڇڏڻ يا پنجن ميلن جي وٿيءَ تي ،”ٻنڌڻي “ Ba-dahri نالي سنڌوءَ جو هڪ ڦاٽ هو، جيڪو هاڪڙي سان گڏوگڏ هلندوهو ۽ پراڻ ۾ پوڻ واري ماڳ کان ارڙهن ميل مٿي هاڪڙي سان ملي ويندو هو. سنڌوءَ جو هيءُ ڦاٽ رڳو چاڙهه جي رُت ۾ وهندو هو ۽ هاڪڙي سان وڃي ملندو هو. هيئنر هن ڦاٽ جو منڍ لٽجي ويو آهي. ڪجهه ميلن تائين ايترو ته پورجي ۽ ميسارجي ويو آهي، جو سنڌس اهڃاڻ به ملي ڪونه سگهندا. لڳي ايئن ٿو ته ڄڻ اهو اتر- اولهه ڏس کان اچي، سنڌ جي وچ واري ڀاڱي مان پنهنجي مکيه وهڪري کان ڇڄو آهي.ٻيو ڦاٽ جيڪو ساڄي طرف کان اچي ٿو، سو گهٽو ڪري مٿي بيان ڪيل ” ٻنڌڻي“ڦاٽ جو مٿيون حصو آهي ۽ اهو به ساڄئي طرف کان ايندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هنن ٻنهي ڦاٽن جا نشان عرب راڄڌاني منصوره کان ڏکڻ -اوڀر ڏسڻ ۾ ڪونه ٿا اچن. امڪان اهو آهي ته هيءُ اهو وهڪرو آهي، جنهنجو ”البيرونيءَ “ ذڪر ڪيو آهي ، جيڪو سنڌوءَ کي منصوره وٽان ڇڏي ، اوڀر (ڏکڻ -اوڀر) هليو ويندو هو، جيڪو ڪڇ جي ڊنگ سان وهندو هو . هيءُ ان وهڪري جو نالو ”سنڌ ساگر “ Sind Sagar ٻڌائي ٿو. (٣)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌوءَ جي سيني ڇڏيل وهڪرن مان وڏيڪ اهم ”پراڻ“ وارو پراڻو وهڪرو آهي . هن وهڪري کي سنڌ جي پن ماڳن وتان چٽيءَ ريت ڏسي سگهجي ٿو. هڪ حيدرآباد کان چوويهه ميل ۽ ٻيو چٽيهه ميل اتر-اوڀر ڏس تي آهي. ٻئي ڇاڙهون ٻهريائين پنجاه ميل ڏکڻ -اوڀر طرف هلي ، حيدرآباد کان پنجيتاليهه ميل اوڀر، پر ٽورو ڏکڻ پاڻ ۾ ملي وڃن ٿيون. اُن کان پوءِ اهو گڏيل وهڪرو ٻهريائين ڏکڻ پوءِ ڏکڻ -اولهه هڪ سو چاليهن ميلن کان به وڌيڪ پنڌ هٽي، ڪوري ڪاري ۾ داخل ٿئي ٿو۽ وڌيڪ پنجاه ميل ڪچ مان ڪري سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. هن وهڪري جو سنڌ وارو هيٺيون پاڱو هر جاءِ تان اڄ به اڌ ميل ويڪرو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.پر عام طور سندس ويڪر ميل جو چوٿون حصو آهي. پراڻ جي الهندي پاسي اسانکي ڪيترائي پراڻا پيٽ ڏسڻ ۾ ايندا، جن مان ڪي ڊگها ته ڪي وري ننڍا آهن . ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته ڄڻ اهي ڪنهن درياه جي پراڻي وهڪري جا ٽڪرا ٽوٽا آهن .مٿي بيان ڪيل وهڪرن مان ڪنهن جو به هڪ ۽ عام نالو ڪونه آهي . هرهڪ ڄوءِ ۾ سندس نالو ڌار ڌار آهي. نالن مان به ائين محسوس ٿئي ٿو ته اهي ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکن ٿا، جيڪي ڪنهن خاص ايراضيءَ تائين محدود آهن. اهيڃاڻن مان ائين لڳي سگهجي ٿو ته ”پراڻ“ جهڙن وهڪرن جو مُنڍ پن ڦاٽن سان شروع ٿيو آهي . انهن مان اتريون ڦاٽ سنڌ جي وچولي جي ڏاکڻين پاڱي مان سنڌوءَ کان ڇڳو آهي. سنڌوءَ جي هيءَ ڇاڙهه ڪڇ جي رڻ کان ڏهه ميل مٿان اچي پراڻ ۾ پوي ٿي. سهوليت خاطر هن کان پوءِ هن ڪتاب ۾ مذڪوره وهڪري کي ”الهندو پُراڻ “ سڏيو ويندو. ٻارنهن ميلن جي پنڌ تي اڃا به ڪجهه اولهه، ”ريڻ“ نالي سنڌوءَ جي هڪ ڇاڙهه آهي ، جيڪا حيدرآباد کان ڏکڻ -اوڀر ڏس تي مکيه وهڪري کان ڇڃي، ڏکڻ طرف اسي ميل هلي سنڌ جي ڏنگ سان هڪ ”رڻ“ ۾ داخل ٿئي ٿي. مون کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پتو ڪونہ آهي تہ هنجو پاٽي ان رڻ ۾ سڪي ڪيپي وڃي ٿو، يا ڪنهن وهڪري جي صورت ۾ وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. هن وهڪري جو سروين بہ سنڌ جي رڻ واريءَ ڇَرَ ڪان اڳتي پتو ڪونہ لڳايو آهي. "رڻ" وارو وهڪرو ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکي ٿو . اڳينءَ صديءَ ۾ جڏهن سنڌو نصرپور وارو وهڪرو ڇڏي ، حيدرآباد جي اولهہ وارو موجوده رخ اختيار ڪيو هو، تہ رڻ وارو مٿي بيان ڪيل وهڪرو هميشہ لاءِ سڪي ويو. هيءُ نئڙو ۽ غير اهم وهڪرو هو. هتان جا ڏيهي مورخ هن کي فارسيءَ ۾ "جوءِ بار" Jui bar يعني نئيڙو وهڪرو سڏيندا هئا. هن پراڻي وهڪري جو ڪجهہ ڀاڱو "ڦليلي ڦاٽ "جي هيٺين حصي "ڳونيءَ " والاري ڇڏيو آهي، جيڪو حيدرآباد کان ڏهہ ميل مٿان سنڌوءَ کان ڇڄي ٿو. هن جا ٻيا حصا ڪوٽي، سڏاري، واه ٻڌايا ويا آهن. جڏهن شهنشاه همايون جي مٿان بدقسمتيءَ جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا ۽ سنڌ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪي سياسي سکهہ ماڻڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيو هو، تڏهن هن وهڪري يعني رڻ کي تاريخ ۾ هڪ مکيہ ماڳ ملي ويو. پندرهن کان پنجٽيهہ ميل اڃا بہ اولهہ ڏس تي ڳنگڙو (ڳونگڙو) Gangro آهي. هن وهڪري جي مٿئين پاسي جا اهڃاڻ ايترا تہ ڍهي ويا آهن، جو لکي بہ ڪونہ ٿا سگهجن. مان سمجهان ٿو تہ ڳنگر وهڪري جي مُنڍ ڪي، آبپاشي جي خيال کان کوٽائي سڏاري واه طور ڪتب آندو ويو آهي. هيءُ وهڪرو گهڻو ڪري "رڻ" کان هيٺان ڪٽان سنڌوءَ کان ڇڄندو هو. عام طور سندس رخ ڏکڻ طرف آهي ۽ "سير" ڦاٽ وسيلي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو . ڳنگڙي ۽ سِيرَ ڦاٽ جي ڪل ڊگهائي هڪ سو ويهہ ميل هئي. ڳنگري کي ساڄي طرف کان پهريائين پنياري ڦاٽ اچي ملندو هو. جيڪو جهرڪ شهر کان ڪجهہ ميل ڏکڻ ، سنڌوءَ کان ڇڄندو هو. سنڌوءَ جي وهڪري جو هي ٔ حصو ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکي ٿو.

ڏانهن منهن ڪري ٿو. هن حقيقت کان ماڻهو پوريءَ ريت باخبر آهن، تہ سنڌوءَ جو هيءَ وهڪرو نيٺ 1758ع ۾ سڪي ويو. هن سان گڏ اهو بہ چيو ويندو آهي تہ سڪي وڃڻ کان بہ ٽي سال اڳ ، هن وهڪري ۾ اڳئين جي پيٽ ۾ ٿورو پاڻي اچڻ لڳو هو. درياه پنهنجي نئين وهڪري اندر پنهنجي پاڻيءَ جو سڄو مقدار وهائڻ ۾ ان کي پوري درياه ٺاهڻ ۾ ڪجهہ وقت وٺندو آهي . هن درياه جي ڇڏيل هن وهڪري جي پيٽ جي ساري ڊگهائي کي "ڦٽو" (۴) سڏيو ويندو آهي، جيڪا اٽڪل هڪ سو ميل ٿيندي. هيءَ ڇڏيل پيٽ سنڌؤ جي موجوده وهڪري کان ويهہ ميل ڪن پري ٿيندو . هن پراڻي پيٽ جا پويان سٺ ميل لاڳيتا ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندا. ڇاڪاڻ تہ ڪٿان ڪٿان اهو لتجي ميسار جي ويو آهي، پر سندس اتريون پاسو چٽو پڌرو بيٺو آهي (۵) "ريڻ" جي مُنڍ کان پارنهن ميل مٿي ماباڻ Maban نالي هڪ ڦاٽ، ڦٽي مان ڇڄندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪو ڏکڻ اوير ڏانهن رخ ڪري ٿو. سندس وهڪري کي سروير پنجويهن ميلن کان وڌيڪ جاچي ڏسي ڪونہ سگهيا آهن . پر امڪان اهو آهي تہ هيءُ وهڪرو الهندي پراڻ سان وڃي مليو هوندو " ماباڻ" ڦاٽ جو منهن ان ماڳ وٽان آهي، جتي واريءَ جا ڍها آهن ۽ اهي عام طور انهن ٽاڪن وٽ ڏسڻ ۾ ايندا آهن، جتان ڪو ڦاٽ درياه کان ڇڄي ڌار ٿيندو آهي. واري جا ٻيا ڍها "ريڻ" جي مُنڍ يا منهن وٽان ڏسڻ ۾ ايندا، پر اهي ننڍا آهن.

اڃا بہ ڪجهہ الهندي هلبو، تہ سنڌوءَ جي موجوده وهڪري تي وڃي بيهبو. هتي سنڌوءَ جو وهڪرو، ڇوڙ واري هيٺئين جوءِ کي ٻن ڀاڱن ۾ ونڊي ٿو. (٦) جن مان هڪ وڏو ۽ ٻيو ننڍو آهي. الهندو ڀاڱو ننڍو ٽڪنڊو آهي. سندس ٽئي پاسا هڪ جيترا ڏسڻ ۾ ايندا. ان جي هر پاسي جي ڊيگهہ چوٽ ميل آهي؛ اهو ٽڪنڊو هن ريت آهي. هڪ پاسي کان درياهہ، ٻئي پاسي کان ساموندي ڪنارو ۽ ٽئين طرف کان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جابلو علائقي جي وَٽ آهي. هن علائقي جي ڪل پکيڙ سترهن سو پنجاهه همچورس ميل ٻيهي ٿي. اسان هن کي پنهنجي سهوليت لاءِ " الهندو ڇوڙ" سڏينداسون. هن جوءِ کي اهو نالو سونهين نه ٿو. ڇاڪاڻ ته سنڌوءَ جون الهندي طرف واريون ڇاڙهون، هن جُوءِ جي پکيڙ اندر موجود آهن، جيڪي ڪنهن زماني ۾ هنَ وهڪري کان ڇڇي سمونڊ ۾ ڇوڙ ڪنديون هيون ۽ ڪي هاڻي به ڪري رهيون آهن . انهن مان ٻه ڦاٽ اهڙا آهن، جن ڏانهن اسانجو ڌيان هڪدم ڇڪجي وڃي ٿو، انهن مان هڪ بگهياڙ ۽ ٻيو گهارو آهي. ٻهريون ڦاٽ ٺٽي کان ڇهه ميل ڏکڻ، سنڌوءَ کان ڇڇي ڇوڙ واري علائقي جي وچ مان لنگهي ڪيترين ڪارين جهڙوڪ: ريشل Rishal شيشه Shisha پيٽاڻي، Pitiani ڪڏي Khudi ۽ پٽي Piti (ڦٽي) وسيلي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي . بگهياڙ هڪ درياهي وهڪري جو نالو آهي، سندس گهٽو ڀاڱي " شيشا" ڪاريءَ ۾ ايندو آهي. هن ڦاٽ کان اڳتي اولهه طرف هن وهڪري جو ڀاڱي کارا راهو Khara Raho ۽ ٻين ڪارين وسيلي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪريٿو. بگهياڙ جو پٽيءَ وارو صفا الهندو ڇوڙ آهي، جيڪو ڪراچيءَ کان ٻارنهن ميل ڏکڻ اوير ڏِس تي موجود آهي. هاڻي بگهياڙ، ڇاڙه وارو وهڪرو نه آهي. پر گذريل ڪيترين صدين کان سنڌوءَ جي الهندي ڇاڙهه ۾ رهيو آهي. هلندڙ صديءَ جي منڍ ۾ به اهو هڪ دائمي وهڪرو هو. گهارو ڦاٽ ، ڪوهستان علائقي جي وٽ سان اوير ۽ پوءِ ڏکڻ کان وهندو رهيو آهي. جيڪو ڇوڙ واري علائقي جي صفا ڪناري سان آهي. جنهن جي ڊيگهه اٽڪل چاليهه ميل ٿيندي. سنڌوءَ جي هيٺين حصي سان لاڳاپيل هي وڏي ڊيگهه وارو ڦاٽ آهي. هن ڦاٽ جو ٻيو حصو اوير ڏس تي ڪلريءَ ۾ شامل آهي، جيڪو هاڻي سنڌوءَ جو ڇاڙهه جي موسم وارو ڦاٽ وڃي رهيو آهي. هيءَ ڦاٽ، ٺٽي کان ٿوري پنڌ تي اتر اوير، سنڌوءَ کان ڇڇي ٿو ۽ ڪجهه فاصلي تائين الهندي هلي ڏکڻ آهل ڪري،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٧) ڪن ماڳن وٽ زمين سمنڊ ڏانهن ڏاڍي تيز رفتاريءَ سان وڌي رهي آهي. پر اهڙا ماڳ مٿبا ستبا رهندا آهن. ڪٿي وري اهڙا ٿاڪ به آهن، جتي سمنڊ پنهنجو وچايل پاڳو وري هٿ ڪري وٺندو آهي. درياهه ۽ سمنڊ جي انهيءَ ويڙهاند ۾ ڏي وٺ ۾ قدرتي ڪيترو اڳتي وڌندي آهي؟ تنهنجو جواب پڪ سان ڏئي ڪونه ٿو سگهجي. نيل درياهه جي چوڙ واري علائقي جي سمنڊ ڏانهن وڌڻ جي رفتار جو انومان چار ميٽر في سال آهي، (٨) هي درياهه هڪ سال ۾ به سو چاليهه ملين ڪيوبڪ گز لٽ سمنڊ ۾ ڇڏيندو آهي. (٩) ان ليکي سان سنڌو به سو سترهن ملين گز (١٠) لٽ في سال سمنڊ ۾ ڇڏيندو آهي. ان ليکي سان سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي جي سمنڊ ڏانهن وڌڻ جي رفتار چار ميٽر في سال ٿي سگهي ٿي. اسان جيڪي انگ اکر ورتا آهن، سي ان ڪري ڪجهه ويچار لهڻ ٿا، ته ميڊيٽيرين سمنڊ مانيٽو ۽ هندي سمنڊ ڪولاهل وارو آهي ۽ منجهس لهرن جي لس ليٽ لڳي پئي هوندي آهي. تنهن ڪري، سنڌوءَ جي چوڙ وارو علائقو، نيل جي چوڙ واري علائقي جي ڀيٽ ۾ ڪجهه سست رفتاريءَ سان سمنڊ ڏانهن اڳتي وڌندو آهي. هيءَ ڳالهه به ڌيان ۾ رکڻ ضروري هوندي آهي، ته سيني چوڙ وارن علائقن جو سمنڊ ڏانهن وڌڻ هڪ جهڙو ڪونه هوندو آهي ۽ اهو هر دور ۾ ڌار ڌار رهيو آهي. جيڪڏهن موجوده دور ۾ نيل درياه جي چوڙ واري علائقي جي سمنڊ ڏانهن وڌڻ جي رفتار چار ميٽر ساليانو آهي، ته قديم زماني ۾ سندس وڌڻ جي رفتار انهيءَ کان گهٽ وڌيڪ هوندي " انڊنبرا رويو" جي لکڻهار، جنهنجو حوالو مٿي ڏنو ويو آهي، سو هڪ تاريخي ٻاکو (شاهد) بيهاري اسان کي ٻڌائي ٿو ته اهڙيون به ڪي جڳهون آهن، جتان نيل درياهه جي چوڙ وارو علائقو اٺيهه ميٽر ساليانو سمنڊ ڏانهن وڌندو آهي. گذريل ٽيويهه سون سالن ۾ نيل درياهه جي چوڙ وارو علائقو ٽيٽيهه ميل سمنڊ ڏانهن وڌيو آهي- امڪان اهو آهي ته

سنڌوءَ جي ڇوڙ وارو علائقو به ساڳين حالتن هيٺ ساڳي رفتار سان سمنڊ ڏانهن وڌي رهيو آهي، نه ته ٻيءَ حالت ۾ سنڌس وڌڻ جي رفتار گهٽي ڏلي رهي آهي. بدقسمتيءَ جي ڳالهه اها آهي، ته هن ماضي ۾ تاريخي شاهديون نبل آهن، جن جي آثار تي انومان ۽ اندازا ڪري سگهجن ٿا، جيڪي وسهڻ جوڳا ڪونه آهن . اهو ڪٿي ڪيئن به هجي، پر ان کي پرکي ڏسڻ چڱي ڳالهه آهي . هن موضوع سان لاڳاپيل احوال هيٺ ڏنل باب ۾ پڙهندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ٻيو

## سڪندر جي حملي وقت (٣٢٥ ـ ٣٢٦ ق ـ م) سنڌوءَ جي ڇوڙ وارو علائقو .

نيرڪوس جو ٻيڙين وسيلي سنڌوءَ مان هاڪارڻ جو پيرائتو احوال ائرين Arrian ڏنو آهي، جنهن ۾ هن سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي جي ان دور جي جاگرافي وغيره بيان ڪئي آهي. پر بدقسمتيءَ سان ڪي ڳالهيون اڻپوريون رهجي ويون آهن. پهريائين مان پڙهندڙن کي نيرڪوس جي هاڪارڻ وارن شروعاتي ڏينهن بابت ڏيان ڇڪائيندس. مان سي مُلر C. Muller جي "انڊيڪي" Indike مان ترجمو ڪيو آهي. هو پنهنجي ڪتاب جاگرافي گرِئسبي مائنورس Geographi Grici Minores جلد پهرين ۾ هن ريت لکي ٿو: هنن پهرئين ڏينهن پنهنجي ڪئمپ ڀِتي پنهنجي درياهي لشڪر سان هاڪاري سنڌوءَ جي هڪ وڏيءَ چاڙهہ ۾ (١٢) اچي لنگر هنيا، جتي هنن ٻہ ڏينهن آرام ڪيو، هن ماڳ جو نالو استائور Stoura هو، جيڪو درياهي فوج جي اڳينءَ ڪئمپ کان هڪ سو اسٽاڊيا پري هو (3) ٽئي ڏينهن هنن سنڌوءَ جي ٻئي ڦاٽ ۾ ٽيهہ اسٽاڊيا سفر ڪيو. هن جو پاڻي کارو هو. ڇاڪاڻ تہ سمنڊ جو پاڻي مٿي چڙهي ٿي آيو. خاص طور تي چاڙهہ جي رُت ۾ تہ سامونڊي پاڻي لهہ چڙهہ واري صورت حال


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ وڏيڪ اثر ڏيکاري رهيو هو . جنهن جاءِ تي فوجي ٻيڙن لنگر هنيا هئا، تنهن کي "ڪائو مانا" Kaumana سڏيائون ٿي. هن ماڳ وٽان لهواري طرف ويهه اسٽاڊيا هاڪاريائون ته اچي ڪورياٽس Koreatis نالي هڪ ٽاڪ وٽ ٿانيڪا ٿيا. اهي اچا به درياهه ۾ هاڪاري رهيا هئا. بعد ۾ هتان ٿورو سفر ڪيائون ته آڏو درياهه ۾ پيٽاري ڏسجي رهي هئي ۽ اتان ئي سنڌو سمنڊ ۾ چوڙ ڪري رهيو هو. سامونڊي ويرون ڪنارن سان ٽڪرائجي ڪولاهل مچائي رهيون هيون ۽ ڪنارو ڪاڏل نظر اچي رهيو هو. مذڪوره پيٽاريءَ جي واري ڏاڍي نرم هئي. ان منجهان پنج اسٽاڊيا ڪن جي فاصلي جيتري واهي ڪوٽيائون. جڏهن وير چڙهي ۽ موٽي ته اها واري پاڻ هرتو ڪاٽجي ايتري موڪري ٿي وئي جو سندن جهاز منجهائنس اڪري هليا ويا. سامونڊي-ڪناري سان هڪ سئو پنجاهه اسٽاڊيا وڪڙ ڪري هڪ وارياسي ٻيٽ ڪروڪالا Kroka-la وٽ اچي پهتا، جتي هڪ ڏينهن ترسيا. هن ٻيٽ پرسان آرابي نالي سنڌين جو هڪ قبيلو رهندو هو. هن قبيلي جو ذڪر مان به پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيو آهي . مذڪوره قبيلي تي اهو نالو سندن ملڪ جي درياهه آرابس (4) Arabis ڪارڻ پيو آهي، جيڪو ان ملڪ منجهان گذري وڃي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو آهي. اهڙيءَ ريت اهو درياه سندن ۽ اوريتاءِ Oritae جي ملڪ جو دنگ پڻ ڏيکاريندو آهي. هن ڪروڪالا کان پنهنجا ٻيڙا هاڪاريا، آئروس Eiros واريون ٽڪريون سندن ساڄي طرف ته سندن کاٻي پاسي وري تراڪڙي متاچري وارو ٻيٽ هو. مذڪوره ٻيٽ ڪناري کان وٺي اندر سمونڊ ۾ هليو آيو هو ۽ ڪاريءَ کي سوڙهو ڪري ڇڏيو هئائين. اتان ڏکيو سکيو پار ڪري اچي هڪ ٻيٽ تي لنگر هنيائون. هيءُ ٻيٽ ڏاڍو سهوليت وارو ويڪرو ۽ ڪشادو هو. سهنجائي ۽ ڪشادگي ڪري نيرڪوس کي ڏاڍو وڻيو هو. ان ڪري سندس نالو " اليگزنڊرس هيون" رکيو هئائين. ان ترسڻ واري

آهن، جن کان ڪير بہ انڪار ڪري ڪونہ سگهندو. ان ٽڪري ۾ هيءَ حقيقت بہ موجود آهي، تہ درياھ جي ڇوڙ آڏو ڄهل far هئي.جنهن جو مطلب اهو ٿيندو تہ اها ڄهل، واري ۽ لٽ جي ڀٽاري هئي. درياه جڏهن سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندا آهن، تہ ڇوڙن جي مُنهنِ ۾ عام طور تي اهڙيون ڀٽاريون ٺهي پونديون آهن. مان وسهان ٿو تہ مذڪوره ڄهل بہ اهڙي قسم جي واريءَ جي هڪ ڀٽاري هئي. جيڪڏهن اسان هن ڄهل مان اهو مفهوم وٺون.تہ اتي ڇوڙ جي آڏو سمنڊ.۾ هڪ ٽڪري موجود هئي تہ پوءِ اسان کي اهو سمجهڻو پوندو، تہ اهو ڇوڙ گهاري کان اوڀر طرف ڪونہ هو. چاڪاڻ تہ ڇوڙ واري انهيءَ علائقي ۾ سمنڊ اندر ميلن تائين هيٺ گهرائيءَ ۾ يا متيرو. ڪا ٽڪري تہ ڇا، پر هڪ پاهڻ بہ موجود ڪونہ آهي. سر اليگزينڊر برنس 1831ع ۾ هن ڇوڙ واري علائقي ۾ آيو هو، هن گهاري کان اوڀر طرف پٽيءَ واري ڇاڙھ ۾ ڪنهن ٽڪريءَ جي مٿاڇري کي محسوس ڪيو هو. هن حقيقت ڪيس ڇرڪائي وڌو هو ۽ بنا سوچڻ جي اهو سمجهي ورتائين تہ جنهن رنڊڪ يا ڄهل جو نيرڪوس ذڪر ڪيو آهي، سا اهائي ٽڪري آهي. هيءُ چوي ٿو: ڇوڙ جي ٿاڪ پرسان لنگهيا سون تہ محسوس ٿيو تہ هيٺان ڪا ٽڪري آهي، جنهن درياھ جي ساري پيٽ کي والاري ڇڏيو هو. نيرڪوس تہ خاص طور ان جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ڪيس خطرناڪ ٽڪري سڏيو آهي. هيءَ ان ڪري سچاپري آهي، جو ٺٽي کان وٺي هيٺ سمنڊ تائين، سنڌوءَ جي وهڪري ۾ ڪنهن پٿر جو پرزو بہ ڳوليو ڪونہ ليندو (۱۴) جيڪڏهن هن سچ پچ سِنڌوءَ جي وهڪري ۾ ڪا ٽڪري ڏٺي آهي ۽ سچاتي آهي، ۽ اها نيرڪوس واري ڄهل آهي تہ پوءِسندس پنيرائي ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڳالهائي سگهجي ٿو. پر حقيقت اها آهي تہ سنڌ جي فتح کان پوءِ برطانيا سرڪار سنڌوءَ جي ڇوڙن جي سروي ڪرائي هئي. جنهن ٽڪريءَ جي موجودگيءَ جو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرالگزينڊربرنس ذڪر ڪيو هو، تنهن تي تہ خاص ڌيان ڏيئي، چڪاس ۽ جاچ پرتال ڪئي وئي هئي. ۽ ڏٺو ويو تہ اتي ڪابہ ٽڪري وغيره ڪانہ هئي. شايد هو ڪاريءَ جي ان علائقي ۾ پهتو هو، جتي ڪالو مڇي Oyster - bank تمام گهٽي ٿيندي آهي. ان مڇيءَ جي گهٽائي ڪنهن ٽڪريءَ سان مشابهت رکندي آهي (١٥). ان ڪري سراليگزينڊر برنس کي ٽڪريءَ جي موجودگيءَ جو گمان ٿيو هو. قصو اِهڙي هن ريت بيان ڪيو ويو آهي تہ چوڙ کان ٿورو مٿي سامونڊي ڪنارو ڪاڌل ۽ ٽڪرائتو آهي. لَٽَ ۽ واري ۽ جي ڍهن سان اُياٽل چوڙ کي جابلو علائقو سڏي ڪونہ ٿو سگهجي، پر ڪوهستان واري ڏاکڻي ميداني علائقي سان هيءَ بيان ٺهڪي اچي ٿو، جيڪو ساڪري ۽ ڇڏين پاڏين ٽڪرين ۽ برساتي گهارن ڪري اٿين ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهو علائقو ساموڊي ڪناري کان گهڻو مٿاهون ۽ ڪراچيءَ ۽ ٺٽي جي وچ تي چوڙ واري علائقي کي چوڌس ڦري اچي ٿو، جيڪو گهاري ڦاٽ جو ڪنارو پيو محسوسو ٿيندو آهي. موجوده دور ۾ اولهہ پاسي کان چوڙ وارو علائقو ،ڪراچيءَ پرسان "گِزريءَ" تائين انهيءَ اتاهين ڪناري تي مشتمل آهي. امڪان اهو آهي ۽ معلوم بہ ائين ٿئي ٿو تہ نيرڪوس جي زماني ۾ گزري واري ڪاريءَ کان اوپر طرف ڪجهہ ميلن تائين، سمنڊ، ڪناري کي ڪائي ويو هو. ان ڪانسواءِ اسان کي اُهوبہ پڌايو وڃي ٿو تہ درياہ ڇڏڻ کان پوءِ، جهڙيءَ ريت مئڪرنڊل Mr Mcrindle پيرائتو احوال ڪري سمجهايو آهي تہ "هن ورن وڪڙن واري ساموڊي ڪناري سان سفر ڪرڻ شروع ڪيو هو. (١٦) جيڪڏهن اهو جنگي آرماڙ گهاري کان ايرندي ڪنهن بہ ڦاٽ کان هلي ها، تہ ورن وڪڙن واري ساموڊي ڪناري سان سفر ڪونہ ڪري ها. ان حالت ۾ چوڙ وارو ساموڊي ڪنارو هجي ها، جيڪو بلڪل سڌون سڌو لاڳيتو هڪجهڙو آهي. اهو سڀ ڪجهہ سمنڊ جي ويرن ۽ ڪناري جي نرم واري ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿئو آهي ۽ ڪنارو بلڪل سڌو آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌو ڇڏي، گهاري ڦاٽ وسيلي سمنڊ ۾ داخل ٿيڻ ۽ ڪناري سان سفر ڪرڻ ڪري ساموندي ڪناري جي صورت حال مطابق انهن جي آرماڙ کي ور وڪڙ ڪرڻا پيا هوندا. اسان جيڪڏهن هنن بيانن جي ٿورو تفصيل ۾ ويندا سون تہ اسان کي اهو سمجهہ ۾ ايندو تہ اهي اکين ڏٺن شاهدن جي بيانن تان ورتل آهن. اهڙيءَ ريت ڪتاب ۾ ڪتب آندل ٽڪرا بہ ائرين Arrian، نيرڪوس جي احوال تان ڪنيا آهن. منهنجي خيال ۾ اُهي اهڙي قسم جا حادثا هوندا، جن ”نيرڪوس“ جي يادگيرين کي متاثر ڪيو هوندو. اهو ورن وڪڙن وارو ڪنارو جيڪو نيرڪوس وارو آرماڙ ڏٺي هليو هو، جنهن کي هندي سمنڊ جي لهرن ڪاٽي ڇڏيو هو، سو سنڌ جي انهيءَ ساموندي ڪناري ڪانسواءِ ٻيو ڪونہ آهي، جنهن جو مون مٿي بيان ڪيو آهي.

ٿوري گهڙيءَ لاءِ چوڙ واري علائقن جي موضوع کي ڇڏي هڪ اهڙي نڪتي ڏانهن اچون ٿا، جيڪو وڏيڪ ڌيان لهڻي ٿو. هيءَ هڪ غير ضروري ڳالهہ آهي تہ سنڌوءَ جي هڪ مکيہ ڦاٽ ۾ خاص طور تي سيپٽمبر مهيني ۾ جڏهن چاڙهہ جو پاڻي پوري ريتَ لهي تہ ڪونہ ويندو آهي، پر گهٽو نہ ٻوندو آهي ۽ مذڪوره ٻيٽاري Bar وٽ وير چڙهڻ وقت بہ پاڻي جي جاچهہ ڪانہ هوندي آهي، ۽ مهيني جي پهرئين ۽ ٻوئين هفتي ۾ ست فوٽ ۽ چيٽ جي رُت ۾ نَوَ فوٽ هوندي آهي. اهو ڪيئن ٿي سگهيو هوندو، جو هترادو ڪوٽيل هڪ ننڍيءَ واهيءَ مان ايڏا وڏا ٻيڙا اُڪري سگهيا هوندا، جيستائين ان واهيءَ کي وڌيڪ ڪوٽي هيٺ اونهون نہ ڪيو ويو هوندو. هن معاملي ۾ منهنجو ويچار هيءُ آهي تہ نيرڪوس پنهنجا ٻيڙا سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري وسيلي هاڪاري سمنڊ ۾ داخل ٿيو هوندو، جتي سمنڊ جي وِير ۽ درياه جي پاڻيءَ جو ٽڪراءُ تمام خطرناڪ هوندو آهي. وڏيءَ وِير جي اهڙي

وڏي آهي، پر هن هتي ڪرو ڪالا جو فاصلو ڪونہ ڀڌايو آهي. جنهن مان اسان اهو انومان ڪري سگهون ٿا، تہ اهو ننڍڙو ٻيٽ سمان سمجهيو ويو هو، ان ڪري سندس تفصيلي ذڪر ڪرڻ ضروري ڪونہ سمجهيو ويو. ٻي ڳالهہ اسان کي هيءَ ڏسجي ٿي تہ آرماڙ "ڪرو ڪالا" وٽان لنگهي ، هڪدم ڪاريءَ ۾ پهچي وڃي ٿو ۽ اتان نڪري "الگزينڊر هيون" اچي پهچي ٿو. جنهن مان اسان ڄاڻي وٺون ٿا تہ ٻئي ماڳ هڪ ٻئي کان گهٽ وٿيرڪا ڪونہ هئا. جڏهن آرماڙ سفر لاءِ اڳتي اسهيو تہ آئروس Eiros جون ٽڪريون سندن ساڄي پاسي هيون. ائرين ، اوروس Oros جو لفظ ٽڪرين واسطي ڪتبَ آندو آهي. پوئي يا مٿاهين پٽ لاءِ بہ ساڳيو لفظ استعمال ڪيو اٿس. ترجمي ڪرڻ وارن هن لفظ کي هميشہ جبل جي مفهوم ۾ سمجهيو ۽ ترجمو ڪيو آهي. تنهن ڪري اسان لاءِ بہ ضروري آهي تہ هن لفظ کي ٽڪري ، جبل يا پوئي جي معني ۾ سمجهون ۽ اهوئي ترجمون ڪريون. منهوڙي لاءِ بہ ساڳيو لفظ استعمال ڪري سهگجي ٿو، جنهنجي هن ساموندي ڪناري سان چڱي خاصي اُهميت آهي. هن ٻيٽ جو مٿئين ۾ مٿيون ڀاڱو سمنڊ جي مٿاڇري کان هڪ سو فوٽ مٿي آهي، جنرل ڪننگهام، منهوڙي کي آئروس سمجهي ٿو ۽ چوي ٿو تہ اهو سفر ڪرڻ وقت ساڄي هٿ تي بيهي ٿو ۽ سندس کاٻي طرف هڪ تراڪڙي مٿاڇري وارو ٻيٽ بہ آهي . پر اها ڳالهہ تڏهن صحيح ثابت ٿيندي، جڏهن ڪو ڪراچي جي بندرگاهہ ۾ اندر داخل ٿيندو. مگر ان حقيقت ڏانهن سندس ڌيان ڪونہ ٿو وڃي تہ جيڪڏهن جهاز ڪراچي بندر کي ڇڏيندو، تہ اهي ساڳيا ماڳ سندس کهڙي هٿ تي وڃي بيهندا ۽ منهوڙو تہ ماڳهين ابتي پاسي وڃي بيهندو. تنهن ڪري اهو ماڳ منهوڙو ٿي ڪونہ ٿو سگهي. هن ساري ساموندي ڪناري واري علائقي ۾ فقط بہ ٽڪريون يا پوٺا اهڙا آهن، جن لاءِ مذڪوره تاريخي ماڳ جو انومان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ڪتابن جي حوالن مان ائين لکي سگهجي ٿو ته ، اهو موجوده سون مياڻي جي اوپر پاسي ٿوري پنڌ تي واقع هو. ان بابت هن ريت چيو ويو آهي ته، ”اهو پکيڙ ۾ ويڪرو، محفوظ ۽ اونهي پاڻيءَ ۾ موجود هو“ اهي شاهديون ڪراچيءَ جي ير پاسي واري جُوءِ سان پوريون نهڪي اچن ٿيون، جتي هاڻي سمنڊ جي اٿاهين وِيرين جو پاڻي به پهچي ڪونه سگهندو آهي. ان جي شڪل صورت هڪ ڀيٽ جهڙي آهي. ڪنهن زماني ۾ اتي بندر هو، هاڻي انهن ٽاڪن تي ”ڪراچي آبزرويٽري“ قائم آهي. ڏيهي روايتن مطابق، هتي ڪنهن زماني ۾ شهر ۽ بندر هوندو هو ۽ چيني ڪاري ۽ Chini Creek وسيلي هن بندر تي پهچي سگهبو هو. ير پاسي جي ملڪن جا جهاز هتي بيٺل ڏسبا هئا. اهو به چيو ويندو آهي ته چار سو سال اڳ تائين مذڪوره بندر ۽ شهر آباد رهندا آيا (٢٠) هاڻي هتان ماڻهن وٽان سمنڊ گهٽو پوئتي هٽي ويو آهي.

اسان پنهنجي مقصد وارين ڳالهين ڪان گهٽو پري هليا ويا آهيون، تنهن ڪري موٽي ”ڪروڪالا“ طرف اچون ٿا. منهنجو ويچار آهي ته اهو ماڳ هڪ ڀيٽ جي شڪل صورت ۾ هاڻي موجود ڪونه آهي. وچ واري ڪاري لنجي وڃڻ ڪري ڪروڪالا وارو ڀيٽ ڌرتيءَ سان گڏجي ويو آهي ۽ اهو هاڻي واريءَ جي ڍهن ۽ ڀٽن جي شڪل ۾ موجود آهي، جيڪو چوڙ واي ساموندي ڪناري سان گڏ ڏکڻ اوپر طرف پکڙيو، اڳتي هلندو وڃي ٿو. ڪلفٽن ۽ گذري جي پوئن ڪان اهو ماڳ ٽي ميل ڪن پري ٿيندو. تاريخي حوالن مطابق ڪروڪالا جي ٽاڪ لاءِ هن ڪان وڌيڪ مناسب ماڳ منهنجي نظر ۾ پيا ڪونه آهن. تاريخي حوالو اسان کي چٽيءَ ريت ٻڌائي ٿو ته، ”جڏهن ڀيٽ تان جهازن کي هاڪارِيو ويو ته ”آئروس“ سندن ساڄي پاسي هو (٢١) هن حقيقت مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته ڪروڪالا ۽ آئروس پاڻ ۾ ويجهي پنڌ تي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. پر منهنجو پنهنجو خيال آهي ته مذڪوره پيٽ جي اتر پاسي سامونڊي ڪاري هئي. ان ڪاري کي اڪرڻ ڪان پهريائين چيني ڪاري ۾ موجود ڪلفٽن واري ڪُنڊ وٽان به آرماز کي لنگهڻوپيو ٿي. ڊاڪٽر ونسينٽ Dr. Vencent ۽ جنرل ڪننگهام ڪيا ماڙيءَ (٢٢) کي "ڪروڪالا" سمجهن ٿا. اهو واريِاسو پيٽ به آهي. تاريخي حوالن ۾ ساموندي ڪناري وارن نقشن جي روشنيءَ ۾ هرڪو نيرڪوس وانگر ڪروڪالا کي ئي ڪياماڙي سمجهندو . ٻئي پاسي وري اهو ماڳ هڪ پيٽ سان به هڪ جهڙائي رکي ٿو. اليگزينڊر هيون ڏانهن ويندي سوڙهي ڪاري پار ڪرڻ وقت " آرماز" ان پيٽ جي ڪاٻي طرف کان گذريو هو. منهنجو اهو انو مان آهي ته ڪيترين صدين گذرڻ کان پوءِ مذڪوره ڪروڪالا پيٽ، ڌرتيءَ سان ملي ڌرتي ٻڄي ويو آهي. هيءَ ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهه به ڪانه آهي. اهڙيون سوڙهيون ڪاريون لٽ سان پرجي پورجي به ونديون آهن. ڪلفٽن جي جوءِ جي واريءَ وارا دڙا ملير نئن ۾ وهي ايندڙ لٽ سبب ٺهيا آهن، جيڪا برسات جي رُت ۾ جبل مان واري ڪٽي اچي گذري وٽان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي آهي. مون کي پڪو ويساهه آهي ته ڪروڪالا پيٽ ملير نديءَ جي واريءَ جي پيداوار آهي ۽ ان جي جاگرافيائي صورت حال به اها آهي، جيڪا مان ٻڌايان ٿو. ڇاڪاڻ ته سنڌوءَ جي ڇوڙ واري ماڳ کان مذڪوره ٿاڪ هڪ سو پنجاهه اسٽاڊيا پري آهي. تنهن ڪري ڪروڪالا جي لَٽَ ۽ واريءَ کي سنڌوءَ ڏانهن منسوب نه ٿو ڪري سگهجي. ان پيٽ ۽ ڌرتيءَ جي وچ تي جيڪو ٿورو ساموندي پاڻي بيٺل هو، تنهن کي به ملير ندي ۾ ايندڙ لَٽَ ۽ ساموندي واري لٽي پُوري ڇڏيو. ساموندي ڪنارن سان موجود واريءَ جا ڍِها به هن ڏس ۾ ڪجهه مددگار ثابت ٿيندا آهن (٢٣).

ان دور جي ڇوڙ واري علائقي سان لاڳاپيل ساموندي ڪناري ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪروڪالا جي وچ ۾ هڪ سو پنجاهه استاڊيا فاصلو ٻڌايو ويجي ٿو، جيڪا ڪروڪالا جي ماڳ متعين ڪرڻ لاءِ هڪ پڪي ثابتي آهي. پر وري هتي اسان هڪ ٻئي ڏچي ۾ اڙجي ٿا وڃون. چاڪاڻ ته نيرڪوس پنهنجي سڄي ساموندي سفر جا جيڪي تخمينا ٻڌايا آهن، سي نه فقط غلط آهن، پر انهن ۾ وڌاءُ به آهي. موجوده دور جي نقشن مطابق ، اليگزينڊر هيون ڪان وٺي ڪرمانيه Carmania جي دنگ تائين فاصلو حد ڪان وڌائي ٻڌايو ويو آهي ۽ ان ڳالهه کي اڳتي وري حد ڪان گهٽو گهٽائي بيان ڪيو ويو آهي. تنهن ڪري ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته سفر جي شروعاتي ڏينهن ۾ پنڌ کي وڌائي پيش ڪيوويو آهي. ڊي آن ول D.An Will ۽ ونسيٽ جهڙا مصنف به هن نتيجي تي پهتا آهن، ته هنن فاصلي جو مدار اولمپيا جي فاصلي جي معيار مطابق ڪتيو آهي. هن ڳالهه مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته هنن جيڪو پنهنجي سفر جي پهرئين مرحلي جو تخمينو لڳايو آهي، سو ٺي نبيري سگهجي ٿو. پنڌ جي ٻئي مرحلي ۾ هنن استاڊيا جي ماپي کي وڌائي ڇڏيو آهي ۽ ان فاصلي ۾ موجود غلطيءَ دور ڪري مسئلي کي سمجهائي ۽ نبيري سگهبو. مسٽر بن بري Mr Bun Bury پنهنجي ڪتاب ”هسٽري اف اينشينٽ جاگرافي“ ۾ هڪ نُڪتي ڏانهن اشارو ڪندي لکي ٿو ته“ اهڙي ڪا به ثابتي ڪانه آهي ته يونان ۾ ” استاڊيا“ ڪانسواءِ پنڌ جي ٻي ماپ ڪتب آندي ويندي هئي يا ان ڪانسواءِ اهي فاصلي جي ڪابي ماپ به ڄاڻندا هئا. مختلف علائقن جي مختلف مصنفن فاصلي جي ماپ کي پنهنجي پنهنجي نقطہ نظر سان لکيو آهي. ان ڳالهه جو امڪان آهي (٢٤) ته ساڳيوئي بلند پايي جو مؤرخ نيرڪوس شڪ جو سبب ڏيکاري ٿو. هن ڏهاڙي پنج سو استاڊيا يا پنجاهه ميل (٢٥) پنڌ ڪرڻ جو اٽڪل سٽڪل وارو غلط اندازو قائم ڪيو آهي. حقيقت اها آهي ته قديم دور ۾ فاصلي ماپڻ جو اهوئي طريقو رائج هو. توڙي جو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساموندي سفر ڏهاڙي هڪ جيترو به ڪونه ڪيو ويندو هو. اهو به انومان ڪري سگهجي ٿو ته نيرڪوس پنهنجي سفر جي ماپ جي حساب ڪتاب جو هن کان سواءِ ٻيو طريقو ڄاڻندو ئي ڪونه هو. اسان اها ڳالهه هينءَ سمجهون ٿا ته اهي هڪ سو پنجاه اسٽاڊيا ساڍن ٽن ڪلاڪن ۾ هاڪاري پئي سگهيا .ان سان گڏ هيءَ حقيقت به ياد رکڻ گهرجي ته سمنڊ ۾ مانار ڪانه هئي. لس لهرون هيون ۽ ويرون وڏهي رهيون هيون. هوا به اٺائي (٢٦) هئي. هاڪارڻ جي شروعاتي ڏهاڙن جو اهو حال هو، جنهن مان اسان کي محسوس ٿي رهيو آهي ته ٻيڙي کي ونجهه سان اڳتي ڌڪي هلائڻ جي وڌيڪ وڌ ۾ وڌ رفتار اڍائي ميل في ڪلاڪ ٿي سگهي ٿي . اهو ساموندي سفر فقط نَوَ ميل هو. جيڪڏهن اهو فاصلو ڪلفٽن جي پوئي کان اوپر طرف ڏانهن ماپڻ شروع ڪبو ته "واگهو ڏر" ڳوٺ تائين آٺَ ميل فاصلو ٿيندو . اهو ١٨٦٩ع ۾ ڇوڙ واري ساموندي ڪناري کان نڪ سامهون سڌو پنڌ هو. سنه ٣٢٦ ق-م کان وٺي ١٨٦٩ع تائين يعني ايڪيهه سو پنجانوي سالن ۾ ڇوڙ وارو علائقو سمنڊ ڏانهن فقط آٺَ ميل وڌيو آهي. جيڪڏهن ليکو ڪبو ته سمنڊ ڏانهن وڌڻ جي رفتار في سال ڇهن گزن کان ٿورو وڌيڪ وڃي بيهندي . هيءَ رفتار، نيل جي ڇوڙ واري علائقي کان چوٿون حصو گهٽ آهي.

ان دور جي ڇوڙ واري علائقي جو پورو ۽ پڪو اندازو ڪري اسان کي ان "نيول اسٽيشن" جو صحيح انومان ڪرڻ گهرجي، جتان موٽ جي سفر وقت جهازن هاڪاريو هو. مذڪوره نيول اسٽيشن" سنڌوءَ جي ڇوڙ کان هڪ سو پنجاهه اسٽاڊيا پري هئي. اهڙيءَ ريت ڪروڪالا جي ٻيٽ تائين به ساڳيو پنڌ هو. هتي اسان کي پاٽيءَ جي سفر جي سياءُ ۾ فرق ڪرڻ گهرجي . جيڪڏهن پاٽيءَ ۾ مانار آهي ته ناڪئن جا ونجهه ڪتيل اندازي ۾ ٿورو گهڻو فرق آڻي سگهن ٿا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن هوا اٿائي ۽ سمنڊ ڇتو آهي ۽ ويرون وڏهن ٽِپون تہ فاصلو ٿورو ڪري سگهبو. پر هتي ڳالهہ ابتي سمجهڻ ۾ اچي ٿي. ڇاڪاڻ تہ درياہ ۾ هاڪارڻ جي فاصلي جو اندازو تمام گهٽ لڳايو ويو آهي. توڙي جو دريائي سفر سمنڊ جي پيٽ ۾ وڌيڪ سهنجو ۽ سٽائو هوندو آهي، ان هوندي بہ سمنڊ جي ڪل سفر کي وڌائي ٻڌايو ويو آهي. هڪ سو پنجاهہ اسٽاڊيا ساڍن سترهن ميلن جي فاصلي برابر ٿيندو ، تنهن کي آءٌ گهٽائڻ گهران ٿو. ان ۾ اهو پنڌ جوڙ ڏيندس، جنهنجو بيان ڪيو ويو آهي. پر فاصلو مقرر ڪري ٻڌايو ڪونہ ويو آهي. ان سڄي فاصلي کي پندرهن ميل سمجهان ٿو. اهڙي ريت مان اهو "نيول اسٽيشن" وارو ماڳ، برساتي ندي "گهاگهر" جي ڇوڙ واري ٽاڪ کان هڪ ميل اولهہ ۾ بيهاريان ٿو. ائرين صحيح حالتن کي لڪائيو آهي. پر اسٽرئبو Strabo اسان کي حقيقتن کان آگاہ ڪيو آهي، تہ سنڌين جي سخت حملن کان تنگ ٿي، نيرڪوس جلديءَ ۾ هاڪاريو ۽ تڙ تڪڙ ۾ سنڌ ڇڏڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. امڪان اهو آهي تہ پٽالا Patala ۾ جنگي صورت حال يونانين جي خلاف ٿي وئي هئي، جنهن جي سڌرڻ جي ڪا اميد ڪانہ هئي. هنن حالتن مان انومان ڪري سگهجي ٿو تہ يونان وارن جو فوجي پڙاءُ درياهہ جي الهندي ڪنار سان ڪونہ هوندو. ڇاڪاڻ تہ ان طرف کان حملن جو وڌيڪ خطرو هو. منهنجو خيال آهي تہ مذڪوره نازڪ صورت حال ۾ پنهنجي "نيول اسٽيشن" سنڌوءَ جي ٻن ڦاٽن جي وچ ۾ ڪنهن ٻيٽ جي محفوظ ماڳ تي هئين هوندي. ٻين بيڙن" واڳهو ڏر" کان ڪجهہ پنڌ ڏور ڪنهن اجوکي پوني ويجهو وڃي لنگر هنيان هوندا. هاٿي اهو چوڻ اجايو ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ اسٽائورا Stoura ڪائومانا Kaumana يا ڪورياٽس Koreatis جهڙا نالا ڪاٿي بہ ڪونہ ٿا ڏسڻ ۾ اچن. ٿي سگهي ٿو تہ انهيءَ جوءِ ۾ ڪنهن بگڙيل صورت ۾ موجود هجن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان وٽ فاصلي جو هڪ ماپو موجود آهي، جنهن جي مدد سان ڪروڪالا جي اوسي پاسي کان ماپ ڪري پٽالا جي ماڳن جو تعين ڪري سگهنداسين. چاڪاڻ تہ ائرين جي حوالي سان پتو پوي ٿو تہ ڪروڪالا جي ويجهڙائيءَ ۾ آربيس علائقي جو اوڀاريون پاسو اچي ختم ٿيندو هو. ڪئنٽس ڪرٽس Quintus Curtius ٻڌائي ٿو تہ سڪندر جي فوج پٽالا کان هن ماڳ تائين پهچڻ ۾ نَوَ ڏينهن ورتا هئا. جهڙيءَ ريت اولهہ طرف پورالي Arabis آرابيس قوم جي حد بندي ڪري اوريٽاءِ Oritae جي ملڪ کي ڌار ڪري ڇڏيندي هئي. تهڙيءَ ريت (جنهن جو وڏو امڪان بہ آهي)تہ ملير ندي، جيڪا هن جوءِ ۾ وڏي اهميت رکي ٿي، سا اڳئين دور ۾ مختلف قومن جي ملڪن جو ڏنگ بہ ڏيکاريندي هئي. ملير نئن ڳِزري وٽان سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي، نهن ڪري ان ٿاڪ جي پرسان آهي، جنهن کي اسان ڪروڪالا جي نالي سان سڏيون ٿا. اها حقيقت ائرين جي بيان مطابق بہ آهي ۽ سڄي صورت حال مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ مختلف قبيلن جي علائقن جي حد بندي بہ هيءَ نئن ڪندي هئي. سڪندر جي فوج جيڪا "پٽالا" کان هلي هئي، تنهنجي نائين منزل بہ هن نئن جي چوڙ واري علائقي جي پر پاسي ۾ ڪاٽي هئي. ڪئنٽس ڪرٽس جي بيان مطابق هن ماڳ کان وٺي پورالي ندي Arabis تائين فوج پنج منزلون (٢٧) ڪيون هيون، جنهن جو ڪل فاصلو ستونجاهہ ميل آهي. هتي هڪ ڏينهن جو سراسري پنڌ ساڍا يارنهن ميل بيهي ٿو. پر ڏٺو وڃي تہ جنهن علائقي مان هتان سفر ڪيو ويو هو، سو سنڌ جي ميداني علائقي جيان سڌو ۽ سولو ڪونہ آهي، جنهن مان فوج آسانيءَ سان سفر ڪري سگهي. تنهن ڪري مناسب ايئن لڳي ٿو تہ هن سفر کان اڳ ۾ جيڪو پنڌ ڪيو ويو هوندو، سو ماپ جي لحاظ سان ڪجهہ وڌيڪ هوندو. ٿي سگهي ٿو تہ اهو سراسري تيرهن ميل ڏهاڙي هجي. هن حساب سان، ڪروڪالا کان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاخ گهارو ٿي نہ ٿي سگهي. ان وهڪري جي صورت حال مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ گهاري جو پاڻي گونيءَ ڪُنڍَ تي ڪلري ڦاٽ ۾ پوندو هوندو . وهڪري ۾ موجود جنهن ٽڪريءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، سا هتي ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي، جنهن کي درياہ جي فطري وهڪري جي رخ کي رنڊائڻ ۾ ٽونٽ وڪڙ ڪرائڻ جو سبب ڄاڻايو ويو آهي. سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي ۾ ان جي ڦاٽن جو جيڪڏهن مطالعو ڪبو، تہ ڏسڻ ۾ ايندو، تہ سنڌوءَ ٺٽي کان اتر ۾ نئي پنهنجي وهڪري جو رخ الهندي آهل ڪرڻ شروع ڪيو آهي . شهر کان هيٺ هلي سندس رخ وري ابتڙ يعني ايرندي پاسي ٿئي ٿو. محسوس ائين ٿي رهيو آهي تہ اتي وهڪرو چڻ سڌي ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. گهٽو اوير طرف هلي جڏهن چوڙ واري علائقي جي هيٺين حصي ۾ پهچي ٿو تہ ڪتان گول تہ ڪتان ٽونٽ وڪڙ ڪري، الهندي طرف موڙو کائي وڃي ٿو. هيءَ حقيقت اسان کي معلوم ٿي وئي آهي، تہ سڪندر جي حملي واري زماني ۾ سنڌوءَ جي الهندي وهڪري جا ڦاٽ گهارو ۽ ڪلري هئا. ان جو لازمي نتيجو اهو ٿيندو تہ پٽالا جو ماڳ حيدرآباد جي ڏکڻ واري ڦاٽ کان گهٽو اوير بيهندو . ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهنَ اسان ڪراچيءَ پرسان ملير نئن يا پوراڻي نديءَ جو اوپارين حدن کان وٺي گهاري، ڪلري ۽ اولاهين وهڪري جي مٿين حصي سان هڪ سو سترهن ميل ماپينداسين تہ، سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي جي راڄڌاني پٽالا، حيدرآباد کان پنجتيهہ ميل پري ڏکڻ اوير وڃي بيهندي . جيڪي ماڻهو حيدرآباد کي پٽالا سمجهن ٿا، سي شايد هن حقيقت کي وساري ويٺا آهن تہ سنڌو، حيدرآباد جي اوسي پاسي گذريل صديءَ جي پوئين اڌ ۾ رَسيو آهي. سڪندر جي حملي کان هزار سال پوءِ جڏهن عربن سنڌ کي فتح ڪيو تہ سنڌو ان وقت بہ گهٽو اوير طرف چوڙ واري علائقي جي مذڪوره راڄڌاني پرسان وهي رهيو هو. سنڌوءَ جهڙي درياہ جي موجوده


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهڪري کي نظر ۾ رکي، جيڪڏهن سندس ڪنڌي ڪنار سان قديم شهرن جي ڳولا ڪبي، ته اها اجائي ڪوشش ٿيندي. اها اعتبار جوڳي ڳالهه آهي ته موجوده دور جا ڦاٽ جيڪي سنڌوءَ جو پاڻي ڪٽي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري رهيا آهن، سي ان زير بحث قديم دور ۾ هوندا ئي ڪونه هئا. انهن پراڻن پڌن کي نون وهڪرن جي ڪنڌين ۽ ڪنارن سان ڳولڻ بدران اسان کي هن ريت سمجهڻ گهرجي ته اهي ڪٿي به هئا، پر انهن جو هاڻي لڀڻ ممڪن ئي ڪونه آهي. ڻتي کي به ڪٽي پٽالا سمجهجي، پر جيڪي ڳالهيون پٽالا لاءِ بيان ڪيون ويون آهن، تن مان هڪ به ڻتي ۾ ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. ان لاءِ فقط هڪ ڳالهه ئي ڪافي آهي، ته پٽالا يا ان جي اوسي پاسي سامونڊي وِير جي چاڙهه جو پتوئي ڪونه پوندو هو. چاڪاڻ ته سڪندر ۽ ان سان گڏ ويندڙ جاچ پڙتال ڪرڻ وارن ماڻهن يا پوئتي رهيل فوج وارن کي پٽالا وٽ سامونڊي وير جو احساس ڪونه ٿيو هو. پر پاويهه صديون اڳ ڇوڙ واري علائقي کان وٺي ڻتي تائين ۽ ان کان مٿي به وِير جي چاڙه جو احساس ٿيندو هوندو. هاڻي جڏهن ڌرتي سمنڊ ڏانهن گهڻو اڳتي وڌي وئي آهي، ته سامونڊي وِير جو چاڙهه ڻتي وٽان به معلوم ڪري سگهبو آهي. ٿورو وقت ٿيو آهي جو درياهه جي ڊيگهه اچا به سمنڊ ڏانهن اڳتي وڌي وڃڻ ڪري، ڻتي وٽ سامونڊي وِير جي چڙهڻ جو احساس اڻ لکو ٿيندو آهي. هن اڪيلي سبب ڪري ئي پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته ڻتو، پٽالا نه آهي ۽ نه وري ڻتي جي اوسي پاسي ڪاٿي اهو شهر موجود هو. جنهن ماڳ کي مان پٽالا جو امڪاني ٺاڪ مقرر ڪيو آهي، سو سڪندر جي دور واري ڇوڙ سان لاڳاپيل ڪناري جي ڀنهي طرفن کان هڪ جيتري پنڌ تي واقع آهي. ڀنهي پاسن کان هڪ منزل کان ٻيءَ منزل تائين فاصلو ماپيو ويو آهي، جنهن جو جوڙ هڪ سو ڇهه ميل ٿئي ٿو. اها ڊيگهه ڇوڙ واري سامونڊي ڪناري جيتري ٻيهي ٿي. اونسي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريٽس جو بيان آهي، ته ڇوڙ واري علائقي جي شڪل ان ٽڪنڊي جهڙي آهي، جنهن جا ٽئي پاسا هڪ جهڙا هوندا آهن. ارسٽو بيولس جو بيان آهي ته ڇوڙي واري علائقي جي سامونڊي ڪناري جي ڊيگهه هڪ هزار اسٽاڊيا (هڪ سو پندرهن ميل) آهي. ان نقطهء نظر کان اسان کي پوري پڪ ٿئي ٿي ته ڇوڙ واري علائقي جي راڄڌانيءَ جو اندازو ذري گهٽ صحيح لڳايو ويو آهي. بدقسمتي اها آهي ته نه اوسني ڪريٽس ۽ نه وري ڪنهن ٻئي کي ان مهر جو جوڳو ذريعو سمجهي سگهجي ٿو. ڄاڻ ته انهن ڇوڙ واري علائقي بابت پنهنجا امڪاني اندازا لڳايا آهن، تنهن ڪري اسان کي سندن بيانن مان اصولي طور اهو سمجهڻ گهرجي ته سنڌوءَ جي صفا ٻاهرين ڇوڙن جي وچ ۾ گهٽي وٺي هئي ۽ اهائي وٺي ڇوڙ واري علائقي جو هيٺيون پاسو هئي.

يونان وارن جنهن شهر کي پٽالا جي نالي سان سڏيو آهي، تنهن جي صحيح نالي ڏانهن به اشارا ڪيا ويا آهن، مونکي سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته تبيت ۾ موجود هڪ روايت هن منجهيل مامري کي سموهي ۽ سهيڙي ڇڏيو آهي. ڪسومادي ڪوروس Csoma de Koros نالي هڪ ڏاهي ماڻهو پٽالا بابت هن ريت لکيو آهي:

پوٽالا Potala يا پوٽالاڪا (ڳرودسين يا ولگو ڪرودسين ٻيڙين جو هنڌ بندر يا بهشت) سنڌو درياهه جي ڇوڙ وٽ هڪ قديم شهر آهي. اڪشا واڪو Ixawaku ۽ "سوريا وِمسا" جي ڦريءَ جا ماڻهو ان شهر ۾ رهندا آهن. چار راجڪمار، جن کي بعد ۾ شاڪيه سڏيو ويو، تنکي سندن پيءُ هن شهر مان لوڏي ڪڍي ڇڏيو. انهن " ڀاڳارا ٿي " درياهه جي ڪناري " ڪوسالا " ۾ وڃي رهائش اختيار ڪئي. (اهو علائقو موجوده روهيل ڪنڊ ۾ آهي) ۽ پوءِ ڪپلوستوءَ جي شهر جي اڏاوت ڪيائون. لاسا Lasa ۾ دالائي لاما (جيڪو ٻارهين صدي جي وچ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاران ٿيو) جي رهائش گاهه کي به پوٽالا Potala جي نالي سان سڏيو ويندو هو. ڇاڪاڻ ته ٿبيٽ وارن جو وڏو مذهبي اڳواڻ ۽ آميتاڀا Amitabha جو روحاني پٽ چينريزيڪ Chenrezik لاءِ چيو ويندو آهي ته هو ڪنهن زماني ۾ قديم سنڌ جي پٽالا شهر ۾ رهندو هو ۽ اتان (۲۹) ٿبيٽ Tibet پيو ايندو ويندو هو" هن روايت ُکي ڪير ڪٿي ڇا به سمجهي، پر مذڪوره روايت جي ناتي سان اسان کي هن قديم شهر جي صحيح نالي جي ڄاڻ پئي آهي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي جي راڄڌاني هو. نالو تمام سؤلو آهي، يونان وارن هروڀرو ان کي بگاڙي ڪاري ڪوٺي ڇڏيو هوندو. هن کان علاوه اهو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته پٽالا شهر جو بنياد ڪنهن قديم زماني ۾ رکيو ويو هو ۽ حقيقت به اها آهي. شايد آرين جو اهو قديم شهر هو، جيڪو هتي سمونڊ جي ڪناري سان اچي وسايو هو. (۳۰)

سڪندر، هندي سمنڊ ڏانهن هاڪاري وڃڻ کان پوءِ پٽالا موٽي آيو هو. اتان ورڻ کان جهٽ ئي پوءِ سنڌوءَ جي اوڀارين ڇاڙهه سان هاڪاري ويو. سنڌوءَ جي اها ڇاڙهه شايد " پراڻ" ۾ وهي رهي هئي ۽ ڪڇ ۾ داخل ٿيڻ کان ٿورو پنڌ مٿان ساٽس ملي رهي هئي، جهڙيءَ ريت نقشي ii ۾ ڏيکاريو ويو آهي. پراڻ جو اڳي به ذڪر ڪيو ويو آهي، ته اها سنڌوءَ جي صفا اوڀارين ڇاڙهه هئي. سندس نالي مان پتو پوي ٿو ته اهو تمام پراڻو وهڪرو هو. ڪڇ جو رڻ ڪنهن زماني ۾ وڏي ڍنڍ هوندو هو، جنهن ۾ سنڌوءَ جي هيءَ اوڀارين ڇاڙهه ڇوڙ ڪندي هئي ۽ هيءَ شڪ کان بالا تر حقيقت آهي. سوال هيءُ آهي ته ان وقت ڪڇ جي رڻ جي پيٽ وارو سمنڊ موجود هيو يا نه. جيڪي ماڻهو هن ڇاڙهه سان هاڪاري اتي پهتا هئا، تن جو خيال هو ته مذڪوره ڍنڍ کي سنڌوءَ جي اوڀارين ڇاڙهه پيچ ڪري رهي هئي. پر هن کان سواءِ پاڻيءَ جو ڪو پيو ذريعو به هيو، جيڪو هن ڍنڍ ۾ ڇوڙ

ڪري رهيو هو. سوچڻ جي ڳالهه اها به آهي ته سڪندر ان رُت ۾ اوڏاهن هاڪاري ويو هو، جڏهن اولهه ـ ڏکڻ جي چوماسي جو وچ هو. ان موسم ۾ هاٽي به وڏي چاڙه ڪانسواءِ سنڌوءَ جي پاڻيءَ جو ڦڙو به ڪڇ ڏانهن ڪونه ويندو آهي. تڏهن به سڄو رڻ پاڻيءَ هيٺان هوندو آهي. حقيقت به اها آهي ته ڪڇ ۾ اولهه ـ ڏکڻ واري چوماسي جي رُت دوران پاڻيءَ جو چاڙهه هوندو آهي. نه ته ٻيءَ صورت ۾ ڪڇ يا ڪوري واري ڪاري وسيلي منجهس سمنڊ جو کارو پاڻي پهچي ويندو آهي. پر گهڻو ڪري ڪوري جي ڪاري رستي سمونڊ جو پاڻي مٿي چڙهي ايندو آهي، جنهنجو مٿيون پاسو هن ڍنڍ سان ڳنڍيل آهي. لئسن Lassen مطابق، ملڪ جي اندرئين حصي ۾ موجود سمنڊ جي سڪي وڃڻ جو قصو "مهاڀارت" ۾ بيان ڪيل آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته ويرونا (٣١) ديوتا جي ڪڏن ڪرتوتن ڪري مذڪوره سمنڊ سڪي ويو. جيڪڏهن لئسن پنهنجي ويچار ۾ کروءِ سچو آهي ته مهاڀارت جي بيان جو اشارو پڪ سان ڪڇ ڏانهن آهي. جيڪڏهن اهو بيان واقعي مهاڀارت جو آهي ته پوءِ ان تي وسهي سگهجي ٿو. مان ذاتي طور هن خيال جو آهيان ته ڪڇ جي رڻ وارو پوئتو سڪندر (٣٢) جي اچڻ کان گهڻو اڳي سمنڊ مان نڪري نروار ٿيو هو. ڏيهي روايتون اسان کي ٻڌائن ٿيون ته ٻيٽ وارو سمنڊ گهڻو وقت پوءِ به موجود هو.

هتان جا ماڻهو ڳالهيون ڪندا آهن ته ڪناري سان اهڙا ڪيترائي ماڳ آهن، جتي ڪنهن زماني ۾ ساموندي (٣٣) بندر هوندا هئا "پيري پلس" جي مصنف جو بيان آهي ته: پهرين عيسوي صديءَ ۾ ڪڇ جي رڻ ۾ پاڻي تانگهو ٿي ويو هو. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته ڪيس معلومات بلڪل صحيح ملي آهي. هن، رڻ بابت احوال ڏاڍو کروءِ سچو لکيو آهي. ٻڌائي ٿو ته: رڻ ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، جن مان هڪ وڏو ۽ ٻيو ننڍو آهي. (٣٤)ويارين يا ننڍو رڻ پاڻيءَ هيٺ ڏسڻ ۾ ايندو ۽


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن واپس ويندڙ فوج کي پيئڻ جي پاڻيءَ جي تڪليف نہ ٿئي. ڪوهن ڪوٽڻ مان اهو بہ پتو پوي ٿو تہ ڪيس پنهنجيءَ فوج کي سنڌوءَ جي اوڀارين ڇاڙهہ رستي سمنڊ تائين پهچائڻ جو ارادو هو، جيڪا جهاز رانيءَ واسطي وڏيڪ سولي هئي. اهوماڻهو جنهن کي سنڌوءَ جي چوڙ سان لاڳاپيل ساموونڊي ڪناري جي خبر هوندي، سو بنا ڪنهن هبڪ جي سندس بيان کي رد ڪري ڇڏيندو ۽ سمجهندو تہ اهو جڙتو آهي. فوج جي اهڙي پيش قدمي ممڪن ئي ڪانہ آهي ۽ ڪوهن ڪوٽڻ وارو خيال بہ اجايو ۽ ڪوڙو آهي. چوڙ جي علائقي وارو ساموونڊي ڪنارو بلڪل هيٺاهون آهي، جيڪو هلڪي سلڪي وير چڙهڻ تي ٻڏي ويندو آهي. ٻيو تہ چوڏس علائقو ننڍين ۽ وڏين بي شمار ڪارين ۽ سمنڊ جي پاڻيءَ سان ڀريو پيو آهي. تنهن ڪريءَ نہ پيادو ۽ نہ ڪو گهوڙيسوار اڪري پار ٿي سگهندو آهي. سمنڊ جي ڪناري تائين پهچڻ ٻيڙيءَ کانسواءِ تصور بہ ڪري ڪونہ ٿو سگهجي . خاص طور تي چوماسي جي رُت ۾ اهڙي قسم جي پيش قدمي ڪرڻ، جڏهن تہ سڄو علائقو پاڻي هيٺ هوندو آهي خطري کان خالي نہ هوندي آهي. انديشو اهو هوندو آهي تہ ڪڏهن سمنڊ جي وير وري انساني زندگيءَ کي ختم ڪري سگهي ٿي. چوڙ جي ڏکڻ - اوير واري ڪُنڊ تہ سڄي ساموونڊي ڪناري کان بہ وڏيڪ خطرناڪ آهي. حقيقت اها آهي تہ اهو لوٽيائو علائقو آهي، جتي ڪو ماڻهو زنده رهيُ ڪونہ ٿو سگهي. جتي ڪوهن ۾ بہ زهريلو ڪوڙو پاڻي موجود هوندو آهي. جتي درياهي اٽل (٣٦) جو پاڻي پهچي سگهندو هو، اتي ڪوهہ کوٽيا وڃن ها تہ پوءِ ڳالهہ ٻي هئي. پر قصو اهو آهي تہ سڪندر سمنڊ جي ڪناري سان ٿي ڏينهن سفر ڪندو رهيو ۽ ان ڪانپوءِ آرماڙ سان گڏيل ساموونڊي فوج واسطي کوهہ کوٽي پاڻيءَ جو بندوبست ڪرڻ هڪ افسانوي ڳالهہ آهي. اهڙو قصو يا ائرين پاڻ گهڙيو آهي، يا سندس ماخذن ۾ اهڙي هترادو ڳالهہ لکيل آهي .

# باب ٽيون

## يونان جي پوئين دور جي ڪتابن ۾ سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي جا احوال

سنڌ ۾ مان سڪندر ۽ ان جي نائب نِيرڪوس جي هلئي وڃڻ کان پوءِ سنڌ جي تاريخ تي اونداهي ڇانيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اسان کي فقط ايترو پتو پوي ٿو ته جڏهن هن جنگي جهونجهار پنهنجو منهن اولهه طرف واريو ته اهڙا واقعا ٿيا، جن جي تاريخ به ڏنڊ جي پردي پٺيان لڪل آهي. پر هن ماڻهوءَ اتر هندستان تي پنهنجا گهرا اثر ڇڏيا آهن. سڪندر هن نديءَ ڪنڌ جا فتح ڪيل علائقا پنهنجي شهنشاهت ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پنهنجي هن مقصد ۾ تيسين تائين ڪامياب رهيو، جيسين تائين هو هن ڌرتيءَ تي موجود رهيو ۽ هتان جا راجائون ڪانئس ڪنبندا رَهيا. جڏهن هن گيڊرو شيا جي ويران علائقي ۾ قدم رکيا، ته سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي جي ماڻهن، جن کي هن تازو شڪست ڏني هئي، تن سڪندر خلاف هڪدم ئي بغاوت جو ڦريرو ڦڙڪايو ۽ سڪندر جي پٽاليني Patalene ۾ مقرر ڪيل عملدارن کي لوڏي ڪڍي ڇڏيو. پن سالن اندر سندس ڪيل سڄو پورهيو پاڻيءَ ۾ هليو ويو. سندس قائم ڪيل مقدونيا جي شهنشاهت ٿوري عرصي ڏوران ٽڪرا ٽوٽا ٿي وئي. وڏيڪ وقت گذريو ته انهن ٽوٽن ٽڪرن مان رهندو وري به ننڍين رِياستن ۾ ورهائجي وئي. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته چوڙ وارو علائقو پورس جي ضابطي هيٺ اچي ويو هو. ايران جي دارا کان پوءِ هيءُ ماڻهو سندس دشمن هو. سڪندر جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن وقت هتي مٿي بيان ڪيل واقعا تي رهيا هئا ته ان وقت اتر چين ۽ وچ ايشيا سان لاڳاپيل هڪ تاريخي واقعو اپري رهيو هيو، جنهن جا سڪندر جي هن نديءَ ڪنڌ تي ڪيل حملي کان وڌيڪ گهرا اثر ٿيڻا هئا. چين جي تاريخ ۾ اهو ١٦٥ ق. م جو واقعو آهي. مذڪوره تاريخي واقعو هن ريت آهي ته هونگهو Hoangho درياهه جي ڪنار سان رهندڙ، يو چي Yeu - chi قبيلي سان دنگئي جوءِ ۾ ، ڪي توراني قبيلا رهندا هئا. جن مٿان ڌاڙ ڪري کين اولهه طرف لڏ پلاڻ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. يوچي قبيلي کي وري ٻئي سگهاري قبيلي هيونگ نُو Hiung -Nu يا هن Huns قبيلي ايترو ستايو ۽ ڌمڪايو جو هو به اتر – اولهه طرف Illi اِلي درياهه ڏانهن لڏ پلاڻ ڪري هليا ويا. ان جوءِ ۾ سِسي Sse نالي هڪ قبيلو رهندو هو، جنهن نئين آيل يوچي قبيلي سان مهاڏو اٽڪايو، پر ساڻن وڙهي پورا پئجي ڪونه سگهيا. تنهن ڪري هو پنهنجي اباڻي جوءِ ڇڏي اولهه طرف سوگديانا ڏانهن هجرت ڪري هليا ويا. هيءُ ملڪ آمون ۽ سير درياه جي وچ تي هو. هونگهو مان آيل مهاجرن هن ملڪ تي دنگو ڄمايو. ٿورو وقت مس گذريو، جو هڪ ٻئي رولو مهاجر قبيلي اسيون Usiun کين اچي ٽيڙ ٻڌايا. شڪست کائڻ کانپوءِ يو- چي قبيلي به سسي قبيلي پٺيان اولهه طرف هجرت ڪئي. اُسيون Usiun قبيلي کي به نيٺ هيونگ - نو Hiung - N چين مان ڪڍي ڇڏيو. يو - چي قبيلي سِير درياه اڪري وري وڃي سسي قبيلي سان جهيڙو اٽڪايو. نتيجي ۾ اهي سوگديانا Sogdiana مان نڪري هليا ويا. ان سوب کان پوءِ ان لاڏو مهاجر- يوچي قبيلي توان Tawan يا فرغانا منجهان لنگهي تاهيا Tahia نالي هڪ قبيلي کي شڪست ڏني ۽ ڪجهه وقت آمون درياه جي اترئين ڪناري سان وينا رهيا. هي آخري واقعو ١٢٣ - ق - م ڌاري ٿيو.(٣٧) يو- چي جي هن لاڏائو مهاجر قبيلي جي هندستان وڌڻ کي ٿوري وقت

لاءِ پارٿين روڪي ورتو هو. ان سان گڏ گريڪو هند قبيلي جو جنگجو بادشاهه مناندر به سنڌ اچي وڙهڻ لاءِ رنڌڪ بڻيل هو. اها قبل مسيح جي آخري صدي هئي. اهي نيٺ پهرين صدي عيسوي وقت سنڌوءَ تائين پهتا ۽ سنڌ حڪومت سنڌوءَ جي چوڙ تائين قائم ٿي وئي. يونان جي مورخن هنن ماڻهن کي انڊو- ستين جي نالي سان سڏيو آهي ۽ سنڌو ماٿريءَ جي صفا هيٺين علائقي کي انڊو - ستيا سڏڻ لڳا. هنن تُوراني قبيلن جي جهيڙن کان اڳ ۾ ئي يوناني سگهه وچ ايشيا ۾ ختم ٿي وئي هئي ۽ ان کان پوءِ هندستان ۾ به پنهنجي پڄاڻي کي پهتي.

اها ڏکوئيندڙ تاريخ جنهن جو تَتُ اوهان جي آڏو پيش ڪيو ويو، تنهن ۾ هڪ دلچسپ ۽ اهم حقيقت به درج ٿيل آهي. اهو ڏيساور سان لڳاتار هلندڙ ۽ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ واپار هو. جيڪو سنڌوءَ جي ڦاٽن وسيلي وڪري ۽ پکڙجي رهيو هو. چاڪاڻ ته هنن علائقن جو ٻاهر ويندڙ اهو اڪيلو درياهي گس هو. شروعات کان وٺي سمنڊ رستي هن ماڳ جي واپار ٻاهرين ملڪن جي واپارين جو ڌيان ضرور ڇڪايو هوندو. توڙي جو هن چوڙ واري علائقي وسيلي سمنڊ تائين پهچڻ به ڏاڍو ڏکيو هو. هڪ پاسي کان اهو پاڻي وارو رستو اٽڪ کان شروع ٿي رهيو هو. جيڪو وچ ايشيا جو مکيه لنگهه هو. اِتي وچي هندستان جي ميداني علائقن مان لنگهي، اهو واپاري رستو عراق جي درياهن پرسان ۽ ميڊيٽيرين سمنڊ جي ڪناري ويجهو لنگهندو هو. جتان جا ماڻهو آڳاٽي سمي کان وٺي واپاري ذهن رکندا هئا ۽ سمنڊ رستي واپار ڪرڻ جا ڪوڏيا هئا. شروعاتي زماني ۾ واپاري ٻيڙا ڊچ کان سامونڊي ڪنارو ڏئي هلندا هئا. پاڻيءَ ۾ ايترو پري ويندا هئا، جو ڌرتي سندن اکين کان دور ڪانه ٿيندي هئي. کُليءَ سمنڊ ۾ وڃڻ کان پيا ڪيٻائيندا هئا. ايراني نار يا ڳاڙهي سمنڊ مان جڏهن واپاري ٻيڙا هندستان ايندا هئا، ته سڌو اچي سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي ۾ بيهندا

www.sindhsalamat.com  books.sindhsalamat.com

هئا. اهڙيءَ ريت هيءَ ڳالهہ بہ پڪ سان چئي سگهجي ٿي تہ تاريخ جي دور کان گهڻو اڳ ڪلداني واپاري، جن لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهي سمنڊ رستي واپار ڪندا هئا، سي بہ گهڻو تڻو هلي اچي سنڌوءَ جا بندر پيئيندا هئا. (٣٨) ساڳيءَ ريت مصر ۽ عربستان جا واپاري بہ هندستان سان واپاري ڏيتي ليتي سنڌوءَ جي بندرن معرفت ڪندا هئا. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ حضرت سليمان جو ٻيڙو بہ سنڌوءَ جي ڇوڙ وارن بندرن ۽ بازارين ۾ وکر وهائيندو ۽ وڻجيندو هو. اسان لئسن جي هيءَ ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار ڪونہ آهيون تہ اوفير- Ophir (٣٩) جو شهر سنڌوءَ جي ڪنار سان آباد هو. سڪندر جي جنگي مهم، مغرب جي ماڻهن کي مشرق جي گهڻي معلومات مهيا ڪئي آهي ۽ هندستان سان واپار ڪرڻ لاءِ ڇڻ تہ رستو کوليو آهي. هن قسم جي ڏيتي ليتيءَ کي ٽالميءَ جي دور ۾ هٿي ملي، جنهن ميڊيٽيرين (يونچ) سمنڊ تي موجود اسڪندريا شهر کي ايشيا جي مال جي منڊي بڻائي ڇڏيو هو. ان زماني ۾ مصر، ايران ۽ سنڌ جا جهاز عربستان جي سابيان Sabaean بندر وٽ اچي پاڻ ۾ ملندا هئا. اتي پاڻ ۾ واپاري جنسن جي مٽا سٽا ڪري وطن ورندا هئا. آگاٿارڪيڊس Agatharchides جيڪو ٻي صدي ق - م يونان جو مورخ هو، تنهن اسڪندريا ۾ اهڙي قسم جا انگ اکر گڏ ڪيا هئا ۽ اهو واپار سندس زماني ۾ هلندڙ هو. سندس بيان آهي تہ عربستان جي بندرن تي ايشيا جا گهڻا جهاز مال کڻي ايندا هئا. پرججهائي پوٽانا Potana (پٽالا) مان ايندڙ جهازن جي هوندي هئي. هو وڏيڪ بڏائي ٿو تہ هي شهر سنڌوءَ جي ڇوڙ وٽ واپار جي وڏي منڊي آهي. سندس پيڙه جو پٽر سڪندر رکيو هو. جنهن شهر ڏانهن هتي اشارو ڪيو ويو آهي، تنهن ۾ تہ ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي گنجائش ئي ڪانہ آهي. پر مؤرخ ( تي سگهجي ٿو اوتارو ڪندڙ) نالي لکڻ وقت ٿوري غلطي ڪري وڌي آهي. شايد هن حقيقت کان بہ واقف ڪونہ

آهي، تہ هن پٽالا شهر جو بنياد سڪندر ڪونہ رکيو هو. (۴۰) پر هتي بحري فوج رهائڻ واسطي ” نيول اسٽيشن“ قائم ڪئي هئائين ۽ چوڌاري قلعو اڏايو هئائين. اهو ڪڏهن بہ سمجهيو نہ وڃي تہ وڏا ٻيڙا مٿي درياهہ ۾ هاڪاري پٽالا تائين هليا ويندا هئا. ڪلي ٻيڙيون ۽ سمنڊ سان واسطو رکندڙ ٻيون ٻيڙيون اوڏاهين ڪونہ وينديون هيون. اهڙي قسم جا وڏا جهاز سنڌوءَ ۾ ٽيهہ ميل مٿي مس وڃي سگهندا هئا. جڏهن” پٽالا“ جو ڏيساوري واپارين جي بندر طور نالو ڪنيو وڃي، تہ اسان کي ائين سمجهڻ گهرجي تہ ولايت جي واپارين جو سامان سمنڊ ڪانپوءِ درياهي ٻيڙين وسيلي مٿي پٽالا تائين پهچندو هو. اهو سامان وڏن سامونڊي ٻيڙن مان لاهي درياهي ننڊي ٻيڙين ۾ گهٽو هيٺ، ڇوڙ واري علائقي ۾ چاڙهيو ويندو هو. هي سامونڊي مال برداريءَ وارو طريقو آڳاٽي زماني کان وٺي اڄ ڏينهن سوڌو رائج آهي. ڇوڙ واري علائقي ۾ هندستان جي هر ملڪ جا جهاز بيٺل نظر ايندا هئا. ڪي ايراني نار تہ ڪي يونچ سمنڊ مان آيل هوندا هئا ۽ هتي اچي مال جي مٽا سٽا ڪندا هئا. هن طريقي جو واپار پهرين صدي عيسوي تائين هليو. ان وقت تائين پٽالا پنهنجي پوري اوج تي هو. ان کان پوءِ منجهس اڳين اهميت ڪانہ رهي. ناکئن ۽ سکاڻن مان سمنڊ ۾ ٻيڙن هلائڻ وارو هنر جڻ موڪلائي ويو. ان صديءَ جي وچ سان لاڳاپيل هڪ ڳالهہ آهي. تہ Hippalus هپالس نالي جهاز جو هڪ سکاڻي هو. پتو ناهي تہ يوناني هو يا رومي، سو چوماسي واري موسم جي گهري مطالعي واسطي گهٽي وقت کان وٺي کلئي سمنڊ ۾ نڪري پيو هو. هن ڪناري سان هلڻ وارو جهازرانيءَ جو ضابطو ۽ عام اصول ڇڏي، پنهنجي جهاز کي ڏکڻ اولهہ چوماسي وارين هوائن جي حوالي ڪري ڇڏيو. سندس جهاز ان وقت ڏکڻ عربستان جي سامونڊي ڪناري سان بيٺو هو، تنهن وٽي اوير جو رخ ڪيو ۽ اچي هندستان جي سامونڊي ڪناري سان لڳو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري انڊوسٿين علائقن تي پنهنجي سياسي سگهه ڄمائڻ جا جتن ڪيا هئا. پر اڃرج جهڙي ڳالهه اها آهي، ته هن يوناني مصنف ڪڏهن پٽالا يا پٽالٽي جو نالو وٺي سندس ذڪر ڪونه ڪيو آهي. هن حقيقت مان اهو لڳي سگهي ٿو ته سنڌوءَ جي راڄڌاني وارو هي مکيه شهر ان دور ۾ يا ته موجود ئي ڪونه هو، يا ته وري ايترو غير اهم ٿي ويو هوندو، جو سندس ذڪر ڪرڻ جي لوڙ ئي ڪونه پئي هوندي. قديم شهر پٽالا جي جاءِ تي نئين راڄڌاني قائم ڪئي وئي هوندي ۽ حقيقت به اها آهي. اسان کي ڇوڙ واري علائقي وٽ هڪ نئين ساموندي بندر جو نالو مليو ٿو. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته گريڪو - بئڪٽرين، گريڪو - انڊين ۽ انڊو - سٿين جي ڪاهن ڪري وڏي اٿل پٿل آئي. جيڪڏهن ان ڇول ۾ سنڌوءَ جي ڇوڙ واري ايراضي جي راڄڌاني ”پٽالٽي“ پيلجي ٻٽ تي وئي ته ڪا اڃرج جهڙي ڳالهه به ڪانه آهي. ڇاڪاڻ ته اهڙي واڻمنڊل ۾ پرياترِيا شهر اجڙي ويران ٿي ويندا آهن. ان سان گڏ هن ڳالهه جو به امڪان آهي ته سنڌوءَ ۽ ٻين درياهن پنهنجا وهڪرا مٽائي، اهڙن ڪيترن شهرن جون بندر ۽ بازاريون ڦٽائي ويران ڪري ڇڏيون. هيءَ به هڪ قسم جي اڻ سڌي ثابتي آهي، پر نتيجي ڪڍڻ واسطي هن ڳالهه تي به ويچاري سگهجي ٿو.

پر اهي ماڻهو جيڪي سڪندر سان گڏ آيا هئا، تن جو چوڻ آهي ته سنڌو فقط ٻن ڦاٽن وسيلي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري رهيو هو. اهي اسان جي پنهنجي ذاتي مشاهدي موجب ڇوڙ واري علائقي جي صفا اوير ۽ صفا اولهه ۾ وهندا هئا. پيري پلس Periplus جو بيان آهي ته سنڌوءَ کي ”ست ڇوڙ آهن“ جيڪي سڀ سوڙها، تانگها آهن ۽ سندن پيٽن ۾ واري ويٺل آهي. باقي وچون وهڪرو وڏو ۽ جهاز رانيءَ (۴۳) لائق آهي“. ان زماني ۾ ڇوڙ واري علائقي اندر وچون وهڪرو وڏو هوندو هو ۽ پاڻي جو وڏو مقدار ڪٽي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. سنڌوءَ جا ٻئي وڏا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦاٽ ،سڪندر پاڻ هاڪاري ۾ جاچي ڏٺا هئا، جن مان هڪ ايرندي ۾ پيو الهندي وڇي رهيو هو. الهندي ڦاٽ مان سڪندر جو اميرالبحر نِيرڪوس Nearchus بحري فوج جا ٻيڙا هاڪاري سمنڊ تائين پهتو هو. اهو ڦاٽ هاٽي سڪي ويو آهي. پيري پلس جا اکر جيڪي وڏيڪ صحيح آهن، تن کي هن رِيت ورجائي سگهجي ٿو ته انهن جو پاٽي ڍنڍن جيان هڪ جاءِ بيٺل آهي. اهي ماڻهو جن سنڌوءَ جا اهڙا پراڻا ڦاٽ ڏٺا هوندا، سي هن حقيقت جي ضرور پنيرائي ڪندا. هاٽي اسان کي درياهن جي وهڪرن جي رخ مَٽڻ واري اصول کي ياد رکڻ گهرجي ته درياهه جو مکيه ڦاٽ، جيڪو ڪڏهن ڇوڙ واري علائقي جي صفا هڪ پاسي تي هوندو آهي سو سرڪي اچي ڇوڙ جو وچ وٺندو آهي. پر ڏٺو وڃي ته اهڙي تبديلي پهريائين ڇوڙ واري علائقي کان مٿان ايندي آهي. جيئن مٿان درياهه جو وهڪرو الهندي آهل رخ اختيار ڪري ويو، ان ڪري ڇوڙ جي هيٺين علائقي واري اولاهين شاخ (جنهن سان ڪڏهن نيرڪوس هاڪاريو هو) کي پاٽي ڇڏي ويو. ڇاڪاڻ ته پاٽيءَ ڪجهه ايرندي طرف پنهنجو گس بنائي ڪجهه سڌو ٿي ڇوڙ واري علائقي جي وچان وهڻ لڳو. ڇوڙ واري علائقي کان مٿان جڏهن وهڪري الهندي طرف جهوڪو کاڌو، ته سنڌوءَ واري ايرندي ڇاڙهه، جيڪا سڪندر جي دور ۾ به موجود هئي، تنهن کي به ڇڏي ويو. اها تبديلي هوريان هوريان ٿيندي رهي ۽ الهندي ڪناري کي کائيندي جيڪو ۽ واري ايرندي ڪنار سان اچلبندي وئي يا وري هڪدم ئي وهڪرو مٽائي وئي، جهڙي ريت اڳين صديءَ ۾ حيدرآباد جي اتر طرف کان هڪدم ڦيرو کائي وئي هئي. اڳتي هلي درياهه وري اٿين هڪ وهڪري جي صورت ۾ وهندو آهي، جيئن پيري پلس بيان ڪيو آهي. هن درياهه جو وهڪرو صدين کان وٺي تبديل ٿيندو رهيو آهي، جنهنجو اندازو سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي ۾ اوپارئين طرف موجود پراڻن پيٽن مان يا اتر طرف سندس قديم وهڪرن مان لڳائي سگهجي ٿو (۴۴)"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيءَ ريت جڏهن درياهہ جو وهڪرو مٿان کان ئي ٱلهندي ڏانهن رخ ڪرڻ لڳو تہ ان جو لازمي نتيجو اهو ٿيو هوندو، جو پٽالا جي پٽن کان پاسو ڪري ويو هوندو ۽ ساموندي بندر سان سندس لهہ لاڳاپو ڇڄي ويو هوندو. اڳئين جيان ماڻهو تہ منجهس ڪٽي رهندا بہ هوندا، پر ڏيساوري واپار جي وڏي منڊي واري سندس اڳين حيثيت ڪانہ رهي هوندي. پهرين عيسوي صديءَ جي پٺي اڌ ۾ اسان کي پٽالا جو ڪو ڏس پتو ڪونہ ٿو ملي. پر پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ اهو شهر پنهنجي دور جو مشهور معروف بندر هو. دنيا جي هن مشهور شهر جو نالو ٽالمي Ptolemy جي جاگرافيءَ ۾ بہ موجود ڏسون ٿا. هن، پيري پلس کان اڌ صدي کن پوءِ پنهنجو ڪتاب لکيو آهي. سندس ڏنل بيانن مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ هن لکڻهار گهڻن ماڳن جا نالا پراڻن ۽ نون مصنفن جي ڪتابن تان کنيا آهن. گهڻن سياحن ۽ سيلانين جي ڪتابن کي بہ ماخذ بڻايو آهي. ان کان علاوه سڪندر جي جنگي مهم سان لاڳاپيل ڪتابن تان حوالا پڻ ورتا آهن. پر اها پڪا ڳالها ڪانہ ڪئي اٿائين تہ اهي موجوده حالتن سان ٺهڪي بہ اچن ٿا يا نہ .

پيري پلس جي لکڻهار مطابق سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي جي بندر جو نالو، " بارباريڪان" Barbarikon آهي، جيڪو سنڌوءَ جي وچين ڇوڙ تي آباد آهي. سندس سامهون هڪ ننڍڙو ٻيٽ آهي. (۴۵) هيءَ ڳالهہ ضرور ڌيان ۾ رکي وڃي، تہ مذڪوره بندر ساموندي ڪنار جي ويجهو يا ماڳهين ڪنار تي قائم هوندو. جيڪڏهن ائين هجي ها تہ ساموندي ويرون ان کي ناس ڪري ڇڏين ها، يا هندي سمونڊ جون طوفاني لهريون کيس اپڙڻ ۽ ايرڻ ڪونہ ڏين ها. ڇوڙ جي ٻين بندرن جيان، جن جي اسان ٿوري گهڻي ڄاڻ رکون ٿا تہ "بارباريڪان" جو بندر سمنڊ کان وٿيرڪو ۽ درياهہ جي ڪنار سان وسندڙ هوندو. ساموندي آپدائن کان بچاءَ واسطي ان کان ڏهہ يا پندرهن ميل پري آباد


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو. مذڪوره ٻيٽ ٻہ زمين جي اهي ايراضي هوندي، جنهن تي سنڌوءَ جا ننڍا ڦاٽ وهڪرو بدلائڻ وقت واري ڇڏي ويندا آهن. اها ايراضي گهٽو ڪري ڇوڙ واري علائقي جي هيٺين پاسي وچ تي هوندي. اهو بندر، شاهبندر کان گهٽو پري ڪونہ هوندو. (ڏسو نقشو - III) مان سر ايچ. اليٽ ۽ جنرل ڪننگهام جي ويچارن سان سهمت ڪونہ آهيان، جيڪي گهاري سان آباد ڀنڀور کي بارباريڪان سمجهن ٿا (۴٦) . هيءُ ماڳ ڇوڙ واري علائقي کان اتر اولهہ طرف تي آهي. جنرل ڪننگهام ڀنڀور کي بارباريڪان هن ڪري سمجهي ٿو، جو سنڌس ويساه آهي تہ سنڌوءَ جي وچين وهڪري سان مٿي هلي ڀنڀور پهچي وڃبو هو. ائين هيو يا نہ، تنهن جو پتو ڪونہ آهي. پر پيري پلس جو بيان آهي تہ اهڙي ماڳ تي واقع هو، جتي وچين وهڪري ڪانسواءِ بہ هاڪاري پهچي سگهبو هو. بارباريڪان هڪ بگڙيل لفظ آهي، تنهن کي اڄ واري دور ۾ سڃاڻڻ ۽ ڳولي لهڻ پاڻي ولوڙڻ سمان ٿيندو.

۵ - ستيا جي راڄڌانيءَ جو نالو مين نگر Mennagara آهي. پيري پلس ۾ هن ماڳ بابت بيان آهي تہ بارباريڪان کان ڀنئين پاسي، هڪ ٻيٽ تي واقع آهي. اهو ٻيٽ ڪيترو پري آهي؟ اهو ڪونہ ٻڌايو ويو آهي. ايترو سو چيو ويو آهي تہ ساموندي ٻيڙا بارباريڪان ۾ اچي لنگر هڻندا هئا. ان کان پوءِ جهاز سارو لڏيل مال درياهي ٻيڙين وسيلي راڄڌاني ويندو هو. هن حقيقت مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ "مين نگر" سنڌوءَ جي ڇوڙ واري بندر بارباريڪان کان گهٽو پري ڪونہ هو. لئسن ( انڊسڪي آلٽرٽر مسڪنڊي (Indische Alter thumskunde) مذڪوره راڄڌاني کي سيوهڻ کان ٽيهہ ميل اتر طرف ٻڌائي ٿو. جيڪا اعتبار جوڳي ڳالهہ ڪانہ آهي. سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي جي بندر کان وٺي هن ماڳ تائين واپاري مال پهچڻ ۾ ڇهہ هفتا لڳي ويندا. هن ماڳ جي تعين ڪرڻ ۾ هن ٽالمي جي مقرر ڪيل ڏکهائي ۽ ويڪرائي ڦاڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوري ڪري نہ تي سگهجي ۽ شهر بہ اهڙا آهن، جو اهي اڄ سڃاڻي بہ ڪونہ ٿا سگهجن ، توڙي جو انهن جي ڏکهائي ۽ ويڪرائي ڦاڪ بہ ڏني وئي آهي. هيءُ اسان کي پڌائي ٿو تہ سنڌو ماٿري واري هيٺين علائقي کي انڊو سٿيا (سنڌو سٿيا) ٦ - ب سڏيو ويندو هو. وڌيڪ پڌائي ٿو تہ اهو پن حصن ۾ ورهايل هو. جن مان هڪ پٽلائي يا ڇوڙ وارو حصو ۽ ٻيو ان ڪان مٿان آبيڙيا Abiria نالي علائقو هوندو هو. هيءُ "پيري پلس" جي هن بيان جي بہ تصديق ڪري ٿو تہ ڇوڙ واري علائقي ۾ سنڌوءَ جا ست ڦاٽ هئا، جن جا نالا هو هن ريت ڏئي ٿو.

(Lib Vii . cap.i. Sect2)

(١) سنڌوءَ جي صفا اولاهين ڇوڙ جو نالو ساگاپا Sagapa هو.

(٢) ٻئي ڇوڙ جو نالو سنٿن Sinthon هو.

(٣) ٽئين کي ڪِري سائون Chry Soun سڏيو ويندو هو.

(٤) چوٿين جو نانءُ ڪارِي فران Carifaraon هو.

(٥) پنجون ساپرا Sapara

(٦) ڇهون سابالائسا Sabalaessa هو.

(٧) ستين کي لوٽي بارِي Loni barai چيو ويندو هو.

موجوده دور جي سنڌوءَ جي ڦاٽن مان ڪنهن جو بہ نالو مٿي لکيل ڦاٽن سان هڪ جهڙائي ڪونہ ٿو رکي. هن حقيقت تي ويچار ڪري اڃرج ٿئي ٿو تہ ڇوڙ واري علائقي اندر سنڌوءَ جا ڇوڙ ويرو تار مٽبا سٽبا رهن ٿا. پراڻا ڇوڙ پنهنجي نالن سان گم ٿي وڃن ٿا ۽ سندن جاءِ تي نوان ڇوڙ نون نالن سان پيدا ٿيندا رهن ٿا، جيڪي گهٽو ڪري هڪ صديءَ سان لاڳاپيل ڇوڙ ٻيءَ صديءَ ۾ وسري وڃن ٿا. پر ساگاپا ۽ لوٽي باري جن مان هڪ صفا اولهہ ۾ ۽ ٻيو صفا اوڀر ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود هو، سي جدا جدا ”گهاري“ ۽ ”کوري“ جي نالن سان سڃاتي سگهجن ٿا. گهارو يا گهارا هڪ سنڌي لفظ آهي، جنهنجي معني کاري يا ڪريڪ Creek آهي. هن ڇوڙ تي پراڻي نالي ڪان پوءِ گهاري جو نالو پيو آهي. ڇاڪاڻ ته جڏهن هن ڇوڙ جو سنڌوءَ سان سُبنڌ نه رهيو ته سامونڊي پاڻي منجهس ڏوڪي چڙهي آيو هوندو. سنٿن Sinthon البت سنڌوءَ جو نالو آهي، جيڪو هن درياهه تي آرين رکيو هو. ”لوڻي باري“ وارو نالو منهنجي ويچار ۾ هن علائقي جي طبعي جاگرافي Physiographical سان واسطو رکي ٿو. هيءَ سوال پنهنجي سياءَ مطابق ڏاڍو دلچسپ به آهي. لئسن (I.A.I - ٩٧- حاشيه ٢)جاگرافي جي هڪ عالم رِٽر Ritter جو حوالو ڏنو آهي، جنهن جي سنڌ جي آڌار تي هو يقين سان چوي ٿو ته ”پراڻ“ وهڪري جو اصل نالو لوڻي هو. ان ڪري لوڻي باري وارو ڇوڙ ان حقيقت ڏانهن اشارو آهي. مان پڪ سان چئي سگهان ٿو ته مسٽر رِٽر جو ويچار غلط آهي. هن صاحب پراڻ وهڪري کي لوڻي Luni or Loni سان گڏائي وچڙائي ڇڏيو آهي. ان جو اصلي نالو لواڻي Lawani يا لوڻياڻي يعني Saline آهي. هيءَ نئن راجپوتانا سان وسطو رکي ٿي ۽ به سو ميل هلي ڪڇ جي رڻ ۾ اتر اوير ڪنڌ ڪان داخل ٿئي ٿي. باري سنڌي لفظ جي پڇاڙي آهي. جهڙيءَ ريت گهوڙا باري آهي. هي گهوڙا ڦاٽ وارو ٽاڪ آهي، جيڪو ڇوڙ جي وچ واري علائقي سان واسطو رکي ٿو. اهڙي ريت سنڌ جي وچولي جي شهر شهدادپور پرسان هُرباري Hurbari نالي هڪ ماڳ آهي. لوڻي باريءَ جو به مطلب مفهوم اهو ٿيندو ته اهو ڦاٽ جنهن سان لوڻيءَ وچي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪيو. جيڪڏهن حقيقت ائين آهي، جيئن بيان ڪئي اٿم ته لوڻي ڪڇ جي رڻ جي اتر اوير ڪنڌ ڪان داخل ٿي، ڏکڻ اولهه طرف ڪان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي هوندي. پر هاڻي صورت حال اها آهي جو رڻ ۾ لوڻي جي وهڪري جو نالو نشان به نظر ڪونه ايندو. سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻي هتي رڻ جي ڊوري ۾ ٿوري پنڌ تائين پکڙجي ويندو آهي ۽ ٿوري وقت ڪانپوءِ واري ڇُهي ويندي آهي. ڌرتي جي ڏڏڻ وقت جڏهن رڻ جي ڌرتيءَ جو مٿاڇرو مٿي اُڀري آيو ته لوڻي جي وهڪري جا پراڻا پيٽ به ميسارجي ختم ٿي ويا. پر سمجهه ۾ ائين اچي رهيو آهي ته پوئين دور جي پيٽ ۾ قديم زماني ۾ هن ۾ تمام گهڻو پاڻي ايندو هو. ان جو سبب ڇا هو؟ تنهن جو پتو پئجي ڪونه سگهيو آهي.

سنڌوءَ جي ڪنار سان موجود، جن شهرن جو ٽالمي ذڪر ڪيو آهي، انهن مان هڪ " بين نگر" Binagara به آهي. ٿي سگهي ٿو ته هي اُتارو ڪرڻ واري جي غلطي هجي ۽ اصل ۾ " مين نگر" -Min nagara شهر هجي . هن شهر جو خاص ڏس پتو ڪونه ڏنو ويو آهي، فقط انهن شهرن جي ڏکڻي پنوتريءَ ۾لکيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪي سنڌوءَ جي ڪنڌي سان وسندڙ ڏيکاريا ويا آهن. سندس ويڪرائي ۽ ڊگهائي ڦاڪ ڪي به ڏکي ٿي ڏيکاريو ويو آهي- پٽالا ۽ باربارِي (ٿي سگهي ٿو ته هي شهر پيري پلس وارو بارباريڪان هجي) جا شهر درياهي پيٽن تي آباد آهن. ان جو مطلب اِهو آهي ته اهي ٻئي شهر ڇوڙ واري علائقي ۾ موجود هئا. پر اهي سمنڊ کان ڪيترو پري هئا؟ سو ڪونه ٻڌايو ويو آهي. ٽالمي پٽالا بابت احوال سڪندر جي مورخن تان ڪنيا آهن، پر جڏهن هو پنهنجي جاگرافي لکي رهيو هو، ته سنڌو سڪندر واري دور کان گهڻو اڳتي سمنڊ طرف ۽ الهندي طرف سرڪي ويو هو ۽ ڇوڙ واڙي علائقي جي راجڌاني پٽالا ان وقت ناس ٿي چڪو هو.

نوٽ: سنڌوءَ جي ڇوڙ بابت ٽالمي جا ڏنل به ٿي حوالا هن ڪتاب جي پوئين ڀاڱي ۾ ڏسندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب چوٿون

# چوڏ وارو علائقو

# قديم مشرقي مورخن جي حوالن جي روشنيءَ ۾

اسان وقت جي ڊارا سان هيٺ لهورا لڙهندا اچي ڇهينءَ ۽ ستينءَ صديءَ ۾ پهچون ٿا ۽ مشرق جي مصنفن جي واتان سنڌو ماتريءَ بابت به چار ٻول ٻڌڻ شروع ڪيون ٿا. هن دور ڪان وٺي، سنڌوءَ جي ڪنارن سان موجود هڪ وسيع علائقي کي جيڪو ڪنهن دور ۾ وڏندو ۽ ڪنهن دور ۾ گهٽبو رهي ٿو، سنڌ جي نالي سڏبو ٻڌون ٿا. هيءَ ملڪ ان درياهه جي نالي سان لاڳاپيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن کي آريا سنڌوءَ جي نالي سڏيندا هئا.

سنڌ بابت جيڪو پهريون ڪتاب اسان کي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو چين ولايت جي ٻڌيڪشو شين سئنگ Huen Tasng جو لِکيل آهي. سندس ڪتاب جو نالو سي- يو - ڪي آهي جنهنجي معني آهي" مغربي دنيا جو تاريخي دستاويز Record of Western World" ايم- استانسلاس جولين M.StanislasJulein ان ڪتاب جو ترجمو ڪري ان کي يورپ ۾ متعارف ڪرايو. تازو سرگواسي پروفيسر Beal (۴۸) به ان جو ترجمو ڪيو آهي. ڪتاب جي لکڻهار سنه ـ ٦٢٩ ـ ٦۴٥ دوران هندستان جو سفر ڪيو، تَنهنجو احوال قلمبند ڪيو آهي. پنهنجي سفر جي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ هو سنڌ جي ڪنهن ڀاڱي ۾ به اچي نڪتو هو. هن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دور تي چند ڇاڻ ڪرڻ وارن جو چوڻ آهي تہ هو سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي مان لنگهيو هو. پهريائين منهنجو خيال بہ اهڙوئي هو. پر جڏهن پروفيسر بيل Beal جي ترجمي وسيلي - سي - يو- ڪي جو مطالعو ڪيم تہ پنهنجا خيال بدلائڻا پيا.

سي - يو - ڪي ۾ سنڌ بابت جيڪي حوالا موجود آهن، سي سنڌ جي معلومات جي ڏس ۾ نراس ڪن ٿا . حقيقت ۾ شين سئنگ Huen Tasng جي سنڌ اها آهي، جيڪا تاريخ جي ڪنهن بہ دور ۾ موجود ئي ڪانہ آهي. هن ملڪ بابت سندس بيان ڪيل حقيقتون سندس همعصر تاريخ (تاريخ هندو سنڌ) ۾ بيان ٿيل حقيقتن سان سهمت ڪونہ آهن، جنهنجو بيان اڳتي ايندو. هي لکٽهار راڄڌاني کي سنڌوءَ جي الهندي ڪناري لکي ٿو. پرحقيقت اها آهي تہ اها سنڌوءَ جي اڀرندي ڪنار سان ئي هن نگر جا ٿرڙ ۾ سنڌوءَ جو ڏکهو سڪل پيٽ، هن سچائيءَ کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪهٽا آهن. هيءُ لکٽهار هن شهر کي پيِ - شين -پو - پوُ - لو Pi-shen - po-pu- lo سڏي ٿو. چين جا عالم هن کي وڇاوا پُر Vivhava Pur يا وَسماپور Vasma pur يا بالما پور Balmapur سڏين ٿا جڏهن تہ جنرل ڪننگهام وري چين جي اچارن کي نظر انداز ڪري آيي جانواپور (۴۹) Abhi janwa pur سمجهي ٿو. سنڌ ۾ اهي نالا اوپرا ۽ اڻ ٻُنيا آهن. ڪنهن بہ تاريخ ۾ اهڙا نالا موجود ئي ڪونہ آهن. سمجهہ ۾ ائين اچي ٿو تہ رڳو اسان کي منجهائڻ لاءِ اهو ماٺڊاڻ مچايو ويو آهي. اهو مامرو تہ رهندو.بہ منجهي پوي ٿو، جڏهن شين سئنگ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ سنڌ جي راڄڌاني ڪان ملتان فقط " نوسو، لي Liòrso" يعني هڪ سو پنجاهہ ميل پري ۽ ان ڪان اڀرندي طرف آهي. پر حقيقت ۾ اهو بہ سو پنجاهہ ميل پري ۽ سندس اتر آهي. سيني ڪان وڌيڪ سندس غلط بيان هيءُ بہ آهي تہ سنڌ جو راجا سودر (سوُ - تو - لو- Shu-to-lo) آهي. پر اسان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي مٿي بيان ڪيل تاريخ وسيلي پتو پوي ٿو ته ان زماني (٦٤١ع ڌاران) برهمڻ راجا سنڌ تي حڪمراني ڪري رهيو هو. جڏهن هو ٻڌ ڀڪشو سيلاني ، سنڌ جو سفر ڪري رهيو هو، ته هن ڳالهه جا به ڪجهه اهڃاڻ ملن ٿا، ته سندس دور ۾ سنڌ ڪيترو وسيع هئي. هو لکي ٿو ته" هتي لوڻ تمام گهڻو آهي. هڪڙو لوڻ ته شنگرف جهڙو ڳاڙهو، ڪو اڇو، ته ڪو وري ڪارو آهي ۽ ڪو وري جابلو لوڻ به آهي (سي - يو- ڪي - 272 II ) . هن بيان مان هيءَ حقيقت ظاهر ٿي پوي ٿي ته "شين سٽنگ" جي دور واري سنڌ ۾ Salt Range نمڪ سر ياڪوه جد وارا علائقا به شامل هئا. ڇاڪاڻ ته سنڌو ماٿريءَ جي هيٺين علائقي ۾ ڪٿي به لوڻ وارو جبل موجود ڪونه آهي. ڪنهن دور ۾ سنڌ جو اتريون دنگ انهن حدن تائين به وڃي پهچندو هو. جنهن زماني ۾ هي ٻڌ سيلاني هندستان جو سير سفر ڪري رهيو هو، تنهن زمانيءَ ۾ برهمڻ گهراڻي جي حڪمران ڇچ، باغين هٿان ملتان فتح ڪري پيهر سنڌ سان ملائي ڇڏيو هو. ان دور ۾ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ الور هو. هي "تاريخ هندو سنڌ" جو بيان آهي. انهن ڳالهين کي نظر ۾ رکي، يي - شين - پولو کي ديره جات واري علائقي ۾ ڳولڻ گهرجي . جيڪڏهن هڪ سو پنجاهه ميل ملتان کان اولهه طرف سفر ڪبو، ته سليمان جبل کان اولهه طرف هليو وڃبو . شين سٽنگ جيئن پين جاين تي غلطي ڪئي آهي، تيئن هتي به سندس غلطي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. دراصل کيس "اوپر" بدران ڏکڻ لکڻ کپندو هو (٥٠)

اهو سوال ته شين سٽنگ سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي جي ياترا ڪئي، سو به اسان کي منجهيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڇاڪاڻ ته جنهن ماڳ کي هو او - ٽين - پو - چي - لو O-tin-Po- Chi- lo سڏي ٿو، تنهن کي پروفيسر بيل آتينا باڪيلا Atyanabakela سڏي ٿو، پر ان جو وڌيڪ تفصيل وغيره ڪونه ٿو ڏئي. شهر جو اهڙو نالو ڪنهن به اڳي پڌو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سٽيو ڪونہ آهي. پروفيسر نراس تي ڳالهہ کي ان ڪري اڌ ۾ ڇڏي ڏنو آهي، ڇاڪاڻ جو هن، اهڙن شهرن کي سچاڻڻ جا جتن اڳي بہ ڪيا هئا. پر سوڀارو ڪونہ ٿيو هو. شين سئنگ مالوا کان ٿيندو ڪي - چا Kie- cha ملڪ پهتو، جيڪو اتان کان ٽي سو لي يا پنجاهہ ميل پري هو. پروفيسر بيل هنکي ڪڇ ملڪ سمجهي ٿو. توڙي جو کيدا Kheda کي ڪي - چا جي برابر ڄاڻي ٿو. هو اسان کي ٻڌائي ٿو تہ ”کيدا“ هڪ شهر جو نالو آهي (انگريز جيڪي ” د“ جو اچار تارون ءِ مان ڪڍي نہ سگهندا، سي هن شهر کي ڪئرا Kaira سڏيندا آهن) پر ڪي چا ملڪ جي نالي سان واسطو رکي ٿو. اُن ڪارڻ ٿورو پري ڪڇ ملڪ کي ڪي چا سمجهي ٿو. سندس اهو ئي مَخصوص نقطہ ء نظر آهي. مان پوري ويساهہ سان چئي سگهان ٿو تہ هو پنهنجي هن ويچار ۾ بلڪل غلط آهي. حقيقت اها آهي تہ کيدا، گجرات جي هڪ قديم صوبي جو نالو هوندو هو. ان علائقي جي مکيہ شهر جو نالو بہ کيدا هوندو هو. ان علائقي جي اوڀارين سرحد مالوا کان پنجاهہ ميل پري هجي تہ ڪنٿ ڪونهي ڪو ”(کيدا هاڻي انگريز سرڪار جو هڪ ضلعو آهي. سندس پکيڙ ايتري وسيع ڪا نہ آهي). مالوا جي اولاهين سرحد کان ڪڇ جو ملڪ گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن سو لي Li ٿيندو . پروفيسر بيل جو هن حقيقت ڏانهن شايد خيال ڪونہ ويو آهي . جيڪڏهن سندس خيال ان طرف وڃي ها، تہ حقيقت بيان ڪرڻ مهل ضرور هٻڪي ها. ڪيس ڏيهي ڄاڻ بہ گهٽ هئي. نہ تہ هن حقيقت کي ضرور سمجهي ها، تہ ماڳن سچاڻڻ بابت سندس بيان سچائيءَ جي ابتڙ آهن. شين سئنگ ٻڌائي ٿو تہ ”ڪي-چا ۾ ماڻهن جو انگ ججهو آهي. هو سکيا ستابا ۽ رِيان ڪيان آهن. هيءُ مالوا جو ڏن پيرو آهي. ٻنهي ملڪن جي آبهوا، ۽ پيداوار ساڳي آهي. ” مالوا لاءِ ٻڌائي ٿو تہ ،“هتان جي زمين ڏاڍي ڀلي آهي ۽ پوکون سٺيون ٿِينديون آهن. تنهن زماني ۾ ڪي - چا ۾ ماڻهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ججهو انگ آباد هوندو هو. زمينون سنيون ۽ پوکون ڀليون لهنديون هيون. هاڻي به ڪيدا واري علائقي ۾ ماڻهو جام ۽ ڀنيون سنيون آهن، تنهن ڪري فصل ڀلا ٿيندا آهن. پر ڪنهن به دور ۾ ڪڇ لاءِ اها ڳالهه چوڻ ڪلڻ جهڙي ٿيندي. حقيقت اها آهي ته شين سئنگ ان علائقي جو بيان ته ڪڇ کان ماڳهن مختلف ڪيو آهي ۽ اهي حقيقتون ته اجا سوڌو قائم آهن جيڪي اکين سان ڏسي سگهجن ٿيون. هيءَ ڳالهه پڪ سان چئي سگهجي ٿي ته سنڌ جي راڄڌاني جي نالي جيان، او - ٽين - پو- چي لو ماڳ بابت به ڪجهه ٻڌائي ڪونه ٿو سگهجي - جنهن جي معني ڪچ آهي. چوي ٿو ته"مکيه شهر کي - ٽسي - شي - فا- لو - - Khie - tsi shi - fa - lo آهي. جنهن لاءِ پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته ڪوٽشوارا Kotishwara آهي ، جنهن کي گهڻي وقت کان وٺي ڪوٽشــوا -Kot ish war ۽ ڪوٽيسر (٥١) Kote Sar سڏيو وڃي ٿو" اهو سنڌوءَ جي ڪنار ۽ سمنڊ جي ڪناري سان آباد آهي. سانگي سان هن ڳالهه جو به واڌارو ڪندو هلان ته منجهس اجا مهيشور Maheshvar جو مندر قائم آهي ۽ پاشوپتا Pashupata فرقي وارا ائين سانگيءَ ريت اتي پوڄا پاٺ ڪندا آهن. جيئن چين جي هن سيلانيءَ پڪشو جي زماني ۾ ڪندا هئا. وري چوي ٿو ته " اتي ڪوبه حڪمران وغيره ڪونه آهي. سنڌ جي راڄا جي ماتحت آهن.. زمين هيٺاهين ۽ سم سيڱ واري آهي. ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي لوڻ جا ٿهه جميل ڏسڻ ۾ پيا ايندا. چوڌس جهنگلي ٻوٽن جي اوپڙ پئي پسبي ۽ زمين گهٽو ڪري برپٽ ۽ غيرآباد آهي (سي يو ڪي II ٢٧٦). هيءَ اسان کي پڌري پٽ ڪڇ جو بيان ڏسڻ ۾ اچي ٿو . شين سئنگ ملڪ جو نالو اڻ لکو ڏنو آهي. پر اسان سمجهون ٿا ته اهو ڪڇ آهي، ڇاڪاڻ ته ان جي ڌرتي جو مٿاڇرو هيٺاهون، سم ۽ سيڪ وارو ٻڌايو وڃي ٿو. اڄرج جهڙي ڳالهه اها آهي ته پروفيسر بيل جهڙي ماڻهوءَ سڄاڻپ جي اهڙي بيان کي ڌيان ۾ ڪونه رکيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شين سئنگ اڳتي هلي ٻڌائي ٿو تہ " او ٿين - پو - شي - لو جي ملڪ کي ڇڏي، ست سو يا ڪجهہ وڌيڪ لي پنڌ تي اتر طرف پي - ٿو-شي - لو Pi-to- shi - Lo جي ملڪ ۾ پهچبو. پروفيسر بيل هن کي پٽاشيلا جو ملڪ چوي ٿو. جنرل ڪننگهام جو خيال آهي تہ اهو پٽالا آهي، جنهن کي هو حيدرآباد سمجهي ٿو. ڪوٽيسر کان حيدرآباد جو فاصلو ست سو لي يا هڪ سو سترهن ميل ٿئي ٿو. ڪوٽيسر کان مٿان جيڪو طرف ڏيکاريو وڃي ٿو، سو بہ ذري گهٽ اتر آهي. پر هتي هڪ نُڪتو ويچارڻ لائق آهي تہ اهو ماڳ جنهن کي هو، پي - ٿو - شي - لو سڏي ٿو، سو حيدرآباد کان گهٽو اوير ڏس تي اڏيل هو. هن ٻڌ ياتريءَ جي عادت رهي آهي، تہ جڏهن بہ هن ڪو وڏو درياهہ اڪريو آهي، تہ ان جو ذڪر ضرور ڪيو اٿائين. اهڙيءَ ريت جڏهن هو گنگا ۽ نربدا پار ڪري ٿو. تہ ان جو بہ بيان ڪري ٿو. جڏهن سنڌ اڪري ٿو ۽ وري ان کي موٽي پار ڪري ٿو تہ اهڙو ذڪر پنهنجي ڪتاب ۾ ضرور قلمبند ڪري ٿو. سنڌ جي حدن ۾ داخل ٿيڻ ۽ ان کي الوداع چوڻ، بہ لکڻ کان ڪونہ ٿو وساري. اها هڪ فطري ڳالهہ آهي تہ جيڪڏهن هو سنڌو اڪري پي - ٿو-شي - لو پهچي ها، تہ اهڙو بيان ڪتاب ۾ ضرور لکي ها ۽ سنڌوءَ کي پار ڪرڻ کان سواءِ حيدرآباد جي ماڳن تائين پهچي ڪونہ سگهي ها. ان کان علاوه ڪيس ڪوري ڪاري ۽ درياهہ جو مڪيہ وهڪرو پڻ پار ڪرڻو پوي ها، جنهن ۾ ڪيس ڪيترا ڪلاڪ لڳي وڃن ها (٥٢) . پر اهڙيءَ حقيقت بابت ڪو بيان ڪونہ ٿو ملي تہ هو پي - ٿو - شي - لو ڏانهن ويندي سنڌو اڪريو هو. ان ڪري انومان اهو آهي تہ مذڪوره ماڳ ائين ساڄيءَ طرف هو، جيئن او - ٿين - پو - چي - لو، هو. يعني ٻئي سنڌوءَ جي اوڀارئين طرف هئا. سوال اهو آهي تہ ان ماڳ کي ڪٿي هجڻ کپي؟ فاصلو بہ ست سو لي ٻڌايو وڃي ٿو. پر هي ٻڌ ياتري پنهنجي ٿڪل ۽ پريشان طبيعت مطابق هميشہ جيان هتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ ڇتيءَ ريت اهو ڪونہ ٿو ٻڌائي تہ هن پنهنجي سفر جي شروعات ڪٿان ڪئي؟ تنهن ڪري پي - ٽو - شي - لو (۵۳) جي ماڳن ڪي لهڻ واسطي ڪتي جاڪوڙڻ کپي، تنهن جو اندازو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. جيتريقدر شين سئنگ جي ٻڌايل فاصلي جو تعلق آهي، تہ هو اسان کي فاصلي جو ماپو ٿلهي ليکي ٻڌائي ٿو ۽ سون ۽ هزارن لي کان تہ هيٺ لهيئي ڪونہ ٿو. اهو سمجهڻ نہ گهرجي تہ هو اسان کي ڪنهن وڏي فاصلي جا انگ اکر ٻڌائڻ ٿو گهري، جنهنجو عام ماپو تي سو ڳڙ هو ۽ اهو ان وقت جي معيار مطابق هو. ان سان گڏ قديم زماني ۾ پنڌ جو ماپو هڪ ڏينهن جي طئي ڪيل فاصلي مطابق ڪٿيو ويندو هو، جيڪو چينين مطابق هڪ سو لِي يا انگريزي سورنهن ميلن جي (۵۴) برابر هو. ان نقطہ نظر مطابق اسان کي هيءَ ستن ڏينهن جو پنڌ سمجهڻ گهرجي شين سئنگ بہ پنهنجي سفر ۾ طئي ڪيل فاصلي کي انهيءَ مفهوم ۾ لکيو آهي. اهو مفهوم ٻين ٽائين پهچائڻ واسطي ڪو اڻ چٽو ڪونہ آهي جنهن کي واضح ڪري سمجهائي. ڪڏهن وري ائين بہ ٿيندو آهي جو ڪنهن سفر ۾ ڏينهن جو سراسري پنڌ وڏي ويندو آهي، بعضي ٻيٽو بہ ٿي ويندو آهي. اهڙي قسم جو سفر خاص طور تي اهڙن علائقن وچان ڪيو ويندو آهي، جتي پاڻيءَ جي اڻاٺ هوندي آهي ڪٿي ترسڻ کان سواءِ لڳاتار سفر جاري رکيو ويندو آهي. پر پوءِ بہ فاصلي ڪٿڻ وقت ويسر کان يا روايتي طور عام ڏينهن وارو سفر ڏيان ۾ آڻي لکيو ويندو آهي. خاص طور تي هن سفر ۾ بہ ائين ئي ٿيو آهي. هيءَ ٻڌ ياتري جيڏانهن بہ ويو آهي. تہ ڪنهن نہ ڪنهن ويران علائقي مان سندس گذر ٿيو آهي. پي - ٽو - شي - لو سان هڪ جهڙائي رکندڙ شهر پٽاشيلا تي ڪو نہ ٿو سگهي. چيني ٻوليءَ جو اهو اچار بيداسر Beda-sir ۽ پٽاسر Pitasir (۵۵) سان ميل کائي ٿو. سِر يا سَر جي پڇاڙين وارا نالا مارواڙ، عمرڪوٽ ۽ ڪڇ جي رڻ جي وچ تي سنڌ جي " ڊَٽ"


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ اتفاقي طور تي اسان کي عربن جي فتح سان لاڳاپيل هڪ ڪتاب، ”تاريخ هندو سنڌ“ وسيلي اهڙي معلومات ملي وڃي ٿي، ته مذڪوره دور ۾ ڪيچ سنڌ سان شامل هو. هتي اسان پڻ ياتري کي آسرو نام جو ڇنئي، ڊار ٿيون ٿا. امڪان اهو آهي ته ان دور ۾ سنڌ جو سياسي وايو منڊل ڪجهه وگوڙي هو. اڳئين گهراڻي جي سياسي سگهه پڇاڙي تي پهتي هئي. هڪ هٿو ۽ ٻوهو راجا سنڌ جي سياست جو واڳ ڌڻي ٿيو هو. اهڙيون وارتائون تاريخن ۾ به موجود آهن. سنڌوءَ جي ڪنار سان لاڳو علائقي جو پاسو ڏئي سنڌ جي اهم ۽ وڏي شهر برهمڻ آباد کان، هو پڻ ياتري سياري جي سج جيان لڙي لنگهي هليو ويو هو، (6) جيڪو درياهه جي ڪنڌيءَ سان آباد هو. اهو سمجهڻ ته هو موجوده حيدرآباد جي اوسي پاسي واري علائقي مان به گذريو هو، تنهن ڳالهه جو ڪو امڪان ڪونه آهي. هيءَ سوچ ويچار کان ئي ٻاهر ڳالهه آهي، ته هو نيرون جهڙي غير اهم ۽ معمولي قلعي کي ڏسڻ واسطي ڪوهن تان ڪهي اوڏانهن ويو هوندو، جيڪو تنهن زماني ۾ ان ماڳن وٽ هو، جتي اڳين صديءَ ۾ حيدرآباد جو قلعو جوڙايو ويو آهي. جيڪڏهن اسان پاڳي تي پيرو ڪٽي سندس پيچرن جو پتو لڳايون ۽ سنڌوءَ سان آباد ملڪن سان سندس گسن کي ووڙي ڏسون، ته هوند ان دور جي معلومات جا املهه موتي ملي پون. پر سندس اجاين ڳالهين، پنڌن پيچرن جي غلط بيانن ۽ تاڪن ٽاڻن جي غلط نالن اهڙين ڳالهين کي ناممڪن بڻائي ڇڏيو آهي .

اسان هاڻي ڪجهه پوئين دور ڏانهن اچون ٿا. هن دور ۾ ڇاڻ ڇٽي ۽ ڪجهه وستار سان ملي ٿي ۽ ان ڇاڻ جا ذريعا قديم مسلمان مورخ آهن.

تاريخ هندو سنڌ. هتان جو ڏيهي ، دلچسپ ۽ عجيب غريب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب آهي. چچ نامون نه سنڌ ۾ عربن جي شروعاتي حملن بابت ڄاڻ ڏئي ٿو، جن ستين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري هن ملڪ تي پنهنجي حملن جي شروعات ڪئي هئي. اٺين صديءَ جي شروعات ۾ هنن حملا ڪري ملتان کان وٺي سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي تائين سڄيءَ سنڌ تي سرسي ڪري ورتي هئي. تيرهين صدي عيسوي جي اڳياڙيءَ ۾ هن ڪتاب جو فارسي زبان ۾ ترجمو محمد بن علي ڪيو، جيڪو عراق جي ڪوفي شهر جو وينل هو ۽ اتان هجرت ڪري اچي اچ ۾ وينو هو. اصلي ڪتاب عربيءَ ۾ لکيل هو. هي ڪتاب سنڌ جي فتح کان جلدئي پوءِ ان ماڻهو لکيو هو، جيڪو پاڻ سنڌ خلاف هن ڊگهيءَ جنگ ۾ شريڪ هو. هن ڪتاب جو پهريون ڀاڱو انهن هندو راجائن جي احوالن تي مشتمل آهي، جيڪي مسلمانن جي حملن کان گهڻو اڳي سنڌ جا حڪمران هئا. ٻئي نموني سان ائين ڪئي چئجي ته اسلام جي شروعات کان وٺي پوئتي ويندي ڇهين صديءَ جي پوئين اڌ تائين ڪن تاريخي حقيقتن تي روشني وجهي ٿو. ڪتاب جي هن حصي بابت پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته منجهس اهي روايتون به لکيل آهن ، جيڪي هتان جي ڏيهي ماڻهن عربن کي سنڌ فتح ڪرڻ وقت ٻڌايون هيون. ان ڪري اهڙين اجاين ڳالهين به اهميت حاصل ڪري ورتي. هنن ڳالهين مان معلوم ٿئي ٿو ته عربن کي بي سود ڳالهين لکڻ جي ڄڻ ته هڪ قسم جي عادت هئي، جو ته سندن اهي سڀ ڳالهيون سچيون نه آهن: اسلام کان اڳي سنڌ ۽ عربن جي تعلقات ۽ سنڌ تي عرب جي حملي کي نهايت سادگيءَ سان بيان ڪيو ويو آهي. سندن اوٿاين ۽ فتحن کي به ساڳئي طريقي سان اجاگر ڪيو ويو آهي. فارسي ترجمي جو اسلوب اٿين آهي جيئن سر اليٽ Sir H. elliot بيان ڪيو آهي، جنهن جي پڙهڻ سان دل تي ڄڻ ڪو خاص اثر پيدا ڪونه ٿو ٿئي. ان ڪتاب جي نقل جا ٻه نسخا منهنجي نظر مان گذريا آهن . ڪن جاين تي اتارو غلط



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ جهڙي واسطي ڪري پيدا ٿي آهي. چچ نامي جي حوالن مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته ڇهين صدي عيسويءَ ۾ ڇوڙ واري علائقي جي بندر جو نالو ديبل هو. عربن هن سنڌي لفظ کي پنهنجي اچار ۾ ديول ڪري لکيو آهي، جنهنجي معني ٿيندي ڪو مندر. اسان کي پڙهايو ويجي ٿو ته مذڪوره بندر ديبل ۾ هڪ مندر هو، جنهن جي وڏي عزت ۽ احترام ڪيو ويندو هو. اهو ڪهڙن تاڪن تائن تي هو؟ تنهن جو اڄ ڏس پتو ملڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، پر ڏهين صدي ء جا عرب جاگرافيدان اسان کي پڙهائن ٿا ته اهو ڇوڙ واري علائقي جي اولهه پاسي هو. آر. ايچ. اليٽ هن بندر کي ڪراچيءَ پرسان سمجهي ٿو ۽ وڏيڪ چوي ٿو ته مندر منهوڙي (٥٩) واري ٻيٽ تي هو. سياويڪ ڳالهه اِها هوندي آهي ته هر عبادت خانو اهڙي تاڪ تي ٺاهيو ويندو آهي، جيڪو پهچڻ ۾ سولو هجي. ان ڪري پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته مذڪوره مندر ان ٻيٽ تي ڪونه ٺاهيو ويو هوندو. ڳالهه جو ٻيو ڳر اهو به آهي، ته اهو ٻيٽ مٺي پاڻي کان پورا پنج ميل پري هو. ٻي غلطي هيءَ به ڪري ٿو جو پنهنجي هن ويچار کي ٽيڪي ۽ هٿي ڏيڻ واسطي ديبل جي بندر کي به آٿي اوڏو ٻيهاري ٿو. هو لکي ٿو " البلاذري ديبل جي اپسمند جو ذڪر ڪيو آهي. " جيڪڏهن اهو صحيح آهي ته اها هڪ ڇٽي حقيقت آهي ته اهو ڪراچيءَ وارو اپسمنڊ ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته ان ويجهي ڇڪ ۾ رڳو اهو اڪيلو اپسمنڊ آهي. مان اوهان جو ڌيان هن حقيقت ڏانهن ڇڪائيندس، ته بلاذري ائين ڪونه لکيو آهي، پر سندس ترجمي ڪندڙ هڪ فرينچ مسٽر ريناند Mr Reinand اهڙي اپسمنڊ Bay جو ذڪر ڪيو آهي. بلاذري " خورالديبل" Khawrul Daybal جا لفظ ڪتب آندا آهن، جنهن کي ديبل جي ڪاري Creek يا estuary چئي سگهجي ٿو، جنهن جو مسٽر ريناند La Baie de Daybal ترجمو Bay ڪيو آهي (٦٠) بلاذري جي بيان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏو هو، جو گهيري هيٺ آيل شهر جي ماڻهن جي وڏي انگ هتي اچي پناهه ورتي هئي. مندر جي چوڌاري ٿهيل رهايش گاهن ۾ رهندڙ " سنت سو سهٽيون داسيون " ٻه فاتحن جي هٿ اچي ويون هيون. معلوم ائين ٿئي ٿو ته هن بيان کي وڌائي پيش ڪيو ويو آهي ، پر هن حقيقت مان هڪ ڳالهه چٽي ضرور ٿئي ٿي ته مندر جي جڳهه گهٽي ويڪري هئي ۽ سندس پرگهور ٻه جڳيءَ ريت (٦١) ڪئي ٿي وئي . اسان کي اهو به پڌايو وڃي ٿو ته عراق کان هدايتن ملڻ کان پوءِ هن شهر کي عرب فوج جي حوالي ڪيو ويو ،جن سنڌين جو ڏاڍيءَ بي دردي‌ءَ سان قتلام ڪيو. اهو انساني ڪوس پورا ٽي ڏينهن هليو. هن حقيقت مان اها ثابتي ملي ٿي ته هتي ماڻهن جي آبادي ججهي هئي. بلاذري جو بيان آهي ته، ”جڏهن محمد هي شهر فتح ڪيو ته انتظام سيالڻ لاءِ هتي چار هزار فوجي رهايائين. پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته هيڏو وڏو ۽ مکيه شهر سمنڊ کان پري آباد هوندو، انهي ڊپ کان ته متان سامونڊي طوفان ان کي ٻوڙي ناس ڪري ڇڏي ۽ سنڌ سان ڏيساور جي واپار جي سهوليت واسطي درياهه جي ڪنار سان هوندو. چاڪاڻ ته ڏيهي تيار مال کي بندر تائين پهچائڻ ۽ ٻاهران آيل مال کي ملڪ جي منڊين تائين رسائڻ لاءِ، ان بندر جو درياهه جي ڪنهن وهڪري ڀرسان هجڻ ضروري هو. ڇوڙ واري علائقي ۾ سنڌوءَ جي ڦاٽن جو هڪ چار پڪڙيل هو. منهنجو ويچار آهي ته ديبل گهڻو ڪري سنڌوءَ جي ٻگهياڙ نالي ڦاٽ جي ساڄي ڪناري تي هو. هن ماڳ وٽ ايندڙ ۽ ملڪ ڏانهن ويندڙ مال کي ڪتان ٻه پار ٽپائڻ جي گهڻو ڪري ضرورت ڪانه پوندي هئي . يا جيڪڏهن پوندي هوندي ته وڏ ۾ وڏ هڪ ڦاٽ اڪرڻو پوندو هوندو. ڇوڙ واري علائقي ۾ ٻگهياڙ جي الهندي ڪناري ڦٽن شهرن مان هڪ اهڙو ماڳ آهي، جيڪو قديم ماڳ ديبل ٿي سگهي ٿو. مذڪوره ٿاڪ ٺٽي نگر کان ڏکڻ -اولهه طرف ويهارو ميل ڪن پري آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڏسو نقشو iii)، ٽرڙ (کنڊر) لاءِ يقين سان چوڻ ته اهو ديبل آهي، تنهن لاءِ ڪا تاريخي ثابتي موجود ڪانه آهي. پر اهڙيون ڏيهي روايتون ضرور موجود آهن، ته اهي قديم ماڳ اهڙي شهر سان واسطو رکن ٿا، جيڪو ڪڏهن پنهنجي اوج تي هو، منجهس واپاري ۽ وقت جي حڪومت جا اعليٰ عملدار رهندا هئا. سندس موجوده نالو ڪڪر بکيرا Kakar Bukera آهي.هيءُ (ڪڪر بکيرا) نالو ڪنهن قبيلي پٺيان پيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هتان جا رهاڪو وري هن ٿاڪ کي ديهه Deh جي نالي سان به سڏيندا آهن . چاڪاڻ ته هيءُ ماڳ ڪڪر بکيرا ديهه ۾ موجود آهي. چچ نامي ۾ اهو ذڪر ملي ٿو ته هڪ سردار کي ديبل يا ديول جو گورنر مقرر ڪيو ويو هو. سندس ذاتي خرچ پکي جي پورائي واسطي ديهه بکري Bakri به هنجي حوالي ڪئي وئي هئي (پ-٧). هيءُ لفظ بکيرا جي بگڙيل صورت ٿو ڀانئجي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته اُتاري ڪرڻ وارن اُتاري مهل سندس اصل شڪل بگاڙي ڇڏي آهي. پنهي لفظن کي جيڪڏهن فارسي ٻولي ۾ لکيو وڃي، جهڙيءَ ريت "بکري ۽ بکيرا"ته انهن جي لکڻ ۾ فرق ٿورو معلوم ٿيندو ۽ اها هڪ فطري ڳالهه آهي ته ان زماني ۾گورنر جي خرچ لاءِ جيڪا ايراضي ڏني ٿي ويندي، سا گورنري واري صدرمقام جي ويجهو هوندي. منهنجو هيءُ ويچار ڪو ڪچو ڦڪو ڪونه ٿو لڳي. چاڪاڻ ته بکيرا ديول جي ويجهي وستي آهي ۽ پرسان جيڪو ٽرڙ آهي، سو ديبل (٦٢) آهي. هن قديم بندر جي سڃاڻ واسطي هتان هُتان ميڙي چونڊي جيڪي ثابتيون گڏ ڪيون اٿم، سي به منهنجي هن ويچار سان سهمت آهن. ابن خردازبه جو بيان (اليٽ -I- ١٥) آهي ته ديبل کان مهراڻ (سنڌو) جو ڇوڙ ، ٻن فرسنگن تي آهي " ٻئي پاسي وري مسعودي (اليٽ -I- ٢٤) جو بيان آهي ته " ديبل شهر ۽ مهراڻ جي ڇوڙ جي وچ تي ٻن ڏينهن جي پنڌ جيترو فاصلو ٿيندو. " پنهي ۾ موجود تضاد هن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريت سمجهائي سگهجي ٿو ته پهرئين لکڻهار جو فرسنگن مان مطلب "ڏينهن" ڏيکارڻ هو. چاڪاڻ ته جيڪو مٿي بيان ڪيو ويو آهي، تنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته ديبل سموند کان ست يا اٺ ميل پري هوندو، جيڪو ٿورو آهي ۽ بندر سمنڊ کان ايتري ٿوري پنڌ تي موجود نه هجڻ گهرجي. مسعودي پاڻ سنڌ ۾ آيو هو. ان ڪري هن ڏس ۾ وڌيڪ اعتبار جوڳو ذريعو آهي. هو پاڻ ٻن ڏينهن جو سفر لکي ٿو، جنهن مان اسانکي سمجهڻ کپي ته اهو درياهه وسيلي ٻن ڏينهن جي سفر جيترو پري هو. مان سمجهان ٿو ته اهو فاصلو ٿلهي ليکي چاليهه ميل هوندو. هن جُوءِ مان ڪوبه ماڻهو پنڌ هلي ڪونه سگهندو هو. چاڪاڻ ته واٽ تي ڪيترا پيرا درياهي ڦاٽ ۽ ساموندي ڪاريون اڪرٽيون پونديون هيون. اهو پنڌ ٻُڪيرا پرسان ٽَرڙ لاءِ ٺهڪي اچي ٿو. چاڪاڻ ته اهو ماڳ بگهياڙ چاڙهه (٦٣) وسيلي سمنڊ کان پنجتيهن کان چاليهه ميل ٿيندو. ٻي ڳالهه ته چچ نامي ۾ ديبل ۽ نيرون جا پراڻا پڊ ان جاءِ تي هئا، جتي هاڻي حيدرآباد موجود آهي. ان ٽاڪ جا ٽرڙ قبرستانن جي چوڌاري ١٧٦٣ع تائين به موجود هئا. غلام شاهه ڪلهوڙي انهن کي صاف ڪرائي، اتي پنهنجي حڪمراني جي راڄڌانيءَ جو نئون قلعو آڏايو. اهو پوري يقين سان ڪونه ٿو چئي ته فرسنگ ۾ ڪيترا ميل فاصلو هوندو هو. سر ايچ اليٽ هن فاصلي کي گهٽ ۾ گهٽ اڍائي ۽ وڌ ۾ وڌ ٽن ميلن جيترو سمجهي ٿو. پر هن (جلد - ١ ضميمو I- ص ٤٠٠ جو حاشيه) جن ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن، تن مطابق فرسنگ جو گهٽ ۾ گهٽ فاصلو ٽي ميل سمجهڻ گهرجي، جيڪو وڌيڪ مناسب آهي. ڏنو وڃي ته مختلف دورن ۾ علائقي جي مختلف جاگرافيائي صورت حال مطابق اتان جي ماڻهن فرسنگ جي ماپ کي پئي بدلايو سدلايو آهي. جابلو علائقي ۾ فرسنگ جو ماپو ننڍو ۽ ميداني علائقي ۾ فرسنگ جو ماپو وڏو هوندو آهي. ايران ۾ فرسنگ چئن ميلن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هينري اليٽ کي به صحيح پتو ڪونہ آهي. چاڪاڻ تہ ڪراچي کان نيرون وارا ماڳ سڌي پنڌ سان بہ هڪ سو ڏهہ ميل پري آهن. هيڏانهن وري پنجويهہ فرسنگ پنڌ پنجهتر ميل جي برابر آهي. جيڪڏهن ڪيس هن حقيقت جي پوري ڄاڻ هجي ها، تہ هن جيڪا دعوي ڪئي آهي، تہ ڪراچي ديبل بندر آهي، تنهن تان هڪدم هٿ ڪڍي وجي ها. جيتريقدر لاهري بندر جو تعلق آهي، تہ ان لاءِ فقط ايترو چئي سگهجي ٿو تہ اهو اهڙي ماڳ تي اڏيل آهي، جو ان تائين رسڻ لاءِ الائي ڪيترين ساموندي ڪارين کي پار ڪرڻو پوي ٿو. ملڪ جي اندرين حصن مان هن بندر تائين مال پهچائڻ ايڏو سولو معلوم ڪونہ ٿو ٿئي. هن بندر جي تعمير ملڪ کان جدا هڪ ٻيٽ تي آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ ديبل جهڙو بندر جنهن جاءِ تي هجڻ گهرجي، هيءَ جاءِ ان بندر جوڳي ڪانہ آهي. هو درياهہ جي ڪناري سان ۽ سمنڊ کان سورنهن ميل مٿي آهي. مسعودي جي بيان مطابق اهو سمنڊ کان ان بيان ڪيل فاصلي کان گهٽ ۾ گهٽ ٻيڻو پري هو. پر جيڪڏهن اسان فرض ڪري بہ وٺون تہ ديبل لاهري بندر آهي، تہ پوءِ ديبل جو اهم ۽ مشهورمعروف نالو هڪ ننڍ جهڙي لاهري بندر ۾ آخر ڪيئن بدلجي ويو! ٿني لاءِ تہ ڪو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿو ٿئي تہ اهو ديبل آهي. اڄرج جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ سمنڊ کان سندس فاصلي کي هميشہ نظر انداز ڪيوويو آهي. ٻي ڳالهہ تہ سنڌوءَ مان ڪِلي ٻيڙيون هاڪاري ڪونہ سگهنديون آهن ۽ اهڙا ٻيڙا فقط سمنڊ ۾ سفر ڪري سگهندا آهن. هيءَ حقيقت بہ مشهور آهي تہ ديبل ساموندي بندر هو ۽ اتي سمنڊ ۾ سفر ڪرڻ وارا ٻيڙا اچي بيهندا هئا. سمنڊ کان ٺٽو، ديبل ۽ سمنڊ جي وچ واري فاصلي کان گهٽ ۾ گهٽ ٻيڻو پري آهي، تنهن ڪري ٺٽي کي ديبل سمجهڻ صحيح ڪونہ ٿيندو.

ان کان سواءِ ديبل هڪ واپاري بندر هو. ان جي پرسان (٦٥)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نگامرا Nagamara قبيلي سان لاڳاپيل سامونڊي ڌاڙيلن جون وستيون بہ آباد هيون. انهن سامونڊي ڌاڙيلن خليفي جي رعيت کي ڦريو لٽيو ۽ باندي بڻائي پاڻ سان وٺي آيا (ب–٨). جڏهن راجا ڏاهر کي انصاف ڪرڻ ۽ باندي بڻايل ماڻهن کي واپس ڪرڻ لاءِ لکيو ويو تہ هن انڪار ڪيو. اهوئي سبب هو جو عربن سنڌ تي هلان ڪئي. (ب -٩)پر حقيقت سان وڌيڪ ٺهڪندڙ ڳالهہ هيءَ آهي تہ عربن کي سنڌ تي حملو اڳئي ڪرڻو هو، پر هن واقعي ڪري هن مقرر وقت کان پهريائين حملو ڪري وڌو هو. ڌاڙيلن واري ماٺري کان گهڻو عرصو اڳي، مڪران جي اوڀارينءَ سرحد تي مقرر ڪيل عرب فوجي سپهہ سالار سنڌ جي اڳرائي ڪرڻ کان سواءِ سنڌ جي ڏنگ سان ڪوئنس ڪندا پئي آيا. حقيقت اها آهي تہ مسلمانن جي خليفي کي سنڌ خلاف شڪايت کان راجا ڏاهر کي عربن جي خلاف وڌيڪ شڪايتون هيون..ڇاڪاڻ تہ عربن ڪيڪانان (موجوده گنداوا) کان وٺي سيوهڻ تائين سنڌ جي ڏنگ سان رڻ ٻاري ڏنو هو ۽ اهي واقعا سنڌي ڌاڙيلن جي عربن تي حملي ڪرڻ جو سبب هئا. سنڌ تي حملي ڪرڻ جو اصلي ڪارڻ اهو هو تہ سنڌوءَ جي ماٿري وارو بي انتها سڪيو ستابو علائقو هو. سنڌ جي دولت سڄن عربن کي موهي وڌو هو. عربن جي طاقت ان وقت اڻ ڇهل هئي. حملي جو اهو واقعو ڏاڍو مهلائتو هو. ڌاڙيلن جي انتقام وٺڻ لاءِ عربن جا پهريان حملا ناڪام ويا هئا. هر حملي ۾ عربن پنهنجو سپهہ سالار تي ڪهرايو. عربن کي ڪافرن هٿان جيڪي شڪستون نصيب ٿيون هيون، تن کان ڏاڍا شرمسار هئا ۽ بديل جي قتل جو بہ کين ڏاڍو ڏک هو. هي سنڌ خلاف ٻي فوجي مهم جو سپهہ سالار هو، جنهنجي موت حجاج جي دل کي ڏوٽي رکيو هو. ان زماني ۾ حجاج بن يوسف خلافت جي اوڀارين علائقن جو امير هو. گهڻي وقت کان پوءِ هن وڏي فوج بڻائي سنڌ جي فتح لاءِ رواني ڪئي. لشڪر جي سپهہ سالار کي سخت حڪم


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو هئائين ته ديبل جو وانگي به جٿرو نه ڇڏيو وڃي. سندس حڪم جي سختيءَ سان پوئواري ڪئي وئي. ديبل جي ماڻهن جو پورا ٽي ڏينهن قتل عام ٿيندو رهيو. مندر کي ڍاهي پٽ ڪيو ويو. هن مندر جي نالي پٺيان بندر کي ديبل سڏيو ويندو هو. ساروشهر قري لٽي ناس ڪيو ويو. ان واقعي کانپوءِ ديول هڪ کنڊر سمان وڃي رهيو هو. ايڏي وڏي تباهي کان پوءِ به وري هو پاڻ سنڀالي ويو ۽ ڪجهه نه ڪجهه اوج ماڻي ورتائين. انومان آهي ته عربن ۷۱۰ع ۾ ديبل فتح ڪيو. (چاڪاڻ ته صحيح سال جو ڪنهن کي به پتو ڪونه آهي) ٻارهين صديءَ عيسويءَ جي پوئين چوٿائيءَ ۾ يعني عرب حملي کان اٽڪل پنج سو سال پوءِ جلال الدين خوارزم شاه سنڌ تي حملو ڪيو هو ۽ سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي مان گذرندي ديبل کي فتح ڪري گهڻي دولت هٿ ڪئي هئائين (٦٦). اها گهڻي دولت ڪيس ديول جي ڦرلٽ مان هٿ آئي هوندي . ڇاڪاڻ ته ڇوڙ واري علائقي ۾ ديبل جي ڀرپاسي ڪيترا ڀريا ترڀا وڏا ۽ ننڍا ڳوٺ آباد هئا ، جن جي خوشحالي ۽ دولت هن حملي آور کي ڦرلٽ لاءِ ضرور لالچايو هوندو. سن ۱۲۲۳ع ۾ چنگيز خان هن ساڳي بادشاه جي پٺيان پيو، جنهن ڊوڙي اچي هن ڇوڙ واري علائقي ۾ سر بچاءُ ڪيو هو. (٦٧) ديبل سان لاڳاپيل تاريخ جو هي آخري احوال آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته مذڪوره ماڳ تيرهين صديءَ جي پهرين چوٿائي تائين به موجود هو. (٦٨) هڪ صدي يا ڪجهه وڌيڪ پوءِ جڏهن ابن بطوطه کي ۱۳۳۳ع يا ۱۳۳۴ع ۾ سنڌوءَجي ڇوڙ واري علائقي ۾ ڏسون ٿا، ته ان وقت ديبل موجود ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي يا سندس سفر نامي ۾ ديبل جو ذڪر نظر ڪونه ايندو. پر ان جي جاءِ تي لاهري نالي هڪ بندر ابري آيو هو، جيڪو بگهياڙ ٺاٺ سان ويهه ميل هيٺ هو. امڪان هن ڳالهه جو آهي، ته بگهياڙ ٺاٺ ۾ واري ڀرجي وڃڻ ڪري سامونڊي ٻيڙا اوستائين پهچي نه سگهندا هوندا، تنهن ڪري ڦٽي اجاڙ ٿي ويو (٦٩).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڇ ملڪ جو ڊنگ ڏئي، ڪوري ڪاري رستي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي، ته پوءِ عربن نيرون ڪوٽ تي گهيري ڪرڻ وارو گهربل سامان انهيءَ ڇاڙهه سان ٻيڙين وسيلي ايڏو وڏو وڪڙ ڪري ڇو موڪليو هو؟ جڏهن ته ملڪ دشمن هو ۽ رستو به اڻ ڏٺل هو. جيڪڏهن دشمن ان کي ناس ڪرڻ جا جتن ڪري ها ته اسلامي لشڪر ان کي بچائي به ڪونه سگهي ها. ڪنهن ڪرامت سان دشمن نه ان کي پڪڙي سگهيو ۽ نه وري ان کي تباهه ڪري سگهيو. اهو رستو نيرون ڪوٽ کان گهٽو پري ۽ اعتبار جوڳو ئي ڪونه آهي ته ڪو ائين ٿيو هوندو ۽ نه وري ان جو ائين هئڻ سمجهائي ۽ سمجهي سگهجي ٿو. اها ڳالهه به سمجهڻ ۽ وسهڻ جوڳي ڪانه آهي، ته ڇوڙ جو ڪو پيو ڦاٽ جهازرانيءَ لائق ڪونه هو. هن منجهيل مامري جو نبيرو هن ريت به ٿي سگهي ٿو ته ان دور ۾ " سنڌ ساگرا" نالي سان سنڌ ۾ ٻه وهڪرا موجود هئا. هن ويچار واسطي ڪي پيا به سبب آهن، جن جي آڌار تي ائين سوچي سگهجي ٿو ۽ ڪنهن انومان ڪرڻ کان وڌيڪ پورو يقين ٿئي ٿو. ائرين Arrian اسان کي ٻڌائي ٿو ته سڪندر واري دور ۾ ڇوڙ واري مڪيه علائقي ۾ سنڌوءَ جون ٻه وڏيون ڇاڙهون سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪنديون هيون ۽ ٻنهي کي " سنڌو" سڏيو ويندو هو. جيڪڏهن اهو سچ آهي ته ٻنهي جو نالو سنڌو هوندو. البيروني جي ڪتاب ۾ هن درياهه جو سنسڪرت ٻوليءَ وارو نالو به محفوظ آهي، جيڪو " سنڌ ساگر" آهي ۽ انهيءَ نالي سان سنڌوءَ جي ٻنهي ڇاڙهن کي سڏي سگهجي ٿو. اها ڳالهه به جڻ ممڪن ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي ته "سنڌو ساگر" درياهه جي ايرنديءَ ڇاڙه جو نالو هو. ڇاڪاڻ ته اها الهنديءَ ڇاڙهه کان گهٽو وڏي هئي. پر حقيقت اها آهي ته "سنڌو ساگر" نالي سڏائڻ جو الهنديءَ ڇاڙهه کي وڌيڪ حق هو. اسان مٿي ڏسي آيا آهيون ته انهي حقيقت کي ٽيڪي ڏيڻ لاءِ اسان وٽ سگهاريون شاهديون موجود آهن.

فوج جي تحفظ لاءِ منجنيقون ڪٽي وڃڻ واسطي هن وهڪري ڪان وڌيڪ بهتر عربن لاءِ پيو پاڻيءَ جو رستو ڪونہ هو. جيڪڏهن هن حقيقت کي قبول ڪيو وڃي تہ ديول بگهياڙ جي ڪنار سان وسندڙ هو، تہ پوءِ هن حقيقت کان بہ لنوائي ڪونہ ٿو سگهجي تہ گهارو بہ تہ سنڌ ساگر جي پيچڙي (٧٣) آهي.

هن نڪتي کي ثابت ڪرڻ واسطي اجا هڪ دلچسپ سوال کي نبيرڻو پوندو تہ سنڌ تي عربن جي حملي دوران سنڌو ساگر پنهنجي پوري شڪل ۾ وهي رهيو هو. يا اهو دائمي وهڪرو هو، يا فقط چاڙهہ جي رُت ۾ وهڻ لڳندو هو. يا پهرئين باب جي بيان جيان سندس وهڪري جو سلسلو ٽٽي ڪجهہ ڏکڻ ڏس تي آهلجي پيو هو. هتي اهڙيون ڪي پڪيون شاهديون موجود ڪونہ آهن، جن مان اسان کي ڪو دڳ ملي وڃي. ان دور ۾ هن وهڪري کي ڪو لڳاتار سلسلو ڪونہ رهيو هو، تنهن خيال جي ڪتابن بہ پٺڀرائي ۽ ٽيڪو ڪونہ ٿو ملي. ڪٿي بہ اهڙو بيان ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو. هن وهڪري ۾ پاڻي ٿورو يا ماڳهن ڪونہ هو. تاريخن ۾ اهڙا بيان ڪونہ ملندا، تہ سنڌ دشمن فوج چوڙ واري علائقي جي کهڙي ڦاٽ مان لنگهي ديول تائين پهتي هئي. اسان ڏسون ٿا تہ عرب لشڪر جي ڪنهن وهڪري ٽپڻ جي سلسلي ۾ هيءُ ڪتاب ماٺ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پر جتان هو ڪو وهڪرو پار ڪن ٿا، تہ ڪير بہ ڪين سامهون روڪڻ ٽوڪڻ وارو ڪونہ آهي . مورخن واسطي عرب لشڪر جي پيش قدميءَ جو شروعاتي نُڪتو ديول آهي. پر "ارمائيل" جي سوبي جو ذڪر تمام گهٽ ڏسڻ ۾ ايندو ، جيڪو لس بيلي ۾ هو. سندن دلچسپي هن ڳالهہ ۾ بہ ڪانہ آهي، تہ عرب لشڪر جي اها ڊگهي پيش قدمي شيراز جي وڏي شهر ڪان شروع ٿي سنڌوءَ جي چوڙ وٽ ٻئي وڏي شهر وٽ ختم ٿي. جيڪڏهن سنڌوءَ جي سنڌ ساگر چاڙهہ ان وقت تائين وهندي هجي ها، ۽ اڪرڻ جوڳي نہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي ها، تہ سنڌي اڳواٽ ئي اتان پيڙيون ڪيڙائي ڪنهن ڏاهپ جو ثبوت ڏين ها، يا پار اُڪرڻ وقت عربن جي سامهون ضرور ٿين ها. ان جو لازمي نتيجو اهو ٿئي ها جو، عربن جيڪو سنڌين سان پهريون مهاڏو اٽڪايو، تنهن ۾ ضرور دير ٿئي ها. ۽ ڪتابن ۾ بہ ان جو ذڪر موجود هجي ها. ديبل جهڙي وڏي ۽ اهم شهر جو سنڌو ساگر جي ڪناري ڪنار سان موجود هجڻ دل کي ڪونہ ٿو آنڙي، ڇاڪاڻ تہ ان ڇاڙهہ جي وهڻ ڪري ڌرتي ڪان ڪنجي الڳ ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن هن ديبل جي اڏجڻ مهل اهو وهڪرو وهندڙ ۽ جهازرانيءَ لائق هو، تہ هيءُ سمجهڻ ڪجهہ مشڪل لڳي ٿو تہ پوءِ هن جي ڪنڌيءَ کي ڇڏي بگهياڙ کي آخر ڪهڙي سبب ترجيح ڏني وئي، جڏهن تہ سنڌ ساگر تي هجي ها تہ سگهارين جاين ٺاهڻ لاءِ پٿر بہ ويجهو ملي ها، پر ان بدران بگهياڙ تي هجڻ ڪري پارهن ميلن تان پٿر آڻيو پيو ٿي. انهن سيني ڳالهين هوندي بہ حقيقت اسان جي ويچار خلاف وڃي ٿي تہ اٺينءَ صدي عيسويءَ ۾ سنڌو ساگر واري ڇاڙهہ وهندي هئي. جيڪڏهن اها حقيقت ائين نہ آهي، تہ پوءِ چچ نامي ۾ ڪتب آندل نالو موجوده وهڪري " ڪلري" ڏانهن منسوب ڪيو ويو ٿو ڀانئجي. سنڌوءَ جو اهو ڦاٽ ٺٽي کان اتر ان ٽاڪ وٽان ڇڄندو هو، جتان درياهہ ڪجهہ ويڪرو ٿي وڃي ٿو . ان ماڳ جي ڏکهائي ڦاٽ پنجويهن ڏگرين جي متوازي ۽ ويڪرائي ڦاڪ اها پراڻي آهي جيڪا سڪندر جي دور ۾ هئي. پاڻيءَ جو اهو وهڪرو جنهن لاءِ لکيل آهي تہ پيڙيون آٽي سنڌو ساگرا ۾ وڌيون"، سو ٿي سگهي ٿو تہ خان واهہ Khanwah هجي (8) شايد اهو سنڌو ساگر جو پوين وهڪرو هو، جيڪو الهندي کان منهن متائي ڏکڻ ڏانهن وهڻ لڳو هو. اهو بگهياڙ سان ان ٽاڪ وٽ ملندو هو، جنهن کي مان ديبل جا پراڻا پڊ سڏي رهيو آهيان.

اها حقيقت هاڻي ظاهر ٿي چڪي آهي، تہ سنڌوءَ جي اولاهين ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوڀارين يعني ٻئي چاڙهون سنڌو ساگر نالي سان سڏيون وينديون هيون. نيرون تي گهيري ڪرڻ وارو سامان به سنڌو ساگر وسيلي موڪليو ويو، سو به هاڻي اسان کي سمجهه ۾ اچي ويو آهي. عربن جن ٻيڙين تي منجنيقون رکرايون هيون، تن تي مشتمل سچو آرماڙ الهندي طرف واري سنڌو ساگر وسيلي مٿي ويو هو. ان سان گڏ مسلمان فوج به ساڄي ڪناري سان سفر ڪري رهي (۷۴) هئي ۽ ٻيڙن تي رکيل سامان جي حفاظت به ڪري رهي هئي. هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي ته ان دور ۾ سنڌوءَ جو وهڪرو صدين تائين موجوده وهڪري کان گهڻو اوڀر طرف هو. جڏهن هو سنڌو ساگر وٽ پهتا ته درياه جو رخ سر اوڀر طرف ٿي ويو ۽ ان کان پوءِ اتر طرف هلڻ لڳا ۽ آخر نيرون جي طرف هڪ جاءِ وٽ اچي پهتا هئا. ٻيڙن مان قلعي جي گهيري سان لاڳاپيل سامان لاٿو ويو ۽ فوج قلعي ڏانهن اڳتي وڌڻ لڳي . ديبل کان نيرون تائين فوج جيڪو ورن وڪڙن وارو پنڌ ڪيو، تنهن جو ڪل جوڙ هڪ سو ميل بيهي ٿو، چچ نامي جي بيان مطابق اهو پنجويهه فرسخ آهي، اها هڪ ڪافي ثابتي آهي ته ديول جو ماڳ، منهنجي سڄاتل ٺاڪ ۽ ترڙ کان ٿورو پنڌ اولهه ڏس تي بيهندو، پر اهو لاهري بندر پرسان ڪونه ٿو بيهي، جهڙيءَ ريت جنرل ڪننگهام جو ويچار آهي. هن ماڳ کان نيرون ڪوٽ ۾ گهٽ هڪ سو ويهه ميل پري ٿيندو.

(9) نيرون ڪوٽ ان ماڳ تي موجود هوندو هو، جتي هاڻي حيدرآباد جو قلعو اڏيل آهي، جنهنجو بيان مان اڳي به ڪري آيو آهيان. چچ نامي جو بيان آهي ته ” هتي ڳاهن سان سائي جوءِ آهي، جنهن کي بلهار سڏن ٿا ۽ علائقي جو نالو باروئي Barui آهي ، مهراڻ جو پاڻي اڃا ڪونه پهتو آهي. لشڪر کي اڃ ڪري ڏاڍي تڪليف آئي. جيتريقدر منهنجي ڄاڻ جو تعلق آهي ته بلهار ۽ باروئي واري ايراضي ته


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود ڏسڻ ۾ ئي ڪانہ ٿي اچي ۽ هاڻي جيڪي علائقا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، تن ۾ سجاڻي بہ ڪانہ ٿي سگهجي. مهراڻ جي پاڻيءَ جو حوالو اسان کي فقط تڏهين سمجهہ ۾ اچي سگهندو، جڏهن اسان سوچيون تہ چاڙهہ جي رُت ۾مهراڻ منجهان واهہ کوٽي نيرون واريءَ جُوءِ ۾ پاڻي آندو ويندو هوندو. اهو وقت مَئي مهيني کان سيپٽمبر تائين ٿي سگهي ٿو. باقي سال جي بيءَ موسم ۾ اهي واهہ سڪل رهندا هئا. جيڪڏهن سنڌو پنهنجي پيٽ ۾ وهندو هوندو، تہ اهو گهٽ ۾ گهٽ سورهن ميل پري هوندو . ٿي سگهي ٿو تہ ان وقت هن کان بہ گهڻو پري اوڀر طرف هجي. نيرون تنهن زماني ۾ ڪو مکيہ ماڳ ڪونہ هوندو هو ۽ سندس قلعو بہ ايڏو مضبوط ڪونہ هو. پهريون تہ هن قلعي جا دروازا عربن لاءِ ڪونہ کوليا ويا هئا. پر پوءِ بنا ڪنهن مقابلي جي هٿ آڻ ميڇي. هيءَ ماڳ ديبل کان منصوره يا برهمڻ آباد ۽ اروڙ ڏانهن ويندڙ وڏي رستي تي هڪ مکيہ ٿاڪ هوندو هو. ادريسيءَ پنهنجي جاگرافي ٻارهينءَ عيسوي صديءَ ۾ لکي پوري ڪئي، سو لکي ٿو،"نيرون، ديبل ۽ منصوره جي وچ تي آهي. ماڻهو هن ماڳ ڏانهن وڃڻ لاءِ درياهُ اڪرندا آهن ( اليٽ -I- ٧٨ ) - اليٽ جي تاريخ ۾ اهڙي راءِ جو اظهار ڪيو ويو، جنهن کي هن صاحب سمجهائڻ جي بہ ڪوشش ڪانہ ڪئي آهي، جنهن مان پڙهندڙ اهو محسوس ڪري ونندو، تہ سنڌو نيرون جي بلڪل ڀرسان وهندو هو. ائين سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ ادريسي ابن حوقل جو اُتارو ڪيو آهي، ۽ نالن ڏيڻ مهل ڪانئس غلطيون ٿي ويون آهن. ڀراهو صحيح ڀڏائي ٿو تہ منجباري مهراڻ جي الهندي ڪناري سان آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ديبل کان منصوره ويندو تہ کيس درياهہ اڪرڻو پوندو. چاڪاڻ تہ منصوره منجباريءَ کان ڀڻي طرف آهي ( اليٽ -I. ٣٧ ). اهڙي ريت ادريسيءَ جو ٻيو بيان بہ منجهيل آهي ۽ اليٽ جي ايڊيٽر ان تي ڪابہ ٽيڪا ٽپڻي ڪانہ ڪئي آهي. هو منصوره کان هيٺ سنڌوءَ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي وهڪري جي رخ بابت لکندي چوي ٿو، ” مهراڻ هيٺ وهندو نيرون ڏانهن وڃي ٿو ( اليٽ I- ص ٧٨)، پر ڏنو وڃي ته ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاران ئي هن درياه اهو رُخ اختيار ڪيو آهي ۽ نيرون کان پندرهن يا سورهن ميل ويجهو وهڻ لڳو. قليليءَ واري ڦاٽ بابت چاڙهه جي رت وارو هيءُ بيان جنرل ڪننگهام جي بيان کان مختلف ڪونه آهي (اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا ص - ٢٧٩ ) - چاڪاڻ ته ان ڦاٽ جو منهن حيدرآباد کان ٻارهن ميل اتر طرف سنڌوءَ مان هوندو هو. سنڌوءَ درياهه هيءُ رخ ڳذريل صديءَ ۾ اختيار ڪيو هو، جنهنجو احوال مٿي ڏنو ويو آهي. جنرل ڪننگهام هيءُ به ذڪر ڪري ٿو ته نيرون جي پر پاسي ۾ هڪ ڍنڍ هوندي هئي، جنهن ۾ پاڻي بينو هوندو هو. محمد بن قاسم جا پيڙا اچي اتي بيٺا هئا. (اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا- ٢٨٠) چچ نامي ۾ اهڙو ڪوبہ حوالو موجود ڪونہ آهي، تہ نيرون قلعي پرسان ڪا وڏي ڍنڍ موجود هئي. پر جيڪڏهن اتي ڍنڍ موجود هئي تہ پوءِ اهو سچو قصو، ” سارو لشڪر پاڻي نہ هجڻ ڪري اچ جي سخت تڪليف ۾ ڇو هو؟ پوءِ اوهيڙي جي اهڙي اوک ٿي جو ڍنڍون ڍورا تليون ترايون پاڻيءَ سان ڀرجي تارٿي ويون.“هيءُ سچي من گهڙت ڪهاڻي آهي .


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش قدميءَ جي نقطہ نگاھ کان هن کي پاڻ سان کڻڻ ايڏو ضروري ڪونہ هو. پر جيئن تہ عرب سپهہ سالار کي نيرون کان سيوهڻ سڌو رستو اختيار ڪرڻو هو، تنهن ڪري نيرون جي گورنر کي پاڻ سان کڻڻ ضروري سمجهيو ويو هو. نيرون کان سوِستان تائين اهو سڌو رستو هڪ سو ڏهہ ميل هو ۽ موج وارو ماڳ سيوستان کان ڪجهہ ويجهو هو. ٽيهن فرسخن مان اسان ائين سمجهي رهيا آهيون تہ عرب لشڪر وچ تي ست يا اٺ منزلون ڪيون هونديون. هيءَ ڏکيو پنڌ ڪنهن خاص حڪمت عملي سبب اختيار ڪيو ويو هو. سنڌ جي وڏيڪ ويڙهاڪ فوج ان وقت برهمڻ آباد ۾ گڏ هئي. يعني ان ٽڪنڊي جي چوٽيءَ ۾ جنهن جو هيٺيون پاسو نيرون کان سيوستان تائين هو. جيڪڏهن عرب سپهہ سالار درياھ وارو رستو اختيار ڪري ها، تہ سندس پيش قدمي ڪندڙ فوج جو ساڄو طرف ۽ پٺيون پاسو سنڌين جي حملن کان آجا ڪونہ رهن ها. ڇاڪاڻ تہ ان وقت تائين راءِ ڏاهر جو ساري سنڌ تي پورو ضابطو هو ۽ جتان بہ چاهن ها تہ درياہ پار ڪري عرب فوج مٿان جلهون ڪن ها. هوڏانهن عرب فوج لاءِ سندن عرب حڪومت هيٺ رهندڙ علائقا هن علائقي کان گهڻو پري ڪونہ هئا ۽ منجهن رابطو ڳنڍيل هو. حقيقت اها آهي تہ پويون صورت حال سنڌ لاءِ ڏاڍو خطرناڪ ثابت ٿئي ها. پر ڇچ نامي وسيلي اسان کي معلوم ٿيو آهي تہ جڏهن عرب فوج اتر اولهہ وارن لڪن معرفت سنڌ ۾ داخل ٿيندي رهي هئي، تہ سنڌ وارن ڪيس عبرت ناڪ شڪست ٿي ڏني. جيڪڏهن سنڌي راجا ساڳي حڪمت عملي اختيار ڪري انهيءَ جاءِ کان ڦري عربن مٿان حملو ڪري ها، تہ سنڌ سان ايڏو هاڃو ڪونہ ٿئي ها. ٻئي طرف کان عرب فوج جبل وارو گس اختيار ڪري اوپر طرف رهايل سنڌي فوج کان پيٽو پنڌ پري هلي وئي. ٽڪرين جي قطارن ڪري سندن ساڄي يا اوپر واري فوجي ٻانهين سنڌين جي حملي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان محفوظ ٿي ويئي. نيرون کي فتح ڪري، پنهنجي فوج جي پٺئين پاسي کي دشمن جي حملي کان بچائي ورتو هئائون. عرب فوج نيم مسلح هئي، ان ڪري جبلن مان سفر ڪين ڏکيو معلوم ڪونہ پئي ٿيو. انهن علائقن ۾ ماڻهو بہ ڇڊا پاڊا رهندا هئا. تنهن ڪري انهن جابلو ماڻهن مان ڪنهن مزاحمت جو امڪان بہ گهٽ هو. (٧٥)

ڪتاب جو بيان آهي تہ "عرب سپهہ سالار سوستان پهچي، قلعي جي ريگستان واري ڦاٽڪ جي سامهون پنهنجي فوجي وانڊ هڻين. ڇاڪاڻ تہ جنگ شروع ڪرڻ واسطي هن ڪان وڌيڪ بهتر جڳهہ ٻي ڪانہ هئي. چوماسو چوٽ تي هو، ان زماني ۾ سنڌو جو اڙل نالي هڪ وهڪرو قلعي جي اتر طرفان وهي رهيو هو(٧٦)" ڇچ نامي جو بيان آهي تہ سِوستان ان دور ۾ مهراڻ جي اولهہ پاسي هو." پر اهو ڪونہ ٿو چوي تہ مذڪوره شهر مهراڻ جي ڪنار سان پري يا ويجهو اوڏو آباد هو. سِوستان تي حملي دوران هڪ ٻيرو بہ سنڌوءَ جو ذڪر ڪونہ آيو آهي. امڪان اهو آهي تہ ان زماني ۾ مذڪوره درياهہ سندس موجوده دور واري وهڪري ڪان ڏهہ يا ويهہ ميل اوير ڪان وهي رهيو هو. ڇاڪاڻ تہ انهن ٻنهي فاصلن تي درياه جا نهايت پراڻا پيٽ اڄ بہ ڏسڻ ۾ ايندا آهن . هن معاملي ۾ اڙل جو وهڪرو سيوهڻ ڪان ڏکڻ اوير طرف تي گهٽن ميلن تائين هليو ويو هوندو، ان ڪري سڀ وهڪرا سنڌوءَ جي الهندي ڏس ڏانهن لڙڻ ڪري ميسارجي ويا آهن. هن حقيقت مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ اڙل جو وهڪرو ڪيڏو نہ پراڻو آهي. هن کي الهندي ناري جي نالي مان قديم سمجهي سگهجي ٿو، جنهنکي منڇر ڍنڍ مان نڪرڻ ڪان اڙل جي نالي پٺيان سڏيو ويندو آهي. الهندو نارو بہ سنڌوءَ جي هڪ قديم ڇاڙهہ جو نالو آهي. قديم زماني ڪان وني سيوهڻ هن وهڪري جي پاڻيءَ تي دارو مدار رکندو هو. سيوهڻ سنڌ جو ڪو اڪيلو پراڻو آباد شهر ڪونہ آهي. پر اهڙا ٻيا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الائي ڪيترا شهر آباد هوندا، جيڪي اڄ مٽيءَ جي ڍيرن، ٽڪرائي ۽ سروٽن جي ڍڳن سان ستيا پيا آهن، جن جي نالن کان ڪير به واقف ڪونه آهي. سڪندر جي مورخن سنڌ جي جن پراڻن ۽ قديم شهرن جو پنهنجي لکتن ۾ ذڪر ڪيوآهي، تن مان فقط هڪ شهر کي پڪ سان سڃاڻي سگهجي ٿو، سو گهڻو ڪري سيوهڻ آهي ، جنهن کي هنن سنڌوماڻ Sendomana ڪري لکيو آهي. امڪان آهي ته يونان وارن هن شهر کي ”سئنڌا وان“ Saindhavan سمجهيو ۽ لکيو هجي. شايد هو ان ڪري بچندو رهيو آهي، جو قديم دور کان وٺي سنڌوءَ جي اولهه ڪناري سان آباد هو ۽ سندس اتل واري پاڻيءَ جي پهچ ۾ تباهي کان پري هو. پوئين دور ۾ جڏهن سنڌوءَ جو وهڪرو شهر جي ايترو ويجهو آيو، جو سندس پٽين سان پير ڏئي ۽ اڙل ۾ لڪيءَ جي وارياسي پٽ ۾ نئين ٽڪرين جي ڪڇَ ڏئي وهڻ لڳو، تڏهن به مذڪوره الهندي ناري وارو وهڪرو جاري هو. (٧٧)

قلعي اندر ماڻهن ۾ ايڪو ۽ ٻڌي ڪانه رهي، ان ڪري سيوستان ، هڪ هفتي تائين مس مقابلي جي سگهه ساري سگهيو. اتان جو گورنر قلعي جي اتر پار واري ڦاٽڪ مان لنگهي واهڙ (اڙل) اڪري راتو واهه نڪري ٻڌيه ڏانهن هليو ويو. هن علائقي جو ڇڄ نامي ۾ عرب جاگيرافيدانن جي ڪتاب ۾ گهڻو ذڪر آيو آهي. اهو پرڳڻو سنڌوءَ جي اولهه پاسي هو. سندس ڏاکڻو ڊنگ سيوهڻ کان چاليهه ميل اتر طرف هو. چيو وڃي ٿو ته اهو علائقو منصوره کان پنجن ڏينهن جي پنڌ تي هوندو هو (٧٨). ڇڄ نامي راءِ سهاسي جي زماني واريون سنڌ جون حدون ٻڌايون آهن، جيڪو ڇهينءَ صديءَ جي وچ ڌاران سنڌ جو حڪمران هو. ان ڪتاب جو بيان آهي، ته هڪ صوبي ۾ سيوهڻ جو شهر ۽ پرپاسي واري جوءِ هئي. منجهس ٻڌيه جهنگل (٧٩) ۽ مڪران جي ڊنگ تائين ” دنجهان“ Dunjhan جو جابلو علائقو به شامل هو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستين صديءَ ۾ جڏهن چچ برهمڻ، راجا جي صورت ۾ سنڌ جي تخت ۽ بخت جو مالڪ بڻيو، تہ هو سنڌو کي پارڪري اولهہ طرف ويو ۽ اتر سنڌ جي صوبي بڌيہ ڏانهن روانو ٿيو ۽ "ڪاڪراج" (10) نالي تخت گاهہ کي وڃي فتح ڪيائين. ان کان پوءِ هو سيوستان وڌيو، اتي ڪاڪراج نالي هڪ گورنر رهندو هو، جنهن آزادي جو اعلان ڪيو هو. متس حملو ڪري ڪيس ڏن پرو بڻايو ويو . هن بيان مان بلڪل صاف آهي تہ "بڌيہ" جو صوبو سيوهڻ واري علائقي سان دنگئي ۾ اتر پاسي هو. جيڪڏهن چچ نامي جو وڌيڪ مطالعو ڪبو ۽ سوستان جي جنگي مهم تي ويچار ڪبو، تہ جاڻ پوندي تہ بڌيہ جي مذڪوره صوبي ۾ الهندي ناري ۽ سيوهڻ کان اولهہ جابلو علائقي جي وچ واري جوءِ بہ شامل هوندي هئي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ جڏهن سيوهڻ جو گورنر بجهراءِ قلعي مان ڀڳو هو تہ بڌيہ جي گورنر ڏانهن هليو ويو هو، جنهنجي صوبي ۾ ڪنب جي ڪناري سان آباد سيسم Sisam نالي هڪ قلعو هو. ڪنب جي لفظ جي معني شايد ڍنڍ آهي. جهڙيءَ ريت منڇر ڍنڍ آهي. ٿي سگهي ٿو تہ پاٽيءَ جي ڪا وڏي ڇر هجي ان جو ڀئي ماڳ جي ناتي سان بہ ذڪر ڪيو ويو آهي. ممڪن آهي تہ ان ماڳ کي سڃاڻي سگهجي. سيوهڻ جي فتح کان پوءِ عرب سپهہ سالار سيوهڻ جي ڀڄي ويل گورنر بجهراءِ جو پيڇو ڪيو ۽ اڳتي وڌندو وڃي ڪنب جي ڪناري سان آباد نڌاڻ Nidhan جي ٽاڪ وٽ فوجي وانڍ هڻين. (11) سر هينري اليٽ وٽ جيڪو چچ نامي جو نسخو آهي، تنهن ۾ نلهان Nilhan جو لفظ لکيل آهي . عربي صورتخطيءَ ۾ ٻنهي لفظن ۾ ٿورو فرق آهي. جيڪڏهن هڪ نُڪتي کي ڦيري لکبو تہ "نون" اکر مان "ب" ٿي ويندي ۽ منجهيل مسئلو نبرجي ويندو ۽ انهن لفظن مان بڌڻ يا ٻلهڻ ٺهجي ويندو. ڏسو تہ "ٻلهڻ" لفظ مان اُتاري ڪرڻ وارن ڪهڙا بہ جدا لفظ بنائي ورتا، جن جو هن جوءِ سان ڪو واسطو نہ ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ آهي. هيءَ نالو هن جوءِ جي هڪ ڳوٺ جو آهي، جيڪو منڇر ڍنڍ تي ۽ سيوهڻ کان ست ميل اولهہ طرف آهي. منڇر ڍنڍ جي چوڌاري جيڪي بہ ڳوٺ موجود آهن، سي نهايت قديم آهن. انهن مان مسلمانن جو هڪ ڳوٺ بہ ان دور ۾ موجود ڪونہ هوندو. الهندي ناري کان پار منڇر ڍنڍ جي الهندي پاسي ، شاهہ حسن نالي هڪ ڳوٺ آهي، جيڪو پهريائين ڪنهن سنڌي نالي سان هوندو. پر پوءِ ان کي بدلائي شاهہ حسن جي نالي پٺيان سڏيو ويو. مونکي پڪ آهي تہ اهوئي سيسم Sisam جو ماڳ آهي . ڪيترين صدين گذري وڃڻ ۽ مسلمانن جي اثر پوڻ ڪري ، سيئي پراڻا نالا ڊيان جي پٺيءَ تان ميسارجي ويا ۽ مٿن نوان مسلمانڪا نالا پئجي ويا. اهي ماڳ جيڪي نلهان يا نڌاڻ جي ناتي سان سيسم طور سڃاتا ويا آهن، سي سوستان جي فوجي مهم سان وسطو رکن ٿا ۽ چچ نامي جي ڏنل حوالن مطابق سڃاتا ويا آهن ۽ مان انهن لاءِ هن کان وڌيڪ ڪجهہ بہ چئي ڪونہ ٿو سگهان. ٻڌيہ جي صوبي وارو قلعو بہ سوِستان جي ويجهو هو. سوِستان جو ان وقت جو گورنر (٨٠) ۽ ٻڌيہ جو گورنر ٻئي اتي موجود هئا. سوِستان جي سوبي کي وڌيڪ سگهاري ڪرڻ لاءِ عرب سپهہ سالار هن قلعي کي ڪٽڻ ضروري ڀانيو. سيسم ڏانهن پيش قدمي ڪرڻ واسطي سوِستان کان اڏ واٽ تي ڀُلهڻ وٽ پهرين منزل لاءِ ڪيس ترسڻو پيو. ۽ ان کان پوءِ منڇر ڍنڍ جي اولهہ پاسي موجود قلعي ڏانهن وڌڻو پيو هو. ٻي منزل اولهہ ناري کي پار ڪرڻ وقت اتي ڪئي هئي ۽ بعد ۾ وڃي هن ماڳ تي رسيو هو. (٨١) نڌاڻ Nidhan ۽ سيسم جي ماڳن جي صحيح سڃاڻپ وڃڻ کان پوءِ هيءَ ڳالهہ نبيرڻ لاءِ رهجي وڃي ٿي تہ الهندي ناري وارو وهڪرو، "ٻڌيہ" جي صوبي ۽ سوِستان جي ايراضيءَ جي اولاهين ڌنگ تي وهندو هو.

عرب فوج جنهن وقت نڌاڻ ۾ وانڊ هنيو ويٺي هئي، تہ سيسم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بن قاسم انهن حالتن مان فائدو ورتو. اتان سيوهڻ مان چار هزار جنگي جوڌا پنهنجيءَ فوج ۾ ڀرتي ڪيائين، جن سنڌو پار اُڪري راجا (٨٥) ڏاهر سان جنگ ۾ عرب فوج سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي حصو ورتو هو. هتان جي ماڻهن جا راجا ڏاهر سان ناتا سڻا ڪونه هئا. تنهن جي ٻي ثابتي جنهن کي عربن ڏهڪاءَ پکيڙي هتي ڏني، سا هيءَ آهي ته محمد قاسم پنهنجي فوج مان فقط ڇهه سو گهوڙي سوارن جو هڪ جٿو الڳ ڪري بکر (بغرور) موڪليو هو. (13) جيڪو سنڌ جي وچولي ڀاڱي جي هيٺئين حصي ۾ آباد هو. سندس مقصد هو ته جئين الور مٿان نظر رکي سگهجي. ان زماني ۾ الور جي ماڳن ڀرسان درياهه وهي رهيو هو. ڪيس ڏپ هو ته مٿان راجا ڏاهر جو پٽ حملي آورن جي آمدرفت ۾ ڪا رنڊڪ وجهي.

عربن نيرون پهچي، هڪ قلعي بند شهر تي حملو ڪيو. ڇچ نامو هنکي اشبهار ۽ بلاذري هن کي " سمار" سڏي ٿو. بلاذري هن لفظ کي ٽيڪا ڪونه ڏنا آهن. هن ماڳ کي سڃاڻڻ مشڪل آهي. پر ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته نيرون کان گهٽو وتيرڪو ڪونه هو ۽ سنڌو جي ٻه ويجهو هو. ڇاڪاڻ ته عرب فوج اڳتي درياهه ڏانهن وڌي رهي هئي ۽ هڪ منزل ڪري وچي درياهه جي ڪنار سان فوجي وانڍ هئين هڻائون. هڪ هفتي جي گهيري کان پوءِ اشبهار جي قلعي واسين آڻ ميجي . اهڙيءَ ريت سنڌوءَ جي اولاهين ڪناري ٿان ڪنهن به قلعي واسين عربن سان مهاڏو ڪونه اٽڪايو. هن مان معلوم ٿئي ٿو ته اولهه سنڌ وارو حصو هڪ سال (٨٦) اندر فتح ڪيو ويو هو.

هاڻي اهو انو مان ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، ته عربن سنڌوءَ ڪهڙي ٿاڪ وٽان اڪريو هو. ڇچ نامو هن ٿاڪ کي جهم Jaham قلعي جي سامهون ٻڌائي ٿو، جنهن کي ٻيٽ واري پرڳڻي جو مکيه قلعو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهيو ويندو هو. متي بيان ڪيل جهم وارو قلعو درياهه جي اوڀارينءَ ڪنڌيءَ سان وسندڙ هو، جنهن کي مان سڃاڻي ڪونه سگهيو آهيان. بلاذري جو بيان آهي ته عرب ان جاءِ وٽان درياهه اڪريا هئا، جتي هند جي قصہ علائقي جي راجوڙي راسل جو ملڪ درياهه سان اچي لڳو ٿي. قصہ، ڪڇ جو عربي اچار آهي. اهڙيءَ ريت جيئن عربن چچ جو اچار "صص" Sassa ڪندا آهن. چچ لفظ جو اکر "چ" عربن لاءِ اوپرو آهي ۽ اچاري ڪونہ سگهندا آهن. اسان کي ائين سمجهڻ نہ گهرجي تہ اهو ماڳ جتان عرب درياهہ اڪريا هئا، سو موجوده ڪڇ ملڪ جي حدن جي ويجهو هو. پراڻي دور ۾ ڪڇ جو ملڪ موجوده حدن کان گهٽو اتر ڏانهن وڌيل هو. ٿي سگهي ٿو تہ اهو عمرڪوٽ تائين اڳتي پکڙيل هجي. اڳين صديءَ ڏاران ڪڇ جي راءِ جون فوجون بدين، بالهياري Balhiari ۽ رحمڪي (٨٧) بازار ۾ بہ رهنديون هيون. چچ نامي ۾ راسل کي راجا ڏاهر جي هڪ راجوڙي طور بيان ڪيو ويو آهي. هيءَ ۽ سندس پياءُ " موڪو پٽ وسايو" ٻئي ڏرتيءَ جا غدار هئا. هنن جيان پيا بہ راج ڏوها ۽ ڌرتيءَ جا ويري هئا. محمد بن قاسم هنن ٻنهي پيائرن کي ڪڇ ۽ سورٺ (ڪاٺياواڙ) ڏيڻ جو دلاسو ڏنو هو. هن مان معلوم ائين ٿئي ٿو تہ درياهہ نيرون کان ڏکڻ اوير ڏس تي پار ڪيو هئائون. عرب لشڪرجي گهوڙن ۾ جذام (ڪوڙهہ) جي بيماري ڪاهي پئي هئي، جنهن ڪري سندن گهوڙن جو وڏو حصو مري چٽ ٿي ويو. عرب فوج ڪيترو وقت بيڪار ويٺي رهي ۽ ڪتي بہ جنگي ڪاروائي ڪانہ ڪيائون. ان کان سواءِ هيءَ ڳالهہ بہ ڌسڻ ۾ اچي ٿي تہ عرب فوج ۾ ڏڪار ڪاهي پيو هو. اسان کي شڪ پوي ٿو تہ راجا ڏاهر جي پنهنجي سستي، هيٺائي ۽ راجوڙن جي ويساهہ گهاتي ڪري عربن جو پاڳ ڏينهون ڏينهن وڌندو پلئون پَلِ ٿيندو پئي ويو. جڏهن عرب جنگ ڪرڻ جهڙا ٿيا تہ هنن درياهہ اڪرڻ لاءِ ٻيڙين جي پل ٺاهي ۽ پار ٽپي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوپر سنڌ جي حدن ۾ داخل ٿيا ۽ جهمرُ سولائي سان ڪٽي ورتائون. ان کان پوءِ جِيور نالي هڪ ماڳ ڏانهن وڌڻ لڳا ۽ بعد ۾ پيش قدمي ڪري اچي راوڙ قلعي پرسان ڪيما ڪوڙيائون. حالتن مان ائين معلوم ٿئي ٿو ته مذڪوره قلعو ته دڏاواهه Dadhawah يا وڏاواهه Wadhawah جي ڪناري سان آباد هو. ان قلعي ٻاهران جنگ هلي رهي هئي. چيو وڃي ٿو ته اها ڇهه ڏينهن هلندي رهي ۽ راجا ڏاهر ان ۾ پنهنجي سر شريڪ ٿيندو هو. نيٺ هڪ ڏينهن جهيڙيندي مارجي ويو ۽ سنڌس لشڪر ڀاڄ ڪئي. جنگ جي ميدان لاءِ چيو ويندو آهي، ته اهو ڏڏا واهه ۽ مهراڻ جي وچ تي هو ۽ تاريخ نائين رمضان سنه ٩٣ هجري ۽ جوُن 712ع هو.

انهن مان ڪاٻه جڳهه هاڻي سڃاڻي ڪانه ٿي سگهجي . ٿي سگهي ٿو ته دڏاوا يا وڏاواه واندڻ واهه Wandan Wah يا ايرندو نارو (قديم هاڪڙو) هجي. قديم دور ۾ هاڪڙي جي هڪ ننڍي حصي جو نالو واندڻ Wandan هوندو هو. راوڙ جو قلعو برهمڻ آباد کان گهٽو پري هوندو هو. وچ تي ٻه مشهور قلعا ٻهرور ۽ دهليلا هوندا هئا. عربن متن واري واري سان گهيروڪيو. هر قلعي ۾ عربن جو ٻه ٻه مهينا مقابلو ڪيو ويو. اهڙا سگهارا قلعا هڪ ٻئي کان گهٽو پري ۽ برهمڻ آباد کان به گهٽو ڏور هوندا. عربن جي مقابلي واسطي برهمڻ آباد ۾ گهٽو لشڪر موجود هو. اهو ئي سبب آهي جو عرب گهيري سان لاڳاپيل سامان اوڏاهين ڪٿائي ويا هئا ۽ گهيرو به ڪيترا هفتا لڳاتار هليو هو. راوڙ جو قلعو برهمڻ آباد کان اسي ميلن کان وڌيڪ پري ڪونه هوندو. ڪٽت نامي ته ايرندي ناري جي ڪناري سان اڏيل ۽ نيرون کان ستر ميل ڏکڻ اوپر طرف هجي. چچ نامي جو بيان آهي ته ان قلعي جي تعمير جي شروعات به چچ ڪئي ۽ نهرائي پورو ڏاهر ڪيو هو، (پ -١۴) جيڪو گرمين وارا چار مهينا هتي حڪومت هلائيندو هو. هن علائقي جي آبهواءِ ڏاڍي سٺي هوندي هئي. اهو به چيو ويندو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي تہ گرمين وارا چار مهينا هو برهمڻ آباد ۾ ۽ باقي چار مهينا اروڙ ۾ گذاريندو هو. هن بيان مان سولائي سان انومان ڪري سگهجي ٿو تہ راوڙ، هيٺ سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ موجود هو، جتي سمونڊ ڪان ايندڙ ٿڌڙي هير گرميءَ جي اثر کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي. ان جي ڀيٽ ۾ اتر سنڌ ۽ وچولي ۾ سخت گرمي هوندي آهي.

ان ڪان پوءِ عربن جون فتحون سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي مان نڪري اڳتي اتر طرف هلنديون وڃن ٿيون ۽ ان جي نتيجي ۾ اسان کي بہ چچ نامي ڪان ڏار ٿيٽو پوي ٿو. هيءَ ڪتاب سنہ ۷۱۵ع ۾ سليمان جي خلافت جي مَسند تي وهڻ ۽ محمد بن قاسم کي واپس گهرائڻ واري واقعي سان ختم ٿئي ٿو. ان وقت تائين هن نوجوان عرب سپهہ سالار ملتان (۸۸) تائين سنڌ جو سڄو ملڪ فتح ڪري ورتو هو. بلاذري جي فتوح السند جو بيان عربن هٿان سنڌ فتح ڪرڻ ڪان وٺي، نائين صدي عيسوي تائين لڳاتار ڳنڍيو ٿو اچي. اهو عربن واسطي ڏاڍو ڏکيو زمانو هو. راجا ڏاهر جا پونيئر پنهنجي وڃايل راڄ لاءِ ڏينهن رات هٿ پير هڻي رهيا هئا. سنڌين جون عام بغاوتون مسلمانن جي ڏاڍ ۽ انياءَ ڪري ٿي رهيون هيون. سنڌ وارا عربن جي رعيت هئا، پر پوءِ بہ سنڌن ڦر لٽ ڪري پريشان هئا. انهن جي ملڪيتن ۾ سنڌن حريص نگاهون کتل هيون. عربن جا پنهنجو پاڻ ۾ جنگيون جهيڙا شروع ٿي ويا هئا. ان عرصي دوران سنڌ جي وچولي ڀاڱي ۾ عرب راڄڌاني المنصوره جو بنياد پيو هو. ان ڪان پوءِ ان دور جون تاريخون برهمڻ آباد جو ذڪر ڪونہ ٿيون ڪن، توڙي جو اهو شهر عربن جي (۸۹) قلعي ڪان ست يا اٺ ميل مس پري هو. هڪ واقعي جو هتي بيان ڪرڻ لازمي ٿو سمجهان، جيڪو ان زماني ۾ چوڙ جي هيٺين علائقي ۾ ٿيو هو. تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي تہ ان زماني ۾ جنيد (۷۲۶ -۷۲۴ع) سنڌ جو گورنر مقرر ٿي آيو هو ۽ اچڻ سان جيئسيہ پُٽَ راجا ڏاهر سان اچي بطيحة الشرقي Batihata -al- Sharqiy ۾ پاٽيءَ واري جنگ

# باب پنجون

## مشرقي جاگرافيدانن جا سنڌ جي وچولي ۽ لاڙ بابت رايا.

سنڌ جي چوڙ بابت ڏنل مشرقي جاگرافيدانن جا دلچسپ احوال ديبل ۽ نيرون ڪوٽ جي سڃاڻ جي باري ۾ اڳ ۾ ئي پيش ڪري چڪا آهيون. پر انهن ڪتابن ۾ بيان ٿيل ڪي غير اهم ماڳ ذڪر ڪرڻ کان رهجي ويا آهن. بهتر آهي ته انهن جون به ڳالهيون ٿي وڃن. حقيقتن مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته اصطخري، ابن حوقل ۽ المسعودي ڏهين صديءَ ۾ ڪهي اچي سنڌ پهتا هئا. پر افسوس جي ڳالهه اها آهي ته هنن سنڌوءَ جي وهڪري يا ڦاٽن جو ٿورو ذڪر به ڪونه ڪيو آهي. سندن نظر ۾ جاگرافيءَ جي معني ڪن خاص علائقن ۽ شهر جو طبعي صورتحال ڏيڻ کان وڌيڪ ڪجهه به ڪانه هئي، وڏ ۾ وڏ تڪليف ڪيائون ته سفر سان لاڳاپيل راهون ۽ رَند، ڪس ۽ پيچرا پڌاياڻون ته چيهه ڪيائون. سندن لکتون نجيون آجيون ڏسڻ ۾ ڪونه. ٿيون نظر اچن ٿيون ته هڪڙن ڇڻ ڇاڻ جو نقل ڪيو آهي ۽ پنهنجا مشاهدا ۽ رايا لکي ڪجهه فرق ڏيکارڻ جا جتن ڪيا آهن. سندن پورهئي ۽ جاکوڙ کي ڪجهه گهٽ اهميت ان ڪري به ڏني وئي آهي، جو انهن پنهنجن ڪتابن ۾ شهرن ۽ علائقن جا نالا غلط لکيا آهن، جن جي سڃاڻ ئي مشڪل آهي. اهو مونجهارو ان ڪري پيدا ٿي پيو جو ليڪڪن انهن شهرن ۽ علائقن کي عربي صورت خطي ۾ ته لکيو، پر انهن پنهنجي لکڻ جي صحيح انداز ڏانهن ڌيان گهٽ ڏنو. اتاري ڪرڻ وارن ته رهندو ڪِيس ڪري ڇڏيا ۽ اتي مان گهوياٽو اتاري ڇڏيائون.

انهن ڳالهين ڪري نسخا اهڙا عجيب ٿي پيا آهن، جو نه شهرن جا نالا سمجهه ۾ اچن ٿا ۽ نه وري علائقن جو ڪو پتو پوي ٿو. بس اندي گهوڙي ڪَلُ ۾. لفظن جا اکر اڻ چٽا ۽ اڻ پورا آهن، تنهن ڪري ڪوبه لفظ پوريءَ ريت پڙهي ڪونه ٿو سگهجي.

سفر دوران جدا رستن جو بيان ڪيو ويو آهي، تن ڪي ڏينهن جي سفر جي ماپي جي حساب سان بيان ڪيو ويو آهي، ڪڏهن ڪڏهن فرسنگن (فارسيءَ ۾ فرسخ) جو ماپو به ڪتب آندو ويو آهي . هاڻي، تڏهڪي منجهيل فاصلي کي ڪو متعين فاصلو مقرر ڪرڻ هڪ اجائي ڳالهه ٿيندي ۽ اڳوڻن منجهيل فاصلن کي اڄ ڪلهه جي مقرر ۽ معين فاصلن سان ڀيٽ ڏيڻ به مناسب ڪونه ٿيندو، ته اڳوڻن جاگرافي دانن هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين ڪيترو فاصلو ڪيو. تنهن ڪري اهو پتو پئجي ڪونه ٿو سگهي، ته ٻن شهرن جي وچ تي حقيقي يا حقيقت جي ويجهو مناسب فاصلو ڪيترو هو. اصطخريءَ جي هيٺ ڏنل سفر واري رستي جو صورت حال پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ ڪجهه مڪران ۽ لس ٻيلي ۽ ڪجهه موجوده دور واريءَ سنڌ جي شهرن جا نالا ڏنا ويا آهن. ان ۾ ڪز Kiz جو اشارو ڪيچ ڏانهن آهي. ارمابيل Armabil جو شهر لس ٻيلي جي پرسان (شايد ان کان به ٽي ميل اولهه هوندو هو. ڪنبلي Kanbali جو ماڳ سون مياڻي وارن ٻڌن تي يا ويجهو ۽ منحاتار Manhatar شهر ڪراچيءَ جي پرسان ڪاٿي موجود هو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | شهرن جا نالا | اصطخري مطابق ڏينهن | موجوده رستن ۽ نقشن مطابق مقرر ميلن ۾ فاصلو | هر هڪ ڏينهن جو سراسري طور ميلن ۾ سفر |
|---|---|---|---|---|
| (۱) | ڪز کان ارمابيل | ٦ ڏينهن | ۲۳۰ | ۳۸ |
| (۲) | ارمابيل کان ڪنبلي | ۲ ڏينهن | ۷۰ | ۳۵ |
| (۳) | ڪنبلي کان منحاتار | ۲ ڏينهن | ۵۲ | ۲٦ |
| (۴) | (۹۰) | ۲ ڏينهن | ۴٦ | ۲۳ |
| (۵) | منحاتار کان ديول | ۴ ڏينهن | ۸۷ | ۲۲ |
| (٦) | ديول کان نيرون | ۲ ڏينهن | ۴٦ | ۲۳ |
| (۷) | ديول کان منصوره | ۳ ڏينهن | ٦٦ | ۲۲ |
| (۸) | سنڌو ساڻ کان منجباري | ۷ ڏينهن | ۱٦۰ | ۲۳ |

هتي ڏنو ويندو تہ پهريون منزلون تمام ڊگهيون آهن ، تنهن ڪري شڪ پوي ٿو تہ ڪٿي غلطي ٿي وئي آهي. منهنجو ويچار آهي تہ اصطخري طرفان ڪيچ کان لس ٻيلي تائين ٻڌايل پيٽو سفر اڄ واري دور ۾ بہ تمام تيز ۽ تکڙو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. طئي ڪيل سفر واسطي ملڪ جو مٿاڇرو ضرور ذهن ۾ رکبو آهي ۽ ان حساب ساڻ منزل جي ڊيگهہ ڪي ڏنو ويندو آهي. سفر ڪرڻ وارو علائقو ويران يا سکيو ستابو

هوندو آهي، تہ سفر ڪرڻ جي رفتار ۾ بہ ان حساب سان فرق اچي ويندو آهي. اهڙيءَ ريت مختلف علائقن ۾ طئي ڪيل فاصلي جون منزلون بہ ڪڏهن ڏکيون تہ ڪڏهن ٿڌيون رهيون آهن. جيتريقدر سنڌ مان سفر ڪرڻ جو تعلق آهي، تہ مٿي ڏنل خاڪي مان اسان سولائيءَ سان سمجهي سگهندا سون، تہ منزلن جي ڊيگهہ ۾ هڪ جهڙائي موجود آهي. ان جو ظاهر سبب تہ اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ سنڌوءَ جي ڪنار سان شهرن، واهڻن ۽ وستين جي گهٽائي هئي. ملڪ ۾ سڪر ۽ سٺائي هئي ۽ سيلاني ڪي پنهنجي مرضيءَ مطابق منزل ڪرڻ جي سهوليت حاصل هئي. ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ حالتون اهڙيون هيون جو سولائيءَ سان سفر ڪري وچٿري منزل ڪئي پئي وئي ۽ ڏهاڙي هڪ جيترا ڪلاڪ سفر ڪيو ٿي ويو.

مشرقي جاگرافيدانن سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي جي نيرون ڪوٽ ۽ ديبل کان سواءِ فقط هڪ منحاتار شهر جو ذڪر ڪيو آهي . ادريسيءَ هن شهر کي منحابري Manhabari لکيو آهي . هن مامري ۾ هو پاڻ بہ منجهيل ٿو ڏسڻ ۾ اچي ۽ ان سان گڏ ٻين کي بہ منجهائي ڇڏيو اٿائين. جنرل ڪننگهام هن ماڳ کي ٺٽو ۽ انڊوسٿين جي راڄڌاني مين نگر Minnagar سمجهي ٿو (اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا – ص ٢٨٨). هو لکي ٿو تہ ،” سيني جاگرافيدانن هن شهر لاءِ لکيو آهي تہ اهو سنڌوءَ جي اولاهين ڪنار سان ۽ ديبل کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي هو. ويچار ڪري ڏسجي تہ ٺٽي جا ماڳ وچي انهيءَ جاءِ تي بيهن ٿا. هي شهر سنڌو جي اولهہ پاسي ۽ لاهري بندر کان چاليهہ ميل پري يا ٻن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. جنهن لاءِ پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ ديبل کان بلڪل ٿوري پنڌ تي آهي”. هو صاحب ٿورو اڳتي اسان کي ٻڌائي ٿو تہ ”منحاباري، اسان منڊابري Mandabari چوندا پڙهون، جيڪو منڊ Mand قبيلي جو شهر هو. هن قبيلي جي نالي کي گهٽ ٿي

صورت خطين ۾ لکيو ويو آهي جهڙوڪ: مير Mer ميد Med ، مند Mand ۽ مند Mind منداباري Mandabari مين Min قبيلي جو شهر ٿي سگهي ٿو، جنهن کي Minnagra مين نگر سڏيو ويندو آهي. جنرل ڪننگهام ڪن جاگرافيدانن جا حوالا به پيش ڪيا آهن، ته هيءَ ماڳ مهراڻ جي اولاهينءَ ڪنڌي سان ۽ ديبل کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي هو. اهو ساڳيو جاگرافيدان منحاباري کي ديبل کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي اولهه طرف ٻڌائي ٿو. جنرل ڪننگهام ديبل جي جيڪا جاءِ ٻڌائي ٿو، ان حساب سان جيڪڏهن ويچار ڪجي ٿو ته منحابري Manhabari جو ٿاڪ ٺٽي کان پورا اسي ميل پري اولهه وڃي بيهندو. منحابريءَ جو نالو ڪتاب ۾ گهٽو آيو آهي، تنهن ڪري ادريسيءَ کي منحاتار ۽ منجباري بابت ڪجهه غلط فهمي ٿي وئي آهي، جنجي پڙهڻي ڪجهه هڪ جهڙي به آهي. ٻي ڳالهه اها به آهي ته جنرل ڪننگهام فقط ادريسيءَ جو حوالو ڪتب آندو آهي، جيڪو "منحابري" کي "مين گر" سمجهڻ واري سندس اصول کي ڪي قدر هٿي به ڏئي ٿو. جيڪي حقيقتون سندس قائم ڪيل اصول جي خلاف وڃن ٿيون، تن کي هو ڌيان ۾ ئي ڪونه ٿو آڻي. ادريسيءَ جو بيان آهي ته "چارو ساڻ (سيوهڻ کان منحابري (هتي اسان کي منجباري پڙهڻ گهرجي) تن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. هيءُ شهر هڪ ترائي ۾ آهي. چوڌاري باغ باغيچا اٿس. ڏاڍو سهڻو ۽ سکيو ستابو شهر آهي. چوڌس پاڻيءَ جا تلاءَ پيا ڏسبا. هن جاءِ کان فيرابوز Fira buz (مڪران) ڇهن ڏينهن جي پنڌ تي آهي (هتي هن جاگرافيدان مجباري کي منحاتار سان منجهائي ڇڏيو آهي) منحاباري (هتي منحاتاڙ پڙهڻ کپي) کان ديبل ٻن ڏينهن جي فاصلي تي آهي. ديبل کان فيرابوز ويندڙ رستو منحاباري (منحاتاڙ) وٽان لنگهندو آهي" هن ڳالهه مان حقيقت صاف ظاهر آهي ته منحابري جو ماڳ جيڪو سيوهڻ کان فقط ٽن ڏينهن يا ڇاهٺ ميلن جي پنڌ تي هو،

سو نٿو ٿي نہ ٿو سگھي، ڇو تہ اهو سيوهڻ کان هڪ سو چاليهن ميلن جي پنڌ تي واقع آهي. ساڳئي وقت اها منحابري جيڪا مهراڻ جي ڪنار سان واقع هئي، سا اها منحاباري ڪڏهن ڪانہ آهي، جيڪا ديبل کان چاليهہ ميل اولهہ طرف موجود هئي، پوءِ ديبل جو بندر پلي کھڙي بہ ٺاڪ ۽ ٺان تي هجي. اهڙيءَ ريت مين نگر جي ٺاڪ وارو قائم ڪيل ويچار بہ لڏي وڃي ٿو.

ابن حوقل وارو منهاتاڙ ڪراچيءَ جي اوسي پاسي ۽ مڪران ڏانهن ويندڙ رستي تي ہن ڏينهن جي پنڌ تي واقع هو. جيڪڏهن هن لفظ جو اچار صحيح ۽ اصلي آهي ۽ ڪنهن ٻئي لفظ جي بگڙيل صورت نہ آهي، تہ پو منهاتاڙ سمنڊ جو ڪو ننڍو بندر هوندو. ڇاڪاڻ تہ سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ تڙ لفظ جي معني اها جاءِ آهي، جنهن تي ٻيڙا اچي بيهندا هجن ۽ جنهن جاءِ تي اهو بندر ٺاهيو ويو هوندو، اهو اندر ڌرتيءَ تي هوندو. ڪنهن مناري جو ڪم ڏيندو هوندو، جنهن جو ذڪر هن ڪتاب جي منڍ ۾ ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن ائين آهي تہ اهو سنڌ ۽ مڪران واري رستي کان گھٽو پري آهي. منهنجي خيال ۾ اها امڪاني جڳهہ وڃي لياريءَ وٽ بيهندي، جتي هاڻي سرڪاري باغ Government Garden آهن، جتان ڪراچيءَ کان حب نديءَ ويندڙ رستو لنگھندو آهي. ڪنهن زماني ۾ اهو رستو موڙو ڪائي، سون مياڻي لس ٻيلي کان ٿيندو مڪران ويندو هو. جيڪو هاڻي قديم زماني کان ڪجھہ مختلف ٿي ويو آهي.

منجباري اهڙي جڳهہ آهي، جنهن جي ٺاڪ جو تعين ڪري سگھجي ٿو. ٿي سگھي ٿو تہ ميل اڌ جو فرق ٿي وڃي. چيو ويندو آهي تہ اهو ماڳ مهراڻ (لوهاڻي وارو وهڪرو) جي الهندي پاسي، سيوهڻ کان ٽي ڏينهن ۽ نيرون کان ہن ڏيهن جي پنڌ تي هو. ابن حوقل چوي ٿو تہ منجابري مهراڻ جي الهندي ڪناري سان هئي. جيڪڏهن ڪو

ماٺهو ديبل کان منصوره ويندو ته کيس ڊرياهه اڪرڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته منصوره ، منجابري جي سامهون آهي. ان ڪري انومان اهو آهي ته منجاباري جو ماڳ ، شهداد پور کان اٺ ميل ڏکڻ- اوير ڏس تي ۽ لوهاڻي درياه جي الهندي ڪناري سان هو، جنهن وهڪري جو پراڻو پيٽ اڃا به چٽيءَ ريت ڏسي سگهجي ٿو. پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته ڏهين صدي عيسويءَ ۾ هي وهڪرو وهي رهيو هو. ان دور جا جاگرافيدان منصوره ۽ منجابريءَ جو ذڪر ڪندي، جهڙي نموني سان بيان ڪري رهيا آهن، تنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته مذڪوره وهڪرو تنهن دور ۾ وهي رهيو هو. هن کان اتر طرف مٿين وهڪري لاءِ فقط اندازا لڳائي سگهجن ٿا ۽ سڪرنڊ جي اوسي پاسي جيڪي پراڻا پيٽ آهن، تن مان هن وهڪري جي پيٽ جي چونڊ ڪرڻي پوندي: اهي پراڻا پيٽ سڪرنڊ کان وٺي ويندي الور تائين اتر چڱيءَ ريت ڏسي سگهجن ٿا. جاگرافيدانن، مذڪوره هنڌ کان اتر پاسي هڪ شهر جي نالي جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪڏهن اسان ان شهر جي ٿاڪ جو صحيح اندازو لڳائڻ ۾ سوڀارا ٿينداسين، ته اسان کي پوري ريت پتو پئجي ويندو ته ان زماني ۾ سنڌو درياهه سنڌ جي هن ڀاڱي مان ڪٿان وهندو هو. اهو ماڳ ڪلري آهي. هن شهر کي انگريزي ۾ ڪڏهن ڪالري Kalari ۽ ڪڏهن ڪَلَرِي Kalari ڪري به لکيو ويو آهي. ڪن قديم جاگرافيدانن هن نالي جي هِجي بگاڙي غلط لکي آهي. سنڌ ۾ ڪَلَري ۽ ڪلري جا نالا تمام گهڻا آهن. پر هن ماهري ۾ ڪلري Kalri نالو وڌيڪ مناسب آهي . هن ڳالهه لاءِ ادريسيءَ جو بيان آهي ته " ڪالري Kalari جو شهر مهراڻ جي اولاهين ڪنار سان، وڏي واپاري ڏيتي ليتيءَ وارو نهايت سهڻو ۽ قلعبند شهر آهي. هن ماڳ وٽان مهراڻ به درياهي جي صورت ۾ وهندو آهي. وڏو وهڪرو منصوره جي اوير طرف کان ۽ ننڍو وهڪرو اتر الهندو رخ اختيار ڪري ٿو، ان کان اتر موڙو کائي اولهه ڏانهن لڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو ۽ آخر ۾ منصوره کان پارنهن ميل هيٺ وڃي پاڻ ۾ سنگم ڪن ٿا. مذڪوره شهر عام رستي کان ڪڇهه وٿيرڪو هوندو هو. پر ڀر پاسي جي آبادي ڪري منجهس گهڻو واپار هلندو هو ۽ اتي سدائين ماڻهن جا ميڙاڪا پيا ڏسبا هئا. منصوره کان هن ماڳ تائين ماڻهو پيچي ڊوڙي هڪ ڏينهن ۾ چاليهه ميل منزل هٽي پهچي ويندو هو. هتان شارو ساڻ (سيوهڻ) ٽن ڏينهن جو پنڌ هو (اليٽ -I- ص ۷۹). هن بيان ۾ اسان کي ڪي غلط ڳالهيون به ڏسڻ ۾ ايندڙيون ۽ معلوم اهو ٿيندو ته هتي سنڌو، ڏرتيءَ جي لاهه جي ابتڙ، ڏکڻ کان اتر ڏانهن وهندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. (14) هر دور جي مصنفن کان ڪڏهن اهڙيون غلطيون ٿي ويندڙيون آهن. ڏرتي تي ڪي اهڙا خاص ٿاڪ هوندا آهن، جتي ڏرتيءَ جو لاهه به ابتڙ هوندو آهي. ٿي سگهي ٿو ته اتي درياه جي وهڪري کي آڏو ڪا روڪ رنڊڪ هجي. جيڪڏهن سچ پچ ۾ غلط ڳالهه لکجي وئي هجي، ته ان کي درست ڪجي، ته درياهه جو وهڪرو فطري ۽ سمجهڻ جوڳو ٿي پوندو. پر اڳتي هلي مصنف جو بيان سندس خيال جي ابتڙ وڃي ٿو (پ -۱۵) ۽ چوي ٿو ته درياهه ڪلريءَ کان سيوهڻ جو رخ اختيار ڪري ٿو. اصطخري ۽ ابن حوقل جو بيان آهي، ته منصوره جي چوڌاري خليج جو پاڻي ڦري آيو هو. هن مان چڱيءَ ريت سمجهي سگهجي ٿو ته راڄڌانيءَ جو شهر درياهه جي مکيه وهڪري تي نه، پر ان جي هڪ ڇاڙهه تي وسندڙ هو. پنهي مصنفن جا ڏنل نقشا به اهڙي حقيقت جي پٺڀرائي ڪن ٿا. (۹۱) منصوره ۽ ڪلري جي وچ تي چاليهن ميلن جيءَ وڏيءَ منزل جيترو پنڌ آهي. ادريسيءَ انهيءَ فاصلي کي ميلن بدران فرسنگن ۾ پيش ڪيو آهي. ان جو ترجمو فرينچ ۾ ڪيو ويو آهي، جنهن مان ڪي ٽڪرا انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري اليٽ پنهنجي تاريخ ۾ حوالي طور ڏنا آهن. هن صاحب هڪ فرسنگ ۾ چار ميل سمجهيا آهن. پر حقيقت اها آهي، ته ان زماني ۾ ڏهاڙي واري منزل جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حساب سان فاصلو ڪتيو ويندو هو ۽ ادريسيءَ جي فرسنگ جو ماپو ننڍو هو، ان ۾ ٽي ميل هئا ۽ ڏهه فرسنگ ڏهاڙيءَ جي وڏي منزل سمجهي ويندي هئي. منصوره جي ماڳن (جن کي برهمڻ آباد به چيو ويندو آهي) کان اتر- اولهه ٽيهن ميلن ۽ سڪرنڊ کان ڏهه ميل اتر اوڀر ڪلريءَ جو هڪ شهر آهي. پر پاسي ۾ ڪاٽي قديم جاگرافيدانن جي قديم واپاري شهر جا ترڙ موجود هوندا. هن علائقي ۾ درياهه جا ڪيترائي پراڻا پيٽ ڏسڻ ۾ ايندا. ڪن جو رخ اتر کان ڏکڻ ته ڪن جو اتر اولهه کان ڏکڻ - اوڀر پيو نظر ايندو. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته ڪڏهن انهن پٽن ۽ پوٺن تان سنڌو وهندو هو. مذڪوره علائقو سنڌوءَ جي موجوده وهڪري کان ويهارو ميل کن اوڀر ڏس تي ٿيندو. انهن پراڻن پيٽن جي ڪنارن سان سڄي زمين سروٽن ۽ ٺڪرين سان پري پئي آهي. سيلاني جن سنڌ گهمي ڏٺي هوندي، سي هيءَ ماڳ ڏسي ضرور سمجهندا ته اهي ٿاڪ ڪنهن قديم واپاري ۽ وڏي شهر جا آهن. تنهن ڪري قوي امڪان ان ڳالهه جو آهي ته قديم جاگرافيدانن جنهن واپاري ۽ سهڻي شهر جو نالو ڪنيو آهي، سو ضرور هن علائقي ۾ آباد هوندو. ادريسي ڪلريءَ لاءِ چيو آهي ته سيوهڻ کان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي هو، سو هن ماڳ لاءِ سندس بيان سهمت ڪونه آهي. ان کان علاوه هي ماڳ ان جاءِ تي ڪونه آهن، جن لاءِ چيو ويو آهي ته منصوره کان ڏهاڙي جي وڏي منزل ۽ سيوهڻ کان ٽن ڏينهن جي فاصلي تي آهي. امڪان هن ڳالهه جو آهي، ته هتي ادريسيءَ سيوهڻ ۽ منجاباري جي وچ تي موجود فاصلي کي سيوهڻ ۽ ڪلريءَ جي فاصلي سان گڏائي وچڙائي ڇڏيو آهي. ابن حوقل جو بيان آهي ته ڪلري مهراڻ جي الهندي ڪناري سان آباد هو. ادريسيءَ سندس نقل ڪيو آهي. پر حقيقت اها آهي ته اهو ماڳ درياهه جي ايرندي پاسي هو. ابن حوقل ۽ اصطخري (٩٢) جي ڏنل نقشن ۾ شهر کي درياهه جي ايرندي ڪناري ڏيکاريو ويو آهي. هن ماڳ جي پرسان ڪتان سنڌوءَ جي ڪاپي طرف هڪ ڇاڙهه ڇڇندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي ۽ ڏکڻ اوڀر هلي، منصوره جو اوڀر ڏئي، ڏکڻ - اولهه ڏانهن موڙو کائي، ٽي فرسنگ يا نَو ميل راڄڌاني کان هيٺ وڃي مکيه وهڪري سان گڏبي هئي. راڄڌاني منصوره جا کنڊر ان ڇاڙهه جي ڪنار سان ملن ٿا. باقي ڪلريءَ جا ترڙ منصوره جي ٿاڪ کان اتر- اولهه طرف ملڻ جا امڪان آهن. ٻيو به هڪ خاص نڪتو آهي، جيڪو سنڌ جي هن وچولي ڀاڱي مان ڏهين صدي عيسويءَ دوران وهندڙ سنڌوءَ جي وهڪري سان لاڳاپيل آهي. منهنجي خيال ۾ هن باب ختم ٿيڻ کان اڳ ان جو بيان ٿيڻ گهرجي. ابن حوقل اسان کي ٻڌائي ٿو ته، ” جيڪڏهن ڪو ماڻهو منصوره کان ٻڌا ويندو ته ڪيس مهراڻ جو ڪپ ڏئي، سدوسان Sadusan (سيوهڻ) جي شهر تائين وڃڻو پوندو. سندس بيان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو، ته ابن حوقل جنهن زماني ۾ سنڌ ۾ موجود هو، تڏهن سنڌو سيوهڻ پرسان وهي رهيو هو. اسان کي سمجهه ۾ اچي ٿو ته سندس وهڪرو به ائين ئي هوندو. مونجهارو ان ڪري پيدا ٿئي ٿو ته قديم مصنفن جي ڪتابن ۾ ڪو واضح ۽ صاف بيان موجود ڪونه آهي، جنهن مان صحيح اندازو ڪري سگهجي ته درياهه ان دور ۾ ڪهڙن ماڳن وٽان وهي رهيو هو. هڪ اندازي موجب جڏهن هي جاگرافيدان سنڌ ۾ هو، ته سنڌو سيوهڻ کان ڏهه يا ٻارهن ميل اوڀر کان وهي رهيو هو. منصوره کان اولهه سنڌ جي مشهور شهر سيوهڻ ڏانهن ويندڙ رستو به ان ڪري سنڌوءَ جي ڪنار سان هوندو هو ۽ وڃي اڙل جي منهن وٽ پهچندو هو، بعد ۾ اڙل جو وهڪرو وٺي سيوهڻ پهچبو هو. ڇڇ نامي ۾ سنڌوءَ جي گهڻن ڇاڙهن جا نالا موجود آهن، جن مان ڪجهه هي آهن: اڙل، دڌا واهه، ڪوتڪهه (ڪوتل)، منهل ، جلوالي ۽ پرتري (٩٣). هن سيني مان رڳو اڙل موجود آهي باقي ٻيون ڇاڙهون سُڪي ويون آهن ۽ هاڻي ڪين سڃاڻي به ڪونه سگهبو. ڪنهن به جاگرافيدان، منصوره پرسان وهندڙ ڇاڙهه ڪانسواءِ ٻين کي ذڪر ڪرڻ لائق ڪونه سمجهيو آهي. ابن حوقل ان علائقي جي رستي جو ذڪر مٿان ان ڪري به نه ڪيو هجي، جو اهو اڙل جي ڪناري سان هوندو هو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ڇهون

# سنڌ تي مسلمانن جي ٻئي حملي کانپوءِ ڇوٽ وارو علائقو.

عباسي خليفن جو اقتدار زوال پذير ٿيندو ويو ته سندن ڏيان رڳو بغداد تائين محدود رهجي ويو. ۽ پئسو پنجڙ دربار جي ظاهري شان وشوڪت تي خرچ ڪندا هئا. ان جو لازمي نتيجو اهو نڪتو ته سندن خلافت ۾ شامل ڏوراهان علائقا بغاوت ڪندا، آزاد ٿيندا ويا. اڳين پراڻي سنڌ عربن جي فتح کان پوءِ ٻن ڀاڱن، ملتان ۽ منصوره ۾ ورهائجي وئي. منصوره وارو علائقو گهٽو ڪري سنڌ جي موجوده حدن تي مشتمل هو. اهڙيءَ ريت عباسي خلافت طرفان منصوره جي مقرر ڪيل گورنر به آزاديءَ جو اعلان ڪيو. سنڌ جون اهڙيون حالتون يارهين صديءَ جي شروعاتي ڏهاڪن ۽ محمود غزنوي جي دور تائين هيون. غزنيءَ جي هن حڪمران ۽ سندس پوئيرن هتي جي ڪمزور عرب حڪومتن جو هميشه لاءِ انت آڻي ڇڏيو. ان کان پوءِ سنڌ جي وچولي واري عرب راڄڌاني منصوره، جيڪا سنڌوءَ جي هيٺئن ڀاڱي جي ڪناري سان واقع هئي، سا پنهنجي اهميت وڃائي چڪي هئي ۽ سندس جاءِ بکر اچي والاري هئي. (ب -١۴) سنڌوءَ جي وهڪري متائڻ سان اروڙ ڦٽي ويو، ڇاڪاڻ ته پاڻي نَه ملڻ ڪارڻ ماڻهو سنڌ جي هن پراڻي راڄڌاني مان لڏي هليا ويا هئا. ٿي سگهي ٿو ته منصوره به ساڳئي سبب ڦٽي ناس ٿي ويو هجي. سنڌ ۾ دلوارءِ سان لاڳاپيل هڪ ڏند ڪٿا به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قبيلي کهڙي دور ۾ اقتدار حاصل ڪيو، ڪيترو وقت اقتدار ۾ رهيا ۽ ڪڏهن سندن زوال آيو، تنهنجو پتو ڪونہ ٿو پوي . سندن معاملي ۾ سنڌ جي تاريخ منجهيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سر ايچ. اليٽ جو هن بابت بيان آهي تہ ” هندستان جي مسلمانن جي تاريخ ۾ سيني کان منجهيل سومرن جو دور آهي “ (هسٽورين - جلد -I- ضميمو - ص . ۴۸۳) ان ڪري اسان کي هن منجهيل مسئلي جو ڪتان بہ اطمينان جوڳو حل ڪو نہ مليو آهي، مير معصوم بکري پنهنجي لکيل سنڌ جي تاريخ (هن تاريخ - سنڌ ،سنہ ١٦٠٠ع ۾ لکي پوري ڪئي هئي) ۾ ٻڌائي ٿو تہ، ”سومرن سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي تي سلطان عبدالرشيد ولد محمود غزنوي جي دور ۾ اقتدار حاصل ڪري ورتو هو. هيءُ سلطان سنہ ۴۴۱هہ يا ۵۰-۱۰۴۹ع ۾ تخت تي ويٺو ۽ اڍائي سال کن حڪومت ڪئي. اها هڪ تاريخي حقيقت آهي، تہ هو هڪ ڪمزور ۽ آرام پسند حڪمران هو. سندس ڪمزوريءَ سبب وڳوڙي حالتون وڪوڙي ويون هيون ۽ سندس حڪومت جي ڏورانهن علائقن ۾ بغاوتون ٿيون. عام حالتن مان اهو امڪان ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ مير معصوم جو بيان صحيح آهي. هن حقيقت جي پٺڀرائي ڪڇ جي ڏيهي تاريخ مان بہ ملي ٿي، جنهن کي مان سمجهان ٿو تہ هن وقت تائين ڪنهن بہ اهميت ڪانہ ڏني آهي. ڪرنل ٽاڊ، پنهنجي ڪتاب ” ٽريولس ان ويسٽرن انڊيا“ (ص۴۷۰) ۾ ڪڇ جي هڪ تاريخ ” غملي“ Ghumli جو ذڪر ڪيو آهي. مذڪوره تاريخ ۾ هي بيان آهي، تہ ڄام انڙ سنہ ۱۰۵۳ع ۾ تخت تي ويٺو. وڌيڪ اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ سمان ان دور ۾ مسلمان ٿيا هئا. هن تاريخ ۾ اسان کي ٻہ هڪڙي ڳالهہ هيءَ ڏسڻ ۾ ايندي تہ هو سمن ۽ سومرن کي، منجهائي ۽ عمر کي انڙ ڪري مامري کي ڳڏائي وچڙائي ٿو ڇڏي. اسانکي پوري ڄاڻ آهي، تہ سما قبيلي جو پهريون حڪمران ڄام انڙ آهي ۽ سمن اقتدار تي قبضو ٻارهين صدي عيسوي کان اڳي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ ڪيو هو. تنهن ڪري انومان اهو آهي تہ سمن جي قبيلي اسلام ان دور کان اڳ ۾ ڪونہ قبوليو هوندو. مونکي هن ڳالهہ جي پڪ آهي تہ مورخ ان حقيقت کي قلمبند ڪيو آهي. جيڪا سنڌ ۽ پرپاسي واري ملڪ ۾ مشهور هوندي ۽ اهو سنہ سال جنهن ۾ قبيلي جي سردار اوچتو حملو ڪري سنڌ جي اقتدار تي قبضو ڪيو هو، سو بہ اندازو ڪري لکيو هوندائين. ان مورخ جي تصنيف ۾ ڪيترن ٻين جاين تي بہ غلطيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون ، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هي مصنف سنڌ جي هن ٻنهي مکيہ قبيلن جي تاريخ کان پوريءَ ريت باخبر ڪونہ هو. محمد يوسف نالي ٻئي مصنف هن سال کي وري ڪنهن ٻئي تاريخي واقعي ڏانهن منسوب ڪيو آهي، جنهن کي اليٽ (جلد -I- ضميمو – ص ۴۸۵) سومرن جي اقتدار جي شروعات وارو سال ٿو سمجهي. اسان جي هيءَ ٿي ثابتي ڪافي آهي تہ ان دور ۾ غزنوي سلطنت جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي، سنڌ جي هن لاڙ واري علائقي ضرور آزاديءَ جو اعلان ڪيو هوندو. سلطان عبدالرشيد جي تخت تي وهڻ شرط ائين ڪونہ ٿيو هوندو، پر هوريان هوريان حالتن جو جائزو ورتو ويو هوندو، تہ آزاديءَ جي اعلان ڪرڻ مان ڪو وڏو ڇيهو تہ ڪونہ رسندو. ان کان پوءِ ائين ڪيو ويو هوندو. سلطان عبدالرشيد ۱۰۵۰ع ڌاري تخت سنڀاليو ۽ سومرن جي بغاوت ان جي تخت تي وهڻ کان بہ ٽي سال پوءِ ٿي سگهي ٿي. منهنجو انومان آهي تہ سومرن ۱۰۵۳ع ۾ آزاديءَ جو اعلان ڪيو هوندو (پ -۱۹). هڪ اندازي مطابق سومرن جي اقتدار ۾ اچڻ جو دور معلوم ٿي ويو. باقي هاڻي هيءَ ڳالهہ رهي ٿي، تہ سنڌن زوال ڪهڙي دور ۾ آيو. جيڪي تاريخون منهنجي نظر مان گذريون، تن مان سيني کان وڌيڪ معصوم بکريءَ سومرن ۽ سمن جو ذڪر تفصيل سان ڪيو آهي. جڏهن اسان دهلي سلطنت ۽ سنڌ جي ڏيهي تاريخ جو مطالعو ڪريون ٿا تہ سومرن جي شجري ۾ سالن جو وڏو فرق نظر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇي ٿو ۽ ڏسڻ ۾ اهو اچي ٿو ته مير معصوم جي تاريخ به اهڙين غلطين کان وانجهيل ڪونه آهي. مير معصوم سمن جي پهرئين حڪمران جي تخت نشينيءَ بابت مختلف واقعن جو ذڪر ضرور ڪيو آهي، پر ڪابه تاريخ ڪانه ڏني اٿائين. مگر خوش قسمتيءَ جي ڳالهه آهي جو هڪ ڏاريو ماڻهو هرڪيولس جي ٿنڀن واري ملڪ (مراڪش) مان هلي ان دور ۾ سنڌ پهتو، (ب -٢٠) جڏهن انهن واقعن جو سلسلو اڃا جاري هيو ۽ انهن واقعن جو ان مورخ به ذڪر ڪيو آهي. هنجي تاريخي بيانن مان اسانکي معلوم ٿيندو ته هن مصنف مير معصوم کان وڌيڪ تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي ۽ اسان سندس ئي ڏنل سال مان سومرن جي اقتدار جي خاتمي جي دور بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهون ٿا. سما خاندان جي سياسي سگهه حاصل ڪرڻ جو دور به اهو ساڳيو سمجهڻ گهرجي. مذڪوره مصنف سمن جي اقتدار جو سال ١٣٣٣ع (٩٤) ڏنو آهي. اهڙيءَ ريت سومرا خاندان جي سنڌ تي حڪومت به سو اسي سال کن رهي. هن گهراڻي جي حڪمرانن جي نالي جي باري ۾ مورخن ۾ اختلاف راءِ موجود آهي، پر هيءَ ڪا اهم ڳالهه ڪانه آهي. حقيقت ۾ اصل مسئلو اهو آهي، ته هن گهراڻي جي حڪومت هلي ڪيترو وقت آهي؟ مرهيات مسٽر اي ٿامس Mr. E. Thomas پنهنجي راءِ جو اظهار هن ريت ڪيو آهي، ته هندستان جي هر حڪمران جي بادشاهيءَ ڪي سراسري طور سترهن سال (٩٥) سمجهڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان سومرن جي دور ڪي هن اصول جي ڪسوٽيءَ سان پرکي ڏسنداسون ته سندن سورنهن يا سترهن بادشاه وڃي بيهندا. مير معصوم سومرن بادشاهن جو انگ ٻارهن ٻڌائي ٿو. سندس ڏنل انگ موجب هر بادشاه جي حڪمرانيءَ جو سراسري دور وڃي ٽيويهه سال بيهندو. هتي اسان کي مير معصوم غلط ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٻئي پاسي تحفة الڪرام هتان جي ڏيهي ماڻهوءَ جي لکيل تاريخ آهي، جيڪا هن ارڙهين صديءَ ۾ لکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوري ڪئي هئي. هيءُ مورخ بہ سومرن بادشاهن جو تعداد ٻڌائيندي غلطي ڪري ٿو ۽ انگ سترهن ٻڌائي ٿو. ان سان گڏ هر هڪ بادشاهہ جي حڪمرانيءَ جي دور جو وچور ڏيندي ، سومرن جي بادشاهيءَ جو ڪل دور ٽي سو ستر سال لکي ٿو. اهڙيءَ ريت هر بادشاهہ جي حڪمرانيءَ جو سراسري دور ويجي ٻاويهہ سال ٿئي ٿو.

سومرن سلطانن جي راڄڌانيءَ جو پهريون شهر ”ٿري“ Thari هو. لاڙ ۾ هن ڪان سواءِ ٻيو ماڳ بہ آهي، جنهن جو نالو ٿري آهي. پر جنهن ٿريءَ ۾ سومرن جي راڄڌاني هئي، سا الهندي پراڻ جي ساڄي ڪناري آباد هئي. هن تاريخي شهر جا ٿرڙ، محبت ديري ڪان ساڍا ڇهہ ميل اوڀر- ڏکڻ اڄ بہ ڏسي سگهجن ٿا. انڊيا آفيس ۾ موجود تاريخ معصوميءَ جي نسخي ۾ سنڌي روايتن موجب ”ٿري شهر درياهہ جي ڪناري سان واقع هو“ ۽ اسان کي اهو پراڻ درياهہ سمجهڻ گهرجي. هن حقيقت مان هڪ ڳالهہ واضح ٿي وڃي ٿي، تہ سومرن جي شروعاتي دور ۾ سنڌوءَ جي هيءَ ڇاڙهہ اڃا وهي رهي هئي. ان کان پوءِ سومرن ٿريءَ کي ڇڏي اڃي طور Tur وسايو ۽ ان شهر کي پنهنجي راڄڌاني بڻايو. سومرن جي هيءَ راڄڌاني سنڌوءَ جي ڇاڙهہ گنگرو جي ڪنار سان آباد هئي. راڄڌاني مٽائڻ جا سبب معلوم ٿي ڪونہ سگهيا آهن . پر امڪان آهي تہ ان زماني پراڻ سڪي ويو هجي، جنهن جي نتيجي ۾ سومرن کي پنهنجا پراڻا ڪک ڇڏڻا پيا هجن. طور شهر جا ٿرڙ ٿتي کان اٺاويهہ ميل اوڀر ۽ شاهہ ڪپور (٩٦) ڳوٺ جي ڀرسان موجود آهن. تاريخ طاهري جو مصنف ڏيهي ماڻهو آهي، سو تعجب ڪائيندي چوي ٿو تہ ”مان اڪيلي نہ پر ٻين بہ الائي ڪيترن ماڻهن هي ٿرڙ ڏٺا آهن. سچي ڳالهہ بہ اها آهي، تہ ساري سنڌ ۾ سومرن جي هن ٻيءَ راڄڌانيءَ جهڙو ٻيو سهڻو ۽ شاندار شهر ڪونہ هو، جيڪو گنگري جي ڏاکڻي ڪنڌيءَ سان آباد هو. هن وهڪري جي مٿين پاسي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا نشان معلوم ڪري ڪونہ ٿا سگهجن، پر سنڌس وهڪري جي رخ مان سهي ڪري سگهجي ٿو تہ اهو "رين" ڀاڻ مان ڇڇي ڌار ٿيندو هو.تحفة الڪرام جو بيان آهي، تہ طور جو شهر علاوالدين خلجي حملو ڪري تباهہ ڪري ڇڏيو هو. اها وسهڻ جوڳي حقيقت آهي. مذڪوره واقعو تيرهينءَ صديءَ جي پڇاڙي يا چوڏهين صديءَ جي اڳياڙيءَ سان واسطو رکي ٿو. سنڌ جي آزادي دهليءَ واسطي ڪک جو ڪانُ معلوم ٿي رهي هئي. علاوالدين سرڪش سومرن کي سيکت ڏيڻ واسطي مٿن حملو ضرور ڪيو هوندو. ٿورو وقت پوءِ ڪڇ ۾ لاڙ جي سَمن ڳڏجي سومرن کان اُئين اقتدار کسي ورتو، جيڪو هنن ڪجهہ صديون اڳ پنهنجي پيش روئن کان ڦري ورتو هو. تاريخي واقعن مطابق سمن کي سنڌ جو راڄ سنہ ١٣٣٣ ع ۾ مليو.

معلوم ٿئي ٿو تہ سومرن جي حڪومت، سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي ۾ ان جي اوير پاسي تائين محدود هئي. (16) ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ سندن حڪومت جي اولاهين سرحد، سنڌوءَ جي موجوده وهڪري ۾ ڇوڙ واري علائقي تي مشتمل هئي.

سمن بادشاهن پنهنجي حڪومت کي سومرن وارين سرحدن کان گهٽو اڳتي وڌايو. هنن پهريون ڪم اهو ڪيو، جو پنهنجيءَ راڄڌاني کي تبديل ڪيائون. سمن جو نئون گادي وارو هنڌ سومرن جي راڄڌانيءَ کان پندرهن ميل پري اُن ماڳ کي بنيايو ويو، جتان هڪ جابلو سلسلو ڏکڻ طرف ڪلري ۾ بگهياڙ ڦاٽ ڏانهن هلندو ٿو وڃي. سمن جي نئين راڄڌاني جو نالو ساموئي هو. ان وقت يا ان کان ٿورو پوءِ تغلق آباد نالي هڪ قلعو، جنهن کي هاڻي ڪلاڪوٽ Kala Kot سڏيندا آهن، تعمير ڪيو ويو. مذڪوره قلعو ساموئيءَ کان ڇهہ ميل ڏکڻ طرف ساڳئي جابلو سلسلي تي اڏيو ويو، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي. پتو نہ آهي تہ اهو قلعو نئون اڏيو ويو هو يا سومرن کان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فتح ڪيو ويو هو. تحفة الڪرام جو مصنف اسان کي ٻڌائي ٿو ته، "علاوالدين خلجيءَ طور تي حملو ڪري ان کي ناس ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ جڏهن سمن سومرن (17) کان سنڌ جي حڪومت جي واڳ ورتي، ته هنن راجا ڪالا جي نالي پٺيان ٻڌايل قلعي ڪالاڪوٽ (18) کي سمن جي بادشاه تغلق جي نالي پٺيان تغلق آباد نالو ڏئي، اتي پنهنجي راڄڌاني قائم ڪئي. هي اسان کي وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته "ساموئي ۽ تغلق آباد جي اڏجڻ کان پوءِ وڌيڪ جڳهه ڪانه رهي ، تنهن ڪري (19) نئي شهر جو بنياد رکيو ويو ۽ ان کي ٺٽي سنڌ جي راڄڌاني بڻايو ويو. (۹۷) هتان جا ڏيهي مورخ ٺٽي جو ذڪر ائين ڪندا آهن، ڄڻ ته اهو شهر، بنياد رکجڻ کان اڳئي موجود هو ۽ هن کي ان نالي پٺيان سڏيندا آهن، جنهن نالي سان ڪنهن زماني ۾ ساري لاڙ واري علائقي کي سڏيو ويندو هو.

حقيقتن کان اڻ ڄاڻائي سبب اسان کي پتو ڪونه ٿو پوي ته سمن واري راڄڌاني جو بنياد ڪهڙي دور ۾ پيو هو. ان لاءِ اهو بهتر ٿيندو ته اسان هن بابت ٻين تاريخن مان به ميڙا چُونڊي ڪري ڪي شاهديون ۽ ثابتيون هٿ ڪريون. سنه ۱۳۳۴ع ۾ ابن بطوطه لاهري بندر ڏانهن ويندي ضرور ساموئي ۽ ٺٽي وٽان مَتيو هوندو، پر هو ٻنهي ماڳن جو ذڪر ڪونه ٿو ڪري. اهي ٻئي شهر ان وقت ضرور موجود هوندا، پر ايڏا مشهور ڪونه هئا، جو ڪنهن سيلانيءَ جو ڌيان ڇڪائي سگهن. پر هڪڙي ٻي ڳالهه به آهي، جنهن لاءِ اسان کي ضرور سوچڻ گهرجي ته ابن بطوطه سنڌ ۾ فقط انهن شهرن جو ذڪر ڪيو آهي، جن ۾ ٿورو يا گهڻو وقت ترسيو آهي. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي، جو سندس ڪتاب ۾ سنڌ جي فقط چئن شهرن جو ذڪر ملي ٿو. جيتريقدر مونکي ڄاڻ آهي ته هندستان جي تاريخ ۾ ۱۳۴۷ع کان اڳ اسان کي ٺٽي جو ذڪر ڪونه ٿو ملي. (پ ۲۲)برنيءَ جي تاريخ فيروز


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رچرڊ اسٽيل Richard Steele ۽ جان ڪروٿر Jhon Crowther جي سفر نامي مان ملي آهي، جيڪي سن ١٦١٤ع ۾، اجمير کان اصفهان ويندي هتان گذريا هئا. انهن لکيو آهي تہ ” لاهور، هندستان جي قديم ، واپاري ۽ سٺن شهرن مان هڪ آهي. هن شهر جو پورچوگال سان سٺو واپار هلي ٿو. جڏهن امن امان هوندو آهي تہ سڄي هندستان جو واپار هن شهر سان ٿئي ٿو. پورچوگيز هتان مال جو واپار ڪري دزياهہ رستي ٺٽي نيندا آهن، ۽ اتان پوءِ هرمز ۽ ايران ڏانهن موڪليندا آهن. جيڪي واپاري ايران ۽ هندستان جي وچ ۾ پاڻ واپار ڪندا آهن، سي هن کي مال جو ڀاڙو ڏيندا آهن. اهي واپاري ڪارن مرچن ۽ ٻين گرم مصالحن جو واپار هن درياهہ رستي ڪن ٿا. مذڪوره مصالحہ هندوستان جي ڪن علائقن ۾ تمام گهڻا ٿيندا آهن. (٩٨) اهڙيءَ ريت اسان کي هڪ جديد ذريعي معرفت، ڪنهن شڪ شبهي کان پاڪ لاهوري يا لوهاراني ماڳ جو صحيح ۽ اصل نالو مليو آهي. سنڌ کان ٻاهر اتر هندستان ۾ بہ اهو نالو مشهور هوندو هو. هن ماڳ جو اصلي نالو لاهري Lahari هو. ان بندر ۽ ڇوڙ واري علائقي ۾ لاهر Lahar نالي هڪ قبيلو هو. ڏنڌي جي نقطہءِ نگاهہ کان ٻيڙائت هئا ۽ سمونڊ ۾ ٻيڙا هاڪاريندا هئا. جڏهن حڪومت ڪمزور هوندي هئي تہ ساموندي ڪناري سان ڌاڙا بہ هڻندا هئا. جڏهن کا سگهاري حڪومت ايندي هئي تہ ماٺ ٿي ويندا هئا. جن انگريزن پهريائين سنڌ ڏٺي هئي، تن هن شهر ۽ بندر کي ديول جو شهر ”The city of Diul“ سڏيو آهي هن پورچوگيزن کان ديول Dewal ۽ لاڙي بندر Larry bundar جا نالا ٻڌا هئا. سنڌن دماغ تي اهو اثر ويٺل هو. هتي بہ اسان کي بندر جي اصلي نالي جي جهلڪ ملي ٿي، جيڪا اسان Larry bundar جي نالي ۾ محسوس ڪريون ٿا.

سومرن جيان سما بہ سنڌ ۾ جام آهن ۽ گهٽو ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسلمان آهن. اهي اصل ۾ هندو راجپوت هئا. اقتدار جي ايوانن تائين پهچڻ کان اڳ سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ ڪن صدين کان آباد هئا. اتر ۾ رهندڙ سمن جو ذڪر اسان کي چچ نامي ۾ به ملي ٿو، جيڪي راءِ چچ جي زماني ۾ ستينءَ صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ ڪنڊياري پرڳڻي ۾ رهندا هئا ۽ اجا تائين آتي رهندا اچن . جن سمن جو اسان ذڪر ڪري رهيا آهيون، تن جو واسطو ڪڇ سان هو. بعد ۾ هو چوڙ واري علائقي کي والاري ويٺا. اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ، سندن تاريخ سومرن جي تاريخ کان دلچسپ آهي. شروعاتي دور ۾ هو سنڌ ۾ سومرا شاهيءَ جا دوست ۽ ساٿي هئا. اقتدار ۾ اچڻ کان تورو اڳ، ساٿن مهاڏو اٽڪايائون ۽ ويڙهاند ۾ وڏي بهادري ڏيکاريائون. آخر ۾ سندن سوبيَ ٿي. ٻي دلچسپ ڳالهه اها آهي، ته هن قبيلي جي بي شمار ماڻهن هڪ ئي وقت اسلام قبول ڪيو هو. اهو ڪيئن ٿيو، انهن ڪنهن وٽان اهڙو اثر قبول ڪيو، تنهن حقيقت جو پتو ڪنهن کي به ڪونه آهي، پر سمجهه ۾ اچي ٿو ته ڪين اثر اوچتو ٿيو ۽ بنا ڪنهن دير جي مسلمان ٿي ويا. تاريخن ۾ سومرن سردارن جا نالا هندن جهڙا آهن، سمن جي پهرئين بادشاه يا ڄام جو نالو انڙ هو ۽ سندس پيءُ جو نالو بابوني Babuni هو، (پ-٢٣) جيڪي ظاهر ۾ هندو لڳن ٿا. پر ابن بطوطه اسان کي ٻڌائي ٿو ته اهي مسلمان هئا. معلوم ائين ٿئي ٿو ته جڻ اهي تازو مسلمان ٿيا هئا. هن گهراڻي جي ٽئين سلطان تماچيءَ جي پٽ کي، جڏهن هو اجا ٻار هو، يرغمال ڪري دهلي وٺي ويا هئا. وڏي عرصي کان پوءِ جڏهن کيس آجو ڪيو ويو ته خيرالدين جي مسلمانڪي نالي سان سنڌ پهتو. دهليءَ وارن کي اهو محسوس ٿيو ته سنڌ ۾ هندو مسلمان ٿيڻ شروع ٿيا آهن، (21) پر پوءِ به اصلوڪا هندو نالا رکندا اچن ٿا. هندستان جي راڄڌانيءَ ۾ هن ڳالهه کي برداشت نه ڪيو ويو هو ۽ سمجهيائون پئي ته اهو ڪم صحيح نه آهي. ڄام خيرالدين جا به


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ، (پ-٢۴) جيڪي ڪانئس پوءِ هڪ ٻئي پٺيان تخت تي ويٺا. ٽن تي
ٻه هندو نالا، بابوني Babuni ۽ تماچي رکيل هئا. (پ-٢۵) ان کان
پوءِ هي گهراڻو ڪٽر مسلمان ٿي ويو.

چام خيرالدين (22) دهليءَ کان واپس ٿيو ته سندس دهليءَ
بابت خيال نيڪ ۽ ٺيڪ هئا، ڇاڪاڻ ته اتان جي حڪمران ڪيس آڇپو
۽ سنڌ جي حڪمراني واري ڏني هئي. ان زماني ۾ گجرات ۾ بغاوت ٿي
هئي، (پ-٢٦) جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. (پ- ٢٧) چام
خيرالدين سلطان جي نافرماني ڪريءَ موچي باغي طغيءَ کي پاڻ وٽ پناه
ڏني. سلطان ان باغيءَ جو پيڇو ڪندي اچي ٺٽي جي حدن ۾ پهتو،
جتي هن وفات ڪئي. هن کان پوءِ سندس ڀائٽيو سلطان فيوز شاه تخت
تي ويٺو. دهليءَ جي فوج ڏاڍي مايوس هئي. سلطان جي چاچي سلطان
محمد تغلق جي اتحادي نسلن سندس لشڪر ۾ ڦرلٽ جي ڏم مچائي
ڏني. هن سنڌ خلاف جنگي مهم تان هٿ ڪٽي، اتر طرف پوٺتي هٽڻ
شروع ڪيو. هي حال ڏسي چام خيرالدين دهلي لشڪر جي پٺيان
حملو ڪيو ۽ سن ڳوٺ تائين کين ڪٽيندو ويو، (پ -٢٨) جيڪو ٺٽي
کان هڪ سو ميل جي فاصلي تي آهي. جنگي مهم جي سخت ناڪاميءَ
۽ چام خيرالدين جي توهين آميز سلوڪ سلطان فيروز (23) جي دل کي
گهڻو رنجائي وڌو هو: انهن سالن کان پوءِ انتقام وٺڻ جي نيت سان هن
سنڌ جي سمي سلطان مٿان حملو ڪيو. هن حملي ۾ به سلطان فيروز
شڪست کاڌي. گجرات ڏانهن ويندي پاڻ ۽ سندس لشڪر ساڙيندڙ
ڪڇ جي رڻ مان گذرندي ڏري گهڻ تباه ٿي ويو هو، ڇاڪاڻ ته اتي
پاڻيءَ جو ڦڙو به ڪونه هو. پر سندسيا ڳ ڀلا هئا، جو هو بچي ويا.

شمس سراج عفيف جي تاريخ فيروز شاهيءَ مان اسان کي
معلوم ٿئي ٿو ته سلطان فيروز شاه واري ٻي جنگي مهم (٦٢-١٣٦١ع)
تائين سنڌ ۾ اسلام گهڻي ترقي ڪري چڪو هو. ان وقت تائين سما


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاچ پرک ۽ جاکوڙ کان پوءِ پتو پيو تہ شاهي فوج جو درياہ پار ڪرڻ ممڪن نہ ٿي ڪونہ هو." هو وڌيڪ بيان ڪري ٿو، جيڪو اعتبار جوڳو ڪونہ آهي، "سلطان فيروز پنهنجي لشڪر جو وڏو حصو مٿي موڪليو جنهن بکر کان سنڌو اڪري، ساڄو ڪنارو ورتي، هيٺ اچي ٺٽي تي حملو ڪيو. ٺٽي کان ٻاهران سنڌين سان سنڌن مقابلو ٿيو، جنهن ۾ دهليءَ جي لشڪر کي شڪست آئي. مؤرخ ان شڪست کي لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي، جنهن ڪري ڪل بہ اچي ٿي. پر سنڌس قلم مان سچ بہ نڪري نروار ٿي بيهي ٿو. هو جنگ جو صورتِ حال لکندي بيان ڪري ٿو تہ، " سلطان فيروز نهايت خبردار ماڻهو هو. ٺٽي جو قلعو (درياهہ جي کاٻي ڪناري هنيل فوجي ڪئمپ وٽان) اکين جي آڏو هو. اتان درياهہ گهڻو ويڪرو هو. ٻئي ڪناري سان جنگي ميدان چٽيءَ ريت نظر ڪونہ ٿي آيو، تنهن ڪري اهو پتو پئجي ڪونہ ٿي سگهيو تہ جنگ ڪيئن هلي رهي هئي. سلطان فيروز جون اکيون غيبي امداد لاءِ مٿي خدا طرف کڄي ٿي ويون. هو سنڌوءَ درياهہ جي ڪناري تي بيهي واجهائي رهيو هو، تہ جنگ جو نتيجو الائي ڇا ٿيندو. مٿان کيس الهام ٿيو ۽ هڪ اعتماد جوڳو ماڻهو ٻيڙيءَ تي چاڙهي روانو ڪيائين ۽ کيس هدايت ڪيائين تہ لشڪر کي جنگ ڪرڻ کان روڪي ۽ وٺي اچي. ڇاڪاڻ تہ ٻنهي طرفن کان مسلمان وڙهي رهيا هئا. جيستائين جنگ گهڻو وقت جاري رهي، تہ ٻنهي طرفن کان الائي ڪيترا بي گناہ مسلمان ڪسي ويندا. (پ - ٢٩) ان ماڻهوءَ هدايتن موجب عمل ڪيو ۽ عمادالملڪ ۽ ظفر خان کي وڃي شاهي پيغام ڏنو. دهليءَ جو لشڪر جهڙي نموني بکر کان ڦري ٺٽي پهتو هو، تهڙي ريت وري بہ هڪ سو ويهہ ڪوهہ مٿي وڃي بکر کان ڦري سلطان فيروز وٽ ٺٽي پهتو. ان کان پوءِ سلطان عمادالملڪ کي چيو تہ "ٺٽي جا اهي آگرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو بچي آخر ويندا ڪيڏانهن، ڀلي پوءِ نانگن جيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجي ڏرڙن ۾ لڪن ـ ٿتي کي فتح ڪرڻ تائين منهنجو لشڪر هتي رهندو. اسان کي هتي هڪ وڏو شهر تعمير ڪرڻو پوندو“ (اليٽ III ٢٣١ ـ ٢٣٢). مونکي شڪ آهي تہ سمن هٿان دهليءَ جي فوج جي شڪست کان پوءِ جيڪي لفظ سلطان فيروز جي واتان نڪتا آهن، سي سندس پنهنجا نہ، پر جڙتو آهن ۽ مورخ پاڻ گهڙي ورتا آهن. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ دهليءَ جي شاهي فوج سمن جي سنڌي فوج هٿان لاڳيتا ٽي ڀيرا (24) شڪست کاڌي آهي. ان لاءِ ضروري ٿي پيو هو تہ هو، دهليءَ مان وري ڪا تازي فوج گهرائي وٺي. ان وقت تائين شڪست جي گلا جو گهانگهو پائي وڏيڪ لشڪر پهچڻ جي اوسيڙيءَ ۾ لاڙ ۾ ماٺ ڪري ويهي رهيو. ان وقت سلطان فيروز جي پاڳن بہ پيڙو ڏنو، ٿٽي ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا. (ب ـ ٣١)چوڙ جي اوپارئين حصي ۾ کاڌي خوراڪ جي ڪمي ڪانہ هئي، پر درياه جي الهندي ڪناري وارو علائقو تباه ٿي ويو هو. ڏڪر ۽ اختلافن سلطان فيروز جي سوبي لاءِ چڻ گس ڪولي وڌو هو، توڙي جو اڳ سندس سڀ جاڪوڙون سجايون ڪونہ ٿيون هيون. جڏهن سنڌ جي سمي سلطان، دهلي جي سلطان فيروز آڏو آڻ مڃي (ب ـ٣٢) تہ هو خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ ڪونہ ٿي ماپيو. جام خيرالدين کي پاڻ سان گڏ دهلي وٺي ويو. ان جاءِ تي سندس ڀاءُ دهليءَ جي سلطان جي ڏن ڀرو جي حيثيت سان حڪومت هلائڻ لڳو.

سلطان فيروز شاه جي زماني ۾ دهليءَ ۾ ڪجهہ وڳوڙي وايو منڊل پيدا ٿي پيو هو. ان کان پوءِ سندس جاءِ نشين جي حڪومت دوران بہ دهليءَ جون سياسي حالتون نيڪ نہ رهيون. مٿان وري ١٣٩٨ع ۾ تيمور لنگ دهلي تي حملو ڪيو. ان ڪري سمن کي دهليءَ کان آزاد رهڻ جو وجهہ ملي ويو. هو سگهارا ۽ سياسي طور باشعور هئا. هنن سنڌ جي آزاديءَ جو ڀرپور فائدو ورتو. هن معاملي ۾ سما، سومرن کان وڌيڪ ڏاها هئا. تاريخ طاهريءَ جو مصنف لکي ٿو تہ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۹۱۴هه ۾ ٿي هوندي. مير معصوم (26) جو بيان آهي ته ڄام نندو ۸٦٦ هه ۾ تخت تي ويٺو ۽ سندس حڪومت اٺيتاليهه سال هلي. منهنجي خيال ۾ سندس اهو بيان صحيح آهي (۱۰۰).

هن سلطان جي حڪومت سنڌ جو هڪ سونهري دور هو. سمن ۽ سومرن بادشاهن مان فقط هن سمي سلطان جي نالي ڪي سنڌي اڃا تائين گهڻو ياد ڪندا آهن. اهائي ثابتي آهي ته هو سيني حڪمرانن مان هڪ بي مثال بادشاه هو. هنن وصفن وارا حڪمران مشرق ۾ ورلي ٿيندا آهن، جيڪي پين ۾ سنائي جو احساس پيدا ڪندا آهن ۽ جتي ضرورت هوندي آهي ته پنهنجي نيڪ نامي سان ماڻهن جو اعتماد بحال ڪرائي وٺندا آهن. سندس وزير جو نالو دريا خان هو. هن شخص سندس خدمت ڏاڍي ڏاهپ ۽ نمڪ حلاليءَ سان ڪئي. دريا خان جي انتظامي صلاحيتن سبب ڄام نندي جي هنڌين ماڳين ڏاڪ ڄمي وئي هئي. بکر کان وٺي سمونڊ تائين سيئي سنڌي سمي سلطان جا فرمانبردار هئا. دهليءَ جي حڪمرانن ڪي پنهنجا ڏچا هئا، تنهن ڪري هن ڏوراهين ملڪ ڏانهن ڏيان ڏئي ڪونه سگهيا. ٽي سگهي ٿو ته سمن سان مقابلي ۾ تغلق گهراڻي جيڪي سور سٺا هئا، سي ڪانئن اڃا ڪونه وسريا هجن. ڄام نندي جي دور ۾ سنڌ پوريءَ ريت آزاد هئي. اينڌڙ مصيبتن جو پاڇولو شايد سمن ۽ سنڌ مٿان جهڙڪي رهيو هو ۽ ارغونن ان زماني ۾ سنڌ تي حملا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا هئا.

ارغونن جي سردار ذوالنون بيگ کي، هرات جي سلطان حسين مرزا قنڌار جو گورنر مقرر ڪيو. اهو علائقو سڄو هو ۽ سندس ضرورتن جو پورائو ڪري ڪونه ٿي سگهيو. سندس حريص نظرن پنهنجي صوبي جي حدن کان اوير طرف وڌائڻ تي مجبور ڪيو ۽ عمران amran جابلو سلسو اُڪري، پشنگ ، شال (ڪوئٽه) ۽ مستونگ کي فتح ڪري پنهنجي حڪومت ۾ ملائي ڇڏيو. سندس پٽن شاه بيگ ۽


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد بيگ بولان لڪ کان هيٺ لهي سوي Siwi کي فتح ڪري، پنهنجي حدن سان شامل ڪيو. سوي (سبي) تن ڏينهن ڄام نندي جي حڪومت ۾ شامل هئي، جنهن سپهہ سالار دريا خان جي ڪمان هيٺ هڪ سگهارو لشڪر اوڏانهن ڏياري موڪليو. ان زماني ۾ سندس لقب مبارڪ خان هو. سنڌ جو سپهہ سالار مبارڪ خان پيش قدمي ڪندو، بولان لڪ جي بي بي ناني جي ماڳن پرسان جلوگير Jalugir جي ٿاڪ وٽ اچي نڪتو. ٻنهي فوجن ۾ سخت مقابلو ٿيو، جنهن ۾ ذوالنون جو پٽ محمد بيگ مارجي ويو ۽ سندس لشڪر کي زبردست شڪست ملي. اهو سنڌ جي سکهہ جو آخري سچو ڏيک هو. مبارڪ خان ارغونن کي اهڙي تہ سيکت ڏني هئي جو هنن کي ڄام نندي جي زندگي (١٠١) ۾ سنڌ ڏانهن ميريءَ نگاه سان اک کڻي ڏسڻ جي وري جرئت ئي ڪانہ ٿي.

ارغونن کي جلوگير Jalugir واري شڪست سنہ ١۴٨٦ع (١٠٢) ۾ آئي هئي. جڏهن سنہ ١۵٠٧ع ۾ شيباني خراسان تي حملو ڪيو تہ، امير ذوالنون ماروچاق Maruchak جي محاذ تي سندس مقابلو ڪندي مارجي ويو. سنہ ١۵٠۴ع ۾ بابر هندو ڪش پار ڪري اچي ڪابل ۾ پير پختا ڪيا هئا. تنهن ڪري امير ذوالنون جي وڏي پٽ شاه بيگ جو قنڌار ۾ رهڻ مشڪل نظر اچي رهيو هو. ان کان علاوه بابر قنڌار تي پنهنجي ملڪيت هجڻ جي دعواي بہ ڪئي هئي ۽ ڏکڻ طرف وڌڻ لڳو هو. شاه بيگ ڪجهہ پنهنجي هٿيارن جي زور تي ۽ ڪجهہ پنهنجي سياسي حڪمت عمليءَ جي آڌار تي، پاڻ کي ڪجهہ وقت لاءِ ڄمائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر بابر کيس امن آشتي سان رهڻ ڪونہ ڏنو. ان زماني ۾ هرات شاه اسماعيل جي قبضي ۾ هو، کيس ان مان بہ ڊپ هو. ٻن ڏاڍن دشمنن جي وچ ۾ رهڻ کيس ڏکيو لڳو. منجهس ڪنهن بہ هڪ سان مقابلي ڪرڻ جي سگهہ ڪانہ هئي. هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو ڀاڳ آزمائڻ لاءِ وري به سنڌ ڏانهن رخ ڪيو. تن ڏينهن ننڍي جو سلطان ڄام ننڊو وفات ڪري ويو هو. سندس پٽ ڄام فيروز گاديءَ تي ويٺو هو. اخلاقي طور ڏاڍو ڪمزور هو. عيش عشرت ۾ ڪاهي پيو. سنڌ جي اڳين حڪمران واريون چڱايون منجهس ڳوليئي به ڪونه ٿي لڌيون. سنڌ ۾ هنڌين ماڳين وڳوڙ شروع ٿي ويو هو. سندس درباري سردارن مان گهڻن ارغونن کي وڌيڪ پسند ٿي ڪيو. سنڌ جون سياسي حالتون شاهه بيگ جي فائدي ۾ هيون. هن اڳتي وڌي ڀيهر سبيءَ تي قبضو ڪيو ۽ گنداوا پرسان فتح پور کي به پنهنجي نئين حڪومت ۾ شامل ڪيائين. ڀرپايائين ته هو ٿوريءَ آمدنيءَ ڪري پريشان ٿيو. ڇاڪاڻ ته سندس هن نئين علائقي ۾ پيداوري ذريعا تمام گهٽ هئا. پر ڏکڻ طرف هڪ سکيو ستابو ملڪ، سندس آڏو هو ۽ هو هڪ چالاڪ حملي آور جي حيثيت سان مٿس تکي تاڙ رکي رهيو هو. هن اڳتي وڌي چانڊڪا جي پرڳڻي تي اوچتو حملو ڪيو. ان کان پوءِ سيوهڻ پرسان باغبان ۽ ڳاها تي (١٠٣) هلان ڪئي. اهي ڏاڍا سکيا ستابا ۽ سون اپائيندڙ پرڳڻا هئا. جتان هن ڦر لٽ ڪري گهڻو مال غنيمت گڏ ڪيو. اهڙيءَ ريت هن پنهنجي فوج کي پگهارون ادا ڪيون، ان کان پوءِ هن وڌيڪ سگهاري فوج گڏ ڪري، سنڌ تي سخت حملي ڪرڻ لاءِ ننڍي ڏانهن پيش قدمي ڪرڻ جو سوچيو. هن ١٥١٩ع جي پڇاڙيءَ ڏاران سيوهڻ ۽ لڪي جي جابلو علائقي ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو. سندس ڪنهن به مزاحمت ڪانه ڪئي. اهڙيءَ ريت پيش قدمي ڪندو اچي ننڍي جي ويجهو پهتو. پر هتي پهچي هڪ قدرتي رنڊڪ ڪري روڪجي بيهي رهيو. جيڪڏهن سنڌي پنهنجي مڙسي ڪري ان قدرتي رنڊڪ جو فائدو وٺي، ڪجهه جاکوڙن ها، ته هو سنڌ جي راڄڌاني ننڍي تائين پهچي ڪونه سگهي ها ۽ سندس حملي جي مقصد کي ٿي ڊانوان ڊول ڪري ڇڏن ها. اها قدرتي رنڊڪ ڪلري ڦاٽ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو وهڪرو هو. مير معصوم جو بيان آهي ته ” تن ڏينهن پاڻيءَ جو وڏو وهڪرو ٺٽي جي اُتر کان گذرندو هو ۽ سندس پيٽ مان وهندو هو“ نتيجي ۾ شاه بيگ کي به ٺٽي ڏينهن اتي ترسڻو پيو ۽ سوچيندو رهيو ته درياهه ڪيئن ٽپجي . هڪ پڙهي ڏيڻ وارو درياه جي پتڻ کان ٽپي اتان اچي لانگهائو ٿيو. جتي هي فوجي وانڍ هنيون ويٺو هو. جيڪي ماڻهو پهري تي هئا، تن کيس پڪڙي ورتو. دڙڪا دهمان ڏئي ڪانئس پڇيائون ته هن درياهه ڪٿان پار ڪيو. تنهن تي هن ان پتڻ بابت ٻڌايو، جتان هو درياه اڪريو هو“.

هيءَ هڪ اطمينان بخش حقيقت آهي ته اسان کي مقرر تاريخ تي درياه جي وهڪري جي خاص ماڳ جو پتو پئجي ويو آهي. سنه ١٥١٩ع ۾ ڪلري ڦاٽ سنڌوءَ جو مکيه وهڪرو هو. پر اچرج ان تي ٿئي ٿو ته مير معصوم ان وهڪري کي ”خان واه“ سڏي ٿو (ب-٣٥). ٿي سگهي ٿو ته اهو ”ڪاناهه“ Khanah هجي، جيڪو ڪلري ڦاٽ جي هيٺين حصي جو نالو هو. جيڪڏهن اها غلطي نه آهي، ۽ ان وهڪري جو صحيح نالو ” خان واه“ Khan Wah آهي، ته پوءِ اسان کي سمجهڻ گهرجي ته اهو گهاڙ واهه هو ۽ ڪلري (قديم سنڌو ساگر) کي ملائڻ واسطي کوٽايو ويو هو. رسم ۽ رواج مطابق مذڪوره واهه تي ان ماڻهوءَ جو نالو رکيو ويو. جنهن جي هدايتن هيٺ اهو واه کوٽايو ويو هو. درياه جي مکيه وهڪري جو رخ موڙي پراڻي پيٽ ڏانهن آڻڻ يا ڪلري ڦاٽ جي منهن ۾سان کوٽائي ڪري درياه جو نئون منهن بنائي ان جي پاڻي جو وڏو حصو ڪنهن پراڻي پيٽ ۾ وهائڻ ڪو ڏکيو ڪم ڪونه آهي. جيڪڏهن هڪ ڀيرو اهڙو وهڪرو قائم ٿي ويو، ته پوءِ اهو پاڻهي ڪنڌيون ڪائيندو پائيندو ويندو آهي ۽ نيٺ پاڻيءَ جو وڏو وهڪرو اتان گذرڻ لڳندو آهي. هن واه کوٽڻ جي ضرورت تڏهن پئي هوندي، جڏهن ڪلريءَ ۾ پاڻي گهٽجي ويو هوندو ۽


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڪري جي اترئين ڀاڱي جي آبپاشي نظام کي قائم رکڻ ۽ سنڌ جي راڄڌاني ٺٽي جي رونق برقرا رکڻ لاءِ اهو طريقو اختيار ڪيو ويو هوندو. ٻي اهم ڳالهه اها به آهي ته ٺٽي جي بچاءَ واسطي ان وهڪري جو موجود هجڻ به تمام ضروري هو. ڇاڪاڻ ته اسان ڏسون ٿا ته ارغون به ان وهڪري وٽ پهچي لاچار ٿي بيهي وڃن ٿا. ٻنهي ڳالهين کي نظر ۾ رکجي ٿو ته اهڙا عقلمنديءَ وارا ڪم فقط درياخان جهڙو ڏاهو ماڻهوئي ڪري سگهيو ٿي. ان ڪري ڪوٽايل واهُ ۽ درياهه جو پراڻو پيٽ، جنهن مان واهه وارو پاڻي گذرڻ لڳو ۽ درياهه معلوم ٿيڻ لڳو هو، تنهن سڄي وهڪري کي هن نئين نالي سان سڏيو ويو (١٠٤).

شاهه بيگ جي ڪلري يا خان واهه اڪرڻ وقت ڪابه مزاحمت ڪانه ڪئي وئي هئي. هو ان وهڪري يا ٺٽي جي وچ کان پيش قدمي ڪندو به ٿي ميل اڳتي هليو ويو. سنڌ جي فوج ٺٽي شهر جي ٻاهران سندس سامهون ٿي. ڄام فيروز پاڻ قلعي اندر لڪي ويٺو. ان وقت جهونڙو جهونجهار درياخان سنڌ جي فوج جو سپهه سالار هو. هو پنهنجي ڌرتيءَ جي بچاءُ لاءِ هٿيار ہڌي آيو. سما ڏاڍي بهاديءَ سان ۽ گهڻي وقت تائين وڙهندا رهيا. پر سوبيا نيٺ ارغونن جي ٿي. دريا خان سان گڏ ٻيا سمان به جنگي باندي بڻايا ويا ۽ کين جلدئي قتل ڪيو ويو. ڄام فيروز جو منهن جنگ ڏانهن هو ۽ "درياهه اڪري" يعني بگهياڙ پار ڪري پير آر Pir Ar Crossing the River ڏانهن هليو ويو، جيڪو ٺٽي کان ٽيرهن ميلن جي فاصلي تي (١٠٥) ڏکڻ ڏس تي آهي. ٺٽي واري مذڪوره جنگ ١١ تاريخ محرم ٩٢٦هه (٢ تاريخ جنوري ١٥٢٠ع) تي لڳي، جنهن کان پوءِ شاهه بيگ ارغون سنڌ جو حڪمران ٿيو. (ب- ٣٦) پر ڪيس پاڻ تي پورو ويساهه ڪونه ٿي ويٺو ته هو سڄي سنڌ تي حڪومت ڪري سگهندو يا نه. تنهن ڪري جڏهن ڄام فيروز وٽس اچي پيش پيو ته هن لڪي واري لنگهه کان اتر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساري سنڌ پنهنجي قبضي ۾ رکي. باقي پيو حصو ڄام فيروز کي موٽائي ڏنائين. ان کان پوءِ شاه بيگ سيوهڻ کي فتح ڪيو، جنهن جا دروازا ڪنهن زماني ۾ هن لاءِ بند ڪيا ويا هئا. اهڙيءَ ريت ٽلتيءَ تي به حملو ڪيائين. ان زماني ۾ ٽلتي درياه جي ڪاهي ڪناري سان آباد هئي. جاڪاڻ ته حملي وقت شاه بيگ جي فوج کي درياهه اڪرڻو پيو هو (١٠٦). ان وقت ڄام صلاح الدين، (پ- ٣٧) جنهن ڄام نظام الدين جي وفات کان پوءِ تخت جي مامري تان ڄام فيروز سان جهيڙيو هو، سو نيٺ شڪست کائي گجرات ڏانهن هليو ويو. هن ڄام فيروز سان هڪ هڪاٽي ڪرڻ لاءِ وري چوڙ واري علائقي ۾ لشڪر وٺي آيو. ڄام فيروز اهو حال ڏسي شاه بيگ ارغون کان مدد گهري، جنهن پنهنجي پٽ شاه حسين کي ارغونن تي مشتمل فوج ڏئي ٽني روانو ڪيو، جيڪو به سال ڪابل ۾ بابر بادشاه جي دربار ۾ رهي، تازو موٽي اچي شال (ڪوئٽه) ۾ رهڻ لڳو هو. ڄام فيروز ۽ شاه حسين جي گڏيل فوج ڄام صلاح تي ڪاهي وڃي حملو ڪيو، جيڪو جوڻ جي پرڳڻي ۾ ڪيما ڪوڙيون وينو هو. ان جنگ ۾ ڄام صلاح الدين ۽ سندس پٽ مارجي ويا (پ -٣٨) ۽ سندس فوج گجرات ڏانهن هلي وئي. اتر سنڌ جا راڄوڙا ۽ عام ماڻهو فاتح ارغونن جي پيش پيا، جن جو مقابلي، توڙي امن وقت رعيت سان ڏاڍو سهڻو سلوڪ هوندو هو. شاه بيگ ارغون وگوڙي صورت حال کي منهن ڏيڻ لاءِ صدر مقام وڃي سکر Sakhar کي بڻايو ۽ بکر جي ٻيٽ تي موجود قلعي کي ڪجهه ويڪرو ڪرايو ۽ پراڻين جاين جي مرمت به ڪرائي. ان مقصد سان سنڌ جي پراڻي راڄڌاني الور جو ٽرڙن (ڪنڊرن) مان پراڻو سامان ڪيرائي، بکر جي قلعي ۾ ڪتب آندو.

سنڌ جي فتح ڪرڻ وقت شاه بيگ گجرات فتح ڪرڻ جو به منصوبو بڻايو هو. ان زماني ۾ سلطان بهادر نالي هڪ بادشاه گجرات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي حڪومت ڪري رهيو هو. گجرات جي فتح جي پٺيان ۾ هن سنڌ جي سوبي کي تيج سمان تي سمجهيو. ڇاڪاڻ تہ گجرات تنهن دور ۾ وڏيڪ شاهوڪار ملڪ هو. هن ڄام فيروز سان بہ اهڙو واعدو ڪيو هو تہ جيڪڏهن هو گجرات فتح ڪرڻ ۾ سندس سهائتا ڪندو، تہ فتح ڪان پوءِ سنڌ سندس حوالي ڪئي ويندي ۽ شاه بيگ وڃي گجرات جا وڻ وسائيندو. اهڙو ارادو ڪري هو ڊسمبر جي ٢١ تاريخ ١٥٢١ع تي بکر مان هڪ وڏو لشڪر وٺي، لاڙ ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن چانڊڪا پرڳڻي ۾ پهتو، تہ سندس مکيہ اعليٰ عملدار مير فاضل ڪوڪلتاش بيمار ٿي پيو. تنهن ڪري لاچار ٿي کيس سکر موٽڻو پيو، جتي آخر ڪوڪلتاش وفات ڪئي. شاه بيگ سندس موت کي سٺو سوڻ ڪونہ سمجهيو ۽ اڳ ڪٿي ڪرڻ لڳو تہ هن جو موت بہ جلد ٿيڻ وارو آهي. خير، ڪفن دفن جي رسمن بجا آڻڻ ڪانپوءِ هو پيش قدمي ڪندو لاڙ جي اگهم Agham واري (١٠٧)علائقي ۾ پهتو ۽ هتان ڄام فيروز ڏانهن سنيهو مُڪائين تہ هو ساڻس گجرات ڏانهن گڏجي هلي، پر هو اتي بيمار ٿي پيو. گجرات ڏانهن پيش قدميءَ دوران کيس پنجاب ۾ بابر جي فتح جو پتو پيو. اهي احوال ٻڌي، کيس محسوس ٿيڻ لڳو تہ جنهن بادشاه کيس قنڌار مان پيچائي ڪڍي ڇڏيو هو، سو هاڻي هتي بہ اچي پهتو آهي، سو ڪڏهن مون کان سنڌ بہ ڇڏائيندو، هن قسم جي مايوسيءَ کيس سوداءَ ۽ پڻ بيماريءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. هن آخر اگهم واري علائقي ۾ ٢٢ شعبان ٩٢٨ هہ يا ١٦ جولاءِ ١٥٢٢ع (١٠٨) تي وفات ڪئي.

شاه بيگ جي وفات جي خبر ، ڄام فيروز کي ٺٽي ۾ پهتي، جنهن ڪري هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اها ڳالهہ درگذر ڪرڻ جهڙي بہ هئي. پر هن بي وقوف ڇا ڪيو جو پنهنجي خوشيءَ جي اظهار واسطي پير تي بہ ڏئونڪو ڏياريو. ان ڪري شاه بيگ جي پٽ ۽ تخت جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌجي ويو. سو بابر کي دهلي تائين پهچڻ کان اڳئي پنهنجو شهنشاهه قبول ڪري چڪو هو. هن ٻئي ارغون بادشاهه کي سياسي تدبر ۽ بهادري پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي کان ورثي ۾ مليون هيون. هن چوٽيءَ ۾ واڌارو هن ريت به ڪري سگهجي ٿو ته ڏاڏي ۽ ڏهڪاءُ سنڌس نسل ۽ رت ۾ شامل هو. هن گجرات تي حملي ڪرڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو ۽ سنڌ جي وڳوڙي صورت حال کي ماني ڪرڻ ۽ اتر ڏانهن پيش قدمي ڪرڻ لاءِ جاکوڙڻ لڳو . هن سنڌوءَ جي ڪاپي ڪناري پنج ند تائين سڄي علائقي کي پيلي پينگ ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ بابر جي حڪم سان ملتان جي علائقي کي فتح ڪري بابر کي سوکڙي طور ڏئي ڇڏيائين. شاهه حسين جي هميشهه اها ڪوشش هوندي هئي، ته جيئن بابر سان سنڌس تعلقات نهايت سٺا ۽ دوستاڻا رهندا اچن. هو ڪابل ۾ به سال سنڌس دربار ۾ رهيو هو ۽ وٽانئس حڪمرانيءَ جو تجربو حاصل ڪيو هئائين. ان ڪري هن جي گهڻي عزت ڪندو هو. پر سنڌس وڏي پٽ ۽ وارث همايون سان ڪانه پوندي هيس. جڏهن شاهه حسين هن مسئلي تي سوچي رهيو هو ته هو پنهنجي قسمت کي تيموري خاندان جي مستقبل سان واڳي رکي يا نه ، تڏهن همايون دهليءَ جي تخت تي ٿوري وقت لاءِ مس ويٺو هو. ان زماني ۾ جڏهن همايون ۽ شير شاهه جي وچ ۾ سياسي ڇڪتاڻ اوج تي هئي، ته شاهه حسين ان وايو منڊل کي صحيح نموني سان سمجهڻ واسطي، چوري ڇپيءَ پنهنجو هڪ ماڻهو موڪليو هو. ان ماڻهوءَ وٽان جيڪا ڪيس ڄاڻ ملي، سا همايون جي فائدي ۾ ڪا نه هئي. هن ڪيس ٻڌايو هو ته همايون آرام پسند، عيش عشرت جو ڪوڏيو، مرده دل ۽ بي پرواهه هو. نئين فتح ڪيل ملڪ ۾ ائين ڪرڻ ڪونه ٿو جڳائي. سنڌس مخالف شيرشاهه، اخلاقي طور هڪ طاقتور گروهه جو اڳواڻ هو. شاهه حسين اهڙيون خبرون ٻڌي، همايون جو سچو ماتحت ۽ حامي ڪونه رهيو، پر وچٽري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪمت عملي اختيار ڪيائين. سنہ ١٥٤١ع جي شروعات ۾ همايون اچي روهڙيءَ پهتو هو. شير شاه کان هارايو هئائين. ٿڪل ۽ ٽٽل هو، تنهن هوندي بہ ساڻس چڱو لشڪر ساڻ هو. ڪين آس هئي تہ هو ڪڏهن نہ ڪڏهن پنهنجو وڃايل تاج، تخت ۽ بخت ورائي وٺندو. پر مستقبل جي ڪاروائين لاءِ ڪنهن مستقل مرڪز جو هجڻ لازمي هو. هن پنهنجو اهڙو فوجي مرڪز سنڌ کي بڻائڻ پئي گهريو. اها ڳالهہ وري شاه حسين کي مورڙون ڪانہ ٿي وڻي، تنهن ڪري پڪو پهہ ڪيو هئائين تہ کيس ائين ڪرڻ ڪونہ ڏيندو. همايون جي ڦرندڙ گهرندڙ طبيعت ڪري، پڪ ڪانہ هئي تہ ڪو هو پنهنجو وڃايل تخت ورائي وٺڻ ۾ سوڀارو ٿيندو. ان سان گڏ هن اهو ڪونہ ٿي چاهيو تہ هارايل شهنشاه جي سهائتا ڪري دهليءَ جي موجوده مضبوط حڪمران کي ناراض ڪري. پر فرمانبرداريءَ ۾ ظاهر ظهور تہ ڪابہ ڪوتاهي ڪانہ ٿي ڪيائين. همايون جا سفير جيڪي وٽس آيا ٿي، تن جي گهڻي آجيان ٿي ڪيائين، هن پنهنجي خزاني مان همايون ۽ سندس فوج جي خرچ واسطي روڪ رقم بہ ڏني. پر هلي وڃي ساڻس سندس دربار ۾ ملڻ کان ڪيبائي رهيو هو. ان سان گڏ بکر ۽ سيوهڻ جهڙن مضبوط قلعن جا دروازا همايون لاءِ بند هئا. توڙي جو سندس مرضي هئي تہ اهي ٻئي قلعا سندس حوالي ڪيا وڃن. واقعن جي سلسلي ۾ همايون کي اتر سنڌ ۾ ماٺ ڪري وينو ڏسجي ٿو. سندس پاڻر بہ بيوفائي ڪري، ڏکئي وقت ۾ کيس اڪيلو ڇڏي وڃن ٿا. مهانگائي ۽ ڏڪار کيس (١١٠) پاٽ شهر ڏانهن اسهڻ لاءِ مجبور ڪيو. سندس ڏک ۽ سور جڏهن چوٽ تي هئا، تہ هو حميده بيگم جي محبت ۾ مبتلا ٿي ساڻس شادي ڪري ٿو. جيڪا بعد ۾ اڪبر بادشاه جي ماءُ بڻي هئي. هن اوچتو حملو ڪري سيوهڻ کي فتح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر سوڀارو ڪونہ ٿيو. هن مجبور ٿي قلعي تي گهيرو ڪيو. سندس ڪجهہ لشڪر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وبائي بيماريءَ ڪري مري ويو ته ڪجهه ڪيس ڇڏي هليو ويو. هو سيوهڻ کان روهڙي پهتو. شاه حسين جي فوج به سندس ڪڍ لڳي آئي. پوءِ راڻي مالديو جي مدد جي آسري تي لڳي مارواڙ هليو ويو هو. اتان به ڪيس مقصد جو موتي هٿ ڪونه ٿو اچي. جيسلمير ۽ مالاڻي Mallani جي رڻ پٽ مان اچ وڃي مرڻ تي هو، پر هيءُ پاڻ ۽ سندس لشڪر پاڳن سان بچي ويو هو. اسان مٿي بيان ڪيل واقعن جي وستار ۾ ڪونه ٿا وڃون، پر سلسلي جي سڀني کي اتان کان وٺي سوريون ٿا، جڏهن هو آگسٽ ۱۵۴۲ع ۾ عمر ڪوٽ پهچي ٿو. سندس ڪڍ لشڪر فقيراڻي حالن ۾ ۽ تعداد ۾ صفا ٿورو آهي.

همايون جڏهن عمر ڪوٽ پهچي ٿو ته سندس مثل جسم ۾ ساه پئجي وڃي ٿو. هو ان ماڻهوءَ سان ملي ٿو، جيڪو ته رڳو سندس هڏڏوکي هو، پر مهمان نواز به هو. سنڌ جي معاملي ۾ ساڻس سهائتا ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺو هو. سندس نالو راڻو پرساد هو ۽ مرتبي جي لحاظ کان سوڍن جو سردار هو. شاه حسين سان وير هوس. هن سندس پيءُ کي قتل ڪيو هو ۽ پلاند ڪرڻ جي وجهه جي ڳولا ۾ هو. هن پنهنجا ٻه هزار گهوڙي سوار همايون جي حوالي ڪيا ۽ سنڌي سميجن مان به پنج هزار ماڻهن جي ڪيس مدد ڏني. همايون بادشاه اهڙي آڇ خوشيءَ سان قبول ڪئي. پر ٿوري وقت کان پوءِ همايون جي بي پرواهيءَ ۽ انتظامي صلاحيتن نه هجڻ سبب سندس ماڻهن ۾ ڇڙواڳي اچي وئي. تنهن ڪري هن جا اتحادي ڪانئس الڳ ٿي ويا. جيڪڏهن پنهنجي اتحادين جي طاقت جو ڪنهن ڍاهپ سان استعمال ڪري ها ته سنڌ ارغونن کان فتح ڪري وٺي ها. عمر ڪوٽ ۾ گهٽي دير ٿي وڃڻ ڪري شهنشاه همايون پنهنجو ڪٽنب وڃي قلعي اندر رهايو هو، جيڪي اتان جي راڻي هن مقصد واسطي خالي ڪرائي ڇڏيو هو. ان کان بعد راڻي جي صلاح سان چوڙ واري علائقي جي وچ واري جوءِ جوڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مورچہ بندي ڪئي آهي، تہ هن ريڻ جي وهڪري سان ساڍا پنج ميل مٿي ساڄي پاسي پنهنجي فوج جي وانڍهئين، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن همايون جي فوج جي چر پر تي ڪَرڙي نظر رکي سگهجي. جتي شاه حسين ارغون پنهنجي فوج جي وانڍ هئين هئي، تنهن ماڳ کي هن فتح باغ جو نالو ڏنو هو. يعني مستقبل ۾ ٿيندڙ فتح جي خوشيءَ ۾ هن ماڳ جو اهو نالو رکيو ويو هو. ڪي چون ٿا تہ همايون جي اٽڪل بازيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ جيڪي سياسي تدبيرون ڪري رهيو هو، تن مان کيس پورو يقين هو تہ نيٺ سندس ٿي سوڀ ٿيندي، تنهن ڪري ان ٿاڪ جو نالو فتح باغ رکيو هئائين. اهو بہ چيو ويندو آهي، تہ شاه حسين ارغون هن ماڳ کي پنهنجي فوج جي وانڍ واسطي هن ڪري بہ چونڊيو هو تہ جيئن همايون جي فوجي وانڍ ۽ سنڌو درياه جي مکيہ وهڪري جي وچ ۾ رابطو ڪٽيل هجي. چاڪاڻ جو کيس ڊپ هو تہ متان هُو، جڄهي انداز ۾ ٻيڙيون گڏ ڪري پنهنجو لشڪر ۽ سامان چاڙهي ٿتي ڏانهن پيش قدمي ڪري. هن مذڪوره ماڳ تي فوج وهاري، راڄڌاني ڏانهن ويندڙ شاهي رستي کي ڇڻ بند ڪري ڇڏيو هو. هن حقيقت مان اهو ثابت ڪونہ ٿو ٿئي تہ آڪٽوبر جي مهيني ۾ جڏهن همايون اچي ريڻ جي ڪنار سان منزل ڪئي هئي تہ ريڻ واري وهڪري ۾ پاڻي وهي رهيو هو يا نہ. شاه حسين نومبر مهيني ۾، ريڻ جي ساڄي ڪناري فتح باغ وٽ پنهنجي فوج وهاري هئي ۽ ان موسم ۾ پاڻي اڃا بہ لاٿ ۾ هوندو آهي. کيس ڊپ هو تہ همايون ان جوءِ ۾ گهڻو وقت ترسي پوندو. اها بہ حقيقت هئي جو هو اتي پورا نَوَ مهينا ٽڪيو پيو هو. شاه حسين جي فوج بہ ڪئمپ هٽي ڪپ ڪوڙي ويهي رهي، تہ متان ڇهن مهينن ڪان پوءِ پاڻيءَ جي موسمي چاڙه وقت ريڻ ۾ پاڻي وڌي اچي ۽ همايون سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري ڏانهن مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪري. ٻيا واقعا بہ هن مسئلي کي اڏگيدو ۽ اڻ نبيريو ڇڏي ٿا ڏين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو به چيو ويندو آهي ته شاه حسين، همايون جي فوج تي بحري ۽ خشڪيءَ رستي ڏباءُ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پر هن معاملي ۾ اهو ڪونه ٿو ٻڌايو وڃي، ته شاه حسين سال جي ڪهڙيءَ موسم ۾ همايون جي لشڪر کي جوڻ واري جوءِ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو هو. پر امڪان اهو آهي ته جوڻ ۾ ترسڻ واري وقت جي آخري حصي ۾ هن کيس مجبور ڪيو هوندو ۽ ان وقت رڻ ۾ گهٽ پاڻي هوندو. اسان کي هن ڳالهه جو به پتو پوي ٿو ته همايون وٽن جي ڳاهه پٽي ڳنڍ ڪرڻ لاءِ پنهنجا ماڻهو رڻ جي اولهه پاسي ٻنوري پرڳڻي ڏانهن موڪليا هئا. شاهه حسين جا ماڻهون اوچتو وڃي همايون جي ڳاهِن مٿان ڪڙڪيا. منجهائن پانجهر به ڪونه بچيو. جوڻ جي فوجي ڪئمپ جي ماڻهن رات جي وڳڙي ۾ ٻڌو ته ڪو ماڻهو پار اڪارڻ لاءِ ٻيڙي واري کي، ساڄي ڪناري ڪان سڏي رهيو آهي. هڪ ٻيڙائت کي ڏانهنس موڪليو ويو. جڏهن سڏ ڪرڻ وارو ماڻهو پهتو ته ڏٺائون ته اهو بدقسمت فوجي جٿي جو نائب سپهه سالار هو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ٻنوري وارو واقعو، همايون جي جوڻ ڇڏڻ کان ٿورو اڳ ٿيو هو. اسان کي خبر آهي ته همايون جوڻ واري جوءِ ڏهين جولاءِ تي ڇڏي هئي. ان حساب سان ٻنوري وارو واقعو جون مهيني کان اڳ ۾ نه سمجهڻ گهرجي. پر جيڪڏهن اهو مئي مهيني ۾ ٿيو هجي ها، ته به اهو ثابت نه ٿو ڪري سگهجي ته "رڻ" هڪ دائمي وهڪرو هو. ڇاڪاڻ ته ان مهيني ۾ موسم جي چاڙهه سبب رڻ ۾ جام پاڻي اچي ويندو هو. رڻ جي دائمي وهڪري هجڻ جي فائدي ۾ هي حقيقتون پيش ڪري سگهجن ٿيون ته ڇوڙ وارو سڄو اوڀاريون علائقو هن وهڪري جي پاڻيءَ تي دارو مدار رکندو هو. جيتري عرصي تائين رڻ وهندو رهيو آهي، ته ان تي آباد ٽيندڙ علائقو شادابيءَ ۽ خوشحاليءَ ڪري ڏاڍو مشهور رهيو. تحفة الڪرام جي بيان موجب مذڪوره پرڳڻو، چاچڪ ذات جي ماڻهن

۽ چاچڪ ڳوٺ ڪري "چاچڪان" سڏيو ويندو هو. همايون جڏهن ڀهريون ڀيرو سنڌ آيو هو ته شاه حسين ڪيس خط ۾ لکيو هو، ته هن لاءِ بکر بدران چاچڪان ۾ رهڻ وڌيڪ سٺو ٿيندو. اهو به ذڪر ڪيو هئائين، ته چاچڪان جو پرڳڻو وڌيڪ سر سبز ۽ آباد آهي ۽ منجهس اناج گهڻو پيدا ٿيندو آهي." جيڪڏهن ريڻ وارو وهڪرو موسمي هجي ها ۽ رڳو چاڙهه جي رُت ۾ وهي ها، ته ايترو سر سبز ۽ آباد نه هجي ها. امڪان هن ڳالهه جو نظر اچي ٿو ته جيڪڏهن ريڻ دائمي وهڪرو ڪونه هو، ته گهٽ ۾ گهٽ سال ۾ نوَ يا ڏهه مهينا ته ضرور وهندو هوندو.

همايون جوڻ ۾ نَو مهينا گذاريا. سڄو عرصو شاه حسين ڪيس ڏيچاريندو ۽ دٻاءُ رکندو رهيو. راڻي پرساد جي سهائتا سان همايون شاه حسين تي هڪ ڀيو ڀرپور حملو ڪري سگهي ها، پر هن اهو سونهري موقعو به هٿان وڃائي ڇڏيو. همايون پنهنجي ڪارڪردگيءَ ۾ گهڻو سست هو. سنڌس لشڪر ڇڙواڳ هو ۽ سنڌس منزل ۽ مقصد ڏانهن ويندڙ هر راه کي تباه ڪرڻ لاءِ سندرا ٻڌي ويٺو هو. ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالهه تان پاڻ ۾ وڙهي ڏانگو ڏانگ تي پوندا هئا ۽ لالچ ۾ اچي ڪيس ڇڏي دشمن جي فوج ۾ وڃي شامل ٿيندا هئا. هندن جي سهائتا سان همايون جي سوڀ يقيني هئي. اهڙن واهرو هندن کان سنڌس مسلمان فوجي کُليءَ طور نفرت ڪري رهيا هئا. همايون جي هڪ عملدار، راڻي پرساد جي بي عزتي ڪئي، جنهن ڪري هُو همايون کي تنهن وقت ئي ڇڏي عمر ڪوٽ هليو ويو. سنڌي فوجي جيڪي راڻي پرساد شاه حسين سان وڙهڻ لاءِ، همايون کي گڏي ڏنا هئا، سي به سندن اهي حال ڏسي هوريان هوريان ڇڏيندا ويا. بنوري واريءَ جوءِ ۾ ڳاهِيَن جو قتل عام به فوجي عملدارن جي ڇڪتاڻ سبب ٿيو هُو. ان موقعي تي ترديءِ بيگ جنگهه جنگهه تي چاڙهي چپ ڪيو ويٺو رهيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو، سردارن ۽ نوابن کي امتيازي نگاهن سان ڏسندو هو ۽ وڏيڪ نفاق پيدا ڪرڻ جا جتن ڪري رهيو هو. ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو تہ هن دل سان همايون جي مدد ڪانہ ٿي ڪئي. همايون جا پاڳ پلا هئا، جو هن ڏچي واري دور ۾ بيرم خان جهڙا سچار ۽ ڏاها ماڻهو بہ هن سان گڏ هئا. هن شاهہ حسين سان ڳالهہ ٻولهہ وسيلي پُر امن ماحول پيدا ڪرڻ ۾ شال ۽ قنڌار ڏانهن سلامتي سان نڪري وڃڻ واسطي سنڌ مان همايونءَ لاءِ رستو گهريو. شاهہ حسين عقلمنديءَ جو مظاهرو ڪري سنڌس اها گهرَ پوري ڪئي. ڇاڪاڻ تہ هن سمجهيو پئي تہ اڏول ۽ خطرناڪ دشمن کي زوري هڪالي ڪڍڻ هاجيڪار هو. هن بيرم خان جي اهڙيءَ رٿ کي هڪدم قبول ڪيو ۽ همايون جي موجودگي ڪري جيڪو سنڌ کي خطرو هو، تنهن کان بہ ڇوٽڪارو نجات ملي وئي. هن اناج، نقد رقم، باربرداريءَ جو سامان بہ همايون کي مهيا ڪري ڏنو، ان کان سواءِ (١١٤) جوڻ وٽان ريڻ کي اڪرڻ واسطي هڪ پل بہ جوڙائي وئي. شهنشاهہ همايون هن پل تان ڏهين جولاءِ ١٥٤٣ع تي پار اڪريو هو. سنڌو درياهہ جو مکيہ وهڪرو اجا بہ پار ڪرڻو هو. اڪرڻ واري جاءِ "جوڻ" کان پارنهن تيرهن ميل اتر اولهہ طرف هئي. هاڻي اتي هر شيءِ سڪل ڏسڻ ۾ ايندي. درياهہ جو اهو وهڪرو هاڻي سورهن ميل اولهہ هليو ويو آهي. همايون جي دور واري وهڪري جو پراڻو پيٽ گهٽو لتيل ڏسڻ ۾ ايندو. پار اڪرڻ واري اها جاءِ تاريخي حوالن جي ڏنل ڏسن پٽن مان ڳولي لڌي اٿم. جوهر ۽ گلبدن بيگم، ٻنهي سنڌو واري رستي جو ذڪر ڪندي، بيان ڪيو آهي تہ شهنشاهہ هلندو وڃي (١١٥) روڻاءِ Ronai نالي هڪ ڳوٺ ۾ پهتو، جتي شاهہ حسين طرفان موڪليل هر شيءِ سندس انتظار ڪري رهي هي. هاڻي انهيءَ نالي سان ڪوبہ ڳوٺ موجود ڪونہ آهي. پر ڳوني پرڳڻي ۾ روشنائي نالي هڪ ڳوٺ سو آهي، جيڪو درياهہ جي پراڻي پيٽ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساچي ڪناري آباد آهي. ان ڳوٺ ويجهو پراڻا ترڙ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. شڪ نہ آهي تہ گلبدن وارو روٽاءِ Ronai ڳوٺ اهو هجي . ٿي سگهي ٿو تہ هن لفظ جي وچ وارو حصو اتاري ڪرڻ واري کان لکڻ وسري ويو هجي. امڪان اهو بہ آهي تہ متان ان معزز عورت کان لکڻ ۾ غلطي ٿي هجي. پر هن ڳالهہ سڃاڻڻ ۾ ڪابہ غلطي ڪانہ ٿي آهي. ان لاءِ پيون شاهديون بہ ڏئي سگهجن ٿيون. تاريخ طاهري يا بيگلار نامي ۾ هڪ حوالو موجود آهي. مصنف جو ارغونن سان رويو دوستاڻو نہ آهي، سو شاهہ حسين ارغون جي وفات بابت لکندي بيان ڪري ٿو تہ، ”سنڌين جي بادشاهہ ان جاءِ ويجهو وفات ڪئي هئي، جتان همايون بادشاهہ درياهہ پار ڪيو هو. هتي هن حقيقت ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي، تہ جنهن جاءِ تي شاهہ حسين وفات ڪئي هئي، ان ڳالهہ جي پرسان ڪٿان همايون درياهہ پار ڪيو هو. هن ارغون بادشاهہ جنهن ڳوٺ ۾ وفات ڪئي هئي، تنهن جو نالو آري پوٽا Aaripota (هن ڳوٺ کي ڪن تاريخن ۾ غلطيءَ وچان علي پوٽا Ali Pota بہ لکيو آهي) آهي، جيڪو اڃا بہ موجود آهي ۽ روشنائي ڳوٺ پرسان ترڙ کان پوٽا بہ ميل کن پري ٿيندو. ڪنهن زماني ۾ آري پوٽا ڳوٺ درياهہ جي ڪنار سان هوندو هو. حقيقت اها آهي تہ شاهہ حسين ڪنهن ڳالهہ تي نہ، پر ٻيڙيءَ تي وفات ڪئي هئي. تنهن ڪري هاڻي پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ اها ڪهڙي جاءِ هئي، جتان شهنشاهہ همايون قنڌار ويندي درياهہ پار اڪريو هو. هيءَ حقيقت ان ڪري دلچسپ آهي، تہ هڪ تاريخي واقعو هن ماڳ سان لاڳاپيل آهي. ان ڪري اسان ملڪ جي هن حصي مان (١١٦) ١٥٤٣ع واري دور ۾ سنڌوءَ جي وهڪري جو سولائيءَ سان تعين ڪري سگهون ٿا.

هتي هاڻي اسان همايون کان موڪلايون ٿا، جيڪو سيوهڻ کان ٿيندو، اتر سرحد صوبي ڏانهن هليو ويو ۽ وري موٽي سنڌ ڏانهن ڪونہ آيو. شاهہ حسين سنہ ١٥٥٥ع تائين سنڌ تي هڪ آزاد حڪمران



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حيثيت ۾ حڪومت ڪندو رهيو ۽ پنهنجي حياتيءَ جي پوئين دور ۾ مٿس فالج جو حملو ٿيو. ان ڪان پوءِ گندين عادتن ۾ به ڪاهي پيو. سندس حڪومت اڳين جيان مضبوط نه رهي ۽ گهٽ ذات وارن جي ور چڙهي وئي، جيڪي سندس گهڻا لاڏلا هئا. ٥ فيبروري ١٥٥٥ع تي وفات ڪيائين. هن ڪل ٽيٽيهه سال حڪومت ڪئي. هن جي وفات سان ارغون گهراڻي جو دور پورو ٿيو، جيڪو فقط ٻن بادشاهن تي مشتمل هو.

شاه حسين جو ڪو وارث وهي ڪونه هو. کيس فقط هڪ پٽ ڄائو هو، جيڪو ٻالجتيءَ ۾ مري ويو هو. هن پنهنجي ڌيءَ مرزا ڪامران کي ڏني هئي. انهيءَ مقصد سان ته هن ڪان پوءِ هو اچي سنڌ جو راڄ سنڀاليندو، پر سندس اها آس پوري ڪانه ٿي، ڇاڪاڻ ته مرزا ڪامران کي انڌو ڪيو ويو هو. کيس نابين ڪري حڪومت ڪرڻ ڪان روڪڻ هڪ ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ وارو ڪم هو، پر ان ڪري سنڌ جو پلو ٿي ويو. ڇاڪاڻ ته سنڌ جي حڪمراني سندس شاهاڻي شان ڪان ڇڻ نديڙي هئي. جيڪڏهن نئون حڪمران پنهنجي بادشاهت جي سرحدن کي وڌائڻ لاءِ سنڌ جي ذريعن کي ڪتب آڻي ها، ته سنڌي ڏچي ۾ پئجي وڃن ها. پر هن حالت ۾ به سنڌ کو چڱو ڏينهن ڪونه ڏٺو هو. شاه حسين جي حڪمرانيءَ دوران، سياسي طور سنڌ ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل هئي. سيوهڻ ڪان بکر تائين سڄي اتر سنڌ، مير فاضل ڪوڪلتاش جي پٽ محمود ڪوڪلتاش جي حڪمرانيءَ ۾ شامل هئي. باقي ڏکڻ سنڌ وارو ڀاڱو شاه حسين پنهنجي هٿ هيٺ رکيو هو. هن ڪان پوءِ لاڙ جي با اثر شخصيت ترخان قبيلي جو سردار مرزا عيسيٰ ترخان هو. شاه بيگ جڏهن سنڌ تي حملو ڪيو هو، ته هي ساڻس گڏ هو. شاه حسين جي وفات ڪان اڳ ۾ ٻنهي ڌرين پاڻ ۾ ٺهي هلڻ جو خفيه عهدنامون ڪيو هو. سندس وفات ڪانپوءِ سنڌ کي ٻه حصا

ڪيائون. جهڙيءَ ريت شاه بيگ ۽ ڄام فيروز وقت ٻنهي جي حد "لڪي" مقرر ٿيل هئي، تهڙيءَ ريت هن به ائين ڪيو. اها ورهاست مرزا عيسيٰ جي مرضيءَ مطابق ٿي هئي، انهيءَ مقصد سان ته جيئن پاڻ کي ڪنهن خاص نازڪ موقعي تي شاه حسين جو وارث سڏائي سگهي. محمود ڪو ڪلتاش سندس مخالف ته ضرور هو، پر ڪليءَ دل وارو ماڻهو هو. ننڍپڻ کان وٺي پنهنجي بهادريءَ ۽ اٽل ارادن ڪري مشهور هو، خفيه عهد نامي موجب سيوهڻ، سلطان محمود ڪوڪلتاش جي ملڪيت هو، پر هو ڪوشش جي باوجود به سيوهڻ تي قابض ٿي ڪونه سگهيو. ملڪ جي نئين ورهاست ۽ وراثت مان هتان جي عملدارن کي ته گهٽوئي فائدو پيو. خير، ترخان سردار هن ملڪ تي اڳئي قابض هو، تنهن ڪري محمودڪوڪلتاش کي سيوستان کان اتر طرف ملڪ جو حصو مليو، جنهن تي ناراض ٿي هو پنهنجي فوجي سگهه ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

ٻئي پاسي کان به مرزا عيسيٰ تر خان هو، ساڳئي اٽل ارادي سان پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪرڻ لڳو. ۽ سڄي سنڌ مٿان سياسي برتري حاصل ڪرڻ جا جتن ڪرڻ لڳو. هن سوستان جي سردارن جي پيدا ڪيل غير يقيني صورت حال تي قابض ٿي، هن علائقي کي لاڙ جي حڪومت سان ملائي ڇڏيو. تنهن کان پوءِ هو وڏي سنڌو درياه جي ڪاٻي ڪناري وينديءَ بکر تائين، سلطان محمود جي حدن ۾ ڪاهي ويو. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ به جنگيون لڳيون، جن مان ڪوبه ڪڙتيل ڪونه نڪتو. پر اوچتو اهڙو واقعو ٿيو، جنهن ڪري ڪيس نئين ڏانهن اُبهرو وجهڻو پيو، جنهنجو قصو سنڌ ۽ ٻاهرين ملڪن سان لاڳاپن جي ناتي سان تاريخ ۾ هڪ اهم جڳهه والاري ٿو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ستون

## چوڙ واري علائقي ۾ پورچوگيز .

شاه حسين جي مرڻ کان پوءِ مرزا عيسيٰ ترخان، وڏي ڪٽڪ سان ڪاهي سلطان محمود ڪوڪلتاش جي طاقت ۽ مخالفت بنا دير ختم ڪرڻ ٿي چاهي. ان معاملي کي منهن ڏيڻ واسطي هن پنهنجو لشڪر ناڪافي سمجهيو. ان زماني ۾ هڪ ٻاهرين طاقت هئي، جيڪا هندستان جي الهندي ساموندي ڪناري سان پنهنجي سگهه سان ڌاڪ ڄمائي چڪي هئي. انهن جي سهائتا سان محمود ڪوڪلتاش جي اتر سنڌ واري علائقي کي فتح ڪري ٿي سان ملائڻ سولي ڳالهه معلوم ٿي رهي هئي. ان ارادي سان مرزا عيسيٰ ترخان پنهنجي هڪ سفارت باسين Bassein موڪلي هئي، جيڪو ان زماني ۾ پورچوگيز حڪومت جي اترئين صوبي جي راڄڌاني هو. هن سفارت مرزا عيسيٰ ترخان واسطي ڪانئس فوجي امداد جي گهر ڪئي هئي. جنهن جو خرچ پڪو مرزا عيسيٰ پنهنجي سر تي ڪنيو هو. ان جي بدلي مرزا کين سنڌ ۾ واپاري رعايتن ڏيڻ جي آڇ ڪئي هئي. مرزا جي اهڙي آڇ پورچوگيزن کي سنڌس مدد ڪرڻ لاءِ هرڪائي وڌو. هتان جا ڏيهي مورخ لاڙ جي هن غير معمولي واقعي کي ٿڇ سمان سمجهي، ذڪر ڪرڻ کان لنوائي ويندا آهن. مير معصوم هن واقعي کي پنهنجي هيڏي ساري تاريخ ۾ فقط هڪ ٻن سٽن جيتري جڳهه مس ڏني آهي. تاريخ طاهري ۾ هن اهم واقعي کي ڪجهه تفصيل سان بيان ڪيو آهي، پر ايترو تفصيل سان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ ڏنو ويو آهي، جيتري اهميت وارو هي واقعو آهي. هيءَ حقيقت هڪ ڪتاب، ”دي هسٽري آف دي ڊسڪوري ائنڊ ڪانڪيسٽ آف انڊيا باءِ دي پور چوگيز“ تان ورتي وئي آهي. هيءُ ڪتاب مانيل ڊي فاريا سوز Manuelde Faria Souzal لکيو ۽ انجو ترجمو ڪئپٽن جان اسيٽونس John Stevens (لنڊن-١٦٩٥) ڪيو هو. مذڪوره ڪتاب ۾ هن واقعي تي واضح نموني سان روشني وڌي وئي آهي. انٽونيو بئرٽو Antonio barreto بازائم Bazaim واپس پهتو. هن ڏٺو تہ سنڌ جي بادشاه طرفان موڪليل سفارت گورنر سان ملاقات ڪري رهي هئي. هو هڪ ظالم بادشاه جي خلاف اسان، ڪان مدد جو طالبو هو. اسان بہ هن بادشاه سان دوستي پئي چاهي. اسان سندس دشمن خلاف مدد ڪري ڪيس خريد ڪرڻ تي گهريو. اسان پيڊرو بئريٽو رولم Pedro Barreto Rolim جي مهنداري ۾ سٽ سو فوجي اٺاويهن جهازن ۾ سوار ڪري روانا ڪيا. اهو جنگي بيڙو خير سان وڃي ٺٽي پهتو، جتي سنڌ جي بادشاه جي دربار هئي. شهزادو جيڪو ٺٽي (١١٧) ۾ موجود هو، تنهن بئريٽو سان ملاقات ڪري، سندس پهچڻ جو اطلاع پنهنجي پيءُ ڏانهن موڪليو. سندس پيءُ ان وقت ٺٽي ڪان ٻاهر هو، تنهن نياپو ڏياري موڪليو تہ پورچوگيزن جي ڪمانڊر کي ٿوري انتظار ڪرڻ لاءِ چيو وڃي. بئريٽو انتظار ڪيو. ٿوري وقت ڪان پوءِ کيس پتو پيو تہ بادشاه کيس ٻڌائڻ ڪانسواءِ پنهنجي دشمن سان صلح ڪري ڇڏيو آهي. تنهن ڪري هن شهزادي ڪان وڃڻ جي اجازت گهري ۽ واعدي ڪيل خرچ پکي جي بہ گهر ڪئي. جنهن بابت سنڌ جو سفير باسين جي گورنر سان ڏيڻ جو واعدو ڪري آيو هو. شهزادي خرچ پکو ٿورو ڏيڻ پئي چاهيو، جنهن تي بئريٽو پنهنجا ماڻهو جهازن مان هيٺ لاهي، شهر ۾ ڪاهي پيو. ڪاوڙ ۾ اچي هن اٺ هزار ماڻهو قتل ڪرايا. شهر کي باه ڏياري ، جنهن ۾ ٻن ملين جي ملهہ جيترو تہ رکو سون سڙي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رک تي ويو. پوءِ هن پنهنجي پيڙن تي ايترو قيمتي سامان لڏيو، جنهن جو مثال ايشيا ۾ ڪاتي بہ ملي ڪونہ سگهندو. (27) هن ڪاروائيءَ ۾ پورچوگيزن جو هڪڙو ماڻهو بہ ڪونہ مئو. هو ٺٽي ۽ ساموندي ڪناري جي وچ تي، سنڌوءَ جي پنهي ڪنڌين سان، اٺ ڏينهن سانده ڦر لٽ ڪندو رهيو. بنديل (١١٨) Bandel جي بندرگاه ۾ مزاحمت ڪئي وئي. پر نيٺ اهو فتح ڪري ان کي پوري ريت ناس ڪري ڇڏيائين. گاسپر ڊي مونٽيرويو Gaspar de Monteroyo، هڪ بهادر فوجي سپاهي هو، جيڪو اتفاق سان ويجي هڪ جهنگ ۾ نڪتو. اتي رهندڙ ماڻهن ڪيس اڳتي وڃڻ کان روڪيو ۽ چيائونس ايڏانهن هڪ ڪوراڙ بلا آهي، جيڪا هڪ گابڻ ڳڙڪائي وئي آهي. هن اهڙي بلا ڏسڻ پئي گهري. ٿورو اڳتي وڌيو تہ ڪيس ان بلا جو مٿو ڏسڻ ۾ آيو، جيڪو تمام وڏو هو. هو ان بلا کي پورو ڏسي ڪونہ پئي سگهيو، سو ويجهو اچي بلا کي تلوار سان ڇهيائين. بلا تلوارجو ڇهاءُ محسوس ڪري مٿو مٿي ڪنيو تہ هن وجهہ وٺي اهڙي تہ نازڪ هنڌ تي تلوار جو وار ڪيس، جو اها ٿوري وقت کان پوءِ مري وئي. ماپ ڪئي وئي تہ اها تيهہ فوٽ ڊگهي، ۽ ٿلهي هئي (١١٩) اهڙيءَ ريت ٻئريتو ماڻهن ۽ بلا جي مٿان سرسي ماٺي واپس چائول Chaul پهتو" (جلد II ص ص ١٨٣ -١٨٥)

مٿي بيان ڪيل حقيقت مان پتو پوي ٿو تہ ٺٽي کي ١٥٥٥ع ۾ باهہ ڏئي ساڙيو ويو هو. مٿين حقيقت ان ماڻهو جي بيان ڪيل آهي، جنهنجون همدرديون پورچوگيزن سان هيون. هاڻي اسان هڪ مصنف فرينچ جيسٽ french Jesit جو حوالو ڏيندا سون. پورچوگيزن سان سندس همدردي ڪجهہ گهٽ هئي. هن اسان کي اها معلومات ڏني آهي، جيڪا فاريا سوزا ماڳهن لکي ئي ڪانہ آهي، تہ پورچوگيزن طرفان سنڌ تي ڪيل حملي جو آخري نتيجو ڇا نڪتو هو. مان هيٺيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حوالو هن ڪتاب" هستارير ڊيس ڊسڪورتيس ايٽ ڪانڪيٽس ڊيس پور چوگياس ڊانس لي نو ويائو مانڊي "پارلي پيري جوسف فرينڪائس لئنتائو ڊي لاڪپيئن ڊي جيسس پئرس 1733.

Histoire des decouvertes et conquetes des portugais dans le Nouveau Mande par le Pere Joseph Francois Lafitan de la Campagnie De Jesus Paris 1733-

احوال هن ريت آهي تہ: جڏهن گورنر جنرل باسين ۾ موجود هو تہ سنڌ جي بادشاه وٽان موڪليل هڪ سفارت ساڻس ملاقات ڪئي، جنهن ڪي غلطيءَ وچان دَل سنڌي DulCindi (پ -٣٩) جو بادشاه بہ سڏيو ويندو آهي. ديو Diu (١٢٠) جي بادشاه پنهنجي پاڙيسري حڪمران خلاف ڪانئس مدد پئي چاهي. جنگ جو خرچ سنڌ جي بادشاه پنهنجي ذمي ڪنيو هو. ان سان گڏ اهو بہ واعدو ڪيو هئائين، تہ هو پورچوگيز واپارين سان سنڌ ۾ گهٽيون رعايتون ڪندو. اهڙيءَ ريت گورنر Pierre Barreltto Rolin ، پيري بئريتو رولن کي فوج جو اڳواڻ بڻائي ڪيس اناويهن جهازن جو جنگي آرماڙ ڏئي، سنڌ جي حڪمران ڏانهن روانو ڪيو. انهن جهازن ۾ خشڪيءَ جي فوج سان واسطو رکندڙ ست سو فوجي سوار هئا. (١٢١) ان وچ ۾ چاڻيو جو سنڌ جي بادشاه ۽ سندس دشمن جي وچ ۾ ناه ٿي ويو. هن پيري بئريتو کي ڏوکي ڏيڻ ۽ بيوقوف بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جنگ جي خرچ پري ڏيڻ واري موضوع تي ڳالهائڻ لاءِ ڇڻ تيارئي ڪونہ هو.(28) پيري بئريتو ڏني اڻ ڏني ڪري سوربي ويو، توڙي جو ڪيس ڪانئر هجڻ جا مهٽا بہ ڏنا ويا. جڏهن واپسيءَ جي خرچ لاءِ لاچار ٿيو تہ ڪيس حملي ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪس ڪونہ هو. پهريون هن مسجد تي، پوءِ ٺٽي تي حملو ڪيو. هن جا ماڻهو غضبناڪ حالت ۾ شهر کي ڦريندا لٽيندا رهيا. هن ڳگدام جانورن تي بہ ڪهل ڪانہ ڪئي. ڇيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچي ٿو تہ پورچوگيزن جي حملي ۾ اٺ هزار ماڻهو ماريا ويا. سنڌن کي ٿورا ماڻهو زخمي ٿيا. سون جيڪو باه ۾ سڙي رک ٿي ويو، تنهن جو ملهہ ٻن ملين کان بہ وڌيڪ هيو. ڦر لٽ ڪري جيڪو قيمتي مال هٿ ڪيو هئائون، ان جو تہ ڪو ڪاٿوئي ڪونہ هو.واپسيءَ واري سفر ۾ سمنڊ ۾ پهچڻ تائين ڦر لٽ مچائيندا، قتل عام ڪندا ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ پکيڙيندا ويا. واپسي وارو سفر ڏاڍو ڏکيو هو. پر پورچوگيزن جو فوجي اڳواڻ ڏاهو ماڻهو هو، جيڪو سيني آپدائن تي سوڀارو ٿي وچي پار پهتو. درياه جي ڇوڙ وٽ براديل Baradel جي بندر تائين ڪوبہ ماڻهو سندن ڦهر کان بچي ڪونہ سگهيو. هي بندر پورچوگيزن قلعي تي ڌاڪٽيون رکي فتح ڪيو. هتان جي ماڻهن سان بہ ساڳي ڪار ڪئي، جيڪا هنن ٻين علائقن جي ماڻهن سان ڪئي هئي. وچ سمنڊ ۾ پهتا تہ بي گناه قتل ٿيل ماڻهن جي پلاند وٺڻ لاءِ قدرت طرفان موڪليل طوفان سندن انتظار ۾ هو، جنهن ڪري ڦريل لٽيل سارو سامان ڪين سمنڊ جي حوالي ڪرڻو پيو. وڏي مشڪلات سان سر بچائي اچي چائول Chaul پهتا. (جلد II ص ص ۵۳۶ - ۵۳۶) اها ڳالهہ تہ جڏهن پورچوگيز ٺٽي پهتا، تہ مرزا عيسيٰ اتي موجود هو، صحيح نظر ڪانہ ٿي اچي. هن معاملي ۾ فاريا سوزا جو بيان وزندار آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو هتان جي مورخن جي بيانن سان ٺهڪي اچي ٿو، تہ جنهن وقت پورچوگيز ٺٽي پهتا هئا، ان وقت مرزا عيسيٰ بکر واري علائقي ۾ موجود هو. سندس غير حاضريءَ ۾ راڄڌاني ٺٽي ۾ سندس پٽ جان بابا هو. مرزا عيسيٰ تہ پورچوگيزن جو منهن بہ ڪونہ ڏٺو هو. اهي حقيقتون پوئين مصنف جي خلاف وڃن ٿيون. جيڪڏهن ٻرِيتو مناسب وقت مرزا عيسيٰ جو اوسيئڙو ڪري ها تہ هُو واعدو ڪيل خرچ ضرور ڀري ڏئي ها. تنهن ڪري اهو سمجهڻ نہ گهرجي تہ سندس سفير ، باسين ۾ گورنر سان، جيڪو معاملو طئي ڪيو هو، تنهن جي نباهڻ کان هُو گوٺ ناٿ ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو هو. اها ڳالهه سوچڻ کان ٻاهر آهي ته ٻيءَ جي موڪل کان سواءِ ننڍو مرزا طغي ڪيل خرچ ڪيئن ادا ڪري ٿي سگهيو. سنڌن اهو بيان حقيقت جي خلاف آهي ته پورچوگيزن جي پهچڻ کان اڳ مرزا عيسيٰ پنهنجي دشمن سان ٺاهه ڪري ڇڏيو هو. هتان جون ڏيهي تاريخون لکن ٿيون ۽ هن حقيقت تي سنڌن اتفاق راءِ به آهي ته ٺٽي جي ڦرلٽ ۽ ماڻهن جي قتل عام جو ٻڌي، مرزا عيسيٰ جيڪو اتر سنڌ ۾ جنگي مهم تي هو، تنهن کي اڌ ۾ ڇڏي، ٺٽي ڏانهن پويان پير ڪيا هئائين. اهم ڳالهه اها آهي ته ان جنگ ۾ سندس فتح يقيني به هئي. هن سوال تي مذڪوره تاريخون وڏيڪ اعتماد جوڳيون سمجهڻ گهرجن. ڇاڪاڻ ته انهن تاريخن جي مصنفن کي ان وقت ڇوڙ واري علائقي ۾ پورچوگيزن جي ڦهري ڪاروائين جي سببن جو ڪو پتو ڪونه هو. ڪين اهو به پتو ڪونه هو، ته مرزا عيسيٰ ۽ سندس يورپي اتحادين جي وچ ۾ ڦيتارو پئجي ويو آهي. پورچوگيزن جيڪا ڇوڙ واري علائقي ۾ تباهي مچائي، تنهن کي انهن اهميت ڪانه ڏني، رڳو ٻه ٽي لفظ لکي ٽڪڙو اڳتي نڪري ويا آهن. جيڪڏهن پورچوگيزن جي لکتن ۾ اهي حقيقتون قلمبند ٿيل نه هجن ها، ته پوئين دور وارا ماڻهو اهڙين گنڀير ڳالهين ٻڌڻ کان رهجي وڃن ها. سچي ڳالهه گهٽو ڪري اها آهي ته مرزا عيسيٰ مدد وٺڻ جي ڳالهين وقت جيڪي واعدا پورچوگيزن سان ڪيا هئا، سي هڪدم پورا ڪرڻ جي لائق ڪونه هو.ٻئي طرف جيڪڏهن مرزا کي پور چوگيزن جي ڌاڙ مڙسيءَ ۽ سيني زوري جي سچي خبر هجي ها ۽ ڪيس اها به پوريءَ ريت ڄاڻ هجي ها، ته اهي يورپي سمنڊ ۾ قزاقي به ڪندا رهندا آهن، ته هوند پنهنجي راڄڌانيءَ وارو سکيو ستابو سدا شاهوڪار شهر، جنهن کي بچاءَ لاءِ ڪو قلعو به ڪونه هو، ائين نڌڪٽو (١٢٢) ڇڏي ڪونه ڏئي ها، جنهن جي دولت کي ڏسي هو هرکجي پون ۽ پاڻ پنهنجي فوج سميت ٺٽي کان پورا ٽي سو ميل پري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي ها. ترخان نامي تورن لفظن ۾ هڪ سچائي بيان ڪئي آهي. لکي ٿو: ”(بکر ۾) اها خبر پهتي تہ فرنگي جيڪي مرزا عيسيٰ جا واهرو ٿي لاهري بندر ڪان اچي رهيا هئا، تن جو ٺٽي شهر کي غير محفوظ ڏٺو تہ ويري ٻڌجي ان کي ڦرڻ لٽڻ لڳي ويا ۽ ڪيس باه ڏئي ساڙي ڇڏيائون ۽ رهواسين کي ٻانڌي ٻڌايائون. (اليٽ -I- ص ٣٢٣). هن مسئلي جو آخري فيصلو هن ريت ڪري سگهجي ٿو تہ ٺٽي ۽ چوڙ جي الهندي علائقي کي ڦرڻ لٽڻ باه ڏئي ساڙڻ ۽ قتل عام جا حيلا بهانا اجايا آهن. اهي ڌاريا ظالم ۽ قاتل ماڻهو هئا. (28-A) اهي ڦهري ڪاروايون لوڀ لالچ ڏاڍ ۽ ڪنورتا جي ڪري هيون. ڪين وجهہ ان ڪري بہ مليو جو، چوڙ جي علائقي وارا ماڻهو بي هٿيار ۽ بي پهچ هئا.

مرزا عيسيٰ ترخان جي حياتيءَ جو باقي حصو، سلطان محمود سان ڪئونس ڪندي گذريو. سندس پيچي بہ اڏول ۽ ارڏو مڙس هو ۽ ساٻس واه جو چوٽون ڪائيندو آيو. مرزا آخري وقت تائين ننهن چوٽيءَ جا زور لاتا، پر اتي سنڌ جو علائقو ٺٽي سان ملائي سڄيءَ سنڌ تي ترخان حڪومت قائم ڪرڻ ۾ سوڀارو ڪونہ ٿيو. هن سنہ ١٥٥٢ع جي پڇاڙيءَ يا ١٥٦٦ع جي اڪيارڙيءَ ۾ وفات ڪئي. سندس حڪومت ڏه يارهن سال هلي. سندس وڏو ۽ پڳدار پٽ عبدالباقي بہ چريو هو. هن پنج سال حڪومت ڪئي. پر ان عرصي دوران هن پنهنجي پياءُ جان بابا کي قتل ڪرايو ۽ پنهنجي ماتيجي ماءُ کي بکون ڏئي ڇيچلائي ماريو ۽ ٻيون الائي ڪيتريون ظلم ۽ انياءَ جون وارتائون ڪري نيٺ ١٥٧١ع ۾ وفات ڪري ويو. پائينده محمد (١٢٣) نالي ڪيس هڪ پٽ هو، سو بہ چريو هو، جنهنجو پٽ جاني بيگ هن جو جانشين ٿيو.

سنہ ١٥٧٤ع ۾ محمود ڪوڪلتاش وفات ڪئي. ڪيس ڪوبہ وارث ڪونہ هو. شهنشاه اڪبر پنهنجو عملدار موڪلي، بکر جي اتر سنڌ واري علائقي تي قبضو ڪيو. بعد ۾ اهڙي حڪمت عملي اختيار ڪيائين، جو ساري سنڌ سندس شهنشاهت ۾ شامل ٿي وئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب اٺون

# سنه 92 -1591ع ۾ شاهي لشڪر جو چوٽ واري هيٺئين علائقي ۾ اچڻ

سنڌ جا حڪمران ڪڏهن هيٺا ته ڪڏهن سگهارا رهيا آهن. جڏهن سگهارا هوندا هئا، ته سنڌ آجپو حاصل ڪري وٺندي هئي ۽ جڏهن هيٺا هوندا هئا، ته دهليءَ جي ڏن ڀرو ٿي ويندي هئي ۽ امن امان بحال ٿي ويندو هو. جڏهن وري منجهن گهرو ڏچو گهر ڪري ويندو هو ۽ هيچ ۽ لالچ ڪاهي پوندي هئي، ته سنڌ جو وچولو سورن ۾ اچي ويندو هو. ترخان گهراڻي مان مرزا جاني بيگ پهريون ماڻهو هو، جنهن دهلي شهنشاهت کان منهن موڙي، سنڌ جي آزاد حيثيت برقرار رکڻ لاءِ هٿ پير هنيا هئا ۽ تخت تي وهڻ کان سترهن سال پوءِ هن بکر جي گورنر سان مهاڏو اٽڪايو هو. پر هن عقل کان ڪم وٺي اڪبر بادشاه جي آڻ مڃي هئي. شهنشاه اڪبر جي اها روايت هوندي هئي، ته جڏهن ڪوبه سندس اطاعت قبول ڪندو هو، ته هو ساڻس ڏاڍا وڙ ڪندو هو. مرزا جاني بيگ مهل تي سندس آڻ مڃي، راڄ ڊوهيءَ واري تهمت کان بچي ويو هو. حالتن کان مجبور ٿي هن دهليءَ جي اطاعت ۽ فرمانبرادري قبول ڪئي هئي. پر آزادي جي اتساهه ۽ سندس ڏيان تان لاهي ڇڏي هئائين يا سندس ٻاهريون ڏيک ويک اهڙي قسم جو هو. ڇيو ويندو آهي ته جڏهن اڪبر بادشاه ٿوري وقت لاءِ صدر مقام لاهور


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي بنايو هو ته سندس پيڻ ماتحت حڪمرانن اچي هن جو سلام پريو هو، پر مرزا جاني بيگ سندس سلام پرڻ لاءِ وٽس هلي ڪونه ويو. هن ائين ڪري جڻ اڪبر بادشاه جي توهين ۾ سندس خلاف بغاوت ڪئي هئي. شهنشاه هن وقت تائين ٺٽي جي حڪمرانن جون مڪاريون ۽ ڊونگ ڏسي چڪو هو. هن مرزا جاني بيگ جي گستاخانه رويي کي هميشه واسطي ختم ڪرڻ لاءِ سوچيو. انهيءَ مقصد سان مرزا عبدالرحيم خان خانان کي ۱۵۹۱ع ۾ فوج ڏئي بکر روانو ڪيو ويو. ايندڙ گرم موسم هن اتي گذاري. سيپٽمبر مهيني ۾ پيش قدمي ڪري، ترخان حڪومت جي اترين سرحد واري مشهور قلعي سيوهڻ تي گهيرو ڪيو. ان وقت مرزا جاني بيگ پنهنجي فوج وٺي سيوهڻ کان اٽڪل پنجهتر ميل هيٺ نصرپور ۾ اچي منزل ڪئي.

هيءَ جنگي مهم ان ڪري دلچسپ آهي، ڇاڪاڻ ته سندس تعلق ان وهڪري سان آهي، جيڪو صدين کان سڪي چڪو آهي، جنهن جو هاڻي پڪيءَ ريٽ پتو به لڳائي ڪونه ٿو سگهجي. سنه ۱۵۹۱ع واري دور ۾ درياهه سيوهڻ پرسان وهندو هو (۱۲۴). درياه هن شهر کان اٺ ڏهه ميل اڳتي هلي موجوده دور واري وهڪري کان وڌيڪ ايرندو رخ اختيار ڪندو هو. مذڪوره وهڪرو سڪرنڊ جي پرسان (پر پڪ نه آهي ته اولهه يا اوپر کان) وهندو هو. ان کان ساڳيءَ ريٽ ڏکڻ اوپر ڏانهن رخ ڪري نصرپور ڏانهن منهن ڪندو هو، جيڪو سنڌوءَ جي هاٺوڪي وهڪري کان چوڏهن ميل اوپر طرف هو. سڪرنڊ ۽ نصرپور جي وچ تي سنڌوءَ جي هن وهڪري کي سانگرا سڏيو ويندو هو، جنهن کي يورپي مصنف ڪڏهن ڪڏهن بدلائي سانڪرا يا سنڪرا به لکي ڇڏيندا آهن. جنهن ڪري هي نالو ڇوڙ واري ڏاکڻين (۱۲۵) پرڳڻي جي نالي ”ساڪري“ سان گڏائي منجهائي ڇڏيو اٿن. مرزا جاني بيگ پهريائين نصرپور ۾ ويهي سندس مقابلو ڪرڻ پئي گهريو. پر پوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاتائين تہ اهو ماڳ بچاءَ لاءِ مناسب ڪونہ هو. ان ڪان پوءِ هو ڏهہ ميل مٿي وچي درياه جي ڪابي ڪنڌيءَ سان وسندڙ هڪ ڳوٺ ٻُهيڙي Buhiri يا ٻوهيڙي Bohiri پرسان منزل ۾ مورچہ بندي ڪئي. ڪن نسخن ۾ اُتاري ڪرڻ وارن جي غلطيءَ سبب هي لفظ روهڙي Rohiri ۽ لوهري Lohiri بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هتي ڪيس بچاءَ لاءِ مناسب ماڳ ڏسڻ ۾ آيو، جتي درياهہ کي تمام گهڻا وڪڙ هئا ۽ زمين جو اپيٺ جهڙو هڪ ٽڪرو ٺهي پيو هو. هن، اپيٺ جي ڳچيءَ وٽ سگهاري ۽ هٿياربند فوج وهاري ڇڏي. ٻين طرفن کان چوڌاري يا تہ درياهہ هو يا وري واريءَ جا ڍَها هئا. تر خان نامہ جي لکڻ موجب تہ جنهن ماٿهوءَ واريءَ جي ڍَهن تي لت ٿي رکي تہ هو اندر ڳچيءَ تائين هليو ٿي ويو. (29) هيءُ ماڳ جاني بيگ واسطي نہ فقط سٺو بچاءُ هو، پر اهڙو هنڌ بہ هو، جتي سولائيءَ سان بي شمار ٻيڙيون لنگر هٽي ٿي سگهيون. کليي ميدان تي هو شاهي فوجن سان وڙهي نہ سگهي ها. درياه تي سندس ضابطو هو. کاڌي خوراڪ جي هر شيءِ ڪيس سولائي سان ملي ٿي سگهي ۽ سنڌ جي هيٺين علائقي سان سندس رابطو قائم هو. شاهي لشڪر جو معاملو ڪجهہ مختلف هو. حالتون سندن خلاف هيون، پر اهي هٿ پاڻ ڪونہ ٺاهيون هيون.

جڏهن مرزا عبدالرحيم کي سڌس پئي تہ جاني بيگ اڳتي وڌي اچي نصرپور پهتو آهي، تہ هُو سيوهڻ جو گهيرو ڦٽو ڪري درياه اڪري لاڙ جي فوجن سان مقابلي لاءِ اڳتي روانو ٿيو (١٢٦). هن سان گڏ پنجويهن ٻيڙين تي مشتمل جنگي آرماڙ هو (١٢٧). جڏهن هو مشهور ڳوٺ پٽ شاه کان ٽي ميل اوپر يا اتر اوپر طرف پهتو، تہ ڪيس پتو پيو تہ جاني بيگ مٿس حملي ڪرڻ لاءِ درياه سان اڳتي وڌي رهيو آهي. ان ڪري هو تورو اڳتي سرڪي ان ماڳ وٽ پهتو، جتي هڪ وڏي پٽ سبب درياهہ ڪجهہ سوڙهو ٿي ويو هو ۽ خان خانان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مذڪوره پٽ تي وڃي لڏو لاتو. هو درياه جي ڪنڌيءَ سان تورو بند ڏئي حملي ڪرڻ لاءِ پنهنجي توبن کي مناسب هنڌ تي بيهاري، جاني بيگ جو ڳهٽ جهلي بيهي رهيو. ان وقت سندس جنگي آرماڙ ڪجهه متي درياهہ ۾ پڻ بيٺو هو.

جاني بيگ جي جنگي ٻيڙي جي ڪمان نهايت سڄاڻ عملدار ڪري رهيا هئا، جن مان مکيہ خسرو خان چرڪس هو. هن اهڙو بندوبست اڳئي ڪري ڇڏيو هو، تہ شاهي فوج تي ٻريات مهل خشڪي ۽ پاڻي ٻنهي پاسن کان هڪ ئي وقت ٻپاري جُلهہ ڪئي وڃي. طبقات اڪبري جي بيان موجب، هن مقصد خاطر خسرو خان چرڪس (30) سج لهڻ سان جنگي آرماڙ ساڻ ڪري روانو ٿيو. سندس جنگي ٻيڙو هڪ هزار غورابن تي مشتمل هو. (هتي واڌ ، ڪان ڪم ورتو ويو آهي). ان سان گڏ ٻين سون ٻيڙين ۾ تير انداز ، توبون ۽ توبچي وهاريل هئا. جيڪڏهن هن جنگي منصوبي تي چڱيءَ ريت ۽ نمڪ حلاليءَ سان عمل ڪيو وڃي ها، تہ شاهي فوج واسطي ڏچو پيدا ڪري وجهي ها. اتفاق سان جاني بيگ جي مکيہ عملدارن ۾ هڪ ٻئي خلاف ڪينو ۽ ساڙ ڪاهي پيو، جنهن خسروخان چرڪس جي حڪمت عمليءَ جي ڏائي مُچ ڏار ڪري ڇڏي. ڪن سببن ڪري جاني بيگ جي مکيہ عملدارن جي خسرو خان سان ڪانہ پوندي هئي. هن وقت ڪين اهڙو سونهري وجهہ مليو هو، جو ڪيس پنهنجي منصوبي ۾ ناڪام ڪري شڪست ڏياري بدنام ڪن. جڏهن ڏينهن ٿيو ۽ ڏٺائين تہ شاهي فوج جي واڻ پرسان پهچي چڪو آهي تہ هن پنهنجي ٻيڙن تي سڙه چاڙهڻ جو حڪم ڪيو، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن خشڪيءَ سان ايندڙ فوج کي پنهنجي جاءِ وقوع جو پتو ڏئي سگهي. پر افسوس جو سٽاءَ مطابق ايندڙ خشڪي فوج اڃا مقرر جاءِ تي ڪانہ پهتي هئي. خشڪيءَ رستي ايندڙ فوج جو هو گهڻو وقت انتظار ڪندو رهيو. پهريون هن اها هڪ اتفاقي ڳالهہ

سمجهي، پر پوءِ حقيقت ڪي پروڙي ورتائين. ان هوندي به هو حالتن مان مايوس ڪونه ٿيو هو. حالتون ظاهر ظهور سندس خلاف ڏسڻ ۾ اچي رهيون هيون. هن سوچيو ته ڇا به ٿي پوي، پر اڪيلي سرئي پاڻيءَ جي جنگ شروع ڪرڻي پوندي. جڏهن هو اتاهين پٽ تي پهتو، جنهن تي خان خانان جو لشڪر واندو هنيون وينو هو، ته هن شاهي فوج مٿان توبن جا منهن کولي ڇڏيا. سندس ارادو هو ته ڪيئن به ڪري اتان لنگهي، مٿي درياهه ۾ بيٺل شاهي جنگي آرماڙ تي وڃي حملو ڪري. هتي خان خانان جي توبخاني به جوابي ڪاروائي شروع ڪئي، جيڪا خسرو خان جي حملي کان وڌيڪ طاقتور هئي. شاهي فوج کي هڪ اهم سهوليت اها به ملي وئي هئي جو سندن توبخاني سان مٿاهين تي هو ۽ خسرو خان جو هيٺ درياهه جي پيٽ ۾ پاڻيءَ جي مٿاڇري تي هو. پر پوءِ سانجهيءَ تائين ٻنهي پاسن کان توبون باه جا اُلا اوڳاڇينديون رهيون. ڪنهن هارائڻ جي نِيجوندي ڪانه ٿي سگهي. رات جي پيٽ ۾ خان خانان، پنهنجي فوج جي هڪڙي حصي کي پار ٽپي درياهه جي ٻَرِ تي موجود ٻٽ تي مورچه بند ٿيڻ جو حڪم ڏنو. انهيءَ مقصد سان ته جيئن خسرو خان تي ٻنهي پارن کان توبخانو ڪاروائي ڪري سگهجي. ان راتِ جاني بيگ جي فوج شاهي لشڪر مٿان راتاهي هڻڻ جي ڪوشش ڪئي. سندن خيال هو ته شاهي فوج بي پرواهه ٿي آرامَ سان سمهي پئي هوندي. پر اهي سندن خيال جي ابتڙ هشيار ۽ خبردار ويٺا هئا. جوابي ڪاروائي ڪري سندن حملي کي ناڪام ڪيو ويو. ٻئي ڏينهن صبح جو خسرو خان حملو ڪيو. سندس توبن جا منهن اڳئين ڏينهن واري جاءِ ڏانهن ڪليل هئا. انهيءَ طرف سان ڪُڏ، ٻئي پار کان به خسروءَ خان جي ٻيڙي تي گولاباري شروع ڪري ڏني، جنهن جو ڪيس وهم گمان ئي ڪونه هو. شاهي توبخاني ۾ ڪي اناڙي توبچي به هئا، جن گولاباري ڪري ٻئي پار بيٺل پنهنجي فوج کي مارڻ شروع ڪيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن کين پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو، ته خسرو خان جي پاسي جو سخت نقصان ٿيڻ لڳو. سٽن ائن ڪلاڪن جي سخت مقابلي کان پوءِ خسرو خان کي پوئتي هٽڻو پيو. هن ڪاروائي ۾ خسرو خان جا ٻه سو ماڻهو مئا ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا. هن جا ست ٻيڙا شاهي فوج پڪڙي ورتا ۽ ڪيترائي ٻوڙي ناس ڪري ڇڏيا. هو ڏاڍو ڏاهپ سان واپس هٽيو. لشڪر جي پٺ وارو پاسو هن پاڻ سنڀاليو هو. پيڇو ڪندڙ شاهي فوج ڪيس پڪڙي به ورتو. پر خان خانان جي آرماڙ جي بارود ڦاٽڻ ڪري ماڻهو وائڙا ٿي ويا، جنهن ڪري ڪيس ڀڄي نڪرڻ جو موقعو ملي ويو (١٢٨). طبقات اڪبري جي بيان مطابق ٻئي جنگ وارو ڏينهن تاريخ ٣ نومبر ١٥٩١ع هو (١٢٩).

ٻئي ڏينهن تي خان خانان ڏکڻ طرف پيش قدمي شروع ڪئي ۽ ٻوهيڙي ڳوٺ وٽ منزل ڪري مورچه بندي ڪئي. هيءُ ٻن مهينن تائين هن ماڳ جو گهيرو ۽ مورچه بندي ڪندو رهيو. پر آنڌاريءَ سندس ڪئي تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. هن ماڳ وٽ سنڌين گوريلا جنگ واري حڪمت عملي اختيار ڪري، شاهي لشڪر کي گهڻو پريشان ڪيو ۽ کاڌي خوراڪ واري ڪابه شيءِ وٽن پهچي ڪانه ٿي سگهي. تنهن ڪري توقع کان وڌيڪ حالتون خراب ٿي ويون هيون. دهليءَ وارن ڏارين خلاف لاڙ جا للهنگ مڙس جاني بيگ سان ٻٽ تي سرڌڙ جي بازي لڳائي رهيا هئا. مزاحمت ڏاڍي سخت ٿي وئي هئي. خود اڪبر بادشاهه مايوس ۽ پريشان هو. طبقات اڪبريءَ مطابق جڏهن شاهي لشڪر ٻوهيڙي ۾ مقيم هو، ته شهنشاهه پهرياڻين ڏيڍ لک روپيه پوءِ لک روپيه موڪليا. ان کان پوءِ هڪ لک مڻ اناج روانو ڪيو. ڪيترين ئي وڏين توبون (بدايوني انهن جو انگ هڪ سو ٻڌايو آهي) ۽ فوج موڪلي ڏني. راجا راءِ سنگهه جيڪو چار هزاري منصبدار هو، تنهن کي به وڌيڪ فوج ڏيئي جيسلمير رستي خان خانان جي امداد لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روانو ڪيو ويو هو (١٣٠). خان خانان حالتن کان تنگ ٿي، ٻوهيڙي Buhiri تان گهيرو پٽيو ۽ ٻيون حڪمت عمليون اختيار ڪرڻ لڳو. هن پنهنجي فوج کي ٽن حصن ۾ ورهايو. هڪ حصي کي سيوهڻ جي قلعي تي گهيري ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. لشڪر جي ٻئي حصي کي ساڻ ڪري خان خانان پاڻ فتح باغ يا جوڻ واري پرڳڻي ڏانهن هليو ويو.

خان خانان جي هن حڪمت عملي اختيار ڪرڻ مان ائين معلوم ٿئي ٿو ته دهليءَ جو شاهي لشڪر تمام گهٽو هو، نه ته لشڪر کي ائين ياڳن ۾ ورهاست ڪري دشمن علائقن ڏانهن موڪلي ڏيڻ چريائيءَ کان سواءِ ٻيوڪجهه به ڪونه هو. سندن وڏ ۾ وڏ ڪوشش اها هئي، ته ڪيئن به ڪري مرزا جاني بيگ کي ان جڳهه کان ٻاهر ڪڍيو وڃي، جتي شاهي فوج جو پهچڻ ممڪن ئي ڪونه هو. لاڙ جي فوج اهڙي جڳهه هٿ ڪري ورتي هئي، جيڪا بچاءَ جي نقطهء نظر کان جيتڻ جوڳي ڪانه هئي. جيڪڏهن هڪ ڀيرو اهي کليءَ ميدان تي نڪري اچن ها، ته شاهي فوج سولائيءَ سان کين جيتي سگهي ها. خان خانان جو نقطهء نظر بلڪل صحيح هو. پر ڪائنس هڪ غلطي ٿي وئي ته هن سيوهڻ ڏانهن تمام ٿوري فوج موڪلي. سيوهڻ ڏانهن موڪليل شاهي فوج مذڪوره قلعي جي فتح لاءِ گهٽي هئي. پر ڪن اوچتين ضرورتن کي منهن ڏيڻ واسطي سندن انگ ٿورو معلوم ٿي رهيو هو. شاهي فوج قلعي تي وڃي گهيرو ڪيو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ سيوهڻ جي سردارن جاني بيگ ڏانهن لکي موڪليو ته جيڪڏهن هو سيوهڻ جلديءَ ۾ نه پهتو، ته قلعو آوس فتح ٿي ويندو. هتي شاهي فوج جي بٽايل ٽڳي واري ترڪيب ڪامياب ٿيندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڪيس خبر هئي ته سيوهڻ ڏانهن موڪليل فوج انگ ۾ ٿوري هئي. ان ڪري هن سيوهڻ ڏانهن وڃڻ جو سوچيو. جنهن فوجي اهميت واري ماڳ تي مورچه بند ٿيو ويٺو هو، اتان نڪري ، درياهه اڪري اتر طرف پيش


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قدمي شروع ڪئي. شاهه ڳڙهه ۾ رهندڙ شاهي فوج تہ چاهيوئي اهوپٽي تہ رڳو جاني بيگ ان اپيٽ مان نڪري. اها طوفاني رفتار سان اچي بوهيڙي Buhiri ۾ پهتي ۽ جاني بيگ جي بنايل انهن حفاظتي اپائن کي ڏاهي ڪناڪيڙا ڪري ڇڏيائون، جنهن ڪري شاهي لشڪر سندن اوڏو اچڻ کان قاصر هو. اهو اپيٽ فوجي بچاءَ جي نقطہ نظر کان ايڏو اهم هو، جو فقط ٿورن ڪلاڪن جي ٿوريءَ محنت کان پوءِ وري بہ بچاءَ جي لائق بڻائي، جاني بيگ کي چڱي ريت منهن ڏئي سگهجي پيو. شاهي فوج سيوهڻ ڏانهن اسهڻ بدران مرزا جاني بيگ جي خالي ڪيل اهم اپيٽ تي ڪپ ڪوڙي ويهي رهي. سيوهڻ ۾ وڙهندڙ شاهي فوج جي حالت نازڪ بڻجي وئي هئي. خان خانان ان زماني ۾ فتح باغ يا جوڻ واري پرڳڻي ۾ هو. ڪيس اهي بہ خبرون پهتيون تہ جاني بيگ اڳتي وڌي وڃي سيوهڻ تي حملو ڪيو آهي، تنهن ڪري هن شاهي فوج جي مدد واسطي پنهنجي فوج مان هڪ حصو سيوهڻ روانو ڪيو. طبقات اڪبري جو بيان آهي، تہ اها فوج ٻن ڏينهن ۾ اسي ڪوهہ پنڌ ڪري سيوهڻ پهتي. مير معصوم پاڻ سيوهڻ ۾ وڙهندڙ شاهي فوج سان گڏ هو، سو ٻڌائي ٿو تہ خان خانان طرفان موڪليل فوج، سيوهڻ ۾ وڙهندڙ فوج سان لڪيءَ وٽ ملي هئي. چاڪاڻ تہ اها سيوهڻ جو گهيرو ڇڏي، جاني بيگ سان منهن ڏيڻ لاءِ اچي رهي هئي. جيڪڏهن مذڪوره فوج فتح باغ کان هلي هوندي تہ سيوهڻ تائين فاصلو وڃي هڪ سو ڪوهہ بيهندو. جيڪڏهن فوج نيم هٿياربند ۽ سواري سٺي آهي، تہ ايتري پنڌ ڪرڻ جو امڪان آهي. منهنجو اندازو آهي تہ ان فوج درياهہ جو ساڄو پاسو وٺي ڪوٽڙيءَ وٽان سڌو اتر رخ ڪيو هوندو. اهڙيءَ ريت هو مرزا جاني بيگ کان ڪيترا ميل پور وچوٽ تي ڪاهي طرف گڏو گڏ سفر ڪري رهيا هئا (١٣١). هن فوجي دستي پهچڻ کان پوءِ شاهي لشڪر جو انگ ٻہ هزار تي ويو هو. هوڏانهن مرزا جاني بيگ سان پنج

هزار (۱۳۲) سورهيہ ساڻ هئا. شاهي فوج اهو ضروري سمجهيو تہ اها هڪدم ۽ تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌي، مرزا جاني بيگ سان وڃي مقابلو ڪري. چاڪاڻ تہ ڪين ڊاءُ هو تہ متان قلعي واري فوج ٻاهر نڪري سنڌن پٺيان اچي حملو ڪري. تڪرين پرسان ا گهنڊي لڪيءَ واري گهٽ مان بہ حملي جو ڪين ڊپ هو. اهڙيءَ ريت شاهي لشڪر ٻارنهن چوڏهن ميل ڏکڻ اوپر سفر ڪري، جاني بيگ جي وڃي سامهون ٿيو. جنگ جي شروعات منجهند جو ٿي . سنڌين اڳتي وڌي وڃي شاهي فوج تي حملو ڪيو. ان ڪان پوءِ عام ويڙهہ شروع ٿي وئي. مقابلو تمام سخت هو. ٿورن ڪلاڪن جي سخت جنگ ڪان پوءِ سنڌ جي فوج پوئتي هٽڻ لڳي. سڀ تاريخون هن ڳالهہ تي متفق آهن، تہ مرزا جاني بيگ آخري وقت تائين مقابلو ڪندو رهيو ۽ پنهنجي بهادريءَ جو مظاهرو ڪندو رهيو. سندس ڪوشش اها پئي رهي تہ جنگ وري ڳڌائي وڃهي . اهو حال ڏسي سندس ماڻهو ڪيس جنگي ميدان مان زوريءَ ڪڍي ويا ۽ تڪا تڪا وڃي درياهہ جي ڪناري پهتا، جتان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي اُنڙپور هليا ويا. جيڪا جنگي ميدان ڪان ڇاليهہ ميل پري هئي. (۱۳۳)

ڪنهن بہ مورخ اهو ڪونہ ٻڌايو آهي، تہ جنهن جاءِ تي جنگ لڳي هئي، تنهن ماڳ جو نالو ڇا هيو. مير معصوم جي تاريخي حوالن مان صحيح اندازو لڳائي سگهندا سون، تہ اها جنگ ڪهڙي ٿاڪ وٽ لڳي هئي. هو اسان کي ٻڌائي ٿو تہ مرزا جاني بيگ ٻيڙين جي آرماڙ سان گڏ سيوهڻ طرف پيش قدمي ڪري رهيو هو. هن مان اسان اهو سولائيءَ سان سمجهي سگهون ٿا تہ هو درياهہ جي ڪناري سان ويجهو ئي سفر ڪري رهيو هو ۽ هن لاءِ اهو مناسب ۽ سولو رستو هو. ڏنو وڃي تہ هن علائقي مان ٿي صديون اڳ سنڌو درياهہ، هاٿوڪي وهڪري ڪان ٽي يا چار ميل ڪن جاين تان اڃا بہ وڌيڪ اوپر طرف وهندو هو.

مير معصوم جي تاريخ مان هيءَ حقيقت به معلوم ٿيندي ته جنگ جو اهو ميدان سيوهڻ کان ڇويهه ميل پري هو ۽ سڪرنڊ کان ست يا اٺ ميل اتر يا اتراولهه هوندو. وري اسان کي اهو به پتو پوي ٿو ته مذڪوره جنگي ميدان کان انڙپور جو ماڳ ويهه ڪوه يا چاليهه ميل پري هو ۽ ان ڳوٺ جي پرسان هو، جيڪو مٽاري Matari شهر کان چار ميل اتر ۾ آهي. سيوهڻ ۽ انڙ پور وارن ڏنل فاصلن مطابق اهو سڪرنڊ پرڳڻي جي فتح پور ڳوٺ کان ٿورو اتر هو (١٣٤).

هتي پهچي مرزا جاني بيگ جي فوج جي حالت ڏاڍي خراب ٿي وئي. شاهي فوج کيس چوڌاري وڪوڙي وئي هئي. هوبه مڙسيءَ سان مقابلو ڪندو رهيو. گهيرو ايترو تنگ ڪيو ويو، جو ڪاڌي خوراڪ جي ڪا شيءَ وٽس پهچي ڪانه ٿي سگهي. تنهن ڪري سندس لشڪر ۾ ڪاڌي خوراڪ جي اڻاٺ ٿي وئي. ڪيس پيش پوڻ کان سواءِ ڪو ٻيو رستو ڪونه هو. پر هن پيش پوڻ کان اڳ ٺٽي کي ساڙي رک ڪري ڇڏڻ جا حڪم جاري ڪيا. هن ائين ڇو ڪيو؟ تنهن جو سبب معلوم ٿي ڪونه سگهيو آهي. هو هاڻي خان خانان جي رحم ۽ ڪرم تي هو. هن گرمين ختم ٿيڻ تائين ٺٽي ڏانهن ورڻ جي موڪل ورتي، جيڪي هاڻي شروع ٿي چڪيون هيون. هي مئي ١٥٩٢ع جو زمانو هو ۽ سڪرنڊ جي پر ۾ جنگ اپريل مهيني ۾ شروع ٿي هوندي.

خان خانان پنهنجو لشڪر اچي سن ڳوٺ جي پرسان رهايو. بعد ۾، ان ڳوٺ کان پنج ڇهه ميل اتر اولهه وڃي فوجي وانڍ هنيائين. ٽيون دفعو فوجي منزل ان ماڳ تي وڃي ڪيائين، جيڪو انڙ پور کان ٽيهه ميل اتر اولهه طرف هو. سرءُ جي رُت ۾ خان خانان ڏکڻ، فتح باغ روانو ٿيو، جيڪو سنڌوءَ جي ريڻ واري ڦاٽ سان واقع هو. ان کان پوءِ مرزا جاني بيگ اتي شخصي طور اچي سندس آڏو آڻ مڃي هئي. خان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خانان جو لشڪر اتي موجود هو، جو هن سمنڊ ڏسڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. بعد ۾ جاني بيگ کي ساڻ ڪري چوڙ وارو علائقو لنگهي، لاهري بندر پهتو. اتان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي منهوڙي ڏي ويا هئا. موٽ تي هاڪاريندي طوفان گهليو هو. ان وقت شاهي دربار مان حڪم پهتو ته مرزا جاني بيگ کي شهنشاه اڪبر جي روبرو پيش ڪيو وڃي. ان زماني ۾ شاهي تخت لاهور ۾ هو. شهنشاه هن سان ڏاڍو نرميءَ سان پيش آيو. اڪبر بادشاه جي عادت هوندي هئي، ته جڏهن ڪو باغي حڪمران پيش پوندو هو ته ساڻس ڪُليءَ دل سان پيش ايندو هو. ڪيس ٺٽي جو حڪمران مقرر ڪيو ويو، پر هن کي اوڏانهن وڃڻ جي اجازت ڪانه هئي. اڪبر ڪيس سدائين شاهي دربار ۾ موجود رهڻ لاءِ چيو هو ۽ ڪيس ڏاڍو ڀائيندو هو. مرزا جاني بيگ جو علم ادب سان تمام گهڻو چاه هو. مذهبي نقطهءِ نگاهه کان هو لچڪيدار طبيعت جو مالڪ هو ۽ شهنشاه طرفان هلايل دين الاهي جي اصولن کي قبول ڪري اڪبر بادشاه جي ويجهو اچي ويو هو. جنهن جي اصولن کي سندس دور جي مورخ بدايونيءَ ڪاوڙ ۾ اچي گهڻو گهٽ وڌ ڳالهايو آهي. هن نئين مذهب ۾ داخل ٿيڻ واسطي اعتدال پسند طبيعت جو هجڻ لازمي ڪونه هوندو هو. مرزا جاني بيگ گهڻو شراب پيئڻ شروع ڪيو هو. سنه ۱۵۹۹ع ۾ شهنشاه جڏهن برهانپور ۾ هو، ته مرزا گهڻو چڪو چاڙهي، نشي جي حالت ۾ وفات ڪري ويو (۱۳۵)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب نائون

## موجوده دور ۾ سنڌ جي لاڙ وارو ڀاڱو.

سنڌ جي آزاديءَ لاءِ هلندڙ ڪوششون ١٥٩١ -٩٢ع واري جنگي مهم تائين ختم ٿي ويون. سنڌ جي لاڙ وارو ڀاڱو به اتر سنڌ جيان ملتان صوبي جي سرڪار بڻجي ويو. مرزا غازي بيگ ولد مرزا جاني بيگ کي گورنر مقرر ڪيو ويو. هن شهنشاه اڪبر جون قنڌار ۾ خاص خدمتون سر انجام ڏينديءَ، سنه ١٦٢٧ع ۾ وفات ڪئي. چيو ويندو آهي ته خسرو خان چرڪس جي پٽ ڪيس ذاتي دشمني سبب زهر ڏئي ماريو هو. ان کان هڪ سو ڏهن سالن تائين دهلي سرڪار طرفان نئين تي گورنر مقرر ٿيندا آيا. ان کان پوءِ سنڌ جي قبيلي مان هڪ ماڻهوءَ کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو، جنهن پنهنجي ليکي هڪ ڏچو پيدا ڪري وڌو هو. اهو قبيلو سنڌ ۾ گهڻي وقت کان وٺي آباد هو.

ڪلهوڙن جو قبيلو پنهنجي نسل جو سلسلو وچي ميان اوڍائي سان ملائيندو آهي، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته هو حضرت محمد ﷺ جي چاچي حضرت عباس جي اولاد مان هو. ان ڪري هن قبيلي کي عباسي ڪري سڏيو ويندو آهي (١٣٦). ميان اوڍائي جي پنجين پيڙهيءَ مان پيدا ٿيل نسل مڪران کان سنڌ لڏي آيو. سندن سردار گورٿل Gorthal (شايد گنهور Ghawar هجي) هو. پهريائين هن قبيلي سيوهڻ واري علائقي مان گوجر قبيلي کي ٻي دخل ڪري، پاڻ اچي ان علائقي تي قبضو ڪيو. هتي ڪلهوڙن ڪاهرا ٻيلي Kahira Bela نالي پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ راڄڌانيءَ جو پايو وڌو (١٣٧). گورتل جي وفات کان پوءِ سندس پٽن ۾ اچي ڦيٽاڙو پيو. انهن مان سندس هڪ پٽ جنهنجو نالو جوڻو هو، سو ڪاوڙجي پنهنجي لهه لاڳاپي وارا ماڻهو ساڻ ڪري سنڌ جي ايرندي حصي ڏانهن هليو ويو، جتي اوڍيجا قبيلي جي ماڻهن سندس آڌرڀاءُ ڪيو ۽ پوءِ (١٣٨) گمبٽ واري علائقي ۾ وڃي آباد ٿيو. بعد ۾ جوڻي، ڏيري پلهه Dhera Palla جي ڌيءُ سان شادي ڪئي. (پ-٤٢)جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ هو ڏيپل گهانگهري Depal Ghanghro جي علائقي جو آزاد حڪمران هو. مذڪوره علائقو شهداد پور (١٣٩) پرڳڻي جي اوپارئين پاڱي ۾ هو. هن شاديءَ مان ڪيس جيڪو اولاد ٿيو، تنهن کي ڪلهوڙا سڏيو ويندو آهي. هيءُ گهراڻو سنڌ جي تاريخ ۾ گهڻو مشهور آهي. جوڻي ٦٠٠هه(١٢٠٣ -٤ع) ۾ وفات ڪئي. هن تاريخ مان هڪ اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ ڪلهوڙن جا ابا ڏاڏا ٻارهين صديءَعيسوي جي وچ ڌاران اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا هئا. محمد پٽ جوڻو اتر سنڌ هليو ويو، جتي هن خيرپور واري علائقي ۾جوڻا پيلا نالي هڪ شهر اڏايو. وفات کان پوءِ کيس گمبٽ ۾ دفن ڪيو ويو. هن کان پوءِ ويندي سورهينءَ صديءَ تائين ڪلهوڙن جو ذڪر ٻڌڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. ان زماني ميان آدم شاه ڪلهوڙي (31) وقت جي حڪومت خلاف بغاوتون ڪري، ڪجهہ مشهور ٿيو. هن پنهنجي پوئلڳن ۽ ڪلهوڙن کي ساڻ ڪري چانڊڪا پرڳڻي مان چانڊين کي بي دخل ڪري، سندن زمينن تي دنگو اهڙين ڪاروائين ۾ ٻيا قبيلا بہ اچي ساڻس شريڪ ٿيا. ڪلهوڙن پير پاسي جي علائقي ۾ گهڻو ڏاڍ ۽ ڌمڪاءُ پکيڙيو هو. آدم شاه ڪلهوڙي پنهنجن کي ورسائڻ واسطي ٻين ذاتين سان انياءَ ڪيا هئا، تنهن ڪري ماڻهو وقت جي حڪومت وٽ دانهين ويا. حالتن تي ضابطي رکڻ لاءِ ملتان مان فوج موڪلي وئي، جنهن اچي ڪلهوڙن کي سزائون ڏنيون ۽ آدم شاه کي جنگي باندي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌائي ملتان نيو ويو، جتي کيس قتل ڪيو ويو. هڪ مريد سندس لاش آڻي سکر ۾ هڪ ٽڪريءَ تي دفن ڪيو. (پ -۴۳) جتي سندس قبو پري کان پيو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. پر مغل حڪومت جيئن ئي ڪمزور ٿي، تيئن هنن وري پنهنجون ڪاروايون شروع ڪري ڏنيون. هنن ڌاڙي ۽ ڦر لٽ سان گڏ زراعت کي به همٿايو. اهي پهريان ماٺهو هئا، جن لاڙڪاڻي واري علائقي ۾ گهاڙ نالي هڪ واهه کوٽايو ۽ چانڊڪا پرڳڻي کي سنڌ جو باغ ٻڌائي ڇڏيو هو. جن جن علائقن ۾ هو لاقانونيت ۽ آپيشاهي پکيڙيندا ويا، تن علائقن ۾ پاڻي جو ڏاڍو ڪارائتو استعمال ڪندا ويا. سندن اهڙن ڪارنامن مان ائين محسوس ٿي رهيو هو، ته ڪيٽ ڪيڙي ملڪ کي سائو ۽ شاداب ٻڌائي زوريءَ هٿ ڪيل زمين جو چڻ هڪڙو جواز پيدا ڪري رهيا هئا. پر هو ائين ڪري به زمين جي اصلي مالڪن کي راضي ڪري ڪونه سگهيا. رهندو منجهن ويڇا ۽ وٿيون پئجي ويون. هنن بکر ۽ ملتان وچي ڪلهوڙن خلاف دانهيو. حڪومت ڪڏهن پنهنجي فوج موڪلي هنن خلاف سخت ڪاروائي به ڪندي هئي ۽ هڪ ڀيرو مقابلو ڪندي، سندن سپهه سالار شاه علي به مارجي ويو. پر نتيجو اهو ساڳيو هوندو هو. جڏهن سرڪاري فوجون واپس ٿينديون هيون ته ڪلهوڙا به تلوارون ڪٽي ٻاهر نڪرندا هئا ۽ ڀئي پاسي کان پوکي راهيءَ جي ڏنڊي سان لڳي ويندا هئا. شاه علي جو پٽ نصير محمد سنه ۸ ۵- ۱۶۵۷ع ۾ گاديءَ تي ويٺو. هن ۾ سندس پيءُ کان وڌيڪ خوبيون هيون. مغل فوج مٿس حملو ڪيو. کيس جنگي باندي ٻڌائي دهلي وٺي ويا. جتان هو ڀڄي نڪتو ۽ سنڌ پهچي، پنهنجي پراڻي ڏنڌي ۾ مشغول ٿي ويو ۽ پنهنجي طاقت کي هڪ جاءِ تي ڪٺو ڪري، منظم نموني سان اڳتي وڌڻ لڳو. آدم شاه جڏهن چانڊڪي تي قبضو ڪيو هو ته ڪاهرا Kahira جي ڪلهوڙن اچي هنن اترادي ڀائرن سان هٿ ونڊايو هو. ان زماني ۾ ناري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو الهندو پاسو گهڻو ڪري انهن قبيلي جي قبضي هيٺ هو. ڪلهوڙن جي ٿهري ڪاروائين کان گهڻو متاثر پنهور قبيلو ٿيو هو، جيڪو اڃا به سندن ڏاڍ ۽ ڏمڪاءَ جو شڪار هو. هيءَ ذات پرمار راجپوت جي ڦريءَ مان آهي. پر هو هن واقعي کان گهڻو اڳ مسلمان ٿي چڪا هئا. چانڊڪا ۽ سِوستان جي الهندي پاسي جي وچ واري علائقي تي هن قبيلي جو قبضو هو ۽ صفا الهندي ڏاکڻو علائقي سان دنگئي خطي تي به سندن هلندي پڄندي هئي. پنهورن جي مذڪوره علائقي جي صفا وچ تي ڪلهوڙن پنهنجي راڄڌانيءَ جو بنياد رکيو، جنهن جو نالو ڳڙهي Garhi هو. (۱۴۰) جيڪو اڳ ۾ پنهورن جي راڄڌانيءَ جو ڏاڪ هن. هن پنهنجي آمدني وڌائڻ واسطي هن سِوستان جي گورنر کان (۱۴۱) لاکاٽ جو پرڳڻو ٺيڪي تي ورتي، پاڻ ان تي آبادي ۽ ڊل بندي ڪئي. آدم شاه کان وٺي هن وقت تائين هن گهراڻي فقط هيءَ هڪ قانوني ڪم ڪيو، نه ته هو هميشه جائزيا ناجائز ڪم، جيڪو چاهيندا هئا، پنهنجي مرضيءَ سان زوري ڪري ڇڏيندا هئا. اهڙي ريت ڪلهوڙن جو گهراڻو دولت ميڙيندو ۽ طاقت وڌائيندو رهيو ۽ آخر اهو وقت به آيو، جو هو سڄي سنڌ جا حڪمران بڻجي ويا.

نصير محمد وڏي عمر ۾ وفات ڪئي. هن کان پوءِ سندس پٽ دين محمد گاديءَ تي ويٺو. هن جي ڏينهن ۾ ڏاڍ ڏمڪاءُ ۽ ڦر لٽ پنهنجي چوٽيءَ تي پهتي هئي. پنهور پنهنجي وڃايل زمين واپس وٺڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ لڳا. پر هنن کين شڪستون ڏنيون، جنهن ڪري رهندو به وڏي ڏچي ۾ پئجي ويا. جنهن منظم نموني سان ڪلهوڙا اڳتي وڌي رهيا هئا، تنهن دهلي دربار کي به ڪاوڙائي وڌو هو. ڪلهوڙن کي ختم ڪرڻ جا واضح احڪام ڏئي شيخ جهان کي دهليءَ طرفان روانو ڪيو ويو. شاهي احڪام پورا ڪرڻ لاءِ هي اعلي عملدار، بکر جي گورنر کي ساڻ ڪري اڳتي وڌيو. دين محمد لب درياه پرڳڻي جي (۱۴۲)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳيريلي ٺاڪ وٽ اچي سندن مقابلو ڪيو، جنهن ۾ شيخ جهان خان مارجي ويو. شاهي دربار جي اهڙي توهين، سهڻ کان ٻاهر هئي. ان زماني ۾ شهنشاه بهادرشاه جو وڏو پٽ معزالدين ملتان جو گورنر هو، سو پنهنجي سر ڪلهوڙن تي ڪاهي آيو. دين محمد عقلمندي جو مظاهرو ڪندي آڻ ميڃڻ جو سوچي، پنهنجي پاڻ کي شهزادي ڏانهن روانو ڪيو، جنهن بيوقوفي ڪري سندس ڳالهه قبول ڪئي ۽ پوئتي ورڻ لڳو. ڪلهوڙن جي هڪڙي ڀُٽي نديڙي سپهه سالار سمجهيو ته شهزادو معزالدين ڪلهوڙن جي سگهه ڏسي ڊچي ويو آهي، تنهن ڪري هن پنهنجو لشڪر ولي وچي ماٿيلي ۽ اُچ تي حملو ڪيو. ڪلهوڙن جون اهي ڳالهيون ڏسي شهزادي جون اکيون کلي ويون ۽ کيس باغين سان رعايت ڪرڻ جي غلطيءَ جو احساس ٿيو. هن پٺتي موٽي اچي ڪلهوڙن جي علائقن تي حملو ڪيو. ڪلهوڙن جي راڄڌاني ڳڙهي ۽ ٻين مکيه شهرن کي قري لٽي ناس ڪري ڇڏيائون. دين محمد پڪڙجي ويو، پر پوءِ معافيءَ ڏيڻ جي شرط تي اچي پيش پيو. سندس ڀاءُ يار محمد شاهي فوج جي هڪ جٿي تي وچي حملو ڪيو ۽ کين سخت شڪست ڏنائين ۽ قتل عام ڪيائين. شهزادي، دين محمد کي جنگي باندي بڻايو ۽ آخر ۾ کيس قتل ڪيو ويو.

يار محمد قلات ۾ وڃي سياسي پناه ورتي هئي. بعد ۾ شاهي دربار آڏو پيش پيو. ان زماني ۾ مغل اوج جو سج لڙي چڪو هو. ان ڪري باغين سان صلح ڪري وقت ٽپائي رهيا هئا. يار محمد کي معاف ڪري ديره جات جو گورنر مقرر ڪيو ويو ۽ کيس خدايار خان جو لقب ڏنو ويو هو (١۴٣). هن قانوني ۽ سياسي اختيار حاصل ڪرڻ کان پوءِ پهريون ڪم اهو ڪيو جو، خدا آباد نالي ڪلهوڙن جي ٽين راڄڌانيءَ جو بنياد رکيو، جيڪا سيوهڻ کان سترهن ميل اتر اولهه طرف هئي. ان کان سواءِ کيس سِوي ءَ جي گورنري ۽ اتر سنڌ ۾ روپاه جو پرڳڻو به


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مليو. ڪلهوڙا گهراڻي مان ان وقت بغاوت وارو جنون ختم ٿي چڪو هو. هيءُ پنهنجي قوم جو ارڙهن سالن تائين لٺ سردار رهيو ۽ ١٧١٩ع ۾ وفات ڪيائين. ان وقت دهلي دربار جو اعليٰ عملدار ۽ معزز انسان هو. هن کان پوءِ نور محمد سندس گاديءَ تي ويٺو. ان زماني دهليءَ جو مغل فرمانروا محمد شاه هو، جنهن کيس سندس پيءُ يار محمد وارا ساڳا خطاب ۽ القاب ڏنا. هن دائود پوٽن سان جنگيون ڪيون ۽ سنڌ ۽ ملتان جي وچ تي موجود علائقا فتح ڪيا ۽ قلات جي بروهين کي ٻه ڀيرا شڪست ڏني. سن ١٧٣٦ع ۾ بکر جو قلعو سندس حوالي ڪيو ويو. ٻئي سال کيس ٺٽي جو گورنر مقرر ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت سڄي سنڌ سندس حڪمرانيءَ هيٺ اچي وئي. هيءُ شاه حسين جي موت کان (١٥٥٥ع) پوءِ پهريون ماڻهو هو، جنهن ساري سنڌ تي پنهنجو راڄ قائم ڪيو. سن ١٧٣٧ع ۾ هن جي وجود سان سنڌ ۾ ڪلهوڙا دور شروع ٿيو.

نور محمد کي حڪومت ڪئي اڃا سال مس گذريو هوندو جو نادر شاه هندستان تي حملو ڪيو ۽ تڪو تڪو ڏوڪيندو سن ١٧٣٩ع جي شروع ۾ ٺي وڃي دهليءَ نڪتو هو. ان کان پوءِ هن ۽ محمد شاه جي وچ ۾ ان ئي سال اندر هڪ صلح نامون ٿيو هو، جنهن ۾ شهنشاه محمد شاه سنڌ جو وڏو حصو نادر شاه جي حوالي ڪيو هو. هيٺ ڏنل ٽڪرو فريزر Frazer جي لکيل ڪتاب، ”لائيف آف نادر شاه“ مان کنيو ويو آهي.

”مان نادر شاه کي، اٽڪ درياه، سنڌو درياه ۽ سنڪرا (سانگرا) درياه جي اولهه پاسي وارا علائقا، جهڙوڪ پشاور ۽ ان جي ڀرپاسي وارو علائقو ڪابل، غزني ۽ پٺاڻن جي رهڻ وارا جابلو علائقا، هزاره جات وارا لڪ، بکر جو قلعو سکر، خداآباد ۽ ٻيا علائقا لڪ،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچن ۽ جوکين جي رهڻ واريون ايراضيون ننڍي جو صوبو، رام قلعو، تربين Terbin جو ڪوٽ، چوڻ (جوڻ)، سما والي (سماوتي) ۽ ڪيترا Ketra وارا شهر ننڍي جا ماتحت علائقا شهر، ڪوٽ، واهڻ، زمينون، قلعا، بندر ۽ اهي شهر ڏنا. جتي سنڌو درياه جو پاڻي پهچي ٿو. ۽ اهي لڪ ۽ ايراضيون به جتي مذڪوره درياه جو پاڻي رسي ٿو. سانڪره وهڪري جو اوسو پاسو ويندي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ تائين، مطلب ته اٽڪ درياه، سنڌو درياه ۽ سانڪره جي وهڪري جو اولهه پاسي وارو سارو علائقو هن بادشاه جي ملڪيت سمجهيا ويندا. لاهري بندر جو قلعو ۽ شهر ۽ اهي علائقا جيڪي اٽڪ درياه، سنڌو درياه ۽ سانڪره وهڪري جي اوير پاسي آهن، سي اڳين جيان هندستان جي شهنشاه جي ملڪيت رهندا.

شاه جهان آباد ۾ لکيو ويو: تاريخ ۴ محرم ۱۱۵۲هه مطابق ۲ اپريل ۱۷۳۹ع.

صلح جي عهدنامي مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته سانگرا وارو وهڪرو سنڌو درياه جي هڪ ڇاڙهه هو. هن مان هيءَ حقيقت واضح ٿئي ٿي ته ڇوڙ واري علائقي جي وچئين پاڳي ۾ ۱۵۹۱ ـ ۹۲ع کان وٺي ۱۷۳۹ع تائين، يعني ڏيڍ صديءَ جي عرصي دوران وڏيون تبديليون اچي چڪيون هيون. ان زماني ۾ سنڌوءَ جو مکيه وهڪرو سانگرا جي پيٽ مان وهندو هو. درياه ڪجهه الهندي ڏانهن کسڪي، وچي هالا جي اولهه ۾ وهڻ شروع ڪيو هو. ان کان مذڪوره شهر جو ذڪر ڏئي ايرندو رخ ڪري گهلو Ghalu جي پيٽ مان وهي، نصرپور وٽان گذرندو هو. گهوٽاڻي ڪوٽ ۽ نصرپور جي وچ تي سنڌو ائين وهندو رهندو هو. ان کان اٽويهه سال پوءِ درياهه اوچتو الهندي رخ اختيار ڪيو ۽ نصرپور کان پنهنجو صدين وارو وهڪرو ڇڏي، گهٽو اولهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن هليو ويو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ان دور ۾ سانگري وارو وهڪرو اجا به وهي رهيو هو. ان جي ذڪر جو ڪارڻ هتي اهو آهي ته مغل شهنشاه طرفان ايران جي بادشاه کي ڏنل علائقن مان ڪجهه حصو سانگري وهڪري ۽ سنڌو درياه جي وچ تي پڻ موجود هو. ڪنهن به ڏيهي مورخ ائين ڪڏهن ڪونه لکيو آهي، ته هن وهڪري کي نصرپور کان هيٺ به سانگرا جي نالي سان سڏيو ويندو هو. صلح جي عهد نامي ۾ هن وهڪري کي ويندي سمنڊ ۾ چوڙ ڪرڻ تائين، سانگرا جو نالو ڏنو ويو آهي. ان جو سبب مان اوهان کي سمجهايان ٿو. صلح جي عهدنامي مطابق علائقن جي جهڙي نموني سان حدبندي ڪئي وئي آهي، ته جيئن ان نقطهء نظر سان لاڙ ۾ رڻ وارو وهڪرو ٻنهي ملڪن جو دنگ مقرر ڪرڻ لاءِ مناسب هو. پر صلح نامي ۾ جوڻ ۽ ان جي ماتحت علائقي جو به ذڪر موجود آهي، جيڪو عهد نامي مطابق ايران جي بادشاه کي مليو هو، جيڪو رڻ جي اوپر پاسي هو. جيڪڏهن انهن جو ذڪر واضح طريقي سان نه ڪيو وڃي ها، ته سمجهيو وڃي ها ته اهي مغل سلطنت سان شامل آهن. اهڙو مثال اسان کي سماوتي جي ذڪر مان به ملي ٿو. مذڪوره علائقو نصرپور جو محال هو ۽ هاٿي محبت ديري وارو پرڳڻو به ان ۾ شامل آهي. اهو علائقو به رڻ جي اپرندي طرف آهي. ڪيٽڙا Ketra جو ماڳ آءٌ سڃاڻي ڪونه سگهيو آهيان. ۽ هيءَ ۽ تربين Terbin ڳوٺ جو نالو ، ٻئي، اڄار ۾ بگڙيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي سڃاڻپ کان پري آهن. رام قلعو شايد ڪراچيءَ وارو رام باغ آهي، جنهن جو بنياد صلح نامي کان چوڏهن سال اڳ ۾ رکيو ويو هو. سنڌ جو اهڙو سياسي ورهاڱو نور محمد ڪلهوڙي کي ڏاڍو ڏکيو لڳو. سندس سياسي شعور ڪيس چڻ سئين چوٽيءَ ڪيرائي وڌو هو. هن نادر شاه جي ارادن جي مخالفت ڪري ۽ ڪيس شهنشاه نه مڃي، غلطي ڪئي هئي . پر هن اهڙيءَ غلطيءَ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن جا محصولن جي گهر ۾ اوڳڙ وارا طريقا ڍهلي وارن کان ڪجهه نرم هئا. ڪلهوڙا هنن کي خراج تيستائين ادا ڪونه ڪندا هئا، جيستائين اوڳڙ لاءِ فوجي دستا ڪونه ايندا هئا. محصول جي اوڳڙ جا فوجي طريقا ڦر لٽ، مار ڌاڙ ۽ شهر ساڙي رک ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪونه هوندا هئا. خراج نه ڏيڻ جي غلطي حڪمران ڪندا هئا ۽ ڏاڍ جي چڪيءَ ۾ پيسندا هاري ناري ۽ پورهيت هئا. پوري صديءَ تائين سنڌ سان اهڙي جٽ تيندي رهي .ڪڏهن سنڌ کي خراج ڏيڻ کان دِر ڏني ويندي هئي. ڪڏهن وري ان کي ڏيڻ تي سخت مجبور ڪيو ويندو هو. ڪڏهن سنڌي مزاحمت به ڪندا هئا. ڪڏهن متن حملا به تيندا هئا. آخرڪار سنڌن پونير شاه شجاع جڏهن ڪمزور ٿيو ۽ ڪلهوڙن جي گادي نشين ٽالپرن کان ڏن وٺي ڪونه پئي سگهيو، ته انگريز سرڪار ان ڳالهه کي نئون ڪيو. سنه ١٨٣٩ع ۾ انگريز سرڪار، نادر شاه جي گادي نشين جي پونير کي خراج ڏيڻ واسطي ٽالپرن کي مجبور ڪيو ۽ چيو ته ڪيس باقي رهتِ اٺاويهه لک روپيه ڏئي، ليکو سئون ڪن. اهڙيءَ ريت خراج جي رقم جي ادائگي پوري ٿي.

سنه ١٧٤٧ع ۾ نادر شاه کي قتل ڪيو ويو. احمد شاه ابدالي جيڪو سندس سپهه سالار هو، تنهن افغانستان تي پنهنجو راڄ قائم ڪيو. اهڙيءَ ريت سنڌ ، ايران جي ماتحتيءَ مان نڪري، افغانستان جي ڏن ڀرو ٿي. ٿورو وقت ته احمد شاه ابدالي پنهنجي مامرن کي نبيرڻ ۾ مشغول رهيو ۽ سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي ڏانهن ڏيان ڏئي ڪونه سگهيو. ميان نور محمد کي وجهه ملي ويو، جنهن ڪيس ڏن ڏيڻ ۾ دير ڪئي. جڏهن احمد شاه ابدالي ڏن وٺڻ لاءِ سنڌ تي ڪاهي آيو، (33) ته ميان نور محمد جيسليمر ڏانهن نڪري ويو ۽ اتي وفات ڪيائين. ميان نور محمد جي وفات کان پوءِ سندس وڏي پٽ ميان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرادياب سندس گادي سنڀالي، پر ٽن سالن جي حڪمرانيءَ کان پوءِ کيس تخت تان لاهي غلام شاهه راڄ سنڀاليو. پوءِ سندس ڀاءُ عطر خان، احمد يار خان ۽ هن جي وچ ۾ تخت جي سوال تان اچي مامرو متو، جيڪو سالن تائين هلندو رهيو. اهو ڦيٽاڙو هلندو رهيو، نيٺ احمد شاهه ابداليءَ ١٧٦١ع ۾ غلام شاهه کي سنڌ جي حڪمران طور قبولي هن منجهيل مامري کي نبيري ڇڏيو. (پ -٣٥)

ميان غلام شاهه، ڪلهوڙا گهراڻي ۾ سڀني کان وڌيڪ سگهارو حڪمران هو. هي پنهنجي خاندان ۽ قبيلي مان هوشيار ۽ داناءُ ماڻهو هو. هن اڳرائي ڪري ٻين ملڪن تي به حملا ڪيا. سنڌ ۾ هن لاءِ ڪو مامرو منجهيل ڪونه هوءِ نه وري کيس ڪنهن کي نيچو نوائڻو هو. سندس ارادو هو ته هو بغاوت جو ڦريرو ڦڙڪائي، سنڌ جي آزاديءَ جو اعلان ڪري. هن پنهنجي طاقت کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ لاءِ ڪڇ تي به پيرا ڪاهيو. هن پهريون حملو ١٧٦٣ع ۾ جهارا تي ڪيو، جنهن ۾ هنجي سرسي ٿي. ٻئي حملي دوران، هو اڳتي وڌندو ويجي ڪڇ جي راڄڌاني ڀرسان پهتو ۽ راءِ کي مجبور ڪيائين ته لکپت ۽ بستا جا بندر سندس حوالي ڪري. غلام شاهه جي اصلي نيت اها هئي ته هيءُ ملڪ فتح ڪري سنڌ سان ملائي ڇڏي. ڪڇ جا رهواسي راجپوت هئا.(پ - ٣٦) هن پنهنجي ڌرتيءَ جو بچاءُ سرترين تي رکي ڪيو هو. جڏهن حالتون نازڪ موڙ تي پهچنديون آهن، ته راجپوتي رت تي هڪ وحشت طاري ٿي ويندي آهي. غلام شاهه ان فتح تي به ڌاڍو مگن هو. هيءَ سوڀ کيس ڏاڍي مهانگي پئي هئي، جنهن لاءِ هن پنهنجا اڪيچار ڪونڌر ڪهايا هئا. مذڪوره جنگ ۾ سنڌ جو هيءُ حڪمران ڪڇ جي ڪنهن ٿوري ڀاڱي تي سوڀ حاصل ڪري سگهيو هو. هن جي دور سان واڳيل جيڪي دلچسپ واقعا آهن ، تن ۾ سنڌو درياهه جي وهڪري جي تبديلي نمايان آهي، جيڪا ١٧٥٨ -٥٩ع ۾ آئي ۽ ٻيو واقعو حيدرآباد قلعي جي اڏاوت آهي. مذڪوره قلعي جو بنياد ١٧٦٨ع ۾ رکيو ويو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوجي ڪئمپ ڪوٽڙيءَ جي سامهون درياهہ لانگها تي ويندو هو" ڪئپٽن برٽن ڪي هيءَ چاڻ سنہ ١٨٨٤ع ۾ ملي. ان ليکي سان ان جهونڊي جو بيءَ ارڙهين صديءَ جي پوئين اڌ جي حقيقتن کان ضرور واقف هوندو. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ ان زمانيءَ ۾ نصرپور وارو وهڪرو هوريان هوريان سڪي رهيو هو ۽ اولهہ واري نئين وهڪري ۾ هوريان هوريان پاڻي وڌي رهيو هو. ان ڪري امڪان آهي، تہ ڪنهن موسم ۾ درياهہ لانگها تي ويندو هوندو ۽ پوڙهي جي بيان ڪيل حقيقت بلڪل صحيح آهي. ڪئپٽن برٽن جو هيءَ لکڻ تہ "هتان جا ڏيهي ماڻهو ڪجهہ هٽ جون بہ هٽي وٺندا آهن" صحيح ڪونہ ٿو لڳي.

هن وڏي تبديليءَ، سنڌو درياهہ کي، اولاهين ٽڪراٽي علائقي جي ڊنگ سان موجود لتاسي خطي ۾ آڻي بيهاريو آهي. سندس ڇڏيل ۽ موجوده وهڪري جي وچ ۾ ستر ميلن جي وٿي آهي. ان وقت کان وٺي موجوده دور تائين درياهہ ڪنارو ڪائيندو پائيندو وڃي ٽڪرين جي بلڪل ڪڇ ۾ پيو آهي. مذڪوره جابلو علائقو اولهہ کان اوڀر ڏانهن لهندو ۽ لهنوارو ٿيندو وڃي ٿو. اهڙيءَ ريت سيوهڻ کان ٺٽي تائين درياهہ کي اولهہ ڏانهن سرڪڻ لاءِ ڪا جاءِ نہ ٿي ڪانہ آهي.

رڻ وهڪري جي سڪي وڃڻ ڪري، سندس پاڻيءَ تي آباد ٽيندڙ علائقي کي ڏاڍو هاڃو رسيو، پر ڦليلي ڦاٽ جي پاڻي ان برپٽ واري جوءِ کي سائو ستابو ڪري ڪجهہ پورائو ڪيو. هيءَ ڇاڙهہ حيدرآباد کان ڏهہ ميل اتر سنڌوءَ مان ڇڃندي هئي ۽ گنجي ٽڪر جي اوڀارين ڪڇ ڏئي، سنڌوءَ جو پراڻو پيٽ اکري، وڃي رڻ واري ڇڏيل وهڪري ۾ پوندي هئي ۽ ڪيترن ميلن جي پنڌ تائين ان جي پراڻي پيٽ مان بہ وهندي هئي. جنهن ماڳ وٽان ڦليلي ڦاٽ درياهہ جي مکيہ وهڪري کان ڇڄي ڌار ٿئي ٿو، اتان ئي سنڌوءَ جي ڇوڙ واري ٽڪنڊي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي شروعات سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ هي وهڪرو درياہ کان ڇڇڻ کان پوءِ سمنڊ ۾ چوڙ ڪرڻ تائين وري ڪاتي بہ سنڌوءَ سان ڪونہ ملندو آهي. وچ تي ڪاتي ڪيس گونيءَ جي نالي بہ سڏيو ويندو آهي. سندس صورت آبپاشيءَ جي هڪ وڏي واہ جهڙي هوندي آهي. سڪندر اعظم جي جنگي مهم سان لاڳاپيل تاريخ جي شارحن ۽ محققن جي خيال مطابق، ان دور جو پٽالا شهر انهن ماڳن تي هو، جتي هاڻي حيدرآباد آهي، ڇاڪاڻ تہ اها چوڙ واري ٽڪنڊي جي شروعاتي نڪتي وٽ موجود آهي. ڪين اهو وهم ۽ گمان بہ ڪونہ آهي، تہ چوڙ جي ٽڪنڊي جو هي سِرو فقط اڳئين صديءَ جي ڳالهہ آهي. هن حقيقت کي بہ وساري ڇڏين ٿا تہ سڪندر جنهن اوپارئين وهڪري سان هاڪاري ويو هو، سو بہ درياہ جيڏو وڏو وهڪرو هو". پر ان جي جاءِ تي ڦليلي، درياہ جي هڪ ننڍڙي ڇاڙهہ آهي (۱۴۴).

فقط ڦليليءَ جي هتان وهڻ ڪري غلام شاہ ڪلهوڙي کي حيدرآباد جي قلعي اڏڻ جو خيال آيو هو. هن کان اڳ ۾، سنہ ۱۷۵۹ع -۶۰ ۾ ڪاٺوٽ جو شهر اڏيو هو. پر درياهہ جي ٻوڏ جي خطري سبب ان شهر کي بہ ڇڏيو ويو. هن ۱۷۶۲ -۶۳ع ۾ (۱۴۵) شاہ پور جو بنياد رکيوهو . ڪيس اهو خيال هوندو هو تہ راڄڌاني اهڙي جاءِ تي قائم ڪئي وڃي، جتي درياہ جي ٻوڏ کان بچاءُ هجي. سندس ڀاءُ مراد ياب خان، مرادآباد نالي هڪ راڄڌانيءَ جو بنياد رکيو هو، پر درياہ ان کي ٻوڙي پائي ڪٽي ويو هو. ان ڪري ڪيس ڊپ ٿي ويٺو. هن سوچيو تہ راڄڌاني ڪنهن محفوظ ماڳ تي هجڻ گهرجي. مذڪوره مرادآباد جو شهر نصرپور پرسان هو، جيڪو ۱۶۵۶ -۵۷ع واري ٻوڏ ۾ لڙهي ويو. مراد ياب خان ۽ سندس ٻن پٽن پيڙيءَ ۾ چڙهي نڪري جان بچائي هئي. بعد ۾ اتر، سڪرنڊ جي پرڳڻي ۾ وڃي نئين راڄڌانيءَ جو بيناد رکيو هئائين، جنهن جو نالو هن احمد آباد رکيو هو. امڪان اهو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي تہ هيءَ ٻوڏ هن علائقي ۾ وڏين درياهي تبديلن ڪري آئي، يا تي سگهي ٿو تہ هن وڏيءَ ٻوڏ ڪري مذڪوره درياهي تبديليون اچي ويون هيون. خير حقيقت ڇا بہ هجي، پر اهڙو علائقو موجود ئي ڪونہ هو، جيڪو راڄڌانيءَ لاءِ موزورن هجي ۽ راڄڌاني ٻوڏ جي تباه ڪارين کان بہ محفوظ هجي. ٻئي پاسي گنجي ٽڪر وارو علائقو هو، جيڪو ٻوڏ کان بہ محفوظ هو ۽ سندس ڪڇ مان قليليءَ بہ تازو وهڻ شروع ڪيو هو، تنهن ڪري جيڪڏهن هتي راڄڌاني تعمير ڪئي ٻئي وئي، تہ سيئي گهربل شرط ۽ سهوليتون پوريون ٿي رهيون هيون. انهيءَ ڪري هن ڪلهوڙي حڪمران نيرون جي ٽرڙ تي سنڌ جي راڄڌانيءَ اڏڻ جو فيصلو ڪيو، جنهن کي نيرون ڪافري بہ سڏيو ويندو هو. نيرون وارو پراڻو قلعو ناس ٿي چڪو هو. پٿيون ڊهي پٿرن جا ڍير بڻجي ويون هيون. پر وارو پوئو بہ پيرن جو قبرستان ٿي ويو هو. مسلمانن جي عقيدي مطابق اهو چوٽڪاري ۽ خُداء جي رحمتن نازل ٿيڻ وارو ماڳ بڻجي ويو هو. غلام شاه هر شيءَ کي ٻهارائي صاف ڪرايو. نيرون جي ياد سان واڳيل نہ ڪو پٿر ڇڏيائين ۽ نہ وري ڪنهن پير بزرگ جي قبر جي ڪا نشاني ڇڏيائين. سڀ ميڙائي پڌر پالها ڪري، ان وسيع ۽ ويڪريءَ ايراضيءَ تي حيدرآباد جو قلعو جوڙايائين. هي ڪلهوڙا خاندان جي وڏين اڏاوتن مان هڪ هئي، جنهن جو سنہ ١٧٦٨ع ۾ بنياد رکيو ويو هو. هن قلعي ۾ غلام شاه ١٧٧٠ع کان رهڻ شروع ڪيو. قلعي جي تعمير کان پوءِ هيءُ حڪمران ٿورو وقت زنده رهيو. سنہ ١٧٧٢ع واري سال ۾ هڪ ڏينهن هن تي اڌ رنگ حملو ڪيو ۽ ٻئي ڏينهن هن، هيءُ فاني جهان ڇڏيو. سندس وفات بابت عام خيال اهو هو تہ هن پيرن فقيرن جون قبرون ڊاهي قلعو جوڙايو هو، تن جي پٽن پاراتن ڪري مري ويو.

غلام شاه ڪلهوڙا گهراڻي جو سڀ کان آخري سگهارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صوبدار کي قتل ڪرائي ڇڏيو. ٿوري وقت کان پوءِ سنڌ جا راڄوڙا ۽ لٽ سردار ميان سرفراز کان ناراض ٿي ويا ۽ تخت تان لاهي ڇڏيائونس. بعد ۾ سندس جانشين سان به ساڳي ويڌن ٿي. ميان غلام شاه جي پياءُ ميان غلام نبيءَ کي پڳ ٻڌرايائون. ان زماني ۾ مير بهرام خان جو پيو پٽ مير بجار حج ڪري سنڌ موٽي آيو هو، هن پنهنجي پياءُ جي قتل جي پلاند وٺڻ لاءِ پنهنجي بلوچ برادر کي ڪٺو ڪيو. زمينون گهمندي غلام نبي سندس منهن پئجي ويو ۽ ان کي اتي ئي قتل ڪري وڌائين. (پ -۴۷) ميان عبدالنبي ڀڄي وڃي حيدرآباد جي قلعي ۾ پناه ورتي، جتي هن تخت جي ٽن دعويدارن کي قتل ڪري ڇڏيو (پ-۴۸) . مير بجار اڳتي وڌي وڃي حيدرآباد جو گهيرو ڪيو. پر سمجهيائين ته هيءُ قلعو فتح ڪرڻ جهڙو نه آهي، تنهن ڪري ساڻس ڳالهيون ڪيائين ۽ چيائينس ته هو تيستائين ڪيس سنڌ جو حاڪم تسليم نه ڪندو، جيستائين هو کيس سنڌ جو وزيراعظم مقرر نه ڪندو. مير بجار هن خون پياڪ ظالم سان ڳالهيون ڪري صلح ته ڪيو، پر پنهنجي حياتي داؤ تي لڳائي ڇڏيائين. (34) عبدالنبي پنهنجو ڪينو لڪائيندو رهيو. ان کان پوءِ هن جوڌپور جي راجا کان به شخص آڻايا. اهي ماڻهو درخواست ڏيڻ جي بهاني مير بجار جي ويجهو آيا ۽ اوچتو خنجر ڏڙڪائي ڏنائونس پ-۴۹). ميان عبدالنبي بلوچن جي پلاند کان ڊڄي قلات هليو ويو. قلات جي حڪمران ساڻس هڪ لشڪر موڪلي ڏنو، جنهن کي ٽالپرن شڪست ڏني، پوئتي ڀڄائي ڇڏيو. تنهن کان پوءِ هو ڀڄي جوڌپور جي راجا ڏانهن هليو ويو. راجا به کيس لشڪر جي امداد ڏني، سنڌ روانو ڪيو. هن وري به شڪست کاڌي. آخر ۾ هو قنڌار هليو ويو. ان زماني ۾ مير بجار خان قتل ٿي ويو هو، سندس جاءِ تي سندس پٽ عبدالله ۽ ڀائٽيو فتح علي سنڌ جو راڄ سنڀالي رهيا هئا. هاڻي هنن سردارن جي ڀڄڻ جو وارو هو. تيمور شاه افغان ميان عبدالنبي کي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان ڪجهه گهٽ. عبدالنبيءَ کي سخت شڪست ملي. ان ڪان پوءِ هيءُ سنڌ اڻين ڇڏي ويو، جو وري موٽي ڪونه آيو. اهڙي ريت سنڌ ۾ ڪلهوڙا گهراڻي جي حڪمراني پوري ٿي. ڪابل جي حڪمران زمان شاه ميرن جي حڪومت کي سنه ١٧٩٣ع ۾ تسليم ڪيو. حقيقت ۾ميرن جي راڄ جي شروعات سنه ١٧٨٣ع ۾ ٿي هئي، پر ڪلهوڙا پنهنجي اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششن ۾ رڌل رهيا. نيٺ هلي هلي مايوس ٿي ويهي رهيا. اهڙين وڳوڙي حالتن ڪري، سنڌ جون اقتصادي حالتون ڏانوان ڏول ٿي ويون ۽ ٽالپر سردارن جي دور ۾ سنڌ جون حالتون وري سڌرڻ لڳيون. ڪلهوڙا سنه ١٧٣٧ع کان ١٧٨٣ع تائين ڇائيتاليهه سال سنڌ جا حاڪم رهيا. ان جي جانشين گهراڻي سنڌ کي سري، وچولي ۽ لاڙ جي ٽن سرڪارين ۾ ورهايو ۽ سٺ سالن تائين حڪومت ڪئي. سندن تعلق هتان جي ڏيهي گهراڻي سان هو. سندن سنڌ تي راڄ ١٨٤٣ع ۾، انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ سان ختم ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو- الف

# سنڌوءَ جو لوڻي ٻاري وارو ڇوڙ.

ڪئپٽن مئڪمرڊو ۽ سر الگزينڊر برنس، سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي ۾ ڪڇ تي لڪندي لوڻي ٻاري نئن تي به پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي. اتفاق اهڙو ٿيو جو، سنڌ لکيل جو پتو، مونکي گهڻو دير سان پيو تنهن ڪري انهن جا حوالا هن ڪتاب ۾ ڏئي ڪونه سگهيس. ڪئپٽن مئڪمرڊو جو رايل ايشيائٽڪ سوسائٽي جي جرنل ۾ ”دي رور انڊس“ جي عنوان سان هڪ مقالو ڇپيو هو. هو صاحب جلد ۱- ص ۴۰ تي لکي ٿو: ”قديم دور جي لوڻي ٻاري Lonibare نديءَ کي لکپت ندي به سڏيو ويندو هو، تنهن کي هاڻي لوڻي ٻاري نالي سڏيو ويندو آهي، سا ڳالهه حقيقت کان ٻاهر سمجهڻ گهرجي. ٻئي هنڌ وري سندس بيان (مان ان جي حوالي ڏيڻ کان قاصر آهيان)آهي ته ڪوري وهڪرو، هاڻي سنڌوءَ جو صفا اوڀاريون ڇوڙ ٿي ويو آهي. هي نالو مٿس ان ڪري پيو آهي، جو اهو وهڪرو ڪنهن راس جي ڇوڏاري ڦيرو ڏئي وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو، يا ڪڇ جي ڏکڻ اولهه واري حصي جي شڪل صورت ڪجهه اهڙي آهي، ان ڪري مٿس ان نسبت سان نالو پيو آهي. هن صاحب کي پورو يقين آهي ته تالمي جنهن وهڪري کي لوڻي ٻاري سڏي ٿو، سا موجوده دور جي ڪوري يا لکپت ندي آهي. مئڪمرڊو جو بيان آهي ته ”ٻارا Bara هندستاني لفظ آهي، جنهنجي معني آهي اهو لنگهه يا رستو، جيڪو سمنڊ ڏانهن ويندو هجي. هن لفظ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي معنيٰ ڪجهه مختلف آهي. سنڌ ۾ هيءَ لفظ "ٻاري" جي اُچار سان ٻوليو ويندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ٽڪرو" "ڀاڱو" "حصو" وغيره. زمين کي سولائي سان پاڻيءَ ڏيڻ واسطي چوڌاري ٻنو ڏئي، هڪ چوراس يا چوڪنڊي ٻاري بنائي ويندي آهي. جيتري قدر لوڻي نديءَ جو ڪڇ جي رڻ مان وهڪري جو سوال آهي، ته ويچار ڪري مان جنهن نتيجي تي پهتو آهيان، برنس جو به ان نڪتي تي ساڳيو ويچار آهي، جنهن لاءِ مون کي بي انتها خوشي ٿئي ٿي: هن نديءَ جي پاڻيءَ بابت لکندي هو چوي ٿو ته مان هن خيال جو آهيان ته سندس پاڻيءَ جو امڪاني رخ سنڌوءَ ڏانهن هو، جيڪو ڪڇ وارو رڻ اڪري، اچي سنڌوءَ ۾ پوندو هو. بعد ۾ گڏيل پاڻيءَ جو اهو وهڪرو لکپت وٽان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو . هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته، "اسان، جن نقشن مان ڪن نقشن ۾ ٻڙيون ڏئي لوڻي ندي جي وهڪري جا گس ڏيکاريا آهن، جن جو ذڪر اَءُ مٿي پڻ ڪري آيو آهيان. پر موجوده دور ۾ انهيءَ وهڪري جي ناتي سان اسان کي ڪوبه پراڻو پيٽ ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو . مان ذاتي مشاهدي ڪانپوءِ پنهنجي مذڪوره راءِ جو اظهار ڪري رهيو آهيان.

(ممايرس آن دي ايسٽرن برانچ آف دي رِور انڊس اينڊ رَن Runn . رايل - ايشياٽڪ سوسائٽي - ٽرانزيڪشن - iii- ص ٥٧٣)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتي جهڙن بيتن مان ٽالپرن کي ڊيڄارڻ ۾ هيسائڻ لڳا. اهڙيءَ ريت ٽالپر به اڳ ڪتيءَ وارن بيتن جوڙڻ ۾ پنهنجي ليکي ماهر هئا. ساڳئي نموني جڏهن اسان اڳ ڪتي وارن بيتن ۾ ”ڪلهوڙن ڪان بادشاهي کسجڻ“ جا پول پڙهون ٿا ته وري اتي اهو به لکيل ملي ٿو ته ”اتر ڪان گهوڙا ايندا ۽ ٽالپرن جي راڄ کي ختم ڪري ڇڏيندا“ ته اسان کي اندازي لڳائڻ ۾ ڪا ڏکيائي ڪانه ٿي ٿئي ته اهي ڪهڙي دور ۾ چيا ويا آهن ۽ انهن جي ناهڻ وارا ڪير ٿي سگهن ٿا. برٽن عقلمنديءَ جو مظاهرو ڪندي، جن بيتن کي قديم ۽ اصلي سمجهيو، تن کي پنهنجي ڪتاب ۾ جاءِ ڏني اٿائين ۽ ٻين کي رد ڪري ڇڏيو اٿائين. ايئن سمجهه ۾ اچي ٿو ته سنڌس رد ڪيل بيت ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکن ٿا. جن بيتن کي قديم ۽ اصلي سمجهيو ويندوآهي، تن تي سنڌ وارا اڪيون پوري اعتبار ڪندا آهن ۽ انهن کي تنقيد ڪان بالاتر سمجهندا آهن. مون انهن مان هڪ بيت کي حوالي طور هن ڪتاب ۾ ڪتب آندو آهي. ٻيا بيت به سنڌوءَ يا ان جي ڇاڙهن جي حوالي سان اهميت وارا آهن. مذڪوره ساموئي فقيرن جو پهريون بيت اروڙ ۽ هاڪڙي جي وهڪري سان واسطو رکي ٿو.

هاڪ وهندو هاڪڙو، ٻڃندي ٻنڌ اروڙ،
ٻهه، ميجي ۽ لوڙهه سمي ويندا سوڪڙي.

ٻهه، پبڻ يا ڪنول ٻوٽي جي پاڙ هوندو آهي ۽ پاڻيءَ جي چرن ۽ ڍنڍن ۾ ٿيندو آهي. لوڙهه به هڪ پاڻيءَ جي ٻوٽي جي ڳنڍ نموني پاڙ آهي. اهو ٻوٽو به پاڻي جي ڍورن ڍنڍن ۾ ٿيندو آهي. جيڪڏهن انهن کي چڱيءَ ريت تيار ڪبو ته ساءَ سواد وارو طعام ٺهي پوندو ۽ سنڌي ان کي ڏاڍي شوق سان کائيندا آهن. جنهن کي سکر سٺائي جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علامت سمجهيو ويندو آهي. انهن کي جيڪڏهن اٽيو سٽيو ڪائيندي ڏيکاريو وڃي ته سمجهيو ويندو آهي ته ملڪ ۾ ڏکر ۽ ڏولائو ڪاهي پيو آهي. غريب غربو ماني بدران تڏهن ڪائيندو آهي، جڏهن اناج جو ڏڪار هوندو آهي. تنهن ڪري هن بيت جو پويون پاڱو ڪجهه منجهيل آهي. سندس مطلب پتو به ٿي سگهي ٿو ته سما اَجا به ترقي ڪندا، بهه ميڇي لوڙهه جهڙي سٺي خوراڪ ڪين نصيب ٿيندي. ان ڪانسواءِ بيت جي هن حصي جي هيءَ معني ٿي سگهي ٿي ته سما ايڏا ته مسڪين ٿي ويندا، جو بهه ميڇي ۽ لوڙهه جي گهٽ قسم جي ڪاڌي کي خدا جي نعمت يا سوکڙي سمجهي ڪائيندا. وري بئي پاسي کان جيڪڏهن نظر ڪري ڏسجي ٿي ته اها پڪ ڪانه ٿي پوي ته ٻنڌ جي معني "پل" آهي يا "ٻنڌو"، جنهن ڏانهن ٻچڻ جو اشارو ڪيو ويو آهي. لفظ اصل ۾ "ٻنڌ" Bandhi آهي ۽ جنس مونث جي صورت ۾ بيان ڪيو ويو آهي. سنڌ ۾ هن لفظ کي اجا سوڌو "پل" جي معني ۾ڪتب آندو وڃي ٿو. ان سان گڏ هلڪي سلڪي "بند" جي مفهوم ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. (١) بند جو لفظ مذڪر آهي. انگريزيءَ ٻوليءَ ۾ هن لفظ جو هم معني لفظ Dyke ۽ Dam ٿي سگهي ٿو. خير اها " ٻنڌ" هئي يا "بند" هو، تنهن کي اسان ڇڏي ٿا ڏيون. پر ڳالهه اها آهي ته اهو هيو ڪهڙي ماڳ وٽ؟ جيڪڏهن اهو پڇي ها ته، تباهي مچائي ها، يا سنڌ جي ترقي ۽ تعمير جو سبب بڻجي ها، سو پتو پئجي ڪونه ٿو سگهي. پڇو ته اڳ ڪٽيءَ واري بيت جي معني پتي ٿئي ٿي. اروڙ جو شهر ته هن اڳ ڪٽي وارن بيتن ناهڻ کان ٿي چار صديون اڳ تباه ٿي چڪو هو، ڇاڪاڻ ته اتان دورياه پنهنجو وهڪرو مٽائي چڪو هو. جيڪڏهن سنڌ جي قديم راجڌاني اروڙ جي چوڌاري بند ٻڌو ويو هوندو، ته ان جو مقصد اهو هوندو ته متان درياه پراڻي وهڪري ڏانهن موٽي نه وڃي. جيڪو بکر واري وهڪري پرسان ۽ اروڙ جي ويجهو هو. ٿي سگهي ٿو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ان بيت جو ان وڏيءَ اٿل ڏانهن اشارو هجي، جيڪو اڳتي هلي اچي اروڙ واري پراڻي پيٽ ۾ پيو هو، ۽ اهو وهندو ناري يا هاڪڙي ۾ اچي ڪڙڪيو هو ۽ هيٺ لاڙ ۾ ڏاڍو هاڃو ڪيو هئائين (ساڳئي وقت فائدي وارو بہ هو.) (٢) برٽن جو چوڻ آهي تہ ان بيت مطابق اڳ ڪتي پوري ڪانہ ٿي. هو بيت جي پهرين سٽ "هاڪ وهندو هاڪڙو، پڇندي پنڌ اروڙ" جنهن جي معني آهي تہ " هاڪڙو هڪ دائمي درياہ طور هميشہ وهندو رهندو "، "پڇندي پنڌ اروڙ" ۾ ڪجهہ ڦير گهير ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ اصلي لفظن بدران رڳو وهندو "Shall Flow" جي لفظن تي زور ڏئي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ان وقت هاڪڙي جي حيثيت فقط موسمي درياہ واري هئي ۽ جڏهن سنڌوءَ جي پاڻي ۾ چاڙهہ ايندو هو تہ هي وهڪرو بہ وهڻ شروع ڪندو هو. هن نقطہء نگاہ کان پهرئين بيت واري ڪيل اڳڪتي پوري ٿي وڃي ٿي.

ٻئي بيت ۾ چوڙ پرسان بگهاڙ ڦاٽ بابت اڳڪتي ڪئي وئي آهي، جنهن کي قديم زماني ۾ آر Ar سڏيو ويندو هو. ٿٽي کان تيرهن ميل ڏکڻ ۾ اولهہ ان وهڪري جي ڪناري سان پير آر جي درگاہ آهي؟

بيت هن ريت آهي :

وسي وسي آر، جڏهن وڃي ڦٽندو،
پاروچاڻو پار، پنجين درمين وڪبو.

هن بيت جي پوئين سٽ "پاروچاڻو پار، پنجين درمين وڪبو" مان پتو پوي ٿو تہ هن اڳ ڪتيءَ واري بيت جو قديم دور سان واسطو ڪونہ آهي، ڇاڪاڻ تہ هتي اسان "بلوچ" جو لفظ ڏسون ٿا. تاريخن مان اسان کي معلوم ٿيندو تہ چوڏهين صديءَ ۾ "بلوچ" لفظ کي اهميت ڪانہ هوندي هئي. هن بيت ۾ بلوچ جي زوال جي اڳ ڪتي ڪئي وئي آهي ۽ ان سان گڏ سندس زوال جي تمنا بہ ڏيکاري وئي آهي،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو ”ج“

# قديم دور ۾ سنڌ مان سنڌوءَ جو وهڪرو

گذريل اڌ صديءَ جي سروي مطابق، سنڌو اٺيتهه ڊگريون ويڪرائي ڦاڪ ۾ ستر ڊگريون ۽ پنجٽيهه فوٽ ڊگهائي ڦاڪ وٽ پنج ند جي سنگم کان پوءِ ڏکڻ اولهه رخ ۾ ٽي سو ميل يڪو (درياهي ماپ) وهي اچي چوويهه ڊگريون ۽ ڇانوجاهه فوٽ ويڪرائي ۽ سٺهٺ ڊگريون ۽ ٽيونجاه فوٽ ڊگهائي ڦاڪ جي ماڳ وٽ رسي ٿو. هن وڏي سفر جا ٻه سو پندرهن ميلَ سنڌ جي حدن اندر ڪري ٿو. مٿي بيان ڪيل آخري ماڳ وٽان سنڌو وري سر ڏکڻ جو رخ ڪري، انهيءَ ساڳئي رخ ۾ سٺ ميل ڪن وهي چوويهه ڊگريون ۽ ويهه فوٽ ويڪرائي ۽ سٺهٺ ڊگريون ۽ پنجونجاه فوٽ ڊگهائي ڦاڪ واري ٽاڪ وٽ اچي پهچي ٿو، جيڪو لکي جي ٽڪرين جو اوڀاريون پاسو ۽ پٻگي نوڙهي جي چوٽيءَ جي سامهون آهي. هتي هڪ صدي کان وٺي الهندي ڏانهن سرڪڻ واري سفر سنڌوءَ کي اٽي جابلو علائقي ڪوهستان جي آخري حد تائين پهچايو آهي. ڏکڻ سنڌ ۾ هي جابلو علائقو ڪجهه اڳتي نڪري آيو آهي، تنهن ڪري سنڌو هڪ سو اسي ميل جو وڏو وڪڙ ڪري ٿي پهچي ٿو. سنڌوءَ ۾ اهڙي قسم جو ساڳو وڪڙ چوڙ واري علائقي ۾ ٻه ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ اهوساڳو وڪڙ منجهس سمنڊ ۾ چوڙ ڪرڻ تائين رهندو اچي ٿو. اهڙيءَ ريت پٻگي نوڙهي کان وٺي سمنڊ ۾ چوڙ ڪرڻ تائين سنڌوءَ جو هيءُ وڪڙ ٻه سو سٺ ميل ڊگهو آهي، جنهن جي شڪل ونگ يا ڪمان Arc جهڙي آهي. سامهون وارو پاسو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ سو سٺ ميل وچ واري گهرائي پنجاه ميل کن ٿيندي. ويچارڻ سان سنڌ مان سنڌوءَ جو وهڪرو انگريزي اکر ”S“ جهڙو ڏسڻ ۾ ايندو. سنڌوءَ جا پراڻا پيٽ جيڪي سنڌوءَ جا سمنڊ تائين پراڻا وهڪرا آهن، سي به لڳ ڀڳ ائين نظر ايندا. سنڌوءَ جي وهڪري جي ناتي سان ”S“ اکر جو هيٺيون ڀاڱو وڌيڪ چٽو ڏسڻ ۾ ايندو، جيڪو اوپر ڏس تي ڪجهه وڌيڪ نڪتل آهي. ان زماني ۾ سنڌو موجوده وهڪري کان وڌيڪ اوپر ڏانهن لڙيل هو. ڇاڪاڻ ته ڪيس روڪڻ لاءِ ايڏانهن ڪا ٽڪري وغيره ڪانه هئي، ۽ نه وري ڪا ساڪري سان گڏيل پڪي ڌرتي هئي. ان جي پيٽ ۾ موجوده وهڪري جي اولهه ۾ جابلو علائقو آهي، جنهن کان اڳتي هو سرڪي ئي ڪونه ٿو سگهي. هاڪڙي درياه جو وهڪرو به بلڪل ائين هو. اهو گهر ٽيل درياه جڏهن بهاولپور واري ”ديروار“ وٽ پهچندو هو، ته سنڌوءَ جيان اولهه ڏکڻ وارو عام وهڪرو اختيار ڪندو هو. خيرپور وارين ٽڪرين تائين سندس رخ ساڳيو رهندو هو. ان کان پنجاه ميل سر ڏکڻ وهڻ شروع ڪندو هو. سندس اهو وهڪرو سيوهڻ (٣) جي ويڪرائي ڦاڪ جي سامهون واري ماڳ تائين رهندو هو. هتي پهچي سندس رخ هڪ سو ميل تائين ڏکڻ اوپر تي ويندو هو. اتان کان پوءِ ڏکڻ اولهه وهڻ شروع ڪندو هو. ۽ ڪوري ڪاريءَ سان هڪ سو ويهه ميل سفر ڪري، سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. ڏسڻ ۾ اهو ايندو ته هاڪڙو درياه به سنڌ ۾ پهچڻ کان پوءِ انگريزي اکر ايس ”S“ جهڙي شڪل اختيار ڪري ويندو هو. سندس وڪڙ وراڻا به بلڪل سنڌوءَ جي وڪڙن جهڙا ڏسڻ ۾ ايندا. هاڪڙي جي وهڪري جي خاصيت به ظاهر ظهور نظر اچي رهي هئي. سندس عام وهڪري ۾ جيڪي وڪڙ آهن، تن جو ڪارڻ واريءَ جون ڀٽون آهن، پر سنڌوءَ جي وهڪري ۾ وڪڙن جو ظاهري سبب ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. جيڪڏهن سنڌو، ڏکڻ اولهه وارو عام رخ اختيار ڪري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهاولپور علائقي جو ڏکڻ اولهہ وارو سارو حصو ۽ سنڌوءَ جي اوپر طرف وارو موجوده سنڌ جو گهڻو ڀاڱو ان علائقي ۾ شامل هو. هن علائقي جي اترئين ڀاڱي ۽ سرحد کان پنجتيهہ ميل اتر ”مائو“ نالي هڪ قديم ماڳ آهي.

ڪنٽ ناهي تہ ان قديم شهر جو مائوسيڪنس سان ڪو لاڳاپو هجي. هن (مائوسيڪنس) لفظ جي پڇاڙي يوناني طرز جي آهي، جنهن جي اسان کي پوري پڪ آهي. اهڙي پڇاڙي اسان آسيڪنس ۽ پورٽيڪنس جي پڇاڙين ۾ بہ ڏسون ٿا. اهي سڀئي نالا هڪ ئي ماڻهوءَ جا آهن. پتو نہ آهي تہ غلطي الائي اٿرين Ariuan ڪئي آهي يا ڊايوڊورس Diodorus ڪئي آهي انهن ٽنهي لفظن جي معني آهي قبيلي جو سردار يا مائوسيڪا، آسيڪا يا پروٽڪا جو ملڪ (٦) لئسن Lassen جو بيان آهي تہ ”منشيڪا“ هڪ قبيلي جو نالو آهي، جنهنجو وشنو پراڻ Vishnu Puran ۾ بہ ذڪر ملندو. ڪنٽ ناهي تہ اهو قبيلو اچي سنڌوءَ جي ڪنڌين سان آباد ٿيو هجي. مائو ۽ مائوسيڪنس جو پاڻ ۾ ناتو آهي يا نہ، پر جيڪڏهن آهي تہ ڪيترو آهي، تنهن جي اسانکي ڄاڻ ڪانہ آهي. مگر ان کان وڌيڪ امڪان جوڳي حقيقت اها آهي تہ بهاولپور وارو علائقو اروڙ جي ڄابلو خطي کان وڌيڪ زرخيز ۽ آباد آهي ۽ اروڙ واري ايراضي تہ جبلن ۽ پٿن سان ڀري پئي آهي. اسان سمجهون ٿا تہ سڪندر اعظم جي دور وارو سر سبز ۽ شاهوڪار علائقو بهاولپور وارو هو. ڇاڪاڻ تہ ان دور جي تاريخن ۾ هيءَ حقيقت موجود آهي، تہ اهو سائو ڊائو علائقو ٻن وڏن دريائن جي وچ تي موجود هو. هن علائقي جي زمين اڄ بہ ڀلي آهي. پاڻي گهٽ هجڻ ڪري ماڻهو ايڪڙ ٻيڪڙ رهن ٿا. پوکي راهي بہ ڇڊي ڇاڊي ٿئي ٿي. سنڌوءَ جي چاڙهہ جو پاڻي هاڻي هن علائقي جا پاسا پٽ اچي پسائيندو آهي، جنهن سان پنج ند جو پاڻي پڻ اچي ملندو آهي. پر قديم زماني ۾ ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٿ اسان جاگرافي سان لاڳاپيل اهم نڪتن لاءِ پڻ ڏسون ٿا. ۽ نہ وري پوئين دور مان لاڳاپيل اهڙا واقعا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جنهن مان هيءَ حقيقت ثابت ڪري سگهجي تہ سنڌوءَ جو مکيہ وهڪرو اروڙ واري وٽيءَ مان گذرندو هو. جيو وچي ٿو ۽ امڪان بہ اهو آهي تہ سنڌو مان هڪ ڇاڙه الهندي طرف ڦٽندي هئي. ان جو نہ رکو امڪان آهي، پر حقيقت بہ آهي تہ سنڌوءَ جي اها اولاهين ڇاڙهہ برابر وهندي هئي. پر افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ سندس ذڪر نہ قديم تاريخن ۾ ملي ٿو ۽ نہ پوئين دور جي ڪنهن ڪتاب ۾ اهڙوڪو احوال ڏنل آهي. اها ناممڪن ڳالهہ تہ ڪانہ آهي. اڄ انهيءَ اولاهين ڇاڙهہ کي ڏسي سگهجي ٿو، جيڪا "الهندي ناري" جي نالي سان ڄاتي سڃاتي وڃي ٿي. هيءَ تمام قديم ڇاڙهہ آهي. اهو بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ مذڪوره نديءَ وهڪرو اٺين صدي عيسوي جي شروعات ۾ بہ موجود هو. اها نندي ڇاڙهہ روهڙيءَ کان پنجيتاليهہ ميل ڏکڻ اولهہ کان درياه مان ڇڄندي هئي. اتر سنڌ جي هن علائقي ۾ سنڌو اولهہ ڪناري سان گذريل ٽيهن سالن کان گهٽي ڪاڻ ڪندو رهيو آهي. پنجتيهہ سال اڳ جڏهن لاڙڪاڻي واري علائقي جي سروي ڪئي وئي هئي، تہ الهندي ناري جو منهن روهڙي کان اٺاويهہ ميل پري اولهہ ڏکڻ طرف هو، قديم دور ۾ سندس منهن اڃا بہ وڌيڪ اتر طرف هوندو. ٿي سگهي ٿو تہ اهو ڪنهن زماني ۾ اروڙ کان ٿورو هيٺ يا ٿورو مٿان هجي. جيڪڏهن ان جو منهن اروڙ کان مٿان هو، تہ پوءِ اهو ڪنهن زماني ۾ اتان وهندو هوندو، جتان هاڻي روهڙيءَ پرسان سنڌوءَ جو مکيہ وهڪرو متي رهيو آهي. ان کان پوءِ ٿورا ميل ڏکڻ، پوءِ اوڀر ۽ بعد ۾ لاڙڪاڻي علائقي جو رخ ڪندو هو. امڪان اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ سڪندر جي زماني ۾ سنڌوءَ جو مکيہ وهڪرو اروڙ وٽان متيندو هو ۽ اروڙ کان مٿان منجهائنس هڪ ڇاڙهہ ڇڄندي هئي، جيڪا روهڙي ۽ بکرجو وچ ڏئي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اولهه ڏس تي وهندي هئي. ان چاڙهه جي پيٽ مان هاڻي سنڌوءَ جو مکيه وهڪرو وهندو آهي. هن چاڙهه جي قدامت جو وڏو ثبوت سيوهڻ جو پراڻو شهر آهي، جيڪو سندس ڪنڌيءَ سان آباد هو. سڀئي تبصري نگار هن ڳالهه تي متفق آهن، ته سنڌيمان Sindeionan جو شهر سيوهڻ آهي. جڏهن هن شهر کي سڪندر فتح ڪيو هو ته ان وقت به تمام پراڻو هو. هاڻي اسان کي پڪ ٿي وئي ته سنڌو قديم زماني کان وٺي سيوهڻ جو اوياريون پاسو ڌوئي پئي وڙهو آهي. چاڪاڻ ته ان جا مختلف پراڻا پيٽ هن شهر کان ڏهه ميل، ويهه ميل ۽ ٽيهه ميل پري ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان زماني ۾ جڏهن درياه هن شهر کان ايترو پري هو ۽ هيءُ شهر هڪ سڪئي ستابي علائقي جو صدر مقام به هو، ته ان حالت ۾ شهر جا ماڻهو پنهنجي استعمال واسطي پاڻي ڪٿان آڻيدا هوندا؟ سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته ان علائقي جي آبادي ۽ خوشحالي ڪيئن ٿي هئي، جنهن جي "ڪيترن شهرن سڪندر جي آڏو آڻ ميجي هئي" (٨) جڏهن ته ان دور ۾ سنڌوءَ جو امڪاني وهڪرو هن علائقي کان گهڻو پري اوير کان وهندو هو. هنن سڀني سوالن جو صحيح جواب اهو آهي، ته ان زماني ۾ الهندو نارو وهندو هو. هن وهڪري بابت سڪندر جي مورخن ته هڪ حرف به ڪونه لکيو آهي، تنهن ڪري اسان اهو سوچڻ تي مجبور آهيون ته ان دور ۾ سنڌو سنڌيمان جي پرسان وهندو هوندو. هنن حقيقتن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته سڪندر، راجا سانبس جي ملڪ ۾ خشڪيءَ رستي ڏکڻ ڏانهن پيش قدمي ڪري، اچي داخل ٿيو ۽ سندس راڄڌانيءَ جو نالو سنڌيمان هو. قلعي جا دروازا کولي سڪندر جي آڻ ميجي وئي هئي. هتي پهچندي کيس مائو سيڪئنس جي بغاوت جي ڄاڻ پئي. تنهن ڪري موٽي کيس وري اتر طرف وڃڻو پيو. هو بغاوت کي چڱيءَ پر منهن ڏئي، وري ڏکڻ هڪ شهر ڏانهن روانو ٿيو، جيڪو درياه جي ڪناري سان واقع هو ۽ راجا سامبس جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪمرانيءَ جي حدن اندر هو، پر سنڌيمان نہ هو. هن شهر وارن پهريائين، سڪندر جي آڻ مڃي هئي، پر پوءِ بغاوت ڪِئي هئائون، امڪان آهي تہ اهو شهر سنڌيمان کان اوپر يا ڏکڻ اوپر طرف ۽ هن علائقي کان سواءِ ڪنهن ٻئي علائقي ۾ هو، پر سامبس جي ملڪ جي حدن اندر هوندو. سڪندر اتان کان گذري هڪ نهايت مضبوط قلعو فتح ڪري، پوءِ سنڌيمان پهتو هو. مذڪوره قلعو يونانين سرنگهون هٽي کٽيو هو ۽ اهو ثابت ڪيو هئائون تہ ڪين ڪابہ طاقت روڪي ڪانہ ٿي سگهي. قوي امڪان اهو آهي ۽ ائرين جو بيان بہ ڪجهہ ائين آهي، تہ سڪندر اهو مضبوط قلعو سنڌيمان جي آڻ مڃڻ کان پوءِ سرنگهون هٽي فتح ڪيو. قلعي اندر رهندڙ فوج تمام ڪمزور هئي. سڪندر سان پنهنجو ثورو لشڪر گڏ هو. هن جي قتل عام جي ڪري ايترو ڊچي ويا هئا، جو سندس لشڪر جي اچڻ جو ٻڌي نڪري هليا ويا. هنن حقيقتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو شهر سنڌيمان کان پري هو، پيو تہ ان جي اتر ڏس ۾ ڪونہ هو.

سامبس جي ملڪ ۽ پٽالا جي وچ تي موجود سنڌوءَ جي وهڪري جو احوال سڪندر جي مورخن ڪونہ ڏنو آهي، تنهن ڪري مان تڪو تڪو اڳتي نڪري ٿو وڃان تہ جيئن ڏسون تہ پوئين دور جي مصنفن هن موضوع تي ڇا لکيو آهي. اسان ڪي سنڌوءَ بابت تاريخي حوالا هڪ هزار جي وڏي وٿيءَ کان پوءِ ملن ٿا. سڪندر جي زماني ۾ سنڌ جي لاڙ واري علائقي ۾ قبائلي راڄ جو طريقو موجود هو، جيڪو هاڻي ختم ٿي ويو هو ۽ ان جي جاءِ تي هڪ حڪمران جي بادشاهي هئي. ان دور ۾ سنڌ جون حدون موجوده سنڌ جي حدن جيترئيون هيون. ڪن اهڙن چٽين تاريخي حقيقتن تي جيڪڏهن ويساهہ ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ ڪنهن زماني ۾ سنڌ جون اتريون سرحدون ڪشمير سان ملنديون هيون. ”تاريخ هندوسند“، جنهن جا گهڻا حوالا هن

دوران اهڙي ڪا وڏي اٿل ٻـ ڪانـ آئي ـتي پانڻجي ۽ نـ وري اهڙو ڪو ڏاڍو ڏرتيءَ جو ڌوڏوئي آيو آهي، جنهن ڪان متاثر ٿي درياهـ تڪڙو اولهـ ڏانهن هليو ويو هجي ۽ نـ وري درياه اوپر پاسي ٿي وهڪرو متايو آهي. پر زير بحث دور ۾ درياه جي صفا اترئين ڀاڱي ۾ وڏيون تبديليون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. سنڌ جي قديم راڄڌاني اروڙ ٻـ ان ڪري تباه ٿي وئي، جو درياه ان کي ڇڏي ساڍا چار ميل اولهـ هليو ويو. اهڙن اهم واقعن ڪري کي قصا ۽ ڪهاڻيون ٺڄي ويندون آهن. اهڙيءَ ريت هن ڏکوئيندڙ وارتا تي ٻـ دلوراءِ ۽ سيف الملوڪ جو قصو ٺاهيو ويو ۽ اها ٻـ ڪرامت گهڙي ڏيکاري وئي تـ درياه روهڙيءَ پرسان نڪريون ڇيري وهي نڪتو هو. ساڳئي واقعي تي ليفٽيننٽ ايسٽ وڪ East wick اهڙو قصو، رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بمبئي شاخ جي جرنل ۾ ڇپرايو هو، جيڪو جلد -I- ص ٢٠٣ تي ڏسي سگهجي ٿو. سندس مقالي جو عنوان" ڊراءِ ليوز" آهي. هن صاحب اهو سمجهيو هو تـ هن خواجہ خضر واري آستانَ تي نهيل مسجد ۾لڳل ڪتبي مان، درياه جي رخ ڦيرائڻ جي تاريخ معلوم ڪري ورتي آهي. ڪتبي تي لکيل تاريخ قبول ڪجي تـ واقعي قديم دور سان واسطو رکي ٿي. مسلمان فن سان لاڳاپيل هيءَ لکت هندستان ۾ تمام قديم آهي، جيڪا ٣٤١هـ يا ٩٥٢ع جو سنہ ڏيکاري ٿي. پر ڳالهہ اها آهي تـ جيڪا هن لکت جي معني ليفٽيننٽ ايسٽ وڪ ڪئي آهي، سا برابر ڪانـ آهي. هن صاحب بيت جي مٿين اڌ جو ترجمو هن ريت ڪيو آهي:

جڏهن هيءَ درگاه تعمير ڪئي وئي، معلوم هجڻ گهرجي تـ خواجہ خضر جي پاڻي اچي ان جي چوڌاري گهيرو ڪيو.

هن لکت مان ملندڙ تاريخ کي ايسٽ وڪ صاحب، درياه جي تبديلي جي تاريخ سمجهي ورتي . فارسيءَ جي منهنجي هڪ عالم دوست مذڪوره بيت جي معنيٰ هن ريت ڪئي آهي:


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"جڏهن هيءَ درگاه عالي تيار ڪئي وئي.
جنهن کي خضر جو پاٽي هميشہ گهيرو ڪيو بيٺو هوندو آهي".

اهڙيءَ ريت اسان کي هن لکت مان هيءَ ثابتي ملي ٿي تہ سنڌوءَ يا ان جي ڇاڙهہ جو پاٽي ۳۴۱هہ يا ۹۵۲ع ڌاران بکر وٽان گذرندو هو. اهو وهڪرو ان وقت کان ڪيترو اڳي ان جاءِ تان متيندو هو، تنهن حقيقت حال جو پتو پئجي ڪونہ سگهيو آهي. جيڪڏهن مذڪوره ڪتبي جي لکت "خضر جي پاٽي" جو اشارو سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري ڏانهن آهي تہ اهو ۳۴۱ هہ يا ۹۵۲ع کان ڏهاڪو سال کن اڳ هن ماڳ وٽان وهڻ شروع ٿيو هوندو. ڇاڪاڻ تہ عرب جاگرافيدان اصطخري ۽ ابن حوقل ان ڏهاڪي دوران سنڌ ۾ موجود هئا ۽ پنهي جا پنهنجن ڪتابن ۾ بيان آهن. هو نقشن ۾ بہ ڏيکارين ٿا تہ سنڌو تنهن زماني ۾ اروڙ پرسان لنگهندو هو. بکر جو پنهي ذڪر ڪونہ ڪيو آهي. سر ايچ اليٽ پنهنجي پهرئين جلد ۾ انهن تاريخن جا ٽڪرا ترجمو ڪري اقتباس طور ڏنا آهن، جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ "اروڙ پرسان مهراڻ وهندو هو" جيڪڏهن درياه هن شهر کان چار ميل بہ پري وهندو هوندو، تہ بہ سندس بيان سچو آهي. ڇاڪاڻ تہ درياه جو چار ميل شهر کان پري وهڻ بہ ويجهو سمجهيو ويندو آهي. پر هتي "ويجهو" جو لفظ ڪتب آندو ويو آهي، جنهنجو مطلب اهو آهي تہ اروڙ مهراڻ جي ڪناري تي آباد هو. ادريسيءَ بہ انهن ئي مصنفن وٽان معلومات حاصل ڪئي هوندي، تنهن جو بيان آهي تہ "اروڙ مهراڻ جي ڪناري تي وسندڙ هو، جيڪو سندس اولهہ پاسي کان وهندو هو".
اهڙيءَ ريت سيني شاهدين ۽ ثابتين تي غور ڪري هن نتيجي تي پهچجي ٿو تہ درياه اروڙ ڇڏي بکر وارو پاسو ۹۵۰ع ڌاران ورتو هوندو، يا ان کان هڪ يا ٻہ سال اڳ. ان تبديليءَ جو سبب ڇا هيو ؟ تنهن لاءِ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه به چئي ڪونه ٿو سگهجي. منهنجو انومان آهي ته درياهه جي ڪا ڇاڙهه بکر ۽ روهڙيءَ وارين ٽڪرين وچان اڳ ۾ ئي وهندي هئي - پ ۽ ڪنهن وڏيءَ اٿل جي موقعي تي مکيه وهڪري به اروڙ ڪي ڇڏي، ايڏانهن جو رخ ڪيو هجي.

جيتريقدر اتر سنڌ جي هيٺين ڀاڱي ۾ درياهه جي وهڪري جو تعلق آهي، ته ڪنڊياري ۽ نوشهري جي اوپر طرف هن درياهه جا ڪيترائي قديم وهڪرا نظر اچن ٿا. جيڪي خيرپور جي وارياسي علائقي مان ايندا ڏسبا آهن. انهن سيني پراڻن پيٽن جو رخ سر ڏکڻ آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته اهي وهڪرا جڏهن ستاويهن ڊگرين جي برابر اچن ٿا، ته ڏکڻ اوير ڏانهن رخ ڪن ٿا. يعني جڏهن سيوهڻ جي ويڪرائي ڦاڪ جي سامهون اچن ٿا، ته انهن وهڪرن جو ڏکڻ اوير ڏانهن لاڙو وڌيڪ چٽو ٿي وڃي ٿو . سڪرنڊ جي اوسي پاسي وارو سارو علائقو اهڙو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جتي درياهه جا پراڻا پيٽ جاڏي ڪاڏي ويندا پيا ڏسڻ ۾ ايندا ۽ ڌرتي جو متاڇرو درياهه جي پراڻن پيٽن سان چڇريل پيو ڏسبو. اتي ماٿهو پهچي وائڙو ٿيو وڃي ۽ سمجهي ڪونه ٿو سگهجي ته ڪهڙو وهڪرو ڪهڙي دور ۾ وهندو هوندو!. ان ماڳ کان ڏکڻ اوير طرف لوهاڻو وهڪرو ڪيترن ميلن تائين وڌيڪ چٽو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. عرب جاگرافيدانن جي ڪتابن مان اسان کي پتو پوي ٿو ته ائين صدي عيسويءَ ۾ سنڌوءَ جو پاڻي ان پيٽ مان وهندو هو. ان کان بعد ڏهين صديءَ جي جاگرافيدانن جي تصنيفن مان پتو پوي ٿو ته ان صديءَ جي وچ ڌاران به سنڌوءَ جو پاڻي ان پيٽ مان وهي رهيو هو. قوي امڪان اهو آهي، ته ان وهڪري جي سڪي وڃڻ ڪري منصوره تباهه ٿي ويو هوندو. مذڪوره وهڪرو توڙي جو ڇهه يا ست ميل هن شهر کان پري وهندو هو. پر سندس دارو مدار هن وهڪري جي پاڻيءَ تي هو. معلوم ائين ٿئي ٿو ته ان وهڪري جي سُڪي وڃڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو واقعو تيرهين صدي عيسوي جي پڇاڙي يا چوڏهين صدي جي اڳياڙي ۾ ٿيو. امڪان اهو آهي ته ”منصوره تباهه رڳو درياهي ڇاڙهه جي سڪي وڃڻ ڪري ٿي هئي ۽ مذڪوره ڇاڙهه به ان ڪري سڪي وئي هئي جو مڪيہ وهڪرو پنهنجو ماڳ مٽائي اولهه پاسي هليو ويو هو.

درياهه جي هن ڇاڙهه جو عرب جاگرافيدانن به ذڪر ڪيو آهي، جيڪا سڪرنڊ کان ڏهه ميل اوپر ڪلري جي ماڳ وٽان مکيہ وهڪري مان ڇڄندي هئي ۽ منصوره جو اوپر پاسو ڏئي، ڏهه ميل ڏکڻ اولهه وهي، لوهاٽي سان وڃي ملندي هئي. ان ڇاڙهه جي ڪل ڊيگهه پنجاهه ميل کن هئي. هيءَ اڪيلي درياهي ڇاڙهه آهي، جنهن جو عرب جاگرافيدانن ذڪر ڪيو آهي. هنن پنهنجن نقشن ۾ سنڌو درياهه کي سڌو ليڪو ڏئي ڏيکاريو آهي. جڏهن ته هڪ ننڍيءَ ليڪ جو اڌ گول جهڙو دائرو ڪڍي پنهي پاسن کان وڏيءَ ليڪ سان ملائي، ان ڇاڙهه جي نشان ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پرسان هڪڙي ٻي به ڇاڙهه هوندي هئي. چچ نامي ۾ سندس نالو ”جلوالي“جاٽايل آهي ۽ ان ۾ لکيل آهي ته اها ڇاڙهه برهمڻ آباد شهر جي پرسان اوپر کان وهندي هئي. مذڪوره ننڍڙو وهڪرو سنڌوءَ مان وهندو هو يا هاڪڙي مان، تنهن لاءِ ڪجهه به چئي ڪونه ٿو سگهجي (44) منصوره پرسان وهندڙ ڇاڙهه کي عرب جاگرا فيدانن ڪوبہ نالو ڪونہ ڏنو آهي. امڪان آهي تہ انجونالو جلوالي هجي. جلوالي، جرواريءَ جي پراڻي شڪل صورت آهي. خدا نہ پلائي تہ مان هڪ ڏيهي تاريخ ۾ ”جرواريءَ واهه“ جو نالو پڙهيو آهي، جيڪو هن جوءِ ۾ هوندو هو. موجوده دور ۾ به جڏهن پاٽيءَ ۾ڇاڙهه ايندو آهي، تہ اهو واهه وهڻ لڳندو آهي. پيو منصوره جي ترڙ پرسان جراڙيءَ نالي هڪ ڳوٺ بہ آباد آهي. منصوره جي ماڳن کان ٽي يا چار ميل ڏکڻ طرف، اسان ان وهڪري جي اترئين پاڳي تي اچي بيهنداسين، جيڪو اتان ڏکڻ -اوپر طرف رخ ڪري ٿو. هن صورتحال


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ ماڳ ڪڏهن قديم چوڙ واري ٽڪنڊي جو سرو هو. مذڪوره ٺاڪ سمنڊ واري پاسي کان هڪ سو پنجاه ميل پري ۽ سمنڊ جي سطح کان پياسي فوٽ مٿي آهي. (٩) مذڪوره ماڳ ان هنڌ کان پنجاه ميل ڪن اتر آهي، جنهن کي آءُ "پٽالا" ڏانهن منسوب ڪريان ٿو، جيڪو سڪندر جي دور ۾ چوڙ واري ٽڪنڊي جو سرو هو. منصوره ۽ ٺٽي جي ويڪرائي ڦاڪ جي وچ تي اسي يا نوي ميلن جي اندر، ان دور جي چوڙ واري ٽڪنڊي جي سري کي جاچڻ جي جاکوڙ ڪئي وڃي. نقشن ۾ يا ڌرتيءَ تي ان سري کي ڳولڻ جاجتن ڪيا ويندا، ته اميد آهي ته اهو ماڳ ملي پوندو. نيل درياه جي چوڙ واري ٽڪنڊي جو سرو پڻ هزار سال اڳ (١٠) ميمفس Memphis وٽ هو ، جيڪو هاڻي قاهره کان هيٺ بطن البقره Batun-Al-Baqara وٽ موجود آهي. معلوم ٿئي ٿو ته ڌرتي ايتري عرصي دوران فقط ساڍا سترهن ميل سمنڊ ڏي سرڪي آهي. سنڌوءَ جي چوڙ واري ٽڪنڊي جو سرو سمنڊ ڏانهن تمام تيزيءَ سان وڌيو آهي ۽ اها هڪ خاص ڳالهه محسوس ٿئي ٿي. نه ته عام طور تي سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي جي سمنڊ ڏانهن وڌڻ جي رفتار نيل جي مقابلي ۾ تمام گهٽ آهي. اها به هڪ حقيقت آهي ۽ لاڙ واري علائقي جي پاڻي جي مطالعي مان به پتو پوي ٿو ته چوڙ واري ٽڪنڊي کي جوڙيندڙ وهڪرا سڪي ويا آهن. اڳينءَ صديءَ جي وچ ڌاران لاڙ جي علائقي اندر سنڌوءَ جي وهڪري ۾ تمام وڏي تبديلي آئي. ان کان سواءِ درياه اولهه پاسي ڏانهن سرڪڻ ۽ ڪاڏ ڪري درياه جو وهڪرو وڏيڪ سڌو ٿي ويو. اها هڪ فطري ڳالهه آهي، ته درياه هڪ خاص ماڳ ۾ وڪڙ وٺان چاڙهه چڙهيندو آهي ۽ انهن چاڙهن يا ڦاٽن کي نظر ۾ رکي، چوڙ جي ٽڪنڊي جي سري جو تعين ڪيو ويندو آهي. جيتريقدر سنڌوءَ جو تعلق آهي ته ان جي هيٺين پاڳي جي وهڪري ۾ ڪو خاص وڪڙ ڪونه

آهي، ٺٽ جي ڇوڙ واري وڏي ڇاڙهه اسانکي ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي.
ٺٽ هاڻي اهو ڇئي ڪونه ٿو سگهجي تہ سنڌوءَ ۾ هڪ ڪان
وڏيڪ بہ ڪي ڇوڙ آهن. هن درياه جا هاڻي فقط بہ ڦاٽ ساتا Sata ۽
اوچٽو Ochto آهن، جيڪي سمنڊ ۾ ٺٽي جي وچ تي درياه کان ڌار
ٿيندا آهن. انهن مان ساتا، سترهن ارڙهن سال ٿيندا تہ سڪي ويو. ان
جو سبب اهو هو تہ اوچتي جي منهن کي ڪاٽي ڪرائي موڪرو ڪرايو
ويو هو ۽ نتيجي ۾ درياه جو سارو پاڻي ان منجهان گذرڻ لڳو هو. ڇوڙ
وارو هيءُ ٽڪنڊو تمام ننڍڙو هو، جنهن جو ترو وارو پاسو پندرهن يا
سورهن ميل ۽ ڊگهائي ٽيهہ ميل کن هئي. هي حالتون تيستائين ڪونہ
بدلبيون، جيستائين سنڌو ڪنهن بہ فطري سبب کان لاڙ وارو پنهنجو
موجوده وهڪرو بدلائي، اوير ڏانهن سرڪي وڃي ۽ هڪڙو ڦاٽ ڏکڻ-
اولهہ ڏانهن ڇڏي ۽ ٻيو ڪڇ جي رڻ ڏانهن موڪلي تہ پوءِ سچو پچو
سنڌوءَ جي ڇوڙ وارو ٽڪندو ٺهجي پوندو . سنڌوءَ جي وهڪري جي
ماضيءَ جي تاريخ مان پتو پوي ٿو تہ اهڙيون فطري حالتون ڪڏهن
ڪڏهن پيدا ٿينديون آهن، پر ٿينديون ضرور آهن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو ـ د

## لس ٻيلي مان سفر ۾ غلطيءَ جي تصحيح.

هن ڪتاب جي صفحي ۴۴ تي ڏينهن جي سفر جو وچور ڏنو ويو آهي. ان سان گڏ ڪن قديم ماڳن جو به ذڪر ڪيو ويو آهي، تن کي هتي ڪرنل هالڊڪ Colonel Holdiek جي*فراهم ڪيل ڄاڻ جي روشنيءَ ۾ جاچي پرکي ڏسون ٿا. مذڪوره ڪرنل صاحب يونائيٽيڊ سروس انسٽيٽيوشن آف انڊيا ۾، ”رٽريٽ فرام انڊيا“ تي گذريل جون ۾ هڪ ليڪچر ڏنو هو، جيڪو ڏاڍو دلچسپ هو. هن مهرباني ڪري پنهنجي ليڪچر جو هڪ نقل مون ڏانهن به موڪليو هو. ڪرنل هالڊڪ، راس مونزي Cape Monge جي اولهه پاسي سامونڊي ڪناري جي اڳتي وڌڻ کي معلوم ڪري ورتو آهي يا ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته هن پورالي نديءَ جي ڇوڙ واري ايراضيءَ کي ايترو سمنڊ ڏانهن وڌيل ڏسون ٿا، جنهن جو اسان کي وهم گمان به ڪونه هو. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته سون مياڻي وارو علائقو سڪندر واري دور کان ويهه ميل اڳتي سمنڊ ڏانهن وڌيل آهي. جيڪڏهن سندس سڃاڻ موجب خيرڪوٽ، وچواري دور جو ڪمبلي Kambli ماڳ آهي، ته مذڪوره وڌيل علائقو ويهن ميلن کان به گهٽ تي ويندو. ڏهين صديءَ جي وچ ڌاران ڪمبلي سمنڊ کان فقط ٻه ميل پري هو ۽ خيرڪوٽ ۾ سمنڊ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچ تي پنجويهن ميلن جي وٿي آهي. پورالي نديءَ جو سمنڊ ڏانهن اڳتي وڌڻ نيرڪوس جي هاڪارڻ واري احوالن ۾ هن وقت تائين اڻ ڇتو رهيو آهي. ساموندي ڪناري سان هن جيڪا ٻيڙن بيهارڻ جي جاءِ ڳولي لڌي هئي، سا پوراليءَ ندي لٽ وجهي، پوري اتاهين ڪري، سمنڊ واري اها اڳين جُوءِ ختم ڪري ڇڏي آهي. هاڻي اهو ماڳ پوئتي ڌرتي تي ڳولي لهي سگهجي ٿو. اهڙيءَ ريت قديم دور ۾ سفر دوران جيڪي تڪليفون ٿينديون هيون، تن بابت به هتي ڪي سمجهاڻيون ۽ وضاحتون ڏئي سگهجن ٿيون ۽ ڪمبلي Kambali جو ماڳ اسان کي پوئتي اتر طرف ڳولڻو پوندو، يعني ارمائيل کان ستر ميل بدران پنجاه ميل پري ڳولڻ کپي. ڪرنل هالڊڪ جي خيال مطابق جيڪڏهن واقعي خيرڪوٽ ئي ڪمبلي آهي ته ارمائيل جي ماڳن کان ان کي فقط چاليهارو ميل کن اتر جاچڻ گهرجي. پنهي معاملن ۾ "ٻن ڏينهن جي سفر" وارو بيان حقيقت سان ٺهڪي اچي ٿو. جيتري قدر ڪمبليءَ جي سڃاڻپ جو تعلق آهي، ته ڪرنل هالڊڪ انجي سڃاڻ جا ڪي واضح سبب ڪونه ڏنا آهن. ان مامري ۾ جيڪڏهن ساڻس اختلاف راءِ رکون ته اسان پنهنجي نقطهء نظر مطابق ڪيس قائل ڪري مڃائي سگهون ٿا. سفر نامي مطابق مونکي ائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ڪمبلي کي خيرڪوٽ جي ماڳ کان گهٽو اوپر طرف هجڻ گهرجي، جيڪو خود به لياري کان اتر اولهه طرف آهي، (ڪرنل هالڊڪ اهو ڪونه ٿو ٻڌائي ته ڪيترو پري آهي.) منهنجي خيال مطابق ڪمبلي کي به لياريءَ کان گهٽو اوپر طرف هجڻ کپي. مان سمجهان ٿو ته مذڪوره ماڳ لياري کان گهٽ ۾ گهٽ ڏهه ميل ڏکڻ اوپر ۽ شيخ راج Shaykh Raj ڳوٺ کان پنج ميل ڏکڻ ۾ اوپر طرف آهي. ان حساب سان سرونڊيا Sirondha (سونڊا؟) نالي هڪ ترائيءَ تي اچي بيهبو. ڪرنل هالڊڪ اهو به چوي ٿو ته اهو ماڳ ڪنهن زماني ۾ ساموندي بندر هو. اسان ڪمبلي کي هن طريقي سان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪري ڳوليون ٿا. جو سفرنامي جي لکت آهي ته ڪمبلي ديؤل ڪان ڇئن ڏينهن جي پنڌ تي واقع هو. ڪيس ان ٿاڪ تي رکڻ سان ديول ڪان انجو پنڌ نوي ميل تي وڃي ٿو. اهڙيءَ ريت هر منزل جو سراسري پنڌ ٽيويهہ ميل وڃي بيهي ٿو. جيڪڏهن اهو منهنجي پڌايل ماڳ جي اوسي پاسي هوندو ته پورالي نديءَ جي موجوده وهڪري کان چار يا پنج ميل اوپر طرف هوندو. چاڪاڻ ته ڪمبليءَ هڪ وڏو شهر هو، پر هڪ خشڪ علائقي ۾ هجڻ ڪري ڪيس ندي جي پرسان يا انجي چاڙهہ جي ڪناري سان واقع هجڻ گهرجي. ڪرنل هالڊڪ پورالي نديءَ جو هڪ پراڻو پيٽ ڳولي لڌو آهي، جيڪو مذڪوره ندي جي موجوده وهڪري کان چار ميل ڪن اوپر تي آهي. مٿي بيان ڪيل منهنجي خيال خلاف هڪ وڏو اعتراض جڻ ته پاڻ هرتو ختم ٿي ويو. هاڻي ڪمبيلي جي ڳولا ڪجي، ان جا ڪي اهڃاڻ ڪنهن اوسي پاسي ضرور موجود هوندا. ابن حوقل جو بيان آهي ته هيءُ شهر راجداني ارمائيل جهڙو يا ان کان ٻئي نمبر تي ضرور هو، هو چوي ٿو ته "ارمائيل قنبلي مدينتان ڪبيرتان " يعني ارمائيل ۽ ڪمبلي ٻئي وڏا شهر آهن (١١) ارمائيل موجوده ٻيلي جي صورت ۾ اڄ به موجود آهي- پر هن ٻئي نمبر وڏي شهر جا ترڙ به ڳولي لهي سگهجن ٿا. هن شهر کي سڃاڻڻ لاءِ مان جيڪي سبب، نشان ۽ پتا ڏنا آهن، تن کان وڌيڪ ڪرنل هالڊڪ وٽ موجود هجڻ کپن. جيڪڏهن وٽس اهڙا سبب، نشان ۽ پتا آهن، ته هن شهر کي سڃاڻڻ ۾ ڪا ڏکيائي ڪانہ ٿيندي. مان ان ڳالهہ ۾ هن حقيقت جو واڌارو ڪندو هلان، ته ڪمبلي جو شهر عربن جي حملي دوران اٺين صديءَ جي شروع ۾ موجود هو. مان سمجهان ٿو ۽ مون کي پوري پڪ به آهي ته هن شهر بابت بلاذري جو حوالو به موجود آهي، ته مڪران جو گورنر هارون، محمد بن قاسم سان گڏجي سنڌ آيو هو ۽ پيش قدمي ڪندي رستي ۾ مري ويو ۽ دفن به ڪنبلي ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو ويو ۽ ڪتاب ۾ ٻقنبل جا لفظ موجود آهن. ايم- ريناد M.Reinaud جي مرتب ڪيل فتوح السند جي نسخي ۾ هن لفظ ڪي ڪو نقطو وغيره ڏنل ڪونه آهي. جيڪڏهن اسان پاڻ هن لفظ جي اکرن کي نقطا ڏينداسين، ته قنبل يا قمبل جو لفظ بڻجي ويندو.

اها ڳالهه پڻ ضروري آهي ته اسان "منحتار" Manhtar جي ٻئي به ڪنهن امڪاني ماڳ جي ڳولا ڪريون. جيڪو ڪمبلي ۽ ڳهاري سان سفر جي ناتي سان سجهائتو ٿي بيهي ٿو. ڇاڪاڻ ته تن ڏينهن گهارو، سنڌوءَ جي ڇوڙ واري ٽڪندي علائقي ۾ موجود هو ۽ ديبل ڏانهن ويندڙ رستو اتان مٿيندو هو (١٢) انهي ڪري منزل جو پنڌ ممڪن حد تائين گهٽائي سگهبو هو. انهي مقصد سان جيڪڏهن اسان لياري يا ڪراچي کي منحتار سمجهڻ بدران، اهو سوچيون ته "منحتار"، ڪراچيءَ کان ويهه ميل اتر اوڀر وسندڙ هڪ ماڳ هو ته غلط ڪونه ٿيندو. ان حساب سان اهو قديم رستو ڪراچيءَ کان ٽيهه ميل اتر حب ندي پار اڪري، اولهه هلندو ۽ سون مياڻيءَ ڏانهن ويندڙ موجوده رستي کان پندرهن يا ويهه ميل اتر کان لنگهندو هو. اهڙيءَ ريت صفحي ٦٦ تي ڏنل انگن اکرن کي هن ريت صحيح ڪري سگهجي ٿو:

| | |
|---|---|
| ارمائيل کان ڪنبلي پن ڏينهن جو سفر | ميل ٣٦ |
| ڪنبلي کان منحتار پن ڏينهن جو سفر | ميل ٣٨ |
| منحتار کان ديبل پن ڏينهن جو سفر | ميل ٣٥ |

امڪان اهو آهي ته ڪنبليءَ کان اوڀر طرف هڪ منزل ۾ ٽيهه يا ٽيهه ميل سفر ڪيو ويندو هو. ان جو سبب اهو هوندو هو، جو اهو علائقو خشڪ هو ۽ پاڻيءَ جي سخت اڻاٺ هوندي هئي، تنهن ڪري منحتار واريون منزلون ننڍيون هونديون هيون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضيمو ھ

## پورالي نديءَ ڏانھن پيش قدمي.

مٿي بيان ڪيل تقرير ۾ ٿورو اڳتي ھلي ڪرنل ھالڊڪ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ يوناني فوج پورالي ندي Arabius، "ٻيلي کان گھٽ ڏکڻ کان ڪونہ اڪري ھئي" ڪرنل ھالڊڪ مطابق ھن اھو رستو اختيار ڪيو ھو، جنھن جي پھرين منزل پورالي ندي جو ڪنارو ھو. پر ھن معاملي ۾ منھنجو خيال آھي تہ اھا ڳالھہ ھرويرو صحيح بہ ڪانہ آھي. سڪندر جي فوجي وانڍ آرابيٽاءَ Arabitae جي اوپارئين دنگ ۾ ملير نئن جي ڪناري سان ھئي، جھڙيءَ ريت ھن ڪتاب جي صفحي ١٧ تي آھي ۽ اتان کان پنجن ڏينھن ۾ ھڪ سو ميل فاصلو طئي ڪري ويا ھئا. ڪرنل ھالڊڪ چوي ٿو تہ انھيءَ مان ڪجھہ فاصلو تہ تمام ڏکيو بہ ھوندو، پر سارو سفر تہ اھنجو ۽ اولو ڪونہ ھوندو". ڪرنل ھالڊڪ اسان کي اھو بہ ٻڌائي ٿو تہ سفر ايڏو ڪو خاص ڏکيو ڪونہ ھو. ھو وڌيڪ چوي ٿو تہ: سڪندر جو سنڌ سان واپسيءَ جو سفر ڪجھہ اڻ چٽو آھي. جيڪو ھن پوراليءَ ندي ڏانھن پنڌ ڪيو، سو بہ بحث جوڳو ۽ اھم ڪونہ آھي. ڌيان ۾ رکڻ جوڳي ھيءَ حقيقت بہ آھي تہ ھن ڪتاب جي ٻئي باب جي موضوع جي ناتي سان مذڪوره پنجن ڏينھن واري سفر کي ٿوري گھٽي اھميت تہ ضرور آھي. جيڪڏھن آرابيٽاءَ جي علائقي مان ھر ڏينھن جو سراسري سفر ويھہ ميل ٿي سگھي ٿو تہ ھن کان اڳ "پٽالا" کان ڪيل نون ڏينھن وارو سفر گھٽو گھٽ ڇو ٻڌايو ويو آھي؟ انھي حساب سان پٽالا جو ماڳ منھنجي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تجويز ڪيل ماڳ ڪان ستر ميل اتر يا اتر-اوڀر موجود هجڻ گهرجي.
تنهن ڪري بهتر اهو آهي ته اصول اهڙا ناهيا وڃن، جيئن سڪندر جي
پيش قدميءَ کي وڌيڪ پيچيده نه بڻائي ڇڏين. هڪ هڪ ڏينهن ۾
ويهن ميلن جي تيز رفتاريءَ سان سفر ڪيو هو يا نه، هن سوال تي غور
ڪرڻ وقت به ٻه حقيقتون اسان جي سامهون اچن ٿيون. پهرين ڳالهه
اها آهي ته واپسيءَ واري سفر ۾ لشڪر تمام گهٽيو هو. ان کي گهٽائڻ
لاءِ ڪيئي ترڪيبون ڪيون ويون هيون. ان نقطهءِ نگاهه کان ڪراٽيرس
Craterus کي فوج ڏئي الڳ روانو ڪيو ويو هو. ڪن فوجين کي
نيرڪوس جي جنگي ٻيڙي سان گڏي موڪليو ويو هو. لشڪر جو وڏو
حصو ملڪي انتظام رکڻ لاءِ پوئتي به رهايو ويو هو. ان کان پوءِ
ڊاڪٽر ٿرل وال Dr .Thirl Wall (هسٽري آف گريس) ٻڌائي ٿو،
سڪندر سان پنجاهه هزار لشڪر هو. ڊراءِ سين (جنهنجو حوالو لئسن به
ڏنو آهي) مطابق اسي هزار هو. ٻي ڳالهه ته اهو سارو لشڪر هڪ ئي
ٽولي ۾ پيش قدمي ڪري رهيو هو، جيڪو گهڻن ٽولن ۾ ورهايل ڪونه
هو. هن جاءِ تي اسان کي ائرين جو بيان مناسب لڳي ٿو، جيڪو چوي
ٿو ته: سڪندر پٽالا مان پورالي ندي Arabius ڏانهن پيش قدمي
شروع ڪئي هئي. اسان کي هيءَ ڳالهه به ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته
ڪيترن موقعن تي لشڪر کي ٽولن ۾ ورهائي الڳ روانو ڪيو ويو هو.
ٽين ڳالهه ته اسانکي نه ائرين نه وري ڪيٽنس ڪرٽس ئي تيز رفتاري
بابت ڪو هلڪو به اشارو ڏئي ٿو. تيز رفتاريءَ جو ڪو سبب ڏسڻ ۾
ڪونه ٿو اچي، ڇاڪاڻ ته ان علائقي ۾ سڪندر جي مقابلي واسطي ڪا
سخت قسم جي هاڪار سامهون ڪانه هئي. فقط ايتري ڳالهه هئي،
جيڪا عام جهنگلي ماڻهوءَ مان اميد ڪئي ويندي آهي. اهي سڀئي
ڳالهيون ڌيان ۾ رکي، هن نتيجي تي پهچجي ٿو ته سڪندر جي تيز
رفتاريءَ وارو ڏنڊ ڪٽائي خيال بلڪل غلط آهي. جيڪڏهن سڪندر کي
ڪا ڏکيائي منهن ۾ هئي ته ان کي منهن ڏيڻ جا ٻيا به الاهي سارا رستا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. ڪرنل هالڊڪ اسان جي سهائتا هن ريت ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته تنهن زماني ۾ پورالي نديءَ جو وهڪرو موجوده وهڪري کان گهٽو اوير طرف هوندو. حقيقت ۾ اها آهي ته اوير ڏس تي سندس ڪيترائي پراڻا پيٽ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيڪڏهن باير جي وضع ڪيل قانون Baer's Law ۾ سچائي آهي ته اهو بلڪل ايئن آهي جيئن اسان سمجهون ٿا. ان کان سواءِ ٻي ڳالهه اها به آهي ته اسان کي ائرين ۽ ڪئنٽس ڪرٽس جا ڏنل احوال هڪ وقت پڙهڻ کپن. اچرج جهڙي ڳالهه اها آهي ته ڪئنٽس ڪرٽس ايرندي آرابيٽاءِ ۽ ائرين الهندي آرا بيٽاءَ جو ذڪر ڪري ٿو. ڪئنٽس ڪرٽس جو بيان آهي ته هتان جي رهواسين سوچي ويچاري سڪندر آڏو آڻ مڃي هئي. سڪندر پٽالا کان هن ماگهه تائين پهچڻ ۾ نوَ ڏينهن ورتا هئا. گهٽو ڪري سڪندر پنهنجي فوجي وانڊ ملير نئن جي ڪناري سان هڻئين هوندي. آگسٽ مهيني ۾ هن نئن ۾ تمام گهٽو پاڻي هوندو آهي. ڪراچي ڪنٽونمينٽ کان سندس فوجي وانڊ جو رخ، ست يا اٺ ميل اتر- اوير هوندو. ڪئنٽس ڪرٽس جو بيان آهي ته، ن ماگهه تان منزل ڪٽي پنجين ڏينهن ان وهڪري تي پهتو، جنهن کي ڏيهي ماڻهو آرابس Arabius (پورالي) چوندا هئا. سڪندر هڪ بربٽ علائقي مان گذريو هو، جنهن ۾ نالي ماتر به پاڻي ڪونه هو ۽ اتان لنگهي اوريٽاءِ قبيلي جي ملڪ ۾ اچي پهتو هو. هي ظاهر ظهور اهو علائقو آهي جنهن جو ائرين به ذڪر ڪيو آهي. سندس بيان آهي ته سڪندر اتان رات جي وڳڙي ۾ سفر ڪري اوچتو وڃي اوريٽاءِ قبيلي مٿان حملو ڪيو هو. هن مسئلي تي ڪئنٽس ڪرٽس اسان کي وڌيڪ ڪجهه به ڪونه ٿو ٻڌائي.

يوناني پورالي ندي تي ڪهڙي ماگهه وٽان پهتا هئا ؟ تنهنجو پورو پتو ڪونه آهي. ڪرنل هالڊڪ جي ڏنل اشارن ۽ اهڃاڻن، ۽ منهنجن انومانن مطابق، هن نديءَ جو ٿڌوهڪو وهڪرو سندس موجوده وهڪري کان پنج ميل اوير طرف هو. (طبعي حالتن هيٺ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن ممڪن آهي ته اڃا به وڌيڪ اوپر تي سگهي ٿو. هن کان وڌيڪ مون کي ٻي ڪابه خبر ڪانه آهي) هن نديءَ جي ڇوڙ کي مان لياري جي ويڪرائي ڦاڪ کان اتر اوپر رکندس. سڪندر جو لشڪر پورالي نديءَ جي ٿاڪ تي پهتو هو، منهنجي خيال موجب اهو، لياري کان ڏهه ميل اوپر اتر ۾ سون مياڻيءَ کان ويهه ميل اتر يا اتر - اتر اوپر هو. ملير نئن تي هنيل وانڊ کان هيءَ ماڳ پنجهٺ ميل پري ٿيندو ۽ هيءَ منزل سراسري ساڍن ٻارهن ميلن جي هئي. هيءَ هڪ سٺي رفتار آهي، توڙي جو ٿتي ڏنل رفتار جي انگن اکرن کان گهٽو گهٽ آهي. پر سمجهڻ اٿين گهرجي ته رفتار جا مذڪوره انگ اکر وڌائي پيش ڪيا ويا آهن. جيڪڏهن اهو به ڪٿي سمجهجي ته ڏڍوهڪي لشڪر جو انگ جديد لشڪر جي انگ جيترو آهي، ته به رفتار تمام گهٽي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان کان پوءِ هيءَ سوال سامهون اچي ٿو ته ڇا واقعي سڪندر انهي ماڳ وٽان ئي اڪريو هو. پر ائرين جي احوال مان پتو پوي ٿو ته سڪندر هي وهڪرو ان ماڳ وٽان پار ڪونه ڪيو هو.سندس بيان آهي ته ،"سڪندر پورالي نديءَ ڏانهن پيش قدمي ڪئي ۽ اتان فوج جا مکيه عملدار ساڻ ڪري، ڪاٻي طرف سمنڊ ڏانهن ڪيئن ۽ ڇو ويو؟ سڪندر هن ماڳ وٽان جيڪو اتر اولهه طرف هو، اولهه - اولهه - ڏکڻ روانو ٿيو هو. ڇاڪاڻ ته سڪندر جي مرضي اها هئي ته سمنڊ جي ڪناري سان ويجهو سفر ڪندو رهي .انهيءَ لاءِ ته جيئن ڪناري پرسان کوهه کوٽي سامونڊي فوج لاءِ پيئڻ جوڳي پاڻيءَ جو بندوبست به ڪندو هلي. ان کان سواءِ اوريٽاءِ جي رهاڪن تي حملي ڪرڻ جو ارادو هوس. جيڪڏهن هن پورالي ندي پار ڪانه ڪئي، ته هن پهرين منزل ڪناري جي ڪهڙي ٿاڪ وٽ ڪئي هئي؟ هن حقيقت کي آخر ڪهڙيءَ طرح سمجهائجي؟ پيش قدمي جو هڪ اصول هوندو آهي، جنهن تحت سڪندر کي سامونڊي ڪناري سان سفر ڪرڻو نه هو. ڇا هن وقت به وٽس ايئن ڪرڻ جو جواز هو ؟ سڪندر ان ڪري اهو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو اچي. ان مان سمجهي سگهجي ٿو ته هن پنهنجي ڪتاب جو مواد مختلف ذريعن تان کنيو آهي. انهن مورخن کي ملڪي جاگرافي جي ڄاڻ ڪانه هئي، ته ڪٿي مذڪوره جنگي واقعا رونما ٿيا. تاريخي واقعن ۾ سلسلي پيدا ڪرڻ واسطي ڪتاب ۾ موجود غلطين کي جيڪڏهن ٺيڪ ڪبو ته ڪا آپوچي ڪا نه آهي. صحيح سلسلو هن ريت هجڻ گهرجي: پهريون سڪندر پيش قدمي ڪندو اچي پورالي ءَ نديءَ جي چوڙ وٽ پهتو هو. اتي کيس خبر پئي ته آرابيتاءِ قبيلي جا ماڻهو سندس اچڻ جو هاوأٿو ٻڌي، پنهنجو ملڪ ڇڏي ڀڄي هليا ويا آهن. هن لشڪر وٺي سندن پيڇو ڪيو. ۽ پورالي ندي جو ڪنارو ڏيئي ٽيهه ميل اتر نڪري ويو. پر کيس انهن جو ڪاٿي به ڏئو ڪو نه پيو. تنهن ڪري ناڪام ٿي واپس موٽيو. بعد ۾ هو ندي پار ڪري، ڪاٻي طرف سمنڊ ڏانهن روانو ٿيو. هن پورالي ندي جي اولهه پاسي وارو رڻ پٽ Desert رات جي وڳڙي ۾ سفر ڪري پار ڪيو. اهڙي ريت ڪرنل هالڊڪ طرفان ڏيکاريل نديءَ پار ڪرڻ وارو ماڳ، يا پورالي ندي جي اولهه پاسي واري علائقي ۾ جيڪي واقعا رونما ٿيا هيا، انهن کي نظر ۾ رکي سڪندر جي واپس پهچڻ جي احوال کي ڪنهن نقطه نگاهه کان صحيح سمجهيو ويو آهي. هن معاملي جي ڪري پورالي ندي ڏانهن سفر ڪرڻ وقت هر منزل ۾ وڏيڪ فاصلي ڏيکارڻ ڪري، جيڪو مسئلو پيدا ٿيو، سو حل ته لوڻ پاڻي ٿي ويو. منهنجو خيال آهي ته سڪندر واري دور ۾ هيءَ ندي موجوده وهڪري کان اوڀر وهندي هئي. اسان کي صحيح معلوم ايئن ٿئي ٿو، ته مذڪوره تاريخي واقعا هن ندي جي اولهه پاسي ٿيا هيا. اسان اها حقيقت به سولائي سان سمجهائي سگهنداسين ته رڻ پٽ Desert جنهنجو حوالو مٿي اچي چڪو آهي، سو هن وهڪري جي ساڄي ڪناري سان هو. پر اهو علائقو اڄ ايترو برپٽ ۽ بيابان ڪو نه رهيو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نيرڪوس جو اليگزينڊر هيونِ ڪان پوراليءَ نديءَ جي ڇوڙ تائين هاڪارڻ

۱

انهيءَ اهم معلومات ملڻ ڪان پوءِ، ته سڪندر جي دور ڪان پوءِ سون مياڻيءَ واري جوءِ سمنڊ ڏانهن گهڻو اڳتي وڌي ويئي آهي. ۽ ان ڪري نيرڪوس جي ٻيڙن هاڪارڻ وارو سوال جيڪو اڃي اڻ نبريل رهجي ويو هو، سو هاڻي چڱيءَ ريت سمجهائڻ جهڙو ٿي پيو آهي. سندس هاڪارڻ جي شروعاتي مرحلي بابت خاص ڳالهه اها آهي، ته جڏهن اسان سندس سفر جي صحت جو انومان ڪريون ٿا، ته ڇرڪي وڃون ٿا. ان جو واضح سبب اهو آهي ته تاريخ ۾ ڏنل جايون هاڻوڪي سامونڊي ڪناري سان سجاڻي نٿي ڪو نه ٿيون سگهجن. ڪرنل هالڊڪ پنهنجي طرفان هن موضوع تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر منهنجو خيال آهي ته اندازن ڪرڻ ۾ جن وڏائن ڪان ڪم ورتو ويو آهي، تنهن ڪي هيءُ صاحب مناسب سبب ڏيئي صحيح ڪري ڪونه ٿو سگهي. نيرڪوس ڇهه ڏينهن هاڪاري، اچي پورالي نديءَ جي ڇوڙ وٽ پهتو. مان ان احوال ڪي هتي ورجائڻ چاهيان ٿو. مونکي پڪ آهي ته اليگزينڊر هيون Alexander Heaven وارو ماڳ ڪراچي جي اپسمنڊ ۾ موجود هو، پر ان جاءِ تي نه، جتي هاڻي ڪراچي بندر آهي. هيءَ ڳالهه ڪروڪالا وارِي ماڳ سڃاڻڻ تي مدار رکي ٿي. جيئن ته ڪروڪالا ۽ ڪڪرالا جا لفظ ذري گهٽ هڪ جهڙا آهن ۽ سندن اچارن ۾ هڪ واضح هڪ جهڙائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، تنهن ڪري ڪرنل هالڊڪ اهڙي هڪ جهڙائي کي گهڻ اهميت ڏيئي رهيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. هو لکي ٿو تہ: اها ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهہ بہ ڪانهـــي جو ان واريـــاســـي ٻيٽ جــو نالو ڪڪرالا Kakrala هجي ۽ يونانين ان کي ڦيرائي ڪروڪالا بڻائي ڇڏيو هجي. منهنجي خيال ۾ هن سچاڻ ماڻهوءَ لاڙ واري علائقي ۾ ڪڪرالا Kakrala جي معنيٰ "زمين جي پڇاڙي" Lands End ڳولهي لڌي هجي. مان سمجهان ٿو تہ اها ڏکي ۽ پيچيده معنيٰ آهي، جنهن کان ڪي ٿورا ماڻهو واقف هوندا. پر عام سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪڪرو لفظ جي معنيٰ ننڍي پٽري آهي. ڪڪرالو ان جي صفت آهي. جنهن جي معنيٰ آهي پٽرالو يا ڪڪري وارو. جيڪڏهن اهو سمنڊ اندر ٻيٽ هوندو تہ ان جو اهو نالو سونهين ٿو. جيڪڏهن اهو چوڙ واري علائقي ۾ آهي، تہ رهندو بہ مناسب آهي. بگهاڙ ڦاٽ جي ڏکڻ ۾ بہ اهڙو ڪڪرالو علائقو آهي، پر ڪروڪالا تہ ماڳهين الڳ شيءِ آهي. سر ايچ . اليٽ هن کي ڪارڪ Kharak جو ساموئڊي قزاق قبيلو ٿو سمجهي. پوريءَ پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ سڪندر جي دور ۾ ڪراچي اپسمنڊ Karachi Bay کي ڪڪرالا نہ، پر ساگند Sangda چيو ويندو هو. هن ڳالهہ جي پڪ آهي تہ ڪروڪالا وارو ٻيٽ سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي ۾ موجود ڪو نہ هو. خير اهو ڪٿي بہ هيو، پر درياءَ جي ويجهي چوڙ کان اٺ ميل پري هو. جيڪڏهن ڪرنل هالڊڪ پنهنجي سوچ ۾ صحيح آهي تہ مان چوڙ واري علائقي جي سمنڊ ڏانهن وڌڻ جي رفتار جو اندازو گهٽ لڳايو آهي نہ تہ اهو فاصلو منهنجي ڏنل ماپ کان گهٽو وڌيڪ هجي ها. ساموئڊي ڪناري بابت ناهيل چارٽ تي جيڪڏهن نظر وجهبي، تہ سنڌوءَ جي چوڙ کان وٺي ڪروڪالا تائين ڪناري سان سمنڊ جي پاڻيءَ جي ماپ پائيتاليهن کان ائيتاليهہ فوٽ ٿيندي. مان سمجهان ٿو تہ جيستائين هن حقيقت خلاف پڪي شاهدي ڪانہ ٿي ملي، تيستائين مان هن خيال جو آهيان تہ اليگزينڊر هيون وارو تاريخي ماڳ ڪراچي جي اپسمنڊ Karachi Bay ۾ ڪاٿي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود هو. سورنهن آنا صحيح ٿاڪ تہ نہ ٿو پڌائي سگهجي، پر مونکي معلوم ايئن ٿئي ٿو تہ اهو آبرزويٽري آئيلينڊ Observatory Island جي اوسي پاسي ڪاٿي هو. ان ڏانهن هڪ سوڙهي ڪاريءَ وسيلي لنگهي وڃي سگهبو هو. اهو پڌايو وڃي ٿو تہ نيرڪوس جي زماني کان صديون پوءِ ساموئڊي پيڙن جو هتي بندر هوندو هو. اهڙين حالتن سان لاڳاپيل هڪ تاريخي شاهدي ڏني آهي ، ۽ ان جي آڌار تي ٿوري عقل وارو ماڻهو بہ اندازو لڳائي سگهندو تہ نيرڪوس پنهنجا پيڙا ڪاٿي بيهاريا هوندا. هي پڌائي ٿو تہ نيرڪوس ڏيهي ماڻهن جي حملي کان ڏڄي پنهنجي فوجي واڙيءِ جي چوڌاري پٿرن جي پٽ ڏياري هئي. اهي پٿر ڪٿان آندا ويا هئا جيتريقدر مونکي ياد پوي ٿو تہ مان تہ ڪڇن گهرن، بنا پٿرن جي درياهي لٽ ۽ ساموئڊي واري بابت ٿي ڪتابن ۾ پڙهيو آهي. موجوده دور جي نئين نيرڪوس کي پٿرن لاءِ ڪا ڏکيائي ڏسڻي ڪانہ پوندي، جو تہ اهي پر پاسي ۾ عام جام آهن. پر ريل بند وڃائڻ ۽ بندر جي اڏاوت واسطي ٽن چئن ميلن جي فاصلي تان آندا ويندا آهن. (١٣) هيءُ نڪتو ڪو خاص اهم بہ ڪو نہ آهي. نيرڪوس آبزرويٽري آئيلينڊ وٽان سفر شروع ڪيو هوندو. ۽ ڇهہ اسٽاڊيا هاڪاري، ٽي سگهي ٿو تہ ڇهہ يا ست ميل ڪري، اچي هڪ وارياسي ڪناري پرسان پهتا هوندا. تاريخي بيان موجب اهو وارياسو ڪنارو ڌرتيءَ جو حصو هو. ان ڪناري ويجهو ٿي رڻ پٽ جهڙو هڪ ٻيٽ هو، جنهن کي ڊوماءِ Domy تي سڏيائون ۽ ان کي اوٽ ٻڌائي هنن پنهنجا جهاز بيهاريا هيا. ڪرنل هالڊڪ ان ڊوماءِ ٻيٽ کي منهوڙو سمجهي ٿو. ۽ ٻين عالمن جو بہ ساڳيو رايو آهي. ڏنو وڃي تہ منهوڙي جو ٻيٽ اڄ بہ ڌرتي کان پنج ميل پري آهي، پر ان زماني ۾ هن کان بہ گهٽو پري هوندو. ان کان سواءِ اهو بہ پڌايو وڃي ٿو تہ ويهہ اسٽاڊيا هاڪارڻ کان پوءِ پيڙائت وڃي مٺي پاڻيءَ تي پهتا هئا.

هي بيان ٿي گهٽو آهي، جنهن مان سمجهي سگهجي ٿو ته ڊوماءِ پيٽ منهوڙو ٽي ڪو نه ٿو سگهي. مان ڊوماءِ Domae پيٽ کي ڪراچيءَ جي شهر کان سَرِ اولهه سمجهان ٿو. يا ٽي سگهي ٿو ته اهو گهٽو اتر طرف هجي. اهو چوڻ مشڪل آهي، ته ان زماني ۾ اتر طرف سمنڊ جي پاڻي جو چاڙهه وڌ ۾ وڌ ڪيستائين پهچي سگهندو هوندو. هن ماپ وٽان منو پاڻي ايترو پري آهي، جيترو ڪتابن ۾ ذڪر ڪيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. آبزرويٽري آئيلينڊ کان اهو ڇهه ميل کن پري ٿيندو. اسان جو قياس آهي ته فاصلو تمام ٿورو هوندو ۽ منزل جي فاصلي جو اندازو به بلڪل صحيح هو. ڊوماءِ جي پيٽ کان اهو فاصلو ٽي سو اسٽاڊيا هو. رات ٽيڻ تائين اهو فاصلو طئي ڪيو ويو هو ۽ سندس جنگي ٻيڙي سارنگ Sarang نالي هڪ ٽاڪ وٽ اچي لنگر هنيا هيا. راس مونزي جو ڪو به ذڪر موجود ڪو نه آهي. ٽي سگهي ٿو ته هاڪارڻ ويل هن راس جي چوڌاري ڦيرو به ڪاٽيو هجي. سارنگ Sarang جو مذڪوره ماپ ڪٿي هو؟ سو فقط سفر جي فاصلي جي ماپ کان هڪ اندازي مطابق ٻڌائي سگهجي ٿو. امڪان اهو نظر اچي ٿو ته نيرڪوس جي آرماڙ حب نديءَ جي ڇوڙ وٽ رات گذاري هئي. ڊوماءِ جي پيٽ کان وٺي هن ماپ تائين، ساموندي ڪناري سان پنڌ اٽڪل چوويهه ميل ٿي سگهي ٿو. جيڪو ٽي سئو اسٽاڊيا جي لڳ ڀڳ ويجهي بيهي ٿو. تاريخ جو بيان آهي ته جتي ٻيڙا لنگر انداز ٿيا هئا، اهو ڪليو ساموندي علائقو هو، ۽ منجهس حب ندي جو ڇوڙ، يا ڪا ڪاري وغيره ڪانه هئي. هن حالت ۾ اسان سارنگ جي ماپ کي چار پنج ميل اڳتي اتر سمجهون ٿا. حب نديءَ جي ويجهي هجڻ جي فائدي ۾ هيءُ بيان آهي ته منو پاڻي اتان اٺ اسٽاڊيا (منو ميل) پري هو. هن حقيقت مان اهو انومان ڪري سگهجي ٿو ته ان نديءَ جي پيٽ جي پر پاسي ۾ ڪاٽي ڊنيد موجود هئي. چاڪاڻ ته حب جابلو ۽ موسمي ندي آهي، جيڪا رڳو مينهوڳيءَ ۾ وهندي آهي. پر ٻي ڳالهه اها به آهي ته هتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو. هن سارنگ جي ماڳ کان جيڪو سفر ڪيو آهي، تنهن جي ماپ ڪا نه ڏني ويئي آهي. ۽ جڏهن نئين ڏينهن جو نئون سفر اختيار ڪيو وڃي ٿو ته "هتان کان Sailing hence" يا ٻئي ڏينهن تي اهي روانا ٿيا following day they sailed جا لفظ لکيل ڪو نه ملندا. جيڪي سلسلي رکڻ لاءِ تاريخ ۾ عام طور تي ڪم آندا ويندا آهن. پر ان جي بدران اسان هڪدم اچي ساڪلا ۽ مورنتو بارا پهچئون ٿا. ونسينٽ ۽ مڪ رنڊل پنهنجا لفظ وجهي ان وٿيءَ کي پورڻ جا جتن ڪيا آهن، تنهن ڪري تاريخي حوالي کي غلط پڙهي ويا آهن ۽ هن ٽڪرين کي مورنتو بارا وٿان ڪٿي "ساڪالا" پرسان وڃي رکيو آهي. سندن ڪتابن ۾ لکيل ٽڪرا هو بهو هيٺ ڏجن ٿا:

"اتان کان هاڪاري هو سڪالا پهتا، اهو علائقو برپٽ هو. هو پڻ ٽڪرين وچان لنگهيا هيا. اهي ٽڪريون پاڻ ۾ ايتريون ويجهيون هيون جو ٻيڙا هلائيندي ونجهن جا ڦر وڃي، انهن سان ٽي لڳا. اهڙيءَ ريت هُو ٽي سئو اِسٽاڊيا ڪري هتي پهتا هئا. هي شهر تمام وڏو هو، چوڏاري قلعو هوس، مٿس ماٽ چانيل هئي. پر بندر ڏانهن ويندڙ لنگهه سوڙهو هو. ڏيهي ٻوليءَ ۾ هن کي "عورتن جو بهشت" ٽي سڏيائون. چاڪاڻ ته هن ملڪ تي پهريائين هڪ عورت راڄ ڪيو هو. جڏهن پڻ ٽڪرين جي وچان گذري رهيا هيا، ته ساموندي تيز ويرن کي روڪڻ لاءِ ڪين جهلون Breakers ٺهيل ڏسڻ ۾ آيون، جيڪي ڪين هاڪارڻ ۾ رنڊڪ وجهي رهيون هيون. ٽڪرين کان ٻاهران ڦري منزل تي پهچڻ ۾ ڪين ڪهٽو وڪڙ ڏسڻ ۾ ٽي آيو."

مڪ رنڊل جو ترجمو وري هن ريت آهي.

"سارنگ کان هاڪاري اچي ساڪالا وٽ رسيا. اهو علائقو ويران هو، هتي هتي اچي لنگر هنيا. هتان رواني ٿيڻ کان پوءِ پڻ ٽڪرين وچان لنگهيا، اهي پاڻ ۾ ايتريون ويجهيون هيون وغيره، وغيره . آخر ڪار ٽي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڌو استاڊيا سفر ڪري اچي مورنٽو بارا پهتا.“

مسٽر مڪ رنڊل هتي ”رواني ٿيڻ کان پوءِ“ جا لفظ وجهي يونانين جي سفر ڪرڻ واري نموني کي بدلائي ڇڏيو آهي. اهڙيءَ ريت هيءُ صاحب تاريخي بيان ۾ ايندڙ ويجهين ٽڪرين کي ساڪالاِ وٽ آڻي بيهاري ٿو ۽ انهن جيان ٿي سڌو استاڊيا پڌائي ٿو. ونسينٽ به ايئن ڪري ٿو ۽ لکي ٿو ته: ”اتان (اسڪالا) کان روانا ٿيا ۽ اچي ٻن ٻيٽن جي وچان لانگهو ٿيا. اهي ايترا ويجها هئا، جو ٻنهي پاسن کان سندن ونجهه انهن کي ڇهڻ لڳا ۽ آخر ٿي سڌو استاڊيا سفر ڪري اچي مورنٽو بارا پهتا.“

اسان کي خبر آهي ته اسڪالا سون مياڻيءَ واري ڪلئي اپسمنڊ ۾ موجود هيو. مٿين بيان مان ايئن ڀاسجي رهيو آهي، ته نيرڪوس پنهنجو عقل، رواني ٿيڻ مهل اسڪالا ۾ ڇڏي آيو هو. ڇاڪاڻ ته هيڏو وڏو سمنڊ ڇڏي پنهنجن ٻيڙن کي اچي انهن ٻن ٽڪرين وچان هنيو هيائين، جيڪي پاڻ ۾ ايتريون ته ويجهيون هيون، جو هلڻ وقت ونجهن جا ڦر ٽڪرين جي پاسن سان گسي رهيا هئا. ان کان پوءِ مسٽر مڪ رنڊل جو ترجمو هن ريت آهي.”جڏهن هو ٽڪرين وچان لنگهي خير سان پار پيا ته ڏاڍا سرها ٿيا هيا، ڇاڪاڻ ته ٻنهي ٽڪرين وچان لنگهڻ وقت سمنڊ جي وير ڏاڍو وڌهي رهي هئي.“

ڊاڪٽر ونسينٽ جي ترجمي کي به سانگي سان ڏسندا هلو..هو صاحب لکي ٿو:”ٻنهي ٽڪرين وچان لنگهڻ پنهنجي جاءِ تي هڪ وڏو خطرو هو. پر ان وقت سامهون اٿائو طوفاني واءُ به گهلي پيو هو. ان کان سواءِ سمنڊ ۾ ڏاڍو جوش هو. جڏهن اهي لنگهي پار پهتا، ته سمجهيائون ته انهن ان جاءِ تان اکري ڪرامت ڪري ڏيکاري آهي.“مزي جي ڳالهه اها آهي ته اصلي ڪتاب ۾ واءُ يا ڇوهي جو ذڪر ئي ڪو نه آهي. خراب موسم جو ذڪر اسان کي گهڻو پوءِ ملي ٿو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن يونانين جا ٻيڙا پورالي نديءَ جي ڇوڙ کي گهٽو پوئتي ڇڏي ويجن ٿا. انهن سان ڇا وهيو واپريو؟ سا حقيقت هن ريت آهي: تہ جڏهن سفر ختم ٿيڻ مهل نيرڪوس سمجهيو تہ مورنتو بارا پهچڻ وارا آهيون ۽ ٻيڙائت بہ سارو ڏينهن ونجهہ هڻي، ٿڪجي پيا آهن، تہ هن وڏي وڪڙ کان بچڻ خاطر سڌو رستو اختيار ڪيو. جيڪو خطرناڪ ضرور هو. تڪليف کان بچاءَ جو هن کان وڌيڪ ٻيو چارو ڪو نہ هو. ان رستي اختيار ڪرڻ ۾ وڏي تڪليف Great trouble ضرور هئي، پر وڏي سوڀ Great achivement ڪانہ هئي ۽ نہ وري اهو اچرج Wonders جهڙو ڪم هو. مسٽر ملر Muller هن رستي کي ڏاڍو صاف ۽ چٽو ڪري لکيو آهي. "روڪ ۽ رنڊ تمام گهٽي هئي وِير بہ وڙهي رهي هئي. سمنڊ جون تيز لهريون ان سوڙهي لڪ مان تيزيءَ سان لنگهي رهيون هيون، جن ٻيڙن کي اتان گذرڻ ۾ ڏکيو بنائي وڌو هو. حقيقت حال اهائي هئي. پر بسمجهيو ائين ويو آهي، تہ نيرڪوس ڄاڻي ٻجهي پنهنجي ٻيڙن کي مصيبت جي مُنهن ۾ ڏنو هو. اهڙيءَ ريت انگريزيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ وارا بہ ويچي اوجهڙ ۾ پيا آهن. ٽڪرين جي صورت حال وارو سوال بہ ٿورو گهٽو اهم ضرور آهي، ڇاڪاڻ تہ هنن ٽڪرين جي مدد سان ئي اسان مورنتو بارا کي سڃاڻي وٺنداسين . اهو بہ ٻڌايو ڪونہ ٿو ويچي تہ ٽڪريون ڪي اتاهيون هيون. ان ڳالهہ جو بہ امڪان آهي، تہ اهي ٽڪريون هاڻي سامونڊي واري هيٺان پورجي ويون هجن. جيڪڏهن سروينڊا Sirondha ڍنڍ جي اوسي پاسي ڳولا ڪبي، تہ امڪان آهي تہ اهي ٽڪريون اڪ ٽي چڙهي وڃن. اهڙيءَ ريت ڪرنل هالڊڪ جي ڪيل سڃاڻ کي هڪ قسم جي ٽيڪ ملي پوندي.

اسڪالا Skala واري ماڳ کي بدوڪ لڪ Bidok Lak جي ڀر پاسي ۾ ڪاٽي جاچڻ گهرجي. سارنگ (حب نديءَ کان ٿورا ميل اتر طرف) کان هن ماڳ تائين چوويهن ميلن جو پنڌ آهي. تاريخ ۾ سفر جي ڏيگهہ جوڙڪر ڪونہ آهي، پر اسان پنهنجي جاڻ لاءِ ٻيا وسيلا اختيار ڪيا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. اڳتي هلي اوهان ڏسندا ته اهو فاصلو ٻه سو ويهه اسٽاڊيا آهي. هاڪارڻ واري پهرئين مرحلي ۾ اسان کي سنڌن رفتار ڍري ڏسڻ ۾ اچي ٿي. انجو ڪارڻ رڳو اهو آهي، ته سنڌن هاڪارڻ جو دارومدار فقط ونجهن تي هو. اسان کي تاريخ ۾ اهڙيون ٻه منزلون ملن ٿيون، جن ۾ هنن ٽي سو اسٽاڊيا سفر ڪيو. گهٽو ڪري سڄي ڏينهن جي سفر جو مطلب ڏهن ڪلاڪن جو هاڪارڻ هوندو هو. سنڌن رفتار ٽيهه اسٽاڊيا ( ٽي ميل) في ڪلاڪ هوندي هئي. سارنگ ۽ اسڪالا Sakala جي وچ ۾ هو هڪ ٻيٽ وٽان ضرور اڪريا هوندا، پر هن حقيقت بابت تاريخ ۾ ڪو ذڪر موجود ڪونه آهي. ان ٻيٽ جو نالو ڳڏياٽي آهي هاٽي ڏرتيءَ سان ڳنڍجي هڪ ٿي ويو آهي. مان ٽالمي جي ڪوڊون Kodvan کي ڳڏياٽي سمجهان ٿو، جنهن کي هن گيڊروشيا جي ساموندي ڪناري سان واقع ٻڌايو آهي. جيالاجيڪل سروي واري ڪتاب ۾ هن ماڳ لاءِ لکيو ويو آهي ته، "ساموندي ڪناري سان موجود هڪ ٽڪري آهي، ان جو رنگ سفيد آهي. سمنڊ مان جيڪو گذرندو آهي، تنهنجو ڌيان ضرور پاڻ ڏانهن ڇڪائيندي آهي." اڳينءَ ٽڪڻ واري جاءِ کان وٺي جيڪو هنن فاصلو طئي ڪيو آهي، سو ڪرنل هالڊڪ جي خيال مطابق مورنٽو بارا جي ماڳ سان پورو ٺهڪي ٿو بيهي . مان بدوڪ لڪ کان وٺي هن ماڳ تائين ڪل پنڌ ستاويهه ميل ڪٿيان ٿو ۽ هوڏانهن تاريخ ۾ ٽي سو اسٽاڊيا آهن. مورنٽو بارا کان پورالي نديءَ جي چوڙ تائين هڪ سو ويهه اسٽاڊيا فاصلو ٻڌايو ويجي ٿو. اها ڳَڪ نه پر امڪان آهي ته ان وهڪري ۾ ستر اسٽاڊيا تائين اندر سمنڊ جو پاڻي ڪاهي ايندو هو ۽ ان فاصلي کي ٻه متي ڏنل پنڌ ۾ شمار ڪيو ويو آهي. اهو ٻه هڪ امڪان آهي ته مورنٽوبارا تائين پهچڻ لاءِ هيءُ وهڪرو ٻه سفر جو هڪ محفوظ وسيلو هوندو. اتر طرف کان ايندڙ ٻيڙا اهو ڳس وٺندا هوندا. ٿورو ڏکڻ طرف هلبو هو، ته وڌيڪ سڌو رستو ملي ويندو هو. پر بندر ڏانهن وڃڻ لاءِ ڪجهه خطرناڪ ضرور هو. ان ڳالهه کي سمجهڻ سولو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ هو ٻيو نيرڪوس اهو ويجهو رستو ان ڪري اختيار ڪيو هو، جو سندس پيڙن جا وانجهي سچو ڏينهن ونجهه هلائي ٿڪجي پيا هئا. جيڪڏهن ٻيو رستو وٺن ها ته اهو ڏکيو ۽ وڪڙ وارو هو. تنهن ڪري هن جان جوکي ۾ وجهي به هنن سڌ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هيءَ حقيقت به ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته ڏينهن ٽيڻ تي جڏهن هنن هاڪاريو ته ان وقت وير جو پاڻي لهي رهيو هو. منهنجي هن خيال جي پنيرائي هن حقيقت مان ٿئي ٿي، ته جڏهن اڳين شام (١۴) جو مٿي بيان ڪيل ٻن ٽڪرين وچان سوڙهي لنگهه مان اڪري رهيا هيا، ته وير چاڙهه ۾ هئي. مٿي بيان ڪيل حالتون بدلجي ويون آهن. اها ڪليل جاءِ جتي يوناني آرماڙ بندر ڪيو هو، تنهن جي چوڌاري پٽن والار ڪري ڇڏي آهي. سمنڊ ان ويرن وهڪري جي پيٽ کي ٿورن ميلن تائين صاف رکڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي، جتي پٽون گهٽ ۽ ٽڪريون گهٽيون آهن، ته ان ماڳ وٽ ڪلئي سمنڊ سان لاڳاپو برقرار آهي.

مورنٽو بارا (جنهن کي ڪرنل هالڊڪ سيرونڊيا ڍنڍ سمجهي ٿو.) ڪان لياري، جتي ان زماني ۾ پورالي نديءَ جو ڇوڙ هوندو هو. ڪل فاصلو ڏهه ميل بيهي ٿو. جيڪو سمنڊ سان هڪ سئو ويهه اسٽاڊيا ٻڌايو ويو آهي. نديءَ جي ڇوڙ وٽ جتي هو لنگر هڻي رات ٽڪيا هيا، تنهن ماڳ لاءِ لکيو ويو آهي، ته اهو ڪليو ۽ ٿاهوڪو هو. پر ايئن ڪو نه ٻڌايو ويو آهي ته، مورنٽو بارا جيان ڪناري سان به اونهون هيو. ڇا لياري پرسان سيرونڊا ڍنڍ جيان ڪا ترائي موجود آهي؟ جيڪڏهن اها ترائي موجود نه به آهي، ته به ڪرنل هالڊڪ جي بيان کي غلط سمجهي ڪو نه ٿو سگهجي. ان دور کي به ڪو زمانو گذري ويو آهي، ان هيٺاهين ۾ ايترو لٽ پئجي ويو هوندو، جو اهو مذڪوره ٿاڪ پورجي پرپاسي جي زمين جيترو مٿي ٿي، سڄاٽپ ڪان پري ٿي ويو هوندو. هن ترسڻ واري ماڳ پرسان جنهن پيٽ بابت تاريخن ۾ احوال ملن ٿا، طبعي تبديلين موجب انهن جو نانءُ نشان به موجود ڪو نه رهيو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر تاريخ جي بيانن مطابق اهو بيٽ گهٽو اُتاهون هو. ان ناتي سان مذڪوره بيٽ کي پرپاسي ۾ جدا هڪ ٽڪريءَ جي صورت ۾ ڳولهي لهي سگهجي ٿو.

متي هن حقيقت جو ذڪر ڪيو ويو آهي ته، اسڪالا ۽ سارنگ جي وچ واري گم ٿيل، فاصلي کي صحيح ڪري سگهجي ٿو. ۽ ٻنهي ماڳن جي وچ ۾ ٻه سو ويهه اسٽاڊيا فاصلو هو. سوال اهو آهي ته هيءَ ماپ ان جاءِ کان وٺي ورتي وڃي ٿي، جتان نيرڪوس آرماڙ هاڪارڻ جي شروعات ڪئي هئي. ائرين جو به بيان آهي ته فاصلو اتان شروع ڪيو ويو، جتان کان پهريائين ٻيڙن کي هاڪاريو ويو هو. اها اصلي ڇڳهه نيول اسٽيشن Naval Station هئي، جيڪا سنڌوءَ جي ڇوڙ جي ويجهو قائم ڪئي ويئي هئي. جيڪڏهن سندن مقصد اهو آهي، ته نيرڪوس سنڌوءَ جي ڇوڙ ويجهو ان مذڪوره ماڳ تان هاڪاريو هو، ته منزلن جو وچور هن ريت هجڻ گهرجي:

(الف) سنڌوءَ جي ڇوڙ وٽ نيول اسٽيشن کان اليگزينڊر هيون ٣٠٠ اسٽاڊيا.

(ب) اليگزينڊر هيون کان پوراليءَ نُدي جو ڇوڙ ٧٨٠ اسٽاڊيا.

١٠٨٠ اسٽاڊيا

(١) ٧٠ اسٽاڊيا.

(٢) ٢٢٠ اسٽاڊيا.

ڪُل جوڙ ١٣٧٠ ـ اسٽاڊيا.

اهڙيءَ ريت پيئراپلس. paraplus ٽائين ٻڌايل فاصلو، ليکي مطابق گهٽو گهٽ ٻيهي ٿو ۽ مورخ جي پنهنجن ٻڌايل انگن اکرن کان ٽي سو ستر اسٽاڊيا گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪو وڏو فرق آهي. پر ان ڳالهه کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي، ته خود مورخ پاڻ ٻڌائي ٿو ته پيئراپلس جو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن هن ساموڊي سفر جي پهرين مرحلي تي نظر ثاني ڪجي ٿي ته اسانکي ڪرنل هالڊڪ جي ٻڌايل پورالي ندي جي ڇوڙ جي تڏوهڪي ڏاڪ جي ويڪرائي ڦاڪ پوري ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سندس اهو ويچار گهڻو ڪري صحيح معلوم ٿئي ٿو ته، قديم زماني ۾ اتر طرف، هن نديءَ جو پراڻو وهڪرو موجوده پيٽ کان چار ميل اوير وهندو هو. جيڪڏهن واقعي اها ڳالهه سچي آهي ته، پورالي ندي ڏانهن سڪندراعظم جي پيش قدمي بابت جيڪي اصول قائم ڪيا ويا هيا، سي سورنهن آنا سچا ثابت ٿين ٿا. اميد آهي ته ڏکڻ بلوچستان جي جاگرافيائي جاچ پڙتال جاري رکي ويندي. مورنٽو بارا جا ماڳ اڃان به گهٽي جاکوڙ لهڻن ٿا. مان مورنٽو بارا جي ٿاڪ کي ڪرنل هالڊڪ جي مقرر ڪيل ماڳن کان اوير طرف سمجهان ٿو. مان اها ڳالهه قبول ڪريان ٿو ته جنهن ترائي کي هو سيرونڊا جي ڍنڍ چوي ٿو، سا سندس بيان جي پنيرائي ضرور ڪري ٿي. پر پيچا ڳاچا ڪرڻي پوندي، ته هتان جون ڏيهي روايتون هن بابت ڇا ٿيون چون.

هتي اهو ڏنو ويندو ته خود ڪرنل هالڊڪ جي پنهجي راءِ آهي ته راس مونزي کان وٺي مورنٽو بارا (جنهن به حالت ۾ ڪرنل صاحب هن ماڳ کي سڃاتو آهي) تائين سفر جي ماپ ڪاتي کان تمام گهڻو وڌي ٿي. جنهن کي صحيح ڪري ڪو نه ٿو سگهجي. هن پاڻ وري اهڙيون ثابتيون به پيش ڪيون هيون، ته اهي سفر جي وڌايل انگن اکرن جي وڌيڪ ويجهو آهن. اليگزينڊر هيون وٽان هاڪارڻ کان هفتي کن تائين نيرڪوس پنهنجون منزلون ان ڪري ننڍيون رکيون هيون، ڇاڪاڻ ته ڪين پنهنجن ٻيڙن کي ونجهن سان هلائڻو پيو هوندو. سندن وڏ ۾ وڏ ڏهاڙي سفر تي سو اسٽاڊيا هو. موسم نيڪ ۽ سمنڊ ۾ ماٺار هئي. جيڪڏهن ايئن نه هجي ها ته اهڙو بيان ضرور ڪيو وڃي ها. انهن ڏينهن اسانکي ڪتابن ۾ ڇوهي جو ذڪر ملي ٿو. جيڪو پاڳلا Pagla

ڪان ڪابنا Kabna ڏانهن وينديءَ رستي ۾ گهليو هو. ان سان گڏ اوهيڙي جي اوڪ ٿي هئي. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌن تي ٻيڙا ٻار ۾ ٻڏي ناس ٿي ويا هيا. ان ڪان پوءِ سنڌن ڍهاڙيءَ جو سفر چار سؤ استاڏيا ۽ ڪن نسخن مطابق چار سؤ ٽيهه استاڏيا ٿي ويو هو. مان سمجهان ٿو ته سفر ڪرڻ جي هيءَ رفتار اڳين ڪان وڌائي پيش ڪئي ويئي آهي. هن مان اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته جنهن وقت ٻيڙن واءُ تي هلڻ شروع ڪيو هو ته سنڌن رفتار به وڃي صحيح انگن اکرن تي بيٺي. جڏهن انهن انگن اکرن کي گڏ ڪيو ويو ته ماڻهو غلط فهمين جو شڪار ٿي ويا. امڪان اهو به آهي ته واءُ ڏسي، ٻيڙن تي سڙهه به چاڙهايا ويا هجن. هن پهريون پيرو پاگلا Pagla وٽان تڏهن سڙهه چاڙهيا هوندا، جڏهن پورب واري مينهوڳيءَ واري سٽائي هوا گهلي سنڌن ٻيڙن کي اولهه - ڏکڻ - اولهه ڏانهن ڌڪيو هوندو. ان ڪري سنڌن ڍهاڙي واريءَ منزل ۾ پنڌ وارو ماپو وڌي وڃڻ هڪ لازمي امر آهي. حالتن مان معلوم ايئن ٿئي ٿو ته مذڪوره ڇوهو ۽ مينهن ڍهاڙيءَ سفر جي پوئين مرحلي ۾، پوياڙيءَ جي ويل پيمٺ آيو هوندو، جڏهن ڪابانا جي ويجهو پهچڻ وارا هوندا. اها حقيقيت هن مان ظاهر ٿئي ٿي ته جڏهن وڏاندرو واءُ ٿمجي ويو، ته هن پڳل ٻيڙن جا تختا به هٿ ڪري ورتا. ۽ جيڪي ماڻهو ٻڏل ٻيڙن تي چڙهيل هيا، سي تري، جر جهاڳي اچي ڪناري پهتا هيا. آڌي رات جو ٻيڙا وري وڃي پار ۾ وڌائون. شايد سڙهه چاڙهيا هئائون. ٻه سئو استاڏيا ڪري وڃي ڪوڪالا Kokala پهتا. سنڌن اها منزل ۽ هن ڪان پوءِ ٻي منزل به گهٽي وڌائي ويئي آهي. ڇو جو ڏسون ٿا ته وڃي ٽامرس Tomerus پهتا آهن، جيڪو پنج سئو استاڏيا پري هو. ان ڪان پوءِ ملاٽي Malana پهچن ٿا. جنهن جو فاصلو ٽي سئو استاڏيا ٻڌايو وڃي ٿو. پڇاڙيءَ وارو نتيجو اهو بيهي ٿو ته اوريٽاءِ جو ساموندي ڪنارو جنهن لاءِ چيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي ٿو تہ پورالي نديءَ جي ڇوڙ کان راس ملڻ Malan تائين سورنهن سئو اسٽاڊيا آهي، سا ماپ ڪرڻ کان پوءِ ان جي ڊيگهہ فقط اٺ سئو پنجاهہ اسٽاڊيا معلوم ٿئي ٿي. منهنجو خيال آهي تہ جنهن آنڌاري نيرڪوس جي ٻيڙي لاءِ مصيبت پيدا ڪئي هئي، تنهن لاءِ جنرل هالبڪ ڪن غلط فهمين جو شڪار آهي. اليگزينڊر هيون کان وٺي، هن ماڳ وٽ پهچڻ تائين هاڪارڻ جي ساري سفر دوران فقط اها هڪ آنڌاري آئي هئي، نہ تہ سڄو سفر نهايت آرام سان گذري ويو هو، آنڌاري بہ ٻہ ٽي ڪلاڪ هلي هئي. ان کانپوءِ ٽاميرس Tomerus تائين سٺائو واءُ گهليو هو. مسرڻي Masarna کان پوءِ، اسان کي سنڌن ڏهاڙي جو سفر ست سئو اٺ سو بعضي تہ هڪ هزار اسٽاڊيا بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جنهن لاءِ پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ وڏاءَ آهي ۽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ مذڪوره آنڌاري کان سواءِ سنڌن سفر ڪنهن ڊپ ڊاءَ ۽ الڪي ڪانسواءِ سٺائو گذري ويو. سفر ۾ ڏکيائي ڏچو تہ ڏنو هئائون، پر اهو هاڪارڻ واري مامري سان لاڳاپيل ڪو نہ هو، ان جو سبب اهو هو جو گهٽي سفر سبب لشڪر واسطي کاڌي خوراڪ ۽ پاڻي جي سخت اڻاٺ هئي. انهن سيني ڳالهين جو اثر وڃي نيرڪوس جي سفر جي ڪاٽي ڪرڻ تي پيو هوندو. سنڌن سفر جي فاصلي جو غلط اندازو انهن ٻيڙين ڪري بہ ٿيو هوندو، جيڪي هن سنڌو درياءَ ۾ جوڙايون هيون.

(١) هي سنڌي طرز جو نالو آهي. هن لفظ ۾ "ل" بدران "ر" جو اکر ڪتب آندو ويو آهي. پر اصلي لفظ "نالہ" آهي. جنهن جي معنيٰ اٿل يا چاڙهہ جي موسم وارو وهڪرو آهي. انگريزيءَ ۾ هن کي torrent bed يا flood channle چئبو آهي.

(1) ريورٽيءَ هن وهڪري کي پنهنجي ڪتاب "مهراڻ آف سنڌ" ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واهندا باهندا هاڪڙو يا مهراڻ درياءُ سڏيو آهي، امڪان آهي تہ اهو نالو واهندا جي ڪنهن ننڍي ڀاڱي جو هجي.

(٢) نمبر c x vii ـ جلد l i x ١٨٧۴ع دي لاسٽ رور آف دي انڊين ڊيزرٽ.

(٣) سر ايچ ـ اليٽ جي "هسٽري آف دي انڊيا". i ـ ص ـ ۴٩ ـ هن مصنف رايل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي جرنل جلد ـ xvi ـ حصي ٻئي ۾ منصوره جي ماڳن تي بحث مباحثو ڪيو آهي.

(2) اهو غلط آهي تہ سومرا فقط سنڌ جي لاڙ واري علائقي جا حاڪم هيا. تاريخي حقيقتن موجب چوٿين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاران منصوره ۽ ملتان جي رياستن جي عرب اميرن جا جانشين سومرا بڻيا هيا. غزني سلطانن ( ٥٨٢ هہ ـ ٣٨٨ هہ ) يا سلطان معزالدين سام غوريءَ جي دور ( ١٢٠٦ع ـ ١١٧۴) ملتان ۽ منصوره جي مختلف رياستن جا خود مختيار حڪمران بہ سومرا هيا. جڏهن سلطان محمود غوريءَ ١١٧٥ع ۾ ملتان تي حملو ڪيو تہ ان دور ۾ اتان جو حڪمران سومرو سردار هيو. (سومرن جو دور ـ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ـ ص ـ ٢۴ (مترجم)

(۴) هن جو مطلب آهي ڇڏيل وهڪرو. هي لفظ گهٽو ڪري ڪنهن وهڪري جي شڪل پيش لاءِ ڪتب ايندو آهي.

(٥) هي اهو وهڪرو آهي جيڪو ڪڏهن نصرپور ڪان، ڏهہ ميل مٿان ٻوهڙي Bohri ڪان وهندو هو. جنهن کي غلطيءَ وچان لوهري Lohiri بہ لکيو ويو آهي. لاڙ جو ترخان حڪمران مرزا جاني بيگ هن ماڳ تي مورچہ بند ٿي، شهنشاهہ اڪبر جي فوجن سان ٩١ ـ ١٥٩٢ع ۾ ٻن مهينن تائين جنگ جوٽيندو رهيو. جنهن جو مهندار مرزا عبدالرحيم خان خانان هو. ان ماڳ جي جاگرافيائي صورت حال ڏاڍي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مضبوط هئي. ان کان سواءِ هيءُ سنڌي سردار وڏي عقل ۽ شعور وارو شخص هو. سندس مهنداريءَ هيٺ پيڙين جو آرماڙ هو. جيڪو مغلن جي لشڪر سان مهاڏو اٽڪايون بيٺو هو. ۽ سنڌوءَ جي وهڪري تي سندس پورو ضابطو هو. سندس لشڪر کي ڪاڌو خوراڪ باقاعدگيءَ سان ملندو ٿي رهيو. هن سنڌ جي عام ماڻهوءَ کي به اپاريو هيو. جن حملہ آورن کي ڪاڌو خوراڪ ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو هو. هن دهلي جي لشڪر جو رستو روڪي ڇڏيو هو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو دهلي جو لشڪر گهيرو پٽي هليو ويو. ۽ ان وقت تائين سوپارو ڪو نہ ٿيو، جيستائين هن اتڪل ڪري جاني بيگ جي لشڪر کي ان مضبوط جاءِ مان نہ ڪڍيو هو.

(٦) هيءُ علائقو چوويهہ ڊگريون ۽ اوڻونجاهہ فوٽ اُتر ويڪرائي ڦاڪ جي ذڪر ۾ آهي. جتان سنڌو ڪوهستان واري علائقي کي ڇڏيندو آهي.

(٧) هيءُ احوال ليفٽيننٽ اسٽائيف Stiffe جي سنڌوءَ جي ڇوڙ بابت ١٨٧٧ع ۾ ڏنل رپورٽ تان ورتل آهي.

(٨) ڪريڊنر ڊاءِ ڊيلٽاس پيٽر مينس متهيلنجنس ارگان زنگ شيفٽ نمبر - ٥٦ - ايس - ٢٥ Gredner Die Deltas Petermanns Mitthei-lungens , Erganzaumgocheft No: 56 - S- 525.

(٩) ايڊنبرگ رويو جنوري ١٨٧٧ع - ميڊيٽيرين ڊيلٽاس.

(١٠) هيءُ سروي "ڪرنل ٽري مين هيري" Col: Treman Heere ان وقت ڪئي هئي، جڏهن هو سنڌ ۾ چيف انجنيئر جي عهدي تي فائز هو. جرنل آر - جي - ايس - xxxvii - ص - ٧٠.

(١١) ڏسو ڪريڊنر جو اٽ سپ ا - ا Ut sup - ٽيل Thiel - ٧. ماس ڊيس ويڪس ٿيومس ڊر ڊيلٽاس Mass der wachs thums der Deltas.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٢) لاڙ جي علائقي ۾ جيڪي يوناني وهڪرا ڏٺا هيا،سي گهاٽ واهه کو نه هيا، جهڙي ريت عام مورخن انهن کي سمجهيو آهي. پر اهي دريائن جا فطري وهڪرا هيا. جن جا پراڻا پيٽ ساموندي ڪناري پرسان جاڏي ڪاڏي ڏسڻ ۾ ايندا آهن. اهو پاڻيءَ جو هڪ وهڪرو ان ڪان پوءِ هڪ وڏي ۽ ويڪري ڍنڍ هئي، جنهن ۾ يونانين جو جنگي آرماڙ اچي بيٺو هوندو. ان وقت ڪيڏو نه خوبصورت ڏيک هوندو.

(3) هيءَ پنڌ جي يوناني ماپ آهي هڪ ميل ۾ ڏهه استاڊيا هوندا هئا. (مترجم)

(4) پورالي ندي. ( مترجم)

(١٣) ارستو بيوليس هڪ سئو استاڊيا. نيرڪوس ارڙهن سئو استاڊيا ۽ اونسي ڪريٽس ٻه سئو استاڊيا ٻڌايو آهي.

(١٤) ٽريولس انٽ بخارا جلد III - ص - ١٦ - جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ٺٽي کان ٺورو پنڌ هيٺ چوڙ واري علائقي ۾ ٽڪريون موجود آهن، پر منهنجي خيال ۾ ساموندي علائقي کان وٺي پنجتيهه ميل مٿي هن علائقي ۾ ڪا به ٽڪري ڏسڻ ڪا نه ايندي.

(١٥) هيءَ احوال مسٽر فينر Fenner جي ساموندي ڪارين بابت ڪيل سروي تان ورتل آهي، جيڪا هن سنڌوءَ جي چوڙ جي اولاهين پاسي، سنه ١٨٤٨ع ڌاران ڪئي هئي.

(١٦) ايري ٿيران سمنڊ Ery thraean Sea سان سفر ۽ تجارت ص - ١٧٦.

The Commerce & Navigation of the Ery thraean Sea - P.176

(١٧) ڪجهه وقت اڳ جڏهن ڪراچيءَ بندر کي سڌارڻ جو ڪم ڪيو ويو ته چيني واريءَ ڪاريءَ Chinni Creek کي بلند ڪيو ويو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۸) ممايرس آف دي جيالاجيڪل سروي آف انڊيا جلد ـ XVII ص ـ ۱۸۴ .

(۱۹) ايضاً ص ۱۹۹۱.

(۲۰) اصلي نسخي ۾ ڪراچي جي ڏيهي واپاري جا لکيل حاشيا آهن.

(۲۱) هي سڄو حاشيو يوناني زبان ۾ لکيل آهي.

(۲۲) ڏسو ونسينسٽ جو ڪامرس اينڊ نيويگشن آف دي اينشنٽ جلد ـ ا ص ۱۹۴: et seq ۽ جنرل ڪننگهام جي انيشينٽ جاگرافي آف دي انڊيا ص ص ۳۰۷، ۳۰٦.

(۲۳) ڪروڪالا Krokala جو نالو پرپاسي واريءَ جوءِ ۾ جڻ اوپرو ۽ اٿيويون آهي. پاٽنجر ۽ برنس هن ڳالهه ڏانهن اشارو ڏنو آهي ته ڪروڪالا ڪڪرالہ لفظ جي بگڙيل صورت آهي. اها ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهه به ڪانہ آهي. اهو ڇوڙ جي هڪ ڀاڱي جو قديم نالو آهي. ويچار ڪجي تو ته اهو ڇوڙ جي گهوڙا باري علائقي جي وچ تي ۽ ڪراچيءَ کان پورا پنجهاهه ميل ڏکڻ اوير ڏس تي آهي. هن بيان ڪي ڪا حقيقت ئي ڪا نہ آهي تہ ڪراچيءَ جي پرپاسي واري علائقي ڪي تاريخ جي ڪنهن دور ۾ ڪڪرالہ جي نالي سڏيو ويو آهي. نيرڪوس جڏهن هن علائقي وچان هاڪاريو هو تڏهن ڪيس سڱنڊ. Sangda سڏيو ويندو هو. تاريخ اسان کي ايئن ٻڌائي ٿي.

(۲۴) هسٽري آف دي اينشنٽ جاگرافي جلد : ۱۰ ص ص ۵۴۵ ـ ۵۴۴ .

(۲۵) ايضاً ص ۵۳۱ ـ حاشيو ۸ ـ ڏسو پڻ ص ۳۹۳.

(۲٦) ان وقت اجان بہ ڏکڻ ـ اولهه واري چوماسي جون هوائون گهلي رهيون هيون. هيءَ حقيقت ان وقت جي موسمي صورتحال جي پٺيرائي ڪري ٿي، تہ نيرڪوس پنهنجا ٻيڙا "اليگزينڊر هيون" ۾

چوويهن ڏينهن لاءِ بيهاري ڇڏيا هيا، ڇاڪاڻ تہ تيز سامونڊي هوائون کُهلي رهيون هيون. اسان وٽ اهڙيون پڪيون ثابيتيون موجود آهن، تہ نيرڪوس جي روانگي تبصره نگارن جي عام خيالن کان گهٽو وقت اڳي ٿي هئي. عام طور ايئن چيو ويندو آهي تہ نيرڪوس مذڪوره ماڳ وٽان، تاريخ ۲ آڪٽوبر ۳۲۶ ق . م يا ۲۱ سيپٽيمبر ۳۲۵ ق . م تي روانو ٿيو هو. تنهن کان پوءِ اسان چوويهہ ڏينهن طوفاني هوائون جا ڳڻيندا آهيون، جيڪي سيپٽمبر جي پڇاڙي يا آڪٽوبر جي پهرين هفتي جي پوين ڏينهن کان شروع ٿيا هيا. ۽ اهي ان رُت ۾ ختم ٿيا هيا جڏهن سنڌ ۾ موسمي ماٺار اچي ويندي آهي. ڏکڻ اولهہ واري چوماسي واريون تيز هوائون وچ آگسٽ تائين هلي ڍريون ٿي ويندڙيون آهن. ان کان مهينو پوءِ چوماسي جي شدت گهٽو گهٽجي ويندي آهي. سيپٽيمبر ۾ تيز هوا ڪٿي گهلندي بہ آهي، پر ڪلاڪ ٻن کان پوءِ ان جو زورُ گهٽجي ويندو آهي . هيءَ ڳالهہ ڪندي مونکي هيڪ ڪانہ ٿئي ٿي تہ انهن ڏينهن ۾ جڏهن نيرڪوس کي ڪراچي جي پرپاسي ۾ ترسيل سمجهيو وڃي ٿو، تڏهن چوويهہ ڏينهن ساندهہ هوا گهلي رهي هئي. سا حقيقت موجوده دور جي هندي سمنڊ جي موسميائي صورت حال سان سهمت ڪانہ آهي. ڊاڪٽر ونسينٽ ٻڌائي ٿو تہ اها پورب واري چوماسي جي رت هئي. پر اهو چوماسو نومبر کان اڳ ۾ شروع ڪونہ ٿيندو آهي. ان کان سواءِ سنڌ جي سامونڊي ڪناري سان ٽن هفتن کان وڌيڪ اهڙين تيز هوائن جو گهلڻ مونکي ممڪن نظر ڪو نہ ٿو اچي.

(۲۷) ڪئنٽس ڪرٽس. Lib x حاشيو.

(۲۸) اينيشنٽ جاگرافي آف انڊيا. ص - ۲۷۹.

(۲۹) بنگال ايشياٽڪ سوسائٽي جرنل- جلد ۷۱ ۽ صفحي ۳۴۹ تي ڪسومادي ڪوروس- Csoma de Koros جي اصلي نسخي مان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مذڪوره حوالو ڏنو ويو آهي. ڪسوما ڪوروس جو پنهنجو مقالو ساڳي سوسائٽيءَ جي آگسٽ ١٨٣٣ع واري جرنل جلد II ص ٣٨٥ تي پڙهندا.

(٣٠) نقشي نمبر II ۾ پٽالا جو شهر سنڌوءَ جي ٻه درياهيءَ جي وچ تي ڏيکاريو ويو آهي. هن صورتحال مان ٽالمي جي بيان جي پٺڀرائي ٿئي ٿي ته مذڪوره شهر درياهه جي وچ تي هڪ ٻيٽ تي اڏيل هو. (جاگرافي- Lib - جلد vii - سي -آءِ -حاشيو،ص -ص ٥٩). معلوم ائين ٿو ته نقشي ۾ سنڌوءَ ۽ سندس ڇاڙهن کي ، ٽئي جي اوائل ۾ يا پُراڻ ڪان ٿورو پري ۽ ڪڇ جي صفا اتر ۾ ڪن ٿورن حصن ڪانسواءِ سچو صورتحال اٽڪل ۽ اندازي تي تيار ڪيل آهي.

(٣١) ”انڊس ڪي الترتومسڪنڊي“ جلد -١-ص ٥٤٦ حاشيو ١٠ - ايڊن. ١٨٤٧ع جنهن ۾ هيءَ ڏند ڪٿا ڏني وئي آهي.

(٣٢) عالم مهاڀارت جي لکڻ واري دور کي سڪندر جي حملي کان گهٽو پوءِ جو سمجهن ٿا. (پڙهو ويبر جي هندستاني ادب جي تاريخ - ص ١٨٦ ۽ حاشيو a- ٢٠١ ۽ ص ١٨٧).ان ڪتاب ۾ جيڪي ڏند ڪٿائي قصا لکيا ويا آهن، تن جو تعلق تمام پراڻي زماني سان آهي.

(٣٣) ڏسو سرالیگزنيڊر برنس جي لکيل ڪتاب، ٽريولس اِنٽُ بخارا “ جو ٽيون جلد جنهن ۾ هن ڪچ جو احوال ڏنو آهي. ان کان سواءِ سربارٽل فريئر به هن موضوع تي مقالو لکيو آهي. ڏسو رايل جاگرافيڪل سوسائٽي جرنل جلد vi ص ص ١٩٥ - ٩٤)

(٣٤) ڏسو پيري پلس آف ايري ٽرائن سي. ص - ٤٠ حاشيه.

(٣٥) ڏسو سر ايچ - اليٽ جي ”هسٽري آف انڊيا“ جلد ii ص -249 ضميمو -P- ص ٤٧٣.جنهن قلعي ۾ هندو راجا ڀڄي وڃي پناه


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورتي هئي، تنهنجو نالو ڪندا بال يا ڪندا ما Kandama هو. مان سمجهان ٿو تہ ڪرنل واٽسن انهن ماڻگن ڪي رڻ ڪڇ جي ڪنهن پيٽ تي سجاٿي ورتو آهي.

(٣٦) ڪجهہ وقت اڳ جي ڳالهہ آهي تہ سمنڊ کان گهڻو پنڌ پري لوڻ ڪڍڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو هو. اتي پورهيتن جي استعمال واسطي پاڻي ٻيڙين وسيلي تمام پري کان آندو ويندو هو.

(٣٧) باختري بادشاهن جو مڪمل خاتمو ستين جي مڪيہ قبيلي يو- چي yue- chi آندو هو. ڪن مورخن جو خيال آهي تہ ١٣٠ ق.م ڪن جو خيال آهي تہ ١٢٦ ق.م ۾ سندن انت آيو. اهو ڪيئن بہ هجي پر مذڪوره واقعو، يو-چي قبيلي آمون درياه جو اتريون پاسو اچي والا ريو هو تنهن کان پوءِ ٿيو هوندو. ڪتاب ۾ لئسن - lassen واري ڏنل تاريخ لکي وئي آهي. انهن واقعن جو سلسلو اڻ چٽو آهي .

(٣٨) پروفيسر سيس - Sayce =4000 ق.م دور جوحوالو ڏيندي لکي ٿو ،"ان مان اسان اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ ڪلداني واپارين جو هندستان جي الهندي سامونڊي ڪناري سان ضرور واسطو ۽ رابطو هوندو. ان کان سواءِ مغيہ يا قديم اُر -ur جي ڪنڊرن مان ساڳواڻ جو ڪاٺ مليو آهي . يا بابل جي ڪپڙن جي فهرست ۾ سنڌو Sindhu نالي هڪ ململ جو ذڪر ملي ٿو . Old Testament ۾ سادين Sadin ڪپڙي جو بيان آهي، جنهن کي يونان وارا awdwr ڪري چوندا هئا - جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ- awdwr جو مطلب Indian cloth آهي، جنهن کي گهڻو عرصو اڳ سنڌ جي ڪپڙي طور سڃاتو ويو آهي. (هربرٽ ليڪچرس ١٨٨٧ع ص ص ١٣٧ - ١٣٨). اها اعتبار جوڳي ڳالهہ آهي تہ مذڪوره ڪپڙو سنڌو درياه جي نالي جي نسبت سان هوندو ۽ ڪلدانين جي ويجهو هجڻ ڪري اتي گهڻو مشهور هوندو. هنن جي نظر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Photis ۽ ڏاڍيو ڊورس Diodorus جي ڪتابن مان ورتل اقتباس.

(۴۱) مسٽربن بيري Mr : Bunbury (هسٽري آنٽ جاگرافي-11 ص ۳۵۱) سندس نالي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هو يوناني هو. پر ٻئي پاسي مسٽر ريناڊ Mr : Reinand پنهنجي ڪتاب ”رليشن ڊيس واويج “ ۾ ٻڌائي ٿو ته هو رومي هو. هن ڪهڙي دور ۾ ساموندي سفر ڪيو هو، تنهن جو پتو پئجي ڪو نه سگهيو آهي.

(۴۲) پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته پيري پلس Periplus نالي ڪتاب پهرين صدي عيسويءَ جي پوئين چوٿائي ۾ لکيو ويو هو. (ڏسو - سي - ملر جو ڪتاب جاگرافي گريڪا ۽ منورا ) پر مصنف پنهنجي ڪتاب لکڻ کان گهٽو اڳ ساموندي سفر ڪيو هو. اندازو ٿئي ٿو ته هو ۶۵ ع يا ۸۰ع ڌاران هندوستان آيو هوندو.

(۴۳) پيري پلس حاشيو ص ص - ۳۸

(۴۴) هيءَ به هڪ اهم سوال آهي، ته سڪندر جي زماني ۾ سنڌو سڄي سال دوران فقط ٻن ڦاٽن وسيلي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو. ائرين جو بيان (اناب Anab - vi - ۱۸) آهي ته پٽالا پرسان سنڌوءَ مان به ڦاٽ ٿيندا هيا. ۽ ٻنهي کي سمنڊ ۾ چوڙ ڪرڻ تائين سنڌوءَ جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هن بيان مان ايئن معلوم ٿئي ٿو ته ٻئي دائمي وهندڙ ڦاٽ هيا. هيءَ ڳالهه به ڌيان ۾ رکڻ گهرجي، ته يونان وارا پٽالٽي واري علائقي ۾ پاڻي جي چاڙهه واريءَ رت ۾ رهيا هيا. ان زماني ۾ هنن ڏٺو ته سنڌوءَ جون ٻئي چاڙهون، اٿلنديون وڃي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري رهيون هيون. ٿي سگهي ٿو ته انهن ٻنهي مان هڪ دائمي ۽ هڪ موسمي هجي، جيڪا چاڙهه واري رت ۾ وهندي هجي. سال جو باقي عرصو يا ته سڪل هجي يا منجهس پاڻي ٿورو هجي، جيتريقدر مون کي خبر آهي ته موجوده دور ۾ ڪنهن يورپي جي نظر مان اهڙي شاهدي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۴۵) پيري پلس ـ حاشيو ص ـ ۳۸.

(۴٦) ڏسندا اليٽ جي هسٽري آف انڊيا جلد ـ ۱ ضميمو P ص ـ ۳٦۸ . ڪننگهام اينشنٽ جاگرافي آف دي انڊيا . ص ۲۹۴.

(۴۷) سٿيا. Saythia جي احوالِ اورڻ کان اڳ ۾ مصنف سامونڊي ڪناري سان موجود علائقي جو ذڪر ڪري ٿو. جنهن کي هو گيڊرو شيا Gedrosia جي ڪاري سڏي ٿو. (شايد ان ۾ سون مياڻيءَ وارو اپسمنڊ به شامل ڪري ٿو.) ۽ اهڙا لفظ ڪتب آڻي ٿو، جن جو مين نگر Minnagar ڏانهن اشارو آهي. پارسس Parsis شهر جي جاءِ وقوع جو اهڙي نموني سان ذڪر ڪري ٿو، جو ائين معلوم ٿئي ٿو ته جڻ اوريا Oraia جو بندر هو. پر ان سان گڏ اهو به بيان ڪري ٿو ته سمنڊ کان ستن ڏينهن جي سفر تي هو. مصنف هن شهر جو مين نگر جي احوال جهڙو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو ڪائنس فقط غلطيءَ وچان ٿي ويو آهي. تحفة الڪرام نالي هتان جي ڏيهي تاريخ جو بيان آهي ته مين نگر جو شهر شهداد پور جي پرڳڻي ۾ هوندو هيو. جيڪڏهن هيءَ ٺاڪ پارٿين Parthian جي راڄ ڌاني هو، ته اهو ضرور لوهاڻي درياءَ جي ڪنار سان هوندو. هن حقيقت مان اسان کي هيءَ ثابتي ملي ٿي ته پهرين صديءَ عيسويءَ ۾ سنڌ درياءُ ان پيٽ مان وهي رهيو هو. ۽ ان ناتي سان اهو ويچارڻ به مناسب ٿيندو ته گهٽو ڪري سڪندر واري زماني ۾ به سنڌو ان ئي پيٽ مان وهي رهيو هو.

(۴۸) يورپ ۾ سي ـ يو ـ ڪي نالي ٻڌن جو هڪ ڪتاب آهي، جيڪو اصل شين سئنگ جو لکيل آهي. ان ڪتاب جو ترجمو سموئيل بيل بي ـ اي ـ ٽربنر ـ Samuel Beal , B.A Trubner سال ۱۸۸۴ع ۾ ٻن جلدن ۾ ڪيو آهي. مان هن ڪتاب ۾ پروفيسر بيل جا حوالا ڪتب آندا آهن. پر مان پروفيسر ٽيرين ڊي لڪائو پيري Terrine de


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ تواليشر Tawalleshar جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن لاءِ ٻڌائي ٿو ته اڳين ماڳ، ڪان پنجاهه فرسخ جي فاصلي تي آهي. ديبل ڪان جيڪڏهن پنجاهه فرسخ پاڻيءَ سان سفر ڪبو ته اچي ڪوٽيسر پهچبو. هتي تواليشر نالي ڪو به شهر ڪو نه آهي. ڪوٽيسر ۽ ان جي پر وارو نارائڻ سر ٻئي نهايت قديم شهر آهن.

(۵۲) جڏهن مسٽر ايسٽ وڪ ۱۸۳۹ع ۾ ماڪاريو هو، ته ڪيس لکپت ڪان سنڌ پهچڻ تائين سچو ڏينهن لڳي ويو هو. ( ڏسندا هن جو ڪتاب ڊراءِ ليوز آف ينگ ايجپٽ). ان سفر ۾ ساموندي ويرن مان به لنگهڻو پوندو آهي، ڇاڪاڻ ته سفر جو ڪجهه حصو ساموندي ڪاري مان به ڪرڻو پوي ٿو.

(6) تاريخي حوالن مان ائين معلوم ٿئي ٿو ته ٻڌ ياتري شين سئنگ سنڌو ته پار ڪونه ڪيو هو، پر هاڪڙو درياهه به پار ڪونه ڪيو هئائين. ڇاڪاڻ ته ڪچ منجهان ڪيس يا سنڌوءَ ۽ هاڪڙي جو گڏيل وهڪرو يا مٿي پراڻ ٽپي سنڌ ۾ داخل ٿيڻو هو. جيڪڏهن هن ائين نه ڪيو آهي ته هاڪڙي جو اوير پاسو ڏئي امرڪوٽ Amurkot جي ماڳ وٽان لنگهي اتر اولهه جي ڪنڊ تي هلي برهمڻ آباد جو اوير ڏئي اتر روانو ٿيو هوندو. عرب جاگرافيدان اهو ڪونه ٿا ٻڌائن ته برهمڻ آباد ڪان ٿوري پنڌ تي اوڀارين وهڪري ڪانسواءِ ڪو ٻيو به اوڀاريون وهڪرو موجود هو. يورپي مصنف به اهو ڪونه ٿا ٻڌائن ته برهمڻ آباد ڪان اوير واري مذڪوره وهڪري ڪانسواءِ سنڌ ۾ ڪو ٻيو به اوڀاريون وهڪرو هوندو هو. تنهن ڪري قوي امڪان اهو آهي ته "شين سئنگ" هاڪڙي جو اوڀاريون پاسو ڏئي اتر هليو ويو هو ۽ اولهه ڏانهن درياهه اڪري سنڌ جي وچان سفر ڪونه ڪيو هوندائين. ڪوٽيسر ۽ نارائڻ سر وارا ماڳ سنڌوءَ ۽ هاڪڙي جي صفا اوڀارئين گڏيل چوڙ جي به اوير


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاسي آهن ۽ اتائين هن ياتري هاڪڙي جي اوڀارين ڪڙ ورتي هوندي. (مترجم)

(٥٣) معلوم ائين ٿئي ٿو ته هيءُ ڪنهن علائقي جو نالو آهي، پر ان سان گڏ مکيہ شهر جو بہ اهو نالو آهي. محسوس ائين ٿئي ٿو ته راجڌاني ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي، پر ان جو نالو ڪونہ ڪنيو ويو آهي.

(٥٤) شين سنگ فاصلو ٽي سو لي ٻڌايو آهي، پر سندس هموطن هيو ليهہ Lih _ Hwui اهو ساڳيو ٽن ڏينهن جو سفر ٻڌائي ٿو. (سي ـ يو ـ ڪي II ص ٢٦٥ جو حاشيو)

(٥٥) چيني ٻوليءَ جي اچارن سان هڪ جهڙائي رکندڙ شهرن تي پروفيسر بيل رايل ايشايٽڪ سوسائٽي جي ميڙ ۾ هڪ مقالو پڙهيو هو، ان ميڙ ۾ اتفاق سان مان بہ موجود هوس. ان کان پوءِ هن وري مونکي لکي ٻڌايو تہ هو اهڙن نالن وارن شهرن کي هروبرو چنبڙي پوڻ بہ ڪونہ ٿو چاهي. مان سمجهان ٿو تہ چينيءَ ٻوليءَ جي اچارن سان ٺهڪي ايندڙ شهر سنڌ ۾ چڻ موجودئي ڪونہ آهي. مان هن ماهري ۾ سندس ڪا سهائتا ڪونہ ٿو ڪري سگهان. جيڪڏهن هن ڏس ۾ ڪجهہ وڌيڪ جاکوڙ ۽ کوجنا ڪبي تہ ضرور سچائي سونجهي ونبي يا سچائي جي پرسان وڃي توڙ ڪبو.

(٥٦) ننگر پارڪر کان ٿورو پنڌ اتر اوڀر پتاپور نالي هڪ شهر آهي. پتاپور جي معني آهي پتا جو ٻڌايل شهر. هن حقيقت مان معلوم ٿئي ٿو تہ قديم زماني ۾ ڍَٽ واري جوءِ ۾ پتاسر نالي بہ ڪو ماڳ هوندو. مارواڙ ۾ بيدا سر نالي بہ هڪ ٿاڪ آهي، پر اهو ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکي ٿو. جيڪو تمام پري آهي، تنهن ڪري مذڪوره ماڳ جو هن سان ڪو ناتو لاڳاپو ڪونہ آهي. هنن شهرن جو نالو ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ورتو ويو آهي، جو پروفيسر بيل فقط انهن شهرن جا نالا ڪنيا آهن، جن کان هو واقف هو. پر هو پڻاشالا ڪان واقف ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي.

(7) فتح ڪان اڳ سنڌ، وڳوڙي ۽ فسادي عرب قبيلن واسطي پناهه جي جاءِ بڻجي وئي هئي. انهن وڳوڙي قبيلن مان هڪ علافي گهراڻو به هو، جنهن سنڌ جي راجا،راءِ ڏاهر وٽ اچي پناهه ورتي هئي، جنهن جو ذڪر چچ نامي ۾ گهٽو ڏسڻ ۾ ايندو. سنڌ جي فتح ڪان پوءِ فاتح عربن هن کي معاف ڪري ڇڏيو هو . ان ڪان سواءِ علافي، مسلمانن خلاف وڙهڻ ڪان به انڪار ڪيو هو. امڪان اهو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته چچ نامي جي اصلي عربي نسخي جي مصنف سنڌ جو اهو احوال هن وٽان ورتو هجي، جيڪو عربن جي حملي ڪان اڳ واري دور سان لاڳپيل آهي.

چچ نامي جا سارا پنا اٿلائي ڏسبا، ته اهو ڪٿي به ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو، ته محمد علافيءَ تلوار ڪڻي پنهنجي پنج سو ساٿين سان گڏجي عرب حملي آورن سان مقابلو ڪيو هجي، توڙي جو اهي آيائي سندس سر لاءِ هئا. ٻي اهم ڳالهه اسان کي اها به ڏسڻ ۾ اچي ٿي ته محمد علافي ڪان اڳ ۾ جڏهن عربن سنڌ تي حملو ڪيو آهي، ته سنڌي لشڪر سرحد وٽ پهچي سندن مقابلو ڪيو آهي. حضرت عمر رضه جي زماني ۾ مغيره بن ابي عاص کي سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو ويو هو. سنڌين ديبل وٽ مغيره بن ابي عاص جو سخت مقابلو ڪيو، جنهن ۾ هو مارجي ويو ۽ سندس لشڪر کي شڪست آئي. جڏهن اها خبر حضرت عمر رضه کي پئي ته سختيءَ سان منع ڪيائون ته سنڌ تي حملو نه ڪيو وڃي. هن حقيقت مان ائين معلوم ٿئي ٿو ته عربن کي سخت شڪست ملي هئي (وڌيڪ ڏسندا چچ نامو ص ٩٨ ۽ ٩٩ سنڌي ايڊيشن).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت علي رضہ جي خلافت جي دور ۾ تاعربن دعر کي روانو ڪيو ويو. سنڌين ڪيڪانان ۾ ڪوه پايہ وٽ سندن مقابلو ڪيو ۽ ڪيس اڳتي وڌڻ ڪونہ ڏنو ( چچ نامو سنڌي ايڊيشن ص ـ ص ١٠٢ ۽ ١٠٣) امير معاويہ عبدالله بن سوار کي سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ موڪليو. پنهي ڌرين جو ڪيڪانان ۾ مقابلو ٿيو. جنهن ۾ مسلمانن شڪست کاڌي ۽ موٽي وڃي مڪران پهتا. ( چچ نامو سنڌي ايڊيشن ص ١٠٦ ۽ ١٠٧) هن واقعي کان پوءِ امير معاويہ راشد بن عمرو کي سنڌ روانو ڪيو. سنڌ وارن ساٹس ڪوه منذر ۽ بهرج وٽ مهاڏو اٽڪايو، جنهن ۾ راشد مارجي ويو ۽ مسلمانن کي شڪست آئي. (چچ نامو سنڌي ايڊيشن ص ١١١) بعد ۾ سنان بن سلمہ کي مقرر ڪيو ويو . پڌيہ جي علائقي جي دنگ وٽ سنڌين ساٹس مقابلو ڪيو، جنهن ۾ سنان مارجي ويو ۽ اسلامي فوج جي هار ٿي (ايضا ص ١١٢). هن شڪست جي پلاند وٺڻ لاءِ منذر بن جارود کي مقرر ڪيو ويو. ان کان پوءِ سندس پٽ حڪم بن جارود کي موڪيلو ويو، پر اهي پٹي ناڪام رهيا. ان کان بعد تاريخ ۾ اسان کي بديل جو ذڪر ملي ٿو، جنهن کي فوج ڏئي سنڌ جي فتح لاءِ موڪليو ويو هو. هن جي مقابلي لاءِ راجا ڏاهر پنهنجي پٽ جئسينہ کي چار هزار لشڪر ڏئي ديبل موڪليو. پنهي ڌرين جي جهونجهارن جو جهيڙو لڳو، جنهن ۾ بديل مارجي ويو ۽ سندس لشڪر کي شڪت آئي. هن جي مارجي وڃڻ کان پوءِ محمد بن قاسمؒ کي روانو ڪيو ويو، جيڪو ديبل جي سامهون اچي منزل انداز ٿيو. ان زماني ۾ محمد علافي راجا ڏاهر جي دربار ۾ اثر رسوخ حاصل ڪري چڪو هو.

اسان هتي پهريون پيرو ڏسون ٿا تہ عرب فوج جو سنڌ جي دنگ وٽ مقابلو ڪونہ ٿو ڪيو وڃي. پر تعجب اهو ٿئي ٿو تہ سنڌ جي مرڪزي حڪومت طرفان عربن جو مقابلو نہ فقط ديبل ۾ پر، نيرون ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

به ڪونه ڪيو ويو. اتان پيش قدمي ڪندو مختلف قلعا فتح ڪندو، محمد بن قاسم وڃي سيوهڻ پهچي ٿو. پر مرڪزي حڪومت طرفان سندس مقابلي لاءِ ڪا پهر ئي ڪانه ٿي پهچي. سيوهڻ جي فتح ڪان پوءِ هو پڌيه جي علائقي ڏانهن ڪاهي وڃي ٿو. وري موٽي نيرون اچي ٿو، اتان وري هيٺ اچي ٿو. هن ڊگهي سفر ۾ محمد بن قاسم سان مختلف علائقن جا مقامي عملدار ته مقابلو ڪندا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر مرڪزي حڪومت طرفان ڪا مدد ڏسڻ ۾ نه اچي ٿي. جڏهن راوڙ ڏانهن وڌڻ لاءِ درياهه تان پيڙين جي پل وسيلي اڪري ٿو، ته سندس مزاحمت لاءِ ڪو وانگي ڪونهي. حقيقت هيءَ آهي ته سنه ٩٣ هه تائين آفريڪا جو سجو اتريون پاسو، بزنطيني شهنشاهت جو وڏو حصو ۽ ايران فتح ٿي چڪا هئا. اتان جي هڪ هڪ پائي ميڙجي چوندبجي دمشق ۾ گڏ ٿي رهي هئي ۽ عرب معاشري ۾ مٿيون ۽ وچولو طبقو پيدا ٿي پيو هو، جيڪو ان پئسي کي واپار ۾ سيڙائي اوير ڏانهن اپڙڻ لاءِ هٿ پير هٽي رهيو هو. پر وچ تي سنڌ جي هڪ طاقتور حڪومت مزاحم هئي. اهڙن خيالن جو اظهار ڊاڪٽر ايف ـ اي خان پنهنجي مقالي " ڀنڀور ـ ديبل جا ماڳ" ۾ ڪيو آهي. (ڏسندا "ڀنڀور ۽ ديبل" ڪتاب جو ص ٦) جنهن ۾ هيءَ صاحب لکي ٿو ته "سنڌ جو اولاهيون ساموندي ڪنارو ساموندي قوڙن جو ڳڙهه هو. ان ڪري عربن لاءِ پنهنجي تجارتي مفادن کي بچائڻ لاءِ مؤثر اپاءُ وٺڻ ضروري ٿي پيو هو." اهڙي ساڳئي قسم جو واقعو اسان کي ٻارهين صدي عيسوي ۾ سلطان صلاح الدين ايوبي جي زماني ۾ به ملي ٿو. ان زماني ۾ يورپ جا واپاري پنهنجا تجارتي پيڙا ڪاهي اڳتي روانا ٿيا هئا، ته وچ تي ڪين مسلمانن جي مضبوط طاقت رنڊڪ بڻي بيٺي ڏسڻ ۾ آئي. يورپي واپارين عيسائي پادري ۽ وقت جي حڪمران جو ناني ويڙهو ناهي مسلمان طاقت کي ٽوڙڻ لاءِ جنگ جي شروعات ڪئي. ان جنگ جا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقصد تجارتي هئا. پر ان کي مذهبي چوغو ڍڪائي صليبي جنگ ڪوٺيو ويو هو. ١٥٠٥ع ۾ به اسان جي نظرن اڳيان اهڙو ئي هڪ جنگي واقعو اچي ويجي ٿو. ان زماني ۾ پورچوگيز هندستان ۽ اوپر طرف پنهنجا پير ڄمائي رهيا هئا. هندستان جي دهلي طاقت زوال پذير هئي. باقي ان زماني ۾ گجرات ۽ سنڌ ۾ به سگهاريون سياسي قوتون هيون. سلطان نظام الدين سمو تنهن زماني ۾ سنڌ جو حڪمران هو.

سنڌ ۽ گجرات جي مسلمانن کي امير المؤمنين ترڪ خليفي به پنهنجي فوجي امداد ڏني، پر پوءِ پورچوگيزن جي سگهه کي اڳتي وڌڻ کان روڪڻ ۾ سوڀارا ڪونه ٿيا هئا. اسان موٽي وري سنڌ عرب موضوع ڏانهن اچون ٿا. عام طور تي اهو چيو ويندو آهي ته سنڌين شڪست ان ڪري کاڌي، جو سنڌ ۾ ٻڌ برهمڻ نفاق هو. منهنجي خيال ۾ اهو ڪو وزني دليل ڪونه آهي. ڇاڪاڻ جو اسان ڏسون ٿا ته سڪندر اعظم جي دور ۾ يونان ۽ ميسڊونيا جون سياسي حالتون اهڙيون ڪريل هيون، جو سندس پيءُ فلپ کي پنهنجي جان جو بليدان ڏيڻو پيو هو. پر پوءِ به سڪندر حملا ڪري سڌريل دنيا جا سڀ ملڪ فتح ڪري وتا هئا اهڙي ريت جڏهن سڪندر ايران تي حملو ڪيو ته اتي به هندو ٻڌ نفاق موجود نه هو. اسپين جي فتح به اهڙو مثال آهي. جڏهن منگولن بغداد تي حملو ڪري مسلمانن جي هر چيز کي ڊانوان ڊول ڪري ڇڏيو ته اتي هندو ٻڌ نفاق موجود ڪونه هو. چوندا آهن ته ڄام فيروز ۽ ڄام صلاح الدين جي نفاق سنڌ ۾ سمن جي راڄ جو انت آندو، پر ارغونن وٽ ڇا هو. هو ته بابر جي طوفاني طاقت آڏو سڪل پن جيان اچي سبيءَ واري علائقي ۾ لڏو لاهي ويٺا هئا. جتي کاڌي خوراڪ لاءِ وٽن نه سر سبز علائقو هو ۽ نه لشڪر کي پگهار ڏيڻ لاءِ ڪو پئسو پنجڙ هو. اهڙو حال وري بابر جو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪو محمد خان شيباني جي ڏنڊي آڏو ٽڙندو ڀڄندو مختصر فوج سان وڃي دهلي پهتو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ لوڌي خاندان جو انت آڻي، پنهنجي گهراڻي جي پاڙ اهڙي پختي ڪيائين جو ٻن ٽن صدين تائين نہ لهر نہ لوڏو.

سمن جي راڄ ختم ٿيڻ کان پوءِ بہ سنڌ جا سياسي ادارا ختم ڪونہ ٿيا هئا. سنہ ١٥٢٠ع کان وٺي سنڌي، ارغونن، ترخانن ۽ مغلن خلاف سنڌ جي آزاديءَ واسطي گوريلا جنگ جوٽيون آيا ۽ نيٺ بہ سو سترهن سالن جي ڊگهيءَ جنگ ۽ ڪيترن نسلن جي قربانيءَ کان پوءِ هنن ١٧٣٧ع ۾ سنڌ جي آزادي ڏارين کان ميڃائي ورتي. اهڙيءَ ريت راجا ڏاهر کان پوءِ بہ سنڌ جا سياسي ادار ناس ڪونہ ٿيا هئا. خليفي هشام بن عبدالملڪ جي زماني ۾ جنيد کي سنڌ جو وَالي مقرر ڪيو ويو هو. هو ١٠٧هہ ڌاران سنڌ پهتو. ڄئہ سينا پٽ ڏاهر ان وقت تائين سنڌ جي سياست تي قابض ٿي چڪو هو ۽ خليفي عمر بن عبدالعزيز جي دعوت تي مسلمان بہ ٿي چڪو هو. هن سنڌ جي آزاد حيثيت واسطي گهٽو ڪجهہ پاڻ پتوڙيو ۽ نيٺ جنيد سان مقابلو ڪندي مارجي ويو. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ سنڌ فتح ٿيڻ سان عربن خلاف نفرت جو وايو منڊل پيدا ٿي ويو هو. جڏهن يزيد بن ابي ڪبشہ سنڌ جو پهريون گورنر بنيو تہ سنڌ جون حالتون سنڌس سنڀالڻ کان مٿي هيون. "جيترو وقت بہ هو هتي رهيو تہ ڪيس آرام نصيب ڪونہ ٿيو" (تاريخ سنڌ مولوي نور محمد نظاماڻي ص ٣٣)، محمد بن قاسم جي گرفتاريءَ ابي ڪبشہ جي وفات کان پوءِ وِگوڙي حالتون اڃا بہ وڌي ويون. ڏاهر جو پٽ ڄئہ سينا برهمڻ آباد تي قابض ٿي ويو هو. تاريخ سنڌ ـ جلد پهريون ص ٢٣٧ ـ (اعجازالحق قدوسي)

ڄئہ سينا جڏهن برهمڻ آباد تي قبضو ڪيو تہ سنڌ جا ٻيا راجائون بہ بغاوت ڪري آزاديءَ جو اعلان ڪري چڪا هئا. اهو حال ڏسي حبيب بن مهلب کي سنڌ ڏانهن روانو ڪيو ويو ۽ سنڌ جي وِگوڙي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حالتن کي نظر ۾ رکي ڪيس ججهو لشڪر ساڻ ڏنو ويو هو. جنيد ڪان پوءِ تميم بن زيد عتبي کي گورنر ڪري موڪليو ويو، پر سنڌ ۾ بغاوتون چوٽ تي چڙهيل هيون. هن باغين کان جان ڇڏائڻ واسطي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سنڌوءَ درياهه پارڪري هڪ ڏنڌ (ماءَ الجواميس) وٽ پهتو پر سنڌي باغين کيس قتل ڪري ڇڏيو. بغاوت جي باهه ايڏي ڀڙڪيل هئي جو عربن ڪتيل ملڪن کي پنهنجي قبضي ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر مسلمانن کي اها اعليٰ ڪاميابي ۽ فتحمندي وري ڪڏهن به نصيب نه ٿي." (تاريخ سنڌ مولوي نور محمد نظاماڻي ص ٢۴) جڏهن حڪم سنڌ جو گورنر ٿي آيو ته سنڌ ۾ بغاوت جي ڄڀي جرات ڪري ڀڙڪي پئي هئي. سنڌ جا جيڪي ماڻهو مسلمان ٿيا هئا، سي سڀ مرتد ٿي ويا. اهو شهر ڪونه هو، جتي بغاوت جي اهڙي باهه ڀڙڪي نه اٿي هجي. عرب سر بچاءَ خاطر هتان هُتان لڏي اچي هڪ هنڌ آباد ٿيا ۽ ان شهر جو نالو محفوظه رکيو ويو ، جيڪو سنڌوءَ جي ڇوڙ ڪان ايرندي پاسي نئون بڌايل شهر هو. (تاريخ سنڌ مولوي نور محمد نظاماڻي ۽ حوالو بلاذري ٢۵۵) گورنر حڪم به سنڌي باغين هٿان مارجي ويو هو. ڇيو وڃي ٿو ته هو سنڌين جي هڪ اهڙيءَ بغاوت کي ختم ڪرڻ لاءِ فوج وٺي وڃي مٿن حملو ڪيو ۽ مقابلو ڪندي سنڌين هٿان مارجي ويو. (تاريخ سنڌ مولوي نور محمد نظاماڻي ۽ حوالو يعقوبي ص ٢۵) سنڌين جون بغاوتون جيئن پوءِ تيئن وڌنديون ٿي رهيون. عمرو بن محمد بن قاسم جڏهن گورنر مقرر ٿي آيو ته سنڌين به پنهنجون صفون سنواري وڃي منصوره تي گهيرو ڪيو. هن سچو احوال عراق جي والي يوسف پٽ عمرو ثقفي ڏانهن موڪليو. اهو احوال معلوم ٿيڻ شرط سندس امداد لاءِ هن چار هزار لشڪر موڪلي ڏنو هو. (تاريخ سنڌ مولوي نور محمد نظاماڻي ص ٢٦) اعجاز الحق قدوسيءَ جو بيان آهي ته معاملو ايتري قدر وڌي ويو جو دشمن وڌندو اچي منصوره



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين پهتو ۽ ان کي گهيرو ڪيو. (ص ٢٥٠) معلوم ائين ٿئي ٿو ته ان وقت عرب گورنر ۽ فوجون ايترو ته بيوس هيون، جو سنڌين منصوره جو گهيرو ڪيو ته هو قلعبند ٿي ويهي رهيا. سنڌي سنئين مقابلي ڪرڻ بدران هنن سنڌين مٿان راتاهو هنيو. عمرو پاڻ عرب فوج جو سپهه سالار بڻيو ۽ هڪ رات اوچتو وڃي سنڌين مٿان ڪڙڪيو.

عباسي خليفا ڪمزور هئا. مٿن برمڪي خاندان جي وزيرن جو ضابطو هوندو هو. پوئين دور ۾ سنڌن تخت ۽ تاج ترڪن جي اشاري سان هلندو هو ۽ سنڌن گهرن ۾ ترڪي عورتون هونديون هيون. منصور بن جمهور کي نه اُمين، نه وري عباسين ئي سنڌ جو والي مقرر ڪيو هو. عباسي خلافت قائم ٿيڻ سان مغلس کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو. پر هنکي منصور بن جمهور سنڌ پهچڻ شرط قتل ڪري ڇڏيو. عباسي خليفي، موسيٰ بن ڪعب کي سنڌ جو والي بنائي موڪليو، تنهن مس وڃي منصور بن جمهور کان سنڌ ڇڏائي ( تاريخ سنڌ مولوي نور محمد يعقوبي ۽ بلاذري جي حوالن سان) جڏهن عينيه کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو ته هو عباسين کان ماڳهن بغاوت ڪري ويهي رهيو ۽ سنڌي حڪمرانن سان ڇيڙ ڇاڙ ڪانه ڪئي. هن مان جند ڇڏائڻ لاءِ عمر بن حفص کي روانو ڪيو ويو. عينيه جي زماني ۾ عربن جا پاڻ ۾ جهيڙا چوٽ تي چڙهي ويا. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته سنڌ ۾ وگوڙي حالتن جو فائدو وٺي، سيدن ۽ خارجي فرقي به هتي اچي پناهه ورتي. ڏسو تاريخ سنڌ اعجاز الحق ص ٢٦٢ - ٢٦٣). خليفه مهدي (١٦٩-١٥٨هه) جي زماني ۾ روح بن حاتم کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن جي زماني ۾ سنڌ ۾ بغاوت جي ٻرندڙ باهه وڌيڪ ڀڙڪي پئي، جيڪا هو وسائي ڪونه سگهيو (تاريخ سنڌ مولوي نور محمد بحواله يعقوبي ص ٦٦) ان کان پوءِ بسطامي نصر، روح بن حاتم کي پيو پيرو ۽ پوءِ عبدالملڪ بن شهاب کي جهٽ جهٽ موڪليو ويو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(تاريخ سنڌ مولوي نور محمد -ابن اثير ۽ يعقوبي جا حوالا ص ٦٧) سمجهه ۾ اچي ٿو تہ ان وقت سنڌ جون حالتون تمام خراب ٿي ويون ۽ مذڪوره گورنر انهن کي سڌارڻ ۾ سوپارا ڪونہ ٿيا هوندا. خليفي مهديءَ بہ پنهنجي ٻارهن سالن جي دور خلافت ۾ سنڌ جا ٻارنهن گورنر مقرر ڪيا. هن آخر ليث کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو، پر هو بہ سنڌين جي بغاوتن سان منهن ڏئي ڪونہ سگهيو. هن موقعي تي يعقوبيءَ جو حوالو هن ريت آهي "سنہ ١٦٥هہ جاٽن جا هنگاما زور شور سان جاري هئا. ليث هر قسم جون تدبيرون ڪري ٿڪجي پيو.

هنن فسادن ۽ بغاوتن کي پورا ٻہ سال گذري چڪا هئا. ان زماني ۾ خليفومهدي حج تي روانو ٿيو. هڪ ريگستاني علائقي ۾ منزل ڪئي هئائين جو کيس سنڌ ۾ بغاوتن جي خبر پئي. هن اتان حڪم ڪري سنڌ ڏانهن فوج رواني ڪئي، جيڪا جهازن وسيلي اچي سنڌ پهتي، جنهن جي مدد سان ليث فوجي قانون (مارشل لا) جاري ڪري سنڌين مٿان غالب ٿيو." (تاريخ سنڌ مولوي نور محمد ص ٧١). خليفہ هارون رشيد، سالم يونسي، اسحاق هاشمي، يوسف بن اسحاق، طيفور، سعيد، محمد بن عدي هڪ ٻئي پٺيان سنڌ جا والي مقرر ڪيا ويا. انهن کان پوءِ عبدالرحمٰن کي طاقتور ۽ باصلاحيت ماڻهو سمجهي سنڌ روانو ڪيو ويو، پر ان لاءِ بہ يعقوبيءَ جو حوالو آهي تہ، "عبدالرحمان کان سنڌ جو انتظام سنڀالجي ڪونہ سگهيو" (تاريخ سنڌ مولوي نور محمد ص ٨٤) هن کان پوءِ هارون رشيد ايوب بن جعفر کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو، پر هو بہ سنڌ جي حالتن تي ضابطو رکي ڪونہ سگهيو. (تاريخ سنڌ مولوي نورمحمد ص ٨٤- حوالو يعقوبي) خلفيہ هارون رشيد کان پوءِ عباسي گهراڻو گهرو سازشن جو شڪار رهيو. خليفہ مامون جي وقت ۾ بشير کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو، پر هن عباسي خليفي خلاف بغاوت ڪئي. ان کان پوءِ حاجب پوءِ غسان کي

روانو ڪيو ويو. موسيٰ جي ڏينهن ۾ سنڌ جي اوپر علائقي جي راجا بالاچند بغاوت ڪئي، جنهن کي قتل ڪيو ويو. مامون جي زماني ۾ سنڌ جا ڪيترا علائقا آزاد ٿي ويا. سنڌ جي گڏيل قوت ٽٽي پئي. خلافت طرفان جڏهن موسي سنڌ جو والي هو ته سنڌ وارن به آزاديءَ جو پروانو حاصل ڪيو. (تاريخ سنڌ مولوي نور محمد ص ١٠٣).
مطلب ته عباسي خلافت جو سنڌ تي اندو ڪاٽو ضابطو رهيو، سو به ٢١٨ هه کان گهٽ اڳ ختم ٿي ويو. بلاذري، يعقوبي ۽ ابن اثير جي تاريخي حوالن مان محسوس ٿئي ٿو ته سنڌ عرب حڪومت جي هڪ سو ٽيويهه سال ماتحت رهي ۽ ان سڄي عرصي ۾ سنڌي هٿ هٺ تي رکي پير پساري آرام سان ڪونه ويٺا، پر آزاديءَ لاءِ جهيڙيندا آيا. وقت جي نزاڪت کي تاڙي ڪڏهن مصلحتي ماٺ به اختيار ڪيائون. هنيئر سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته سنڌ جا سياسي ادارا ايڏا مضبوط به هئا، ته پوءِ سنڌين کي شڪست ڇو آئي؟ حالتن تي غور ڪرڻ کان پوءِ محسوس ائين ٿئي ٿو ته عربن وٽ جديد فوجي ضابطا قاعدا هئا. جيڪي هنن رومين وٽان سکيا هئا ۽ انهن سان گڏ جديد فوجي هٿيار به هئا، جيڪي ڪيئي صديون اڳي رومي، تن کان اڳ يونان ۽ وارا آزمائي چڪا هئا. سڪندر اعظم به پنهنجن حملن، ۾ ”نقط گڪس“ ۽ منجنيقون ڪتب آئي چڪو هو. رومي ۽ بزنطيني حڪومتن انهن هٿيارن ۾ گهڻو سڌارو ۽ واڌارو آندو. عرب جڏهن دنيا جي طاقت جي روپ ۾ متي ايريا، ته هنن به ساڳي جنگي ٽيڪنڪ ڪتب آندي هئي. تاريخي اصول کان سنڌين جون شڪستون غير فطري هيون، ڇاڪاڻ ته شڪست کان پوءِ سنڌين وڙهي سنڌ کي آزاد ڪرايو آهي ۽ دشمن جي فطري تباهي تائين ماٺ ڪري ڪونه ويٺا آهن، جهڙيءَ ريت اسان اندلس ۾ ڏسون ٿا، جتي عربن جي پورا اٺ سو سال حڪمراني رهي پر سنڌ ۾ سندن ١٣٨ ورهيه حڪومت هلي ويجهو ۽ اندلس پري هو. (مترجم).

(٥٨) چچ نامي جي ترجمي تيل اقتباسن ڪتب آڻڻ کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀهريان سر ايچ - اليٽ پنهنجي ڪتاب "انڊين هسٽورين" ۾ هن تاريخ جو پورو احوال ڏنو آهي. انهن اقتباسن جي باري ۾ افسوس سان فقط ايترو چئي سگهجي ٿو ته انهن جي چونڊ سوچي سمجهي ڪانه ڪئي وئي آهي. ڪن اقتباسن کي پنهنجي سهوليت خاطر ڪتب ئي ڪونه آندو ويو آهي. حملي سان لاڳاپيل ڪي اقتباس وري اهڙا ڏنا ويا آهن، جيڪي وري تمام ڊگها آهن. ان ڪان پوءِ اڻ سونهندڙ ڳالهه اها به ٿي وئي آهي جو جنهن شخص کي سر اليٽ جي ڪتاب "هسٽورين" جو مرتب ڪري چونڊيو ويو آهي، سو ٻين ڳالهين ۾ عالم ۽ قابل انسان آهي، پر ڪيس هندستان بابت ڄاڻ ڪجهه گهٽ آهي. ان ڪري جڏهن هن ڪنهن نڪتي کي سمجهائڻ ۽ تبصري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته هو ان معاملي ۾ سوپارو ڪونه ٿيو آهي. چچ نامي ۾ سچين ڳالهين ۾ به پڙهندڙ کي شڪ جو گمان ٿئي ٿو. اهو ان ڪري ٿيو آهي جو هن صحيح حقيقتون بيان ڪندي، ڪن ڏند ڪٿائن جو به ذڪر ڪيو آهي. نتيجو اهو ٿيو آهي جو سندس اهميت ڇڻ گهٽجي وئي آهي. پر جيڪڏهن هن ڪتاب جو سوچ ۽ ويچار ڪري مطالعو ڪبو ۽ گهٽي ڀاڱي جو ترجمو ڪبو، ته سر اليٽ جيان هن تصنيف کي سچو ۽ ڪرو سمجهبو ۽ هندستان جي سچن ۽ دلچسپ تاريخي واقعن بابت هن ڪتاب کي هڪ سند ڪري سمجهبو ۽ هن تصنيف وسيلي هن ملڪ ۾ ڀهريون ڀيرو سامي قومن ۽ آرين جي ٽڪراءَ جو پتو پوي ٿو. مذڪوره ڪتاب جا ڪيترائي نقل آهن، جنهن ڪري منجهس موجود نقص دور ڪري سگهجن ٿا. مصنف جو اصلي قلمي نسخو عربيءَ جي ڪوفي رسم الخط ۾ هوندو. ان زماني ۾ عرب هن ڪان سواءِ ٻيو رسم الخط ڪونه ڄاڻندا هئا. پنج سو سال پوءِ جڏهن محمد علي کي مصنف جي پوينرن وٽان مذڪوره نسخو هٿ آيو ته ان وقت تائين هن جا الائي ڪيترا نقل ۽ نقلن جا نقل لکجي تيار ٿي ويا هوندا. عراق جي مشهور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گورنر حجاج بن يوسف ۽ سنڌ جي جنگي مهم جي جوان سال سپهه سالار محمد بن قاسم جي وچ ۾ جيڪا لکپڙهه ٿي هئي، سا، معلوم ائين ٿئي ٿو ته خيالي آهي. جيڪڏهن اسان ان کي سچو سمجهندا سون، ته حجاج ڏانهن خط لکڻ ۽ وري ڪانئس جواب اچڻ تائين فوج کي هڪ جاءِ تي ترسائي بيهارڻ ان وقت جي نقطه ء نگاهه کان ۽ فوجي نقل حرڪت واسطي لاڀائتي ڳالهه ڪانه هئي.

(٥٩) "هسٽري آف انڊيا" جلد I ضميمو"P" ص ٣٧٦- هيءَ صاحب حاشيه ۾ لکندي ٻڌائي ٿو ته تاريخ ۾ جنهن مندرجو ذڪر آهي، سو ديبل شهر لڳ هو پر شهر جي اندر ڪونه هو. هو سند طور بلاذريءَ جو حوالو ڏئي ٿو. پر ڏٺو وڃي ته بلاذري جا پنهنجا لفظ "باالديبل" آهن. جن جو مطلب آهي ته "ديبل اندر". پر جيڪڏهن مندر شهر کان ٻاهراڻ ۽ پرسان هجي ها، ته به عربي ۾ ساڳيا لفظ ڪتب آندا وڃن ها. هن ۾ چچ نامو بلڪل چٽو آهي، جنهن ۾ "درميان ديبل" لفظ استعمال ڪيا ويا آهن، جنهن جي معنيٰ ته اهو مندر ديبل شهر اندر واقع هو. ايمر ريناد "فتوح" جو بلڪل صحيح ترجموa Daybal ڪيو آهي. جڏهن سر هينري اليٽ ان جو ترجمو ڪيو ته "in Place" يا "in Debal" بدران "at" جو لفظ استعمال ڪري ويو آهي تنهن ڪري مطلب ڦري ويو آهي.

(٦٠) اها اچرج جهڙي ڳالهه آهي ته مسٽر ريناڊ، البيرونيءَ جو ترجمو غلط ڪيو آهي ("فرئگ مينٽس" ص ١١٩) ۽ خور جو ترجمو Baie ڪري ويو آهي. پر البيروني ان کي چٽيءَ ريت ، " درياهه جي چوڙ وارو ڪشادو ڀاڱو (Esluary) ڪري لکيو آهي. جتي سمنڊ جي وير به چڙهندي هجي ۽ مٺي پاڻيءَ سان ملندي هجي" اهڙيءَ ريت وري "غب" جي وصف هن ريت لکي اٿس: سمنڊ، جنهنجي چوڏاري زمين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڪڙ ڪري ڦري "Like a Bending or wending in of the Sea" اچي ان کي Bay يا غب ڇئبو آهي. هن اپسمنڊ يا غب جي وصف ايڏي واضح ڪري ڪانہ لکي آهي. اهڙيءَ ريت ڪراچي بندر جي اترئين پاسي کي "خور" چئي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ مينهوڳيءَ ۾ لياري نئن وهي اچي اتي ڇوڙ ڪندي آهي. ڪن نقشن مطابق سمنڊ جي لنگهہ واري پاسي کي خور علي بہ سڏيو ويندو هو. مڪران پاسي خور "نئن" کي بہ سڏيو ويندو آهي.

(٦١)ڪرنل ٽاڊ جي راجستان ۾ ديبل کي تيرٿ يا پوتر آستان ڪري لکيو ويو آهي جتي راجپوتانا مان ياتري هلي اچي پوڄا پاٺ ڪندا هئا ۽ وهنجندا هئا

(٦٢) سنڌ ۾ الائي ڪيترا اهڙا مشهور ڳوٺ آهن، جن جو واسطو قديم دور سان آهي. اهڙيءَ ريت هندستان ۾ بہ اهڙا قديم شهر آهن. ڳوٺ ۽ شهر ماڻهن جي ظلمن ۽ قدرت جي ستم ظريفين ڪري ناس ٿي ويندا آهن، پر زماني جي لاهين چاڙهين ڪان پوءِ بہ سندن نالا ضرور زنده رهندا آهن. بکيرا جو ڳوٺ ڪيترو قديم آهي، تنهن جو پتو مونکي ڪونہ آهي، پر مونکي ايترو سو ضرور ٻڌايو ويو آهي، تہ هتي اوسي پاسي بکيرا يا ان جي ٽڪ جي ڪا ٻي ذات ڪن ايامن ڪان وٺي هتي آباد آهي. هن ماڳ جو ٻيو نالو "بيگ چگيو" Beg Chugyo بہ آهي.

(٦٣) مورخن مهراڻ جي ڇوڙ جو حوالو ڏنو آهي. پر اهي سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري ڏانهن اشارو ڪونہ ٿا ڏين. فقط سنڌوءَ جي ان چاڙهہ بابت ذڪرڪن ٿا، جنهن سان ديبل آباد هوندو هو. اشڪال البلاد جي نقشي مطابق، تنهن زماني ۾ ديبل، سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري سان وسندڙ ڪونہ هو. پر اهو مکيہ وهڪري ڪان ڪيترو پري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو؟ تنهن جو اڄ اندازو لڳائڻ مشڪل آهي، ڇاڪاڻ ته موجوده دور جي نقشن جوڙيندڙن کي تڏوهڪي مقرر ماپ Scale جو پتو ڪونه آهي.

(٦٤) ڪئپٽن برنس کي پڪ هئي ته ٺٽي جو شهر ديبل جي ماڳن تي آباد آهي. هو لکي ٿو ته: اسان کي پوري پڪ آهي ته جنهن ماڳ تي ڪڏهن قديم ديبل آباد هوندو هو، اتي اڄ ٺٽو آباد آهي. عرب ۽ ايران وارا اڄ به ٺٽي ۾ ٺهندڙ هڪ قسم جي شال کي ديبلي شال چوندا آهن. (سنڌ - جلد II حاشيه ٢). اسان کي اها به پڪ آهي ته عرب واپاري ٺٽي کي ديبل سڏيندا رهيا آهن. سر اليگزينڊر برنس (ڪابل ص ١٧) اسان کي ٻڌائي ٿو ته،"اڳئين ڀيري جڏهن آءٌ بمبئي ۾ هوس ته مسقط ۾ رهندڙ اسان جي گماشتي خبر ڏيڻ جي ارادي سان اسان ڏانهن اطلاع موڪليو ته، "مسقط جو امام زنجبار تي حملي ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. ان ڪري هن پنهنجو هڪ نمائندو ديول روانو ڪيو آهي، انهيءَ مقصد سان ته جيئن اتان سنڌين کي فوج ۾ ڀرتي ڪري سگهي. هن سنڌ جي حڪمران کي به اهڙي گذارش ڪئي هئي. ٺٽي کي ديبل سڏڻ جو ٻيو مثال اسان کي برطانيا جي واپاري گماشتي مسٽر ڪرو Crow جي طرفان موڪليل اطلاع آهن، جيڪي اسان کي قلمي نسخي جي صورت ۾ مليا آهن، جيڪي هن گذريل صديءَ جي پوئين سال ٻن ۾ لکيا آهن. هو اسان کي ٻڌائي ٿو ته." هڪڙا ڪنڊر آهن، جن بابت چيو وڃي ٿو ته اهي قديم شهر ٺٽي يا ديبل سنڌي جا آهن، جيڪي هڪ ڪاري (هنجو اشارو گهاري جي ڪناري سان موجود پنيور جي ڪنڊرن ڏانهن آهي جي ايرندي (اترئين) ڪناري سان ۽ چوڙ کان اٽڪل چاليهه ميل پري آهن. چيو وڃي ٿو ته هن کان وڌيڪ پراچين ٻيا ٿرڙ آهن، جيڪي چوڙ واري علائقي جي وچ تي آهن. ٿي سگهي ٿو ته اهي ٿرڙ ٺٽي يا ديبل سنڌي جا هجن. (سندس اشارو شايد


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بکيرا واري ٽرڙ ڏانهن آهي). پر مان سمجهان ٿو ته ڇوڙ واري علائقي ۾ هن کان به وڏيڪ پراڻا اجا ڀيا به ٽرڙ آهن. پورچوگيز ڇوڙ واري علائقي کان سورهين صديءَ ۾ واقف ٿيا هئا. اهي لاهريءَ کي ديول ۽ سنڌ Diul and Sindh يا ديول سنڌي سڏيندا هئا. پوئين دور ۾ انگريز لاهري کي ديول سنڌي سڏڻ لڳا هئا. فاريا واءِ سوزا Faria y Soza ايشيا تي لکيل پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته، ”ديول سنڌوءَ جي صفا اولاهين ڦاٽ تي آباد هو“ (اسٽيون جو ترجمو جلد II ص ۵۱۴) حقيقت اها آهي ته قديم ديبل جي مشهوريءَ جو سبب اهو آهي ته اهو هڪ واپاري بندر هو، ٻيو ته اتي هڪ تيرٿ جو آستان هو، جيڪو بندر نه هجڻ ۽ تباه ٿي وڃڻ جي باوجود دائم قائم رهيو. ڏيساور جا واپاري ڇوڙ جي ٻئي مشهور لاهري بندر کي ديبل جي مشهور نالي سان سڏڻ لڳا. جڏهن ڇوڙ جي الهندي پاسي ٺٽي جو شهر وجود ۾ آيو، ته ان کي به ان مشهور بندر جي نالي پٺيان ديبل سڏڻ لڳا. پر اسان کي اها ثابتي ڪانه ٿي ملي، ته سنڌين ڪڏهن به ٺٽي کي ديبل سڏيو آهي، توڙي جو هتان جي هڪ ڏيهي مورخ بي پرواهي ڪري پنهنجي تاريخ ۾ لکي به ڇڏيو آهي ته ”ديبل، ٺٽو آهي“. ٺٽي شهر جا رهاڪو به هن خيال جا ڪونه آهن ته ٺٽو ڪو ديبل آهي. مان ٺٽي جي هڪ سيد کان پڇيو هو ته ديول ڪٿي آهي؟ ته هن ويچار ڪري مونکي ٻڌايو ته هن پاڻ به ديول کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ گهٽي جٺ ۽ جاڪوڙ کان پوءِ ڪيس اهو پتو پئجي ڪونه سگهيو ته ديبل ڪهڙي جاءِ تي هو. جيڪڏهن هو ٺٽي کي ديبل سمجهي ها ته هڪدم وراڻي ڏئي ها ته ٺٽو ئي ديبل آهي.

(٦۵) سر ايچ اليٽ هن کي تنگامرا Tangamara ڪوني ٿو. پر ساڳئي وقت اهو به چوي ٿو ته هن لفظ جي پهرئين اکر ۾ ڪجهه مونجهارو آهي. منهنجي خيال ۾ ڪتاب ۾ ڏنل نالو بلڪل صحيح آهي مان به نڱامرا قبيلي بابت سنڌ ۾ ڪجهه به ڪونه ٻڌو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٦٦) ڏسندا ميجر ريورٽي جو طبقات ناصري جو ترجمو جلد I ص ٤٥٢. اوپر متعلق تاريخ تي ڪم ڪري ميجر ريورٽي ڪيرون لهڻي ٿو. قبول ڪرڻو پوي ٿو تہ هن ان تاريخ جو صحيح ترجمو ۽ ان تي تفصيل سان حاشيا لکي ان دور تي وڏ ۾ وڏ روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر هن ضميما نہ لکي، اسان کي ڪجھ نا اميد ڪري وڌو آهي.

(٦٧) ايضاً - ڏسندا ص ص ٢٩٥ - ٢٩٤ تي لکيل حاشيا.

(٦٨) اهو بہ امڪان آهي تہ جلال الدين خوارزم شاھ جي ڏينهن وارو ديبل بہ اصلي ديبل هجي، پر ڪو ٻيو بندر هجي، جنهن کي هن مشهور بندر جي نالي پٺيان سڏيو ويو هجي. ويچارڻ جوڳي هيءَ حقيقت بہ آهي تہ البيروني ٻارهين صديءَ جي اڳياڙيءَ ۾ پنهنجي تاريخ لکي هئي. پر ان ۾ ديول جو ذڪر موجود ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. ان جي جاءِ تي لوهاراڻيءَ کي ڇوڙ جي علائقي جو بندر ٻڌائي ٿو.

(٦٩) ديبل بندر جو بنياد ڪهڙي زماني ۾ رکيو ويو، تنهن جو پتو پئجي ڪونہ ٿو سگهي. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ سنڌ جي راءِ گهراڻي جي شروعات وقت هن بندر کي موجود ڏسجي ٿو. اليٽ (هسٽري جلد I ص ص ١٣٨ ۽ ٤٠٧) هن خاندان جي شروعات جو دور ٤٩٥ع ٻڌائي ٿو. هن بندر بابت ستين صديءَ عيسوي جي چيني پيڙائتن کي ڄاڻ هئي. سر، ايچ يول Yule "ڪئٿي ائنڊ دي وي دِدر" Cathay and the way thither جلد-I- Ixx viii ۾ لکيو آهي تہ، چين جي تاريخ، ستين ۽ ائين عيسوي صدي جي ٿانگ Thang گهراڻي جو ذڪر ڪندي ٻڌايو آهي، تہ چين جي تاريخ پيڙائت ڪٿن ڪان سڙھ سنباهي هاڪاريندا وچي فرات درياھ تائين پهتا هئا." سري لنڪا جي ڇوڏاري ڦري پنهنجي هاڪارڻ وارو رستو ٻڌائيندي لکن ٿا تہ هو اتر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرف هلندا هلندا وڃي تيو Tiyu يا ڊيو Diu تائين پهتا هئا. هو وڏيڪ ٻڌائين ٿا ته،" هو وڏيڪ ڏهه ڏينهن سفر ڪري ۽ پنج ننڍڙيون بادشاهيون اڪري پٺي تيو Tiyu وٽ وڃي پهتا هئا، جيڪو وڏي ميلان Milan يا سنتو Sintu جي ڪناري سان آباد هو. معلوم ائين ٿئي ٿو ته هي ٿي ديبل هو، جيڪو مهراڻ يا سنڌوءَ جي ڪنار سان وسندڙ هو.

(٧٠) اهو سوال ضرور پيچي سگهجي ٿو ته جڏهن سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ تائين ان ڦاٽ جو نالو ساگر هو ته پوءِ ٽالمي ان کي ساگر بدران لوڻي ٻاري ڇو لکيو آهي؟ ان جي امڪاني سمجهاڻي هيءَ ٿي سگهي ٿي ته ايرندو سنڌ ساگر وارو وهڪرو ڪڇ رڻ وٽ پهچي پنهنجو نالو وڃائي ڇڏيندو هو يا لوڻيءَ سان ملي ويندو هو، جيڪو لکپت کان ٿوري پنڌ تي اتران وهي سمنڊ ۾ وڃي ڇوڙ ڪندو هو. هن ٿاڪ کان وٺي ويندي ڇوڙ ڪرڻ تائين پاڻيءَ جي هن وهڪري کي لوڻي ٻاري چيو ويندو هوندو. سڪندر هن وهڪري وسيلي تڪڙو تڪڙو هاڪاريندو وڃي سمنڊ تائين پهتو هو، تنهن ڪري ڪيس مذڪوره وهڪري جي صحيح ڄاڻ ملي ڪانه سگهي هئي ۽ سندس دور جي مورخن به ايڏانهن خاص ڌيان ڪونه ڏنو هو.

(٧١) "ڪشتي در الفس ڪه آن را سندساگر گويند مي بردند" Kushti dar alfs kih anra sind sagar goyand mi burdand." متئين فارسي حوالي جو سراليٽ ("هسٽري" جلد I ص ١٥٧) ترجمو هن ريت ڪيو آهي ، "ٻيڙيون ان ڦاٽ تائين ونديون هيون، جنهن کي سنڌ ساگر جي نالي سان سڏيو ويندو هو."

(٧٢) ديبل بندر تي گهيرو ڪندڙ فوجون عراق مان سمنڊ رستي آيون هيون. پر ديبل کان متي درياهه ۾ هاڪارڻ واسطي سمنڊ ۾

خان ڪوٺايوهو. (تاريخ سنڌ - سما دور - مرتب غلام محمد لاکو ص ٨٦) امڪان آهي ته اهو وهڪرو اڳ ۾ ڪنهن ڦاٽ جو پراڻو پيٽ هجي، جنهن کي دولهه درياهه خان کوٽائي صاف ڪرائي واهه جي صورت ڏني هجي. ان واهه جي ضرورت تڏهن ٿي هوندي، جڏهن سنڌو نئي ڪان گهٽو اوير طرف سرڪي ويو هوندو ۽ پاڻيءَ جي آبپاشي ۽ پيئڻ جي ضروتن کي پوري ڪرڻ لاءِ مذڪوره انتظام ڪيو ويو هوندو. حالتن مان معلوم ٿئي ٿو ته خان واهه نئي ڪان اتر- اوير، درياهه مان ڪوٺي نئي آندو ويو هو. پر هو ختم ڪاٿي ٿيو ٿي؟ تنهن جو ڪو پتو ڪونه آهي. انڊس ڊيلٽا ڪنٽريءَ جو مصنف اسان کي ٻڌائي ٿو ته اهو وهڪرو بگهاڙ ڦاٽ سان ڪکر ٻڪيرا وٽ ملندو هو. واهه جي ڏکهائي ايتري گهٽي آهي جو ڪوڏر ۽ انساني پورهئي لاءِ هيءَ ڳالهه چئڻ مشڪل نظر اچي ٿي . انڪري سمجهه ۾ اچي ٿو ان واهه جو هيٺيون ڀاڱو ڪنهن پراڻي ڦاٽ جو پيٽ هو.

(٧٤) جيڪڏهن پراڻو وهڪرو اڃا به پوري ريت وهي رهيو هو ته سندس فوج ديبل کان ٿورو مٿي هلي وري پار اڪري هوندي. پر اهڙيءَ حقيقت جو ڪٿي به ذڪر ڪونه آهي. هن سڄي جنگي مهم دوران سنڌي بادشاهه ۽ سندس فوج جو وڏو حصو سنڌوءَ جي اوير پاسي موجود هو. عربن جي فوجي مهندار آخري ۽ فيصلہ ڪن جنگ ڪرڻ کان اڳ ۾ نيرون ۽ سيوهڻ جا قلعا فتح ڪري پنهنجي فوج جي پٺِ واري حصي کي محفوظ رکڻ پئي چاهيو. تنهن ڪري ان لاءِ سنڌوءَ جو ساڄو ڪنارو وٺڻ ضروري ٿي پيو هو.

(9) حقيقت مان معلوم ائين ٿئي ٿو ته نيرون حيدرآباد جي ماڳن وٽ ڪونہ هو. ڇاڪاڻ ته حيدرآباد وارا ماڳ نصرپور واري سنڌوءَ جي وهڪري کان ويهارو ميل اولهہ آهن ۽ حيدرآباد ۽ نصرپور جي وچ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميل صفا اوپر هلڻو پوندو. ٽيهہ چاليهہ ميل وڪڙ ڪري مسافر آخر نيرون وٽي ڪهڙي ڪمر واسطي سوبہ پاٽي ڪوهين ڏور. گنجي ڏونگر گام جي زيارت لاءِ تہ اڙيو ٽڙيو ياتري ايڏانهن ويندو هوندو، باقي منصوره ويندڙ مسافر نيرون يا حيدرآباد ڇو وڃي. عرب جاگرافيدانن مان هڪڙن ديبل کان نيرون ۽ ڏينهن ۽ ٻين ٽن ڏينهن جي پنڌ تي ٻڌايو آهي (ڏسندا ابن خردازبہ، مسعودي، اصطخري ۽ ابن حوقل جا حوالا). حقيقت حال مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو فاصلو اڄ جي چاليهن ۽ سٺ ملين جي وچ تي هجڻ گهرجي. ٻئي پاسي پاڻ مصنف ٻڌائي ٿو تہ نيرون ڪوٽ ۽ سيوهڻ جي وچ تي هڪ سو ويهن ميلن جو پنڌ آهي، پر هاڻوڪي فاصلي موجب اهو سيوهڻ کان فقط اسي ميلن جي فاصلي تي آهي. منهنجي خيال ۾ نيرون ٻن ڏينهن جي فاصلي مطابق ديبل کان پنجيتاليهہ ميل اتر ۽ سيوهڻ کان فاصلي مطابق موجوده حيدرآباد کان ٽيهہ پنجتيهہ ميل ڏکڻ اوپر هجڻ کپي.

سيوهڻ کان نيرون ۽ ديبل کان نيرون واري فاصلي جي وچ تي ۽ ديبل ۽ منصوره جي طرفن کي ۽ ان دور جي درياهي وهڪري کي ڏيان ۾ رکي ان ايراضي کي نيرون لاءِ جاچڻو پوندو. ٻي اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ سنڌ ۾ اهڙو پراڻو قلعو آهي ئي ڪونہ، جيڪو پاڻيءَ جي سهوليت کان ارڙهن ويهہ ميل پري هجي، جهڙيءَ ريت نيرون ڪوٽ لاءِ چيو وڃي ٿو. حيدرآباد وارو قلعو بہ قليلي وهڪري ڪري تعمير ڪيو ويو هو، جيڪو ١٧٥٨ع کان اڳي اتي موجود ڪونہ هو. ان کان سواءِ ٻيو بہ هڪڙو اهم تاريخي حوالو اسان جي سامهون اچي ٿو تہ محمد بن قاسم جڏهن ٻڌيہ جي علائقي ۾ پهتو هو تہ حجاج طرفان وٽس حڪم پهتو هو تہ هو نيرون موٽي اچي ۽ درياهہ اڪري وڃي راءِ ڏاهر سان مقابلو ڪري. جيڪڏهن نيرون حيدرآباد آهي ۽ ڪيس اتان درياهہ اڪرڻ جو حڪم ٿيو هو تہ پوءِ هو اتانئي درياهہ اڪريو هوندو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن حبدرآباد نيرون آهي، ته هن ٽن خاص ڳالهين ڪري سامهون درياهہ ڪونہ اڪريو هوندو نيرون (حيدرآباد) وٽان اوپر طرف درياهہ اڪرڻ سان سنڌ جي مرڪزي حصي ۾ وڃي پهچي ها. جيڪو برهمڻ آباد ۽ راوڙ جي وچ تي هو ۽ فوجي نقطہ نگاهہ کان اهم هو. ٻي ڳالهہ تہ راوڙ تائين پهچڻ واسطي سنڌوءَ جي ڦاٽن ۽ چاڙهن ۾ وڃي ڦاسي ها ۽ ان سان گڏ سنڌي فوج جي مزاحمت جو بہ خطرو هو. چاڪاڻ تہ ان وقت سنڌوءَ ۾ چاڙهہ اچي ويو هو. ٽين ڳالهہ اها بہ آهي تہ محمد بن قاسم جا حليف جٽ، ٻٽي يا موکي پٽ وسائي وارو علائقو هتان کان ۽ راوڙ کان بہ گهٽو ڏکڻ طرف هو. جتي ڏاهر رهيل هو. جيڪڏهن نيرون (حيدرآباد کان) ٽيهہ ميل هيٺ وڃي درياهہ اڪري، تہ بہ موجوده ٺٽي کان اتر وڃي سندس پار اڪرڻ وارو ڻاڪ بيهندو. محمد بن قاسم ٻيڙين جي جنهن پل تان اڪريو هو، تن جو بندوبست موکي پٽ وسائي ڪيو هو. ڪيس اها مجال ڪيئن ٿي هوندي جو راوڙ کان ستر اسي ميل مٿي پنهنجا ٻيڙا ڪاهي وڃي محمد بن قاسم کي پل ٺاهڻ لاءِ ڏئي. چاڪاڻ تہ ڏاهر پاڻ راوڙ ۾ موجود هو تنهنڪري مناسب ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ هن نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) وٽان درياهہ ڪونہ اڪريو هوندو ۽ اهو نيرون ڪوٽ حيدرآباد کان گهٽو ڏکڻ اوپر طرف واقع هوندو. ان ڪانسواءِ ائين ڪرڻ سان پوئين دور وارا فتح باغ ۽ جوڻ وارا اهم علائقا عرب فوج ۽ راجا ڏاهر جي وچ تي اچي وڃن ٿا جيڪا ڳالهہ پڻ عرب فوج لاءِ مفيد ڪانہ هئي.

(٧٥) هن علائقي ۾ سال جي هڪ اهڙي رت بہ هوندي آهي جو ٿورن هزارن تي مشتمل هڪ فوج واسطي پاڻيءَ جي اٿاٿ محسوس ڪئي ويندي آهي. پر عرب لشڪر ان موسم ۾ پيش قدمي شروع ڪئي، جڏهن وسڪارو شروع ٿي ويو هو ۽ مذڪوره ڪوهستان واري علائقي ۾ تليون ۽ ترايون پاڻيءَ سان ٻُر لڳيون پيون هيون. سنہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴۱ - ۱۸۱۴ع ۾ سياري جو برطانيہ جي ڊرئگون ريجيمنٽ Dragoon Regiment بہ هن علائقي مان سولائيءَ سان سفر ڪري پار پئي هئي.

(٧٦) هتي ڪتاب ۾ ڪجهہ مونجهارو نظر اچي ٿو. خاص طور وهڪري جي نالي ۾ ڪجهہ ڳڙ ٻڙ ٿي وئي آهي. سر ايچ- اليٽ وٽ جيڪو نسخو آهي ان ۾ "جوئي سند و راول" لکيل آهي. انڊيا آفيس واري نقشي ۾ "جوئي سند در اول"جا لفظ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پوري پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ اهو اشارو مذڪوره وهڪري ڏانهن آهي. اهو وهڪرو اڙل وارو ٿي آهي، جيڪو سيوهڻ جو اتر ۽ اوپر وارو پاسو ڏئي ڦري اچي ٿو ۽ اڙل ڪي عربي صورتخطيءَ مطابق "راول" ۽ "دراول" ڪري لکيو ويو آهي. گهڻو ڪري اهو نالو سنڌ اڙل آهي، جيڪو پهريائين سنڌ راول جي هجي ۾ لکيو ويو هوندو. ريگستان وارو علائقو اهو آهي، جيڪو سيوهڻ کان ڏکڻ پاسي پکڙيو پيو آهي ۽ هلندو وڃي لکيءَ جي ٽڪراٽي علائقي سان ملي ٿو. چوماسي واري ٻوڏ مان مطلب درياهہ جو ساليانو عام رواجي چاڙهہ آهي، جيڪو ساوڻيءَ جي رت ۾ ايندو آهي، جنهن مان اهو مطلب هرويرو وٺڻ نہ گهرجي تہ ڪي مينهن پيا هئا. معلوم ايئن ٿئي ٿو تہ اهو جولاءِ يا آگسٽ جو مهينو هوندو. هن موسم دوران سنڌ ۾ ڪن ٿورن ڏينهن لاءِ مينهن وسندو آهي.

(٧٧) اصطخري ۽ ابن حوقل جا ڏنل نقشا، جيڪي ذري گهٽ هڪ جهڙا آهن، تن ۾ سوِستان يا سندوساڻ سنڌوءَ جي ڪناري سان واقع ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ابن حوقل پنهنجي ڪتاب ۾ اهڙي زبان استعمال ڪئي آهي، جنهن مان پڻ ائين لڳي ٿو تہ سوستان سنڌوءَ جي ڪناري سان واقع هو. ٻنهي جاگرافيدانن ان علائقي جا احوال سنڌ جي فتح کان بہ سو پنجاهہ سال پوءِ جا ڏنا آهن. ان وقت تائين سنڌو گهڻو الهندي

آهل سرڪي ويو هوندو. جيڪڏهن اهي پنهنجي لکتن ۾ صحيح آهن، تہ محمد بن قاسم جي حملي وقت سيوهڻ کان درياءَ ائن ميلن کان وڌيڪ پري ڪونہ هوندو.

(10) ڪاڪاراج قلعو تہ هوندو پر اهو ٻڌيہ علائقي جي راجڌاني هو، اتان جو حاڪم سرڪونڊ پٽ پنڊرڪو پڪو هو. ان علائقي ۾ سويس نالي هڪ قلعو هو، جنهن تي چچ وڃي حملو ڪيو. قلعي جي حاڪم وڪيي پٽ ڪاڪي سندس آڻ مڃي (چچ نامو سنڌي ايڊيشن ص ۵۳ مخدوم امير احمد) سوستان جي قلعي جي گورنر جو نالو متو هو. هن پوري تياري ڪري چچ سان مقابلو ڪيو. پر شڪست کائي ڀڄي وڃي قلعي ۾ پناهہ ورتي. راءِ چچ اڳتي وڌي وڃي قلعي کي گهيرو ڪيو، جيڪو هفتو کن هلمہ . قلعي وارا عاجز ٿي پيا ۽ امان گهريائون. (چچ نامو سنڌي ايڊيشن ص ۵۴) مترجم .

(۷۸) اهو سنڌوءَ جي اولهہ پاسي وارو شڪارپور علائقي جو ڪَڪڙ وارو پرڳڻو ٿي سگهي ٿو. تاريخي شاهدين مان معلوم ائين ٿئي ٿو تہ ان جو ڪجهہ حصو ڏکڻ ڌانهن اڳتي وڌي وڃي منڇر سان لڳندو هو. ابن حوقل ان کي منصوره کان پندرهن ڏينهن جي پنڌ تي ٻڌائي ٿو. مان سمجهان ٿو تہ اها ڪاتِبَس غلطي ٿي وئي آهي. ڇاڪاڻ تہ ان فاصلي جي حساب سان ٻڌيہ سنڌ جي حدن مان ٻاهر نڪري وڃي، ديره جات واري علائقي ۾ ٻيهندو. چچ نامي ۾ اصطخري جي بيانن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو سيوهڻ کان اتر ۾ گهٽو پري ڪونہ هو. عرب جاگرافيدان هنکي بدا Bada سڏيندا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*ﭘڏيہ جو علائقو سيوهڻ جي پرڳڻي سان دنگئي ضرور هو، پر ان جي اترين سرحد گهٽو پري هئي. موجوده دور وارا لاڙڪاڻو ۽ جيڪب آباد بہ ان جي حدن اندر واقع هئا. قندابيل يا گنداوا جو شهر ان جي دنگ تي واقع هو. يا ائين ڪٿي چئجي تہ اهو ﭘڏيہ جو مکيہ تجارتي شهرن مان هڪ هو. (چچ نامو سنڌي ايڊيشن ص ۴۰۳) امڪان آهي، ديره جات وارو علائقو بہ ان ۾ شامل هو. ( مترجم).

(۷۹) گهٽو ڪري اهو جهانگارا جو مشهور شهر آهي، جيڪو سيوهڻ کان تيرهن ميل کن اولهہ طرف ۾ اترئين جابلو علائقي جي ڪڇ ۾ آهي.

(۸۰) هو ڏاهر جو سوٽ ۽ مکيہ ماڻهو هو.

*نڌا يا نڏان (11) جو علائقو اروڙ ۾ ملتان جي وچ تي هوندو هو. جتان جا ﭘن ڪونهڻ وارا اٺ مشهور هوندا هئا، جن کي ڪرها ڪري چيو ويندو هو. قزويني بہ انهن اٺن جو ذڪر ڪيو آهي (ڏسو مهراڻ آف سنڌ ـ ريورٽي) (مترجم.)

(۸۱) موجوده دور ۾ جولاءِ ۾ آگسٽ وارن مهينن ۾ فوج سان هن جوءِ منجهان پار ڪرڻ ممڪن ڪونہ آهي. هتي اسان کي اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ تڏهن منڇر ڍنڍ ۾ پاڻي تمام گهٽو هو ۽ الهندي ناري واري علائقي ۾ ٻوڏ واري صورت حال هئي. پر پوءِ بہ عرب فوج اڳتي پيش قدمي ڪندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان جو سبب اهو آهي تہ ائين صدي عيسويءَ ۾ سنڌو موجوده دور واري وهڪري کان گهٽو اوير تي وهي رهيو هو. سنڌ جو اولهہ وارو ڀاڱو اڄ واري زماني کان وڌيڪ خشڪ ۽ ويران هو. پر ڪڏهن ڪڏهن سنڌو اٿل ڪري قديم سيوستان ۾ ﭘڏيہ جي علائقي کي ٻوڙي ڇڏيندو هو.

(۸۲) مان بهطلور Bhatlor ۾ سالوج Saloj جي ٿاڪن کي سڃاڻي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ سگهيو آهيان. قنداٻيل (گهٽو ڪري گنداوا جا ترڙ آهن) ڪيڪانان جو مکيہ شهر هو . ڪڇيءَ جو موجوده علائقو ويندي سنڌو درياهہ تائين بہ ان ۾ شامل هو. پڌيہ جو علائقو اتر ڏانهن ڪيڪانان تائين پکڙيل هو. ڪيڪانان جو شين سنگ بہ ذڪر ڪيو آهي، جنهن کي هن ڪيڪانا Kika-na لکيو آهي. هو لکي ٿو تہ اهو علائقو گهوڙن ڪري گهٽو مشهور آهي ۽ اهو علائقو هر دور ۾ پلن گهوڙن ڪان گهٽو مشهور رهيو آهي. وقت جا خليفا بہ ڪيڪاني نسل جي پلن گهوڙن سان پنهنجي ڪڙهين جي سونهن وڌائيندا هئا.

(٨٣) جڏهن سندس چاچي حجاج بن يوسف محمد بن قاسم کي سنڌ جي جنگي مهم جو مهندار ڪري موڪليو هو تہ سندس عمر سترهن سال هئي. حجاج ڪان پوءِ جڏهن سندس دشمن عراق جو والي ٿيو ۽ محمد بن قاسم کي سزا طور واپس گهرايو، تہ ان وقت سندس عمر ايڪيهہ يا ٻاويهہ سال مس هوندي.

(12) محمد بن قاسم لاءِ ڪيترين ئي جڙتو ڳالهيون لکيون ويون آهن ۽ انهن مان هڪ ڳالهہ سندس عمر بابت بہ آهي. جڏهن حجاج بن يوسف کيس سنڌ تي حملي ڪندڙ فوج جو مهندار مقرر ڪيو تہ هو سڌو عراق مان ڪونہ آيو، پر قيتبہ ۽ مغيره سان گڏ ڪاشغر ۽ منگوليا طرف اسلامي لشڪر سان گڏ پنهنجي تلوار جا جوهر ڏيکاري رهيو هو ۽ اتان حجاج بن يوسف جي حڪم سان شيراز پهتو ۽ بعد ۾ ساموندي ۽ خشڪيءَ جو لشڪر ساڻ ڪري سنہ ٩٣ هجريءَ جي محرم مهيني ۾ اچي ديبل سامهون پهتو. سنڌ جي فتح ڪان پوءِ سنہ ٩٥ هجري ۾ خليفہ سليمان بن عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ کيس معزول ڪيو ويو. تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن سان گڏ حرم ڪونہ هو. تميم بن زيد عتبي ڪان پوءِ خليفہ هشام بن عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ حڪم بن عوانہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي سنڌ جو گورنر مقر ڪيو ويو تہ محمد بن قاسم جو پٽ عمر ساڻس گڏ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جنيد کي ١٠٥هہ ۾ گورنر مقرر ڪيو ويو هو. هو طاقتور عملدار هو، تنهن ڪري هن جي گورنري لاءِ پنج سال عرصو مقرر ڪري سگهجي ٿو. تميم جي دور ۾ سنڌ عربن خلاف اٿي کڙي ٿي هئي. هو حالتن کان مايوس ٿي وٺي ڀڳو هو ۽ کيس ماءُ الجواميس وٽ سنڌي باغين قتل ڪري ڇڏيو. سندس گورنري جي عرصي جو تعين فقط هڪ سال ڪري سگهجي ٿو. ڪانئس پوءِ حڪم بن عوانہ کي گورنر مقرر ڪيو ويو. جيڪو ٿلهي ليکي ١١١هہ يا ١١٢هہ ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هن دور جي مقرر ڪيل گورنرن جا سال تاريخن ۾ ڇاٽايل ڪونہ آهن، فقط جنيد جو پتو آهي تہ هو ١٠٥هہ ۾ گورنر ٿي آيو هو. جڏهن حڪم بن عوانہ سنڌ پهتو هو، تہ بغاوت جي باهہ پوري چوٽ تي هئي. تڙيل پکڙيل عربن کي خطري ۾ ڏسي، هن کين ميڙي چونڊي هڪ هنڌ ڪٺو ڪيو ۽ هڪ وستي جوڙائي، جنهن جو نالو هن محفوظہ رکيو هو ۽ عربن کي اتي آباد ڪيو ويو هو. هن خطرناڪ حالتن ۾ عمرو بن محمد بن قاسم ڪچيءَ عمر ۾ سنڌ نہ آيو هوندو ۽ ان وقت سندس عمر گهٽ ۾ گهٽ پنجويهہ يا ٽيهہ سال هوندي. انهن حقيقتن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌ تي حملي ڪرڻ وقت محمد بن قاسم جي عمر سترهن سالن کان گهٽ مٿي هوندي. ٻيو تہ محمد بن قاسم جو پيءُ (قاسم ۽ حجاج پاڻ ۾ سوٽ هئا يائر نہ هئا. (ڏسندا چچ نامون ص ٣٤٠) مترجم.

(٨٤) "موج" سوستان پرسان ڪا وسندي هوندي، جتي ٻڌن جو وهار ۽ ڪوٽ هوندو.

(٨٥) بلاذريءَ جو بيان آهي تہ ان زماني ۾ ڍل جي اوڳاڙيءَ واسطي جٽ مقرر ڪيا ويا هئا. پر چچ نامو هن ڳالهہ بابت خاموش آهي. اڳتي هلي چچ نامي مان غربي يا الهندي پاسي وارن جٽن جي ڄاڻ پوي ٿي،

جيڪي عربن سان ڪنهن عهدنامي تحت پٽ تي ڏاهر سان جهيڙن ٿا. هي متي ڏنل پنهي بيانن کان مختلف حقيقت آهي. اليٽ پنهنجي ترجمي (هسٽري ـ جلد I ص ١٦٧) ۾ هن غربي جتن کي ”غزني“ جا جت لکي ويو آهي. ڇاڪاڻ ته هن لفظ ۾ نقطن جي هيٺ مٿي ٿي وڃڻ ڪري غربيءَ مان غزني ٿي وڃڻ جا امڪان آهن: هن ڪتاب ۾ حملہ آور فوج کي عرب لشڪر ڪري لکيو ويو آهي، پر حقيقت اها آهي ته اهو لشڪر مختلف قومن تي مشتمل هو. جڏهن هن فوج شيراز مان پيش قدمي جي شروعات ڪئي هئي ته منجهس ٻارهن هزار ماڻهو شامل هئا. جن مان ڇهن هزارن جو واسطو شام سان هو. ڇاڪاڻ ته حجاج بن يوسف کي عراقي عربن ۾ ڪنهن به قسم جو اعتماد ڪونه هو ۽ سندس خاص گذارش تي شام جي سٺن گهراڻن مان فوجي جوان ڪنيا ويا هئا. ديبل جي فتح کان پوءِ لاڙ جا سنڌي به ان عرب فوج ۾ شامل ڪيا ويا هئا. ان کان پوءِ به چار هزار ماڻهو سيوهڻ مان به ڀرتي ڪيا ويا هئا. جڏهن عرب فوج سنڌو اڪري اوپر طرف آئي هئي، ته ان ۾ ٻيٽ جا ٺڪر به اچي شامل ٿيا هئا. ان علائقي جو هاٿي پتو پنجي ڪونہ ٿو سگهي، پر معلوم ائين ٿئي ٿو ته سنڌوءَ جي ڪاٻي ڪناري سان هو. سنڌوءَ جي اولهہ طرف وارن علائقن جي فتح ٿيڻ کان پوءِ محمد بن قاسم انتظام لاءِ پنهنجي فوج اتي ضرور وهاري هوندي. ان ڪري فوج جي انگ ۾ ضرور ڪوٽ اچي وئي هوندي. بلاذري جو بيان آهي ته محمد بن قاسم ديبل ۾ چار هزار فوجي ترسايا هئا ۽ سنڌوءَ جي اولهہ طرف وارن علائقن جي فتح کان پوءِ انهن کي وري جنگ واسطي ضرور گهرايو هوندو.

(13) عرب فوج جڏهن ٻڌيہ واري علائقي ۾ موجود هئي ته ان بابت چچ نامي مان اهڙو حوالو ڪونہ ٿو ملي، ته محمد بن قاسم ڪو فوجي جٿو انهيءَ مقصد سان موڪليو هجي ته جيئن الور مٿان ڪرڙي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالرحمان، محمد بن قاسم ۽ سندس گهراڻي جي ٻين ماڻهن کي ڇيچلائي مارايو هو. حجاج ۷۱۴ع ۾ وفات ڪري ويو هو. صالح بن عبدالرحمٰن پنهنجي ڀاءُ جو حجاج بن يوسف کان ان طريقي سان وير ورتو.

(۸۹) هن موضوع تي رايل ايشياٽڪ سوسائٽي (جلد xvi ڀاڱي -۲) جي جرنل ۾ هڪ ننڍو مقالو پڙهندا. بلاذري جو بيان آهي ته منصوره جو بنياد سنڌجي فاتح جي پٽ عمرو سنه ۷۳۰-۴۰ع ڌاران رکيو هو، جڏهن محمد بن قاسم کي سنه ۷۱۵-۱٦ع ۾ قتل ڪيو ويو هوندو ته سندس پٽ عمرو جوان ڪونه هوندو ۽ ان هلندڙ ڌماڪي جي پڄاڻيءَ تائين ٻه ننڍو هوندو. هن معاملي ۾ مسعودي ۽ ادريسي وڌيڪ صحيح معلوم ٿين ٿا. سندن ويچار آهي ته منصوره جو بنياد عباسي خليفه المنصور جي دور خلافت جي اڪياڙيءَ ڌاران رکيو ويو هوندو جيڪو سنه ۷۵۳-۵۴ع ۾ تخت تي ويٺو هو.

(۹۰) منحاتار بابت اصطخريءَ ڪجهه به ڪونه لکيو آهي. ابن حوقل ۽ الادريسي هن شهر کي منجاباري ڪري لکيو آهي.

(14) درياهن جا وهڪرا ڪاٿي غير فطري به محسوس ٿيندا آهن، انهن جو پهريون مثال بياس جو وهڪرو آهي. هونءَ ته فطري قانون موجب درياهه الهندي ڏانهن سرڪندا رهيا آهن. پر بياس غير فطري طور اوير ڏانهن سرڪي وڃي ستلج سان ملي هئي ۽ ٻنهي درياهن جي گڏيل وهڪري کي گهلوءَ جو گهارو سڏيو ويندو هو. ٻيو مثال سنڌوءَ جي بيگاري چاڙهه هئي. جيڪا ڪشمور هيٺان مڪيه وهڪري کان ڇڇي وڃي بلوچستان جو پٽ وارو علائقو پسائيندي هئي. هاڻي ان جي جاءِ تي پٽ فيڊر آهي، جيڪو بيگاري جيان ڏکڻ ڏانهن وهڻ بدران اتر ڏانهن وهندو آهي. ٽيون مثال اهو آهي پر ستاويهن ڊگرين جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويڪرائي ڦاڪ جي برابر اچي هاڪڙي ۾ سنڌوءَ جي پاڻي ڏڪڻ اوڀر ڏانهن رخ اختيار ڪيو آهي. گوني، ڪنڪرو پراڻ ۾ سير وارا وهڪرا ان جي ثابتي آهن. وري ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ جي شروعات ۾ سنڌو اوڀر ڏکڻ وارو نصرپور پرسان وهندڙ وهڪرو هڪدم ڇڏي، اولهه ڏکڻ مُنهن ڪري حيدرآباد جو اولاهيون پاسو وٺي وهڻ شروع ڪيو، سو به تعجبَ کان خالي ڪونه آهي (مترجم).

(۹۱) خليج جي معنيٰ هترادو ڪوٽيل واهه يا ذرياه جي فطري ڇاڙهه آهي. جيڪڏهن هڪ ڪان وڌيڪ دريائي ڇاڙهن جو ذڪر آهي، ته خليج جو مطلب هڪڙو تمام ننڍڙو وهڪرو ٿيندو.

(۹۲) رايل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي جرنل ۾، مان منصوره ۾ برهمڻ آباد جي چوڌاري ڦيرو ڏئي وهندڙ خليج بابت لکيو آهي: ته اهو وهڪرو، ڪلري واري ماڳ کان گهٽو هيٺ لوهاٽي درياه کان ڇڄي ڌارٿيندو هو، جنهن بابت ڪتاب ۾ اشارو به ڏنو ويو آهي ۽ اهو ماڳ ڪالرو Kalro شهر جي پرسان آهي. مونکي معلوم ته ائين ٿئي ٿو ته اهو جڻ ڪو گهاڙ واه آهي. پر مان هن ڳالهه تي ڳت پڌي بيهڻ ڪونه ٿو چاهيان. ڪلريءَ کان وٺي منصوره تائين هن وهڪري جي ڊيگهه ٽيهن ميلن کان گهٽ ڪانه ٿيندي ۽ هيءَ حقيقت مون واري خيال گهاڙ واهه خلاف وڃي ٿي. ان ڪري مان هن ويچارڻ لاءِ مجبور آهيان، ته درياه جي اها هڪ فطري ڇاڙهه آهي، پر گهاڙ واهه نه آهي.

(۹۳) هيءَ نالو ڪجهه دلچسپ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. منهنجي خيال ۾ مسٽر برٽن ڪاٽي ان جو ذڪر ڪيو آهي، ته مسلمان جنهن درگاه کي لال شهباز قلندر ڏانهن منسوب ڪندا آهن، سا راجا ڀرتريءَ سان واسطو رکي ٿي، جنهن جو اصلي نالو ڀرتري هري Bhartari Hari آهي. هو مهاراجا وڪرماجيت جو ڀاءُ ۽ سنياسي هو ۽ عيسوي سن کان هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صدي اڳ واري دور سان واسطو رکي ٿو. ڪرنل ٽاڊ پنهنجي ڪتاب "راجستان" (جلد I ص ٧٧٦) ۾ لکي ٿو ته هو ڪجهه وقت لاءِ سنڌوءَ جي ڪناري سان آباد سيوهڻ ۾ وڃي رهيو هو. هن درويش صفت ماڻهوءَ جي مشهوري اتر هندستان جيان سڄيءَ سنڌ ۾ پکڙجي وئي هوندي. نالي جي هجي برطري ڪري لکي وئي آهي ۽ "ط" جو اکر سنڪرت جي "ت" اکر کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو آهي، جيڪو ڀرتري هري ۾ موجود آهي.

*سنڌ غزنوي دور کان گهڻو اڳ، عباسي خلافت کان الڳ ٿي آزاد ٿي وئي هئي. ڏسندا عبدالغني عبدالله جي تاريخ ص ١٣ جنهن ۾ سندس بيان آهي ته سنه ٢٥٦هه ۽ ٨٧٠ع ڌاران سنڌ بغاوت ڪري آزاد ٿي وئي هئي. ان جو سبب اهو هو ته هارون رشيد جي خلافت کان پوءِ هن گهراڻي ۾ گهرو سازش ڪاهي پئي. سنڌ جي آزاديءَ لاءِ بغاوتون چوٽ تي هيون جيڪي سنڌ جي فتح ٿيڻ شرط شروع ٿي ويون هيون ۽ ٻيو ڳالهه هئي يمني ۽ نزاري نسل وچ ۾ جهيڙو (مترجم)

(16) محمود غزنويءَ جو دور ڏهين صدي عيسوي جي پڇاڙي کان هلي ، يارهين صديءَ جي اڳياڙيءَ تي ختم ٿيو. هو پنهنجي پيءُ سبڪتگين جي وفات کان پوءِ سنه٣٨٧هه ۾ بلخ ۾ تخت تي ويٺو. پنهنجي حياتيءَ ۾ هن خراسان، خوارزم، طبرستان، عراق نيمروز فارس، غور ۽ هندستان جا علائقا فتح ڪيا. محمود به پنهنجي ڀاءُ اسماعيل کي قيد ڪري ۽ آخر ۾ قتل ڪرائي تخت تي ويٺو هو، جيڪو الپتگين بادشاه جي ڌيءُ مان سبڪتگين جو پٽ، محمود جو وڏو ڀاءُ ۽ تخت جو حقي دعويدار هو. اورنگزيب به پنهنجن وڏن ڀائن قتل ڪري تخت تي ويٺو هو. ان زماني ۾ خلافت تي القادر بالله عباسي مسند نشين هو. سندس وفات کان پوءِ جيئن اورنگزيب جي پٽن ۾ تخت تي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويڙهاند شروع ٿي، تيئن هن جي پٽن، محمد ۽ مسعود جي وچ ۾ جهيڙو شروع ٿيو. مسعود، پنهنجي پيءُ محمد جون اکيون ڪڍرايون ته ان بدلي ۾ ڪيس ٻه ٻڪيءَ تلوار جو ٻڪ ٻڌڻو پيو. مسعود کان پوءِ سندس پٽ مودودتخت تي ويٺو. پر سندس تخت ترڪ سردارن جو محتاج ٿي ويو هو. ڏسندا طبقات ناصري اردو ص۴۱۹۱ کان ۴۲۰) تاريخ مان پتو پوي ٿو ته سنڌ ان کان گهڻو وقت اڳ آجپو ۽ سوراج ماڻي پنهنجو مرڪز قائم ڪري ورتو هو. ٽين صدي هجري (۲٦٨ـ ۲۹۰ ) ۾ يعقوب ۽ عمرو صفاري اهڙي طاقت ورتي جو خليفي سان گڏ خطبن ۾ سندن نالو ورتو ويندو هو. (طبقات ناصري اردو ص ۳۵۸ـ تاريخ سنڌ عبدالغني عبدالله ص ص ۵ ۽ ٦) ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ پنهنجي تصنيف "سنڌ"ص ۲۳۴ ۾ لکي ٿو ته يعقوب صفاريءَ خود بغداد تي به حملو ڪيو. ان زماني ۾ عباسي خليفه موفق باالله خلافت تي مسند نشين هو. ان کان پوءِ قرمطين جو نالو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جن سنه ۲۹۰هه خليفه مقتدر بالله عباسي جي ڏينهن ۾ شام تي ۳۱۱ هه ۾، بصري ۽ ڪوفي تي ۽۳۱۷هه ۾مڪه معظمه تي حملو ڪيو. ڪعبة الله شريف ۾ هزارين مسلمانن جو ڪوس ڪري ڪعبة الله ڊاهي حجر اسود ڪڻي ويا. وقت جو عباسي خليفو سامهون ٿيڻ جي سگهه ۽ ست ساري ڪونه سگهيو نيٺ سنه ۳۱۹هه ۾ خود خليفي مقتدر بالله کي وٺي قيد ڪيائون. سنڌين پنهنجي آزادي واسطي "سيوهڻ بغاوت" جي روپ ۾ پهرين شروعات ان وقت ڪئي هئي، جنهن وقت محمد قاسم اجا راوڙ ئي فتح ڪونه ڪيو هو. جيڪا اڳتي هلي سومرن جي حڪومت جي شڪل ۾ ظاهر ٿي. محمود غزنوي جڏهن سومنات فتح ڪري منصوره کان لنگهيو هو ته خفيف سومرو اتان جو حڪمران هو. معلوم ٿئي ٿو ته سنه ۳۷۵ع کان پوءِ سنت ئي سومرا منصوره تي قبضو ڪري ويا. (ڏسندا تاريخ سنڌ اعجازالحق قدوسي ص ص ۳۲۲ ـ ۳۲۱) بکر جي اهميت


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناصرالدين قباچہ جي وقت (سنہ ٦٠٧هہ - ١١-١٢١٠ع) ۾ وڌي. پر ان دور ۾ سنڌ جي سياست جو اصلي مرڪز محمدطور هو. جيڪو منصوره تي سومرن جي قبضي ڪرڻ ڪان صدي سوا اڳ سنڌن سگهہ جو سرچشمو هو. جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ وري سما دور ۾ ٺٽي کي عظمت ڪانہ ملي ها. جيڪو پنهنجي دور جو اصفهان اڌ جهان هو. اهو شهر محمدطور جي پرسان ۽ سندس اصلي جانيشن هو. بکر جي وقتي مرڪزيت هڪ حادثو هئي.

تاريخي طور تي اهو غلط آهي تہ سومرن يارهين صدي عيسويءَ جي اڌ ڪان پوءِ پنهنجو راڄ قائم ڪري ورتو هو. هن ڪتاب (انڊس ڊيلٽا ڪنٽري - جنرل هئگ) جي ص ٧٣ تي هڪ حوالو آهي تہ "سنڌ جي لاڙ وارو ڀاڱو جيڪو مسلمانن جي مرڪز ڪان گهٽو پري هو (ٿي سگهي ٿو تہ اهو ٿر واري پاسي هجي) ان جي اهميت بہ ڪانہ هئي. ان ڪري مذڪوره علائقي کي گهٽي وقت ڪان وٺي هڪ قسم جي آزادي حاصل هئي. ان علائقي ۾ سومرن جو هڪ ڏيهي قبيلو آباد هو. جنهن يارهين صديءَ جي وچ ڌاران پنهنجي آزاد حڪومت قائم ڪري ورتي." معلوم ائين ٿئي ٿو تہ اهو لاڙ واري حصي ۾ ٿر وارو واريابو پاسو آهي، جنهن ۾ اپت جا وسيلا گهٽ هوندا هئا ۽ عربن اوڏانهن واجهائي بہ ڪونہ ڏٺو هوندو. تاريخ ريگستان صفحي ٤٧ تي حوالو آهي تہ "سنہ ٧١١ع ڪان وٺي ٿر ۾ سومرن راجپوتن جي حڪومت هئي." ڏسڻ ۾ اهو اچي ٿو تہ سنڌ ۾ عرب طاقت ڪمزور ٿيڻ سان ٿي سومرا قوت هڪ سياسي سگهہ بڻجي سنڌ ۾ پنهنجو راڄ قائم ڪري ورتو. ان لاءِ اسان کي عرب دور تي هڪ سرسري نظر وجهڻي پوندي.

سنہ ٩٥ هہ ۾ محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪئي هئي. پر اڃا هن حجاج بن يوسف جي حڪم مطابق راوڙ تي حملو ٿي ڪونہ ڪيو هو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ پنيان سيوهڻ ۾ بغاوت جو پڌو هڻائين. راوڙ ۾ ٽن ڏينهين ڪاڙهہ جي رت واري راجڌاني هئي ۽ راءِ ڏاهر اِتي ترسيل هو. ان ڪان سواءِ ٻي ڳالهہ اها بہ آهي تہ عربن ٽر وارو پاسو موريڪو فتح ٿي ڪونہ ڪيو هو، جنهن ۾ سنڌ جي سومرن جو نهايت ويڙهاڪ قبيلو آباد هو (ڏسندا تاريخ ريگستان مولف راءِ چند ص ۴۷) جنهن عربن جي ڪمزور ٿيڻ شرط اولهہ پرو سرڪي پراڻي بدين واري جوءِ ۾ پنهنجي سياسي سگهہ کي سهيڙيو. تنهن زماني ۾ اها جوءِ سنڌوءَ جي ڇوڙ واري هيٺين علائقي جو وچ هئي. ان سان گڏ اسان کي اها ڳالهہ بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا تاريخ سنڌ ۾ عبدالغني عبدالله چچ نامي جو حوالو ڏيندي ص ص ۲۷ – ۲۸ تي لکي آهي. لکي ٿو: تہ پنيور نالي هڪ ٻي رياست بہ هئي جنهن جو حڪمران هندو هو. مذڪوره رياست ميرپور ساڪري ۽ گهوڙا ٻاري جي تعلقن تي مشتمل هئي، جيڪا محمد بن قاسم کي جزيہ ڏيڻ سان قائم رهندي پئي آئي. جڏهن خليفي وليد بن عبدالملڪ ڪان پوءِ خليفي سليمان بن عبدالملڪ جو وارو آيو، تہ هن نہ رڳو محمد بن قاسم کي خلافت جي راجڌاني طلب ڪري قيد ۾ رکيو، پر موسيٰ بن نصير ۽ سندس فوجي جرنلن کي بہ عتاب هيٺ رکيو هو. سنڌ ۾ بغاوت جي پرندڙ باهہ پنيٽ ڪري هڪدم آزاه جي صورت اختيار ڪري ورتي. محمد بن قاسم اجا سنڌ ۾ هو جو يزيد بن ابي ڪبشہ سڪسڪي سنڌ جو گورنر ٿي آيو. اهو سنڌ جي وگوڙي حالتن تي ضابطو رکي ڪونہ سگهيو. هن ڪان پوءِ عامر بن عبدالله گورنر ٿي آيو، هيءُ سنڌ جي سياسي حالتن کي سنڀالي ڪونہ سگهيو. ان وقت ڏاران جئہ سينا پٽ راءِ ڏاهر، برهمڻ آباد تي قبضو ڪري ورتو. (ڏسندا تاريخ سنڌ ڀاڱو پهريو مولانا نور محمد ص ص ۳ ۽ ۴ بحوالہ يعقوبي - تاريخ سنڌ – اعجاز الحق ص ۲۳۷).

سنڌ جي حالتن کي نظر ۾ رکي حبيب بن مهلب کي سنڌ جو گورنر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقرر ڪيو. تاريخ جي پڙهندڙن کي خبر هوندي ته بني اميه دور ۾ مهلب خاندان وڏي اهميت رکي ٿو. هن گهراڻي جا گورنر تلوار جا ڌڻي اعلي منتظم رهيا آهن. وڳوڙي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ قدرت طرفان کين ڏات مليل هئي. ان زماني ۾ سندس ڀاءُ يزيد بن مهلب بصري جو حاڪم هو. حبيب بن مهلب بغاوت کي منهن ڏيڻ لاءِ فوج به اتائين پاڻ سان وٺي آيو هو، پر حالتن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته بغاوت جي باهه وسائڻ ۾ سندس تيز تلوار جو پاڻي ڪم اچي ڪونه سگهيو. ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ پنهنجي تصنيف "سنڌ" (ص ٢٠٦) ۾ لکيو آهي ته "ان ئي زماني ۾ جڻه سينا، پنهنجي پيءُ جي ملڪ جو وڏو حصو ۽ برهمڻ آباد جو شهر عربن کان فتح ڪري ورتو هو، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌوءَ جي اوڀر ڪناري وارو سنڌ جو سڄو حصو سندس قبضي هيٺ اچي ويو هو. اهي حالتون ڏسي سنڌ جا ٻيا راجائون به آزاديءَ جو اعلان ڪري چڪا هئا. (ڏسندا تاريخ سنڌ اعجاز الحق - ص ٢٣٧). هن کان پوءِ خليفه عمربن عبدالعزيز خلافت جي گاديءَ تي ويٺو. ان ئي زماني ۾ جڻه سينا مسلمان ٿيو ۽ پنهنجي خود مختيار رياست قائم ڪرڻ جو کيس اختيار مليو، جيڪا خلافت کي ساليانو ڏن ڀري ڏيندي هئي. سندس زماني ۾ عمرو بن مسلم باهلي گورنر هو. پر ٻئي طرف سنڌ ۾ ڪيترائي هندو راجا حڪومت ڪري رهيا هئا. (ڏسندا تاريخ سنڌ اعجاز الحق قدوسي ص ص ٢٣٨- ٢٣٩) مولوي نورمحمد پنهنجي ڪتاب تاريخ سنڌ ص ص ٧ ۽ ٨ تي بلاذريءَ جي حوالي سان لکيو آهي ته: عمربن عبدالعزيز جي زماني ۾ ير پاسي وارا ڪيترائي راجائون اسلام قبول ڪري چڪا هئا. جنهن مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته حضرت عمر بن عبدالعزيز جي زماني (٩٩هه کان ١٠١هه) ۾ سنڌ اندر ئي ڪيتريون سنڌي رياستون پيدا ٿي چڪيون هيون. هن پنهنجي زماني ۾ عمر بن مسلم باهلي کي سنڌ جو گورنر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري موڪليو. هن اتر سنڌ ۾ ڏکڻ پنجاب وارين سرحدن ۾ سرڪش راجائن تي حملا ڪيا هئا. جن آزاديءَ جو اعلان ڪيو هو (ڏسندا "تاريخ سنڌ" ڊاڪٽر ممتاز ص ٢٠٦)

هن مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته ان دور ۾ به سنڌ ۾ وڳوڙي حالتون هيون. هن ڪانپوءِ يزيدبن عبدالملڪ خلافت جي مسند تي ويٺو. هن پنهنجو سڄو وقت مهلبين سان ويڙهه ۾ گذاريو ۽ سنڌ ڏانهن ڌيان ڏئي ڪونه سگهيو. هن هلال بن اخوز کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو. يزيد بن عبدالملڪ کان پوءِ هشام بن عبدالملڪ سنه١٠٥ کان ١٢٥هه تائين خليفو رهيو. حالتن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ان وقت عربن ۾ وڏي پيماني تي لڏ پلاڻ جو عمل جاري ٿي چڪو هو، جنهن جي شروعات خليفي سليمان بن عبدالملڪ جي زماني ۾ ٿي چڪي هئي. سندس واضح حڪم هئا ته جيڪو عرب سنڌ مان لڏي ايندو، ته ان لاءِ عرب ۾ ڪائي به جاءِ ڪانه آهي. لڏ پلاڻ ۾ عربن لاءِ سنڌ ۾ نازڪ حالتن کي نظر ۾ رکي جنيد بن عبدالرحمٰن المري کي شوال ١٠٥ هه ۾ سنڌ جو گورنر ڪري موڪليو، هن سنڌ پهچڻ سان اول جئه سينا ۽ پوءِ ڪيرج جي راجا تي حملو ڪيو ۽ انهن راجائن جي به ڪتو ڪريو ڪٽي ڪڍي ڇڏيو، جن بغاوت ڪري پنهنجون آزاد رياستون قائم ڪري ورتيون هيون. هن کان پوءِ تميم بن زيد عتبي سنڌ جو گورنر ٿي آيو. جنيد جي سخت پاليسيءَ ڪري سنڌ ۾ بغاوت جي پيٽ جو ٻنو جيڪو مٿان ته خاموش نظر اچي رهيو، سو جنيد جي وڃڻ ڪري ڦٽي ڪري ڦاٽي پيو. حالتن جو اندازو ڪري هن وني پوئتي عراق ڏانهن ڀاڄ ڪئي. سنڌو درياهه اڪري ديبل پرسان هڪ ڍنڍ ماءِ الجواميس وٽ بيمار ٿي مري ويو. هي (بلاذري جو حوالو آهي). (ڏسندا تاريخ سنڌ مولانا نور محمد ص ص ٢٢-٢٣. تاريخ سنڌ اعجازالحق قدوسي ص ٢٤٥). تاريخ سنڌ مولانا ابو ظفر ندوي دارالمصنفين اعظم ڳڙهه. لکي ٿو ته هن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماءُ الجواميس وٽ سنڌي باغين قتل ڪري ڇڏيو. هن ڪان پوءِ حڪم بن عوانہ ڪلبي کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو، پر تميم جي زماني ۾ سنڌ جا اڪثر علائقا سنڌين جي هٿ اچي ويا هئا ۽ مسلمانن جي حڪومت مان نڪري چڪا هئا. جيڪي بلاذري جي زماني (٢٧٩هہ) تائين وري فتح ڪونہ ٿيا هئا. (تاريخ سنڌ اعجازالحق قدوسي ص ٢٤٧ تاريخ سنڌ مولوي نور محمد ص ٢٤ ـ ٢٥)

جڏهن حڪم بن عوانہ سنڌ پهتو هو تہ محمد بن قاسم جو پٽ عمرو بہ ساڻس گڏ هو. هن ڏٺو تہ سنڌ جي وڏي حصي ۾ بغاوت جي باهہ پڙڪيل هئي. هندو، جيڪي اڳ ۾ مسلمان ٿي ويا هئا، سي موٽي وري هندو ٿي رهيا هئا. ان ڪري عراقي ۽ شامي عرب جيڪي مختلف شهرن ۾ آباد هئا، سي خطرن ۾ وڪوڙجي ويا هئا. حڪم بن عوانہ پهريون ڪم اهو ڪيو تہ جيڪي عرب سنڌين جي وسندين ۾ آباد هئا ۽ ڪين قلي ٿيڻ جو خطرو هو، تن کي پارين پچين لڏائي هڪ هنڌ آباد ڪيو ۽ ان عرب وسنديءَ جو نالو محفوظہ رکيو ويو هو ۽ جنهن جو بنياد ١١٣هہ (٣٢ع ـ ٧٣١ع) ۾ رکيو ويو هو. (ڏسندا تاريخ سنڌ اعجاز الحق قدوسي ص ص ٢٤٨ ـ ٢٤٧) حڪم بن عوانہ سنڌين جي بغاوتن کي ختم ڪرڻ لاءِ نهن چوٽيءَ جا زور لاتا هئا. پر پوءِ بہ هو ڪامياب ٿي ڪونہ سگهيو هو ۽ سنڌين سان جنگ ڪندي سنہ ١٢١هہ (٧٣٨ع) ۾ ماريو ويو.(ڏسندا تاريخ سنڌ اعجاز الحق ص ٢٤٩ ـ بلاذري جي حوالي سان فتوح البلدان ص ٤٤٦). مولوي نور محمد پنهنجي ڪتاب تاريخ سنڌ ص ٢٧ تي يعقوبيءَ جي حوالي سان لکي ٿو تہ عرب گورنر حڪم بن عوانہ سنڌي فوجن سان وڙهندي مارجي ويو "(تاريخ سنڌ ممتاز پٺاڻ ص ٢٠٩) بنو اميہ دور جا هي بہ مکيہ گورنر هئا، جيڪي سنڌي ماڻهن هٿان مارجي ويا هئا، پر بغاوت جي پنيت پڙڪڻ ڪان بس ڪانہ ڪئي هئي. ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ بہ اهڙي حقيقت


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پنيرائي ڪندي پنهنجي ڪتاب"تاريخ سنڌ " (ص ٢٠٩) ۾ لکي ٿو، "عرب جن وسندين ۾ آباد هئا، تن کي سنڌي ڏکي پاهر ڪيدي رهيا هئا. حڪم بن عوانہ جڏهن سنڌ پهتو تہ ڏٺائين تہ سنڌ ۾ اهڙي ڪا جاءِ ڪانہ هئي، جتي عرب سر بچاءُ ڪري سگهن ۽ باغي سنڌين کان سر لڪائي سگهن. پوءِ هن سيني عرب قبيلن کي آڻي هڪ هنڌ آباد ڪيو. ان عرب وَسنديءَ جو نالو محفوظہ رکيو. جيڪو سنڌوءَ اپرندي ڪناري آباد هو" هن کان پوءِ عمرو بن محمد بن قاسم فاتح سنڌ جو پٽ سنڌ جو گورنر ٿيو. هن جو دور ڪارڪردگي کان خالي نظر اچي ٿو. پر جڏهن حڪم جو پانهن پيلي هو، تڏهن پنهنجي تيز تلوار جا خوب جوهر ڏيکاريا هئائين.

عمرو بن محمد بن قاسم جي دور ۾ خاص واقعو اهو ٿيو، جو جڏهن هو منصوره ۾ هو ۽ يزيد بن عرار سان ڪنهن گهوٽالي تي اٽڪيو بيٺو هو، تہ سنڌين مٿس حملو ڪري اچي منصوره تي گهيرو ڪيو هو، جيڪو مهينن تائين هليو. ان زماني ۾ عراق جو والي يوسف ثقفي هو. عمرو بن محمد بن قاسم سارو پيرائتو احوال ڏانهس لکي موڪليو، جنهن چار هزار فوج ڏانهس رواني ڪئي. ان فوج اچڻ کان پوءِ بہ سنڌين تي رات جو لکي حملو ڪيو ويو هو. (ڏسندا تاريخ سنڌ اعجاز الحق قدوسي ص ٢٥٠ ) مولوي نور محمد بہ پنهنجي ڪتاب تاريخ سنڌ جي ص ١٨ تي ساڳيو احوال ڏنو آهي. هنن حالتن مان معلوم ائين ٿئي ٿو تہ عرب پنهنجي قائم ڪيل راجڌاني منصوره ۽ پر واري شهر محفوظہ ۾ بہ محفوظ ڪونہ هئا. وليد بن يزيد بن عبدالملڪ جي زماني ۾ يزيد بن عرار کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن پر پاسي جي راجائن تي ارڙهن اٺويهہ حملا ڪيا. (تاريخ سنڌ اعجاز الحق - ص ٢٥١) - حالتن مان معلوم ائين ٿئي ٿو تہ عرب راجڌانيءَ جي چوڌير سنڌي ويڙهاڪ تلوارون اگهاڙيون ڪيو قري رهيا هيا ۽ منصوره جو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گورنر چتو ٿي پيو هو ۽ سنڌين کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيس پنهنجي گورنريءَ واري ٿوري عرصي ۾ ارڙهن حملا ڪرڻا پيا هئا. ان زماني ۾ بني اميہ گهراڻي جي پنهنجي رنڊڪي ۾ رولو پئجي ويو هو. جلدئي وليد کي قتل ڪيو ويو. هن جي جاءِ تي سندس ڀاءُ ابراهيم کي آندو ويو. ٽن چئن مهينن جي خلافت کان پوءِ هن بہ پنهنجي جان بچائي. ڪانئس پوءِ مروان العمار بن محمد خليفو ٿيو ۽ جلدئي پوءِ عباسي خلافت جو دور آيو. سڄيءَ بني اميہ دور ۾ اسان کي ڏسڻ ۾ ايندو تہ سنڌي باغين جون تلوارون هيٺ ڪونہ ٿيون. پڇاڙيءَ ۾ ته عربن جي گورنري فقط منصوره تائين محدود هئي ۽ چوڌاري سنڌي راجائن جون خود مختيار رياستون قائم ٿي چڪيون هيون، جيڪي وقت جي نزاڪت کي ڏسي خلافت جو ڏن بہ ڀريندا هوندا.

بني عباس جي خلافت ١٣٢هہ ۾ ابو العباس عبدالله بن سفاح سان شروع ٿي، جنهن مغلس عبدي کي سنڌ جو گورنر ڪري روانو ڪيو. هو منصور بن جمهور سان مقابلي ۾ مارجي ويو. ان کان پوءِ موسيٰ بن ڪعب تميمي آيو. هن جو سڄو دور منصور بن جمهور سان جنگيون ڪندي گذريو. موسي جي وڃڻ کان پوءِ سندس پٽ عيينہ گورنر ٿيو. پر هن عباسي خليفي ابو جعفر منصور جي خلاف بغاوت ڪئي، ان ڪري سنہ ١٤٢هہ ۾ عمر بن حفص عتڪيءَ کي سنڌ روانو ڪيو ويو. هن کان پوءِ هشام بن عمرو تغلبي روانو ڪيو ويو ۽ پوءِ معبد بن خليل، مصبح بن عمرو تعلبي آيا. ان زماني ۾ عرب ،يمني ۽ حجازي جي ٻن گروهن جي صورت ۾ وڙهي پاڻ ئي پنهنجون پاڙون پٽي رهيا هئا. ان کان پوءِ ليث بن ظريف، سالم يونسي طيفور بن عبدالله، جابر بن اشعث، سعيد بن مسلم، بشر بن داؤد مهلبي آيا.

هن گورنر جي زماني ۾ جڏهن حجازين اچي منصوره تي گهيرو ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ته هن سنڌي راجائن کان مدد ورتي، سندن مقابلو ڪيو ۽ حجازين کي ماري ميڄايو. (ڏسندا تاريخ سنڌ ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ ص ص ٢١٦ - ٢١٥) عباسي دور ۾ خليفي معتصم جيَ زماني ۾ (جنهن کي پنهنجي ترڪ پهريدارن قتل ڪري ڇڏيو) محمد بن الفضل ۽ سندس ڀاءُ ماهان سنڌ جي ڪڇ وارن علائقي تي قبضو ڪيو. اتان جي سنڌين پهريائين ماهان کي قتل ڪيو. پوءِ جڏهن محمد بن الفضل مٿن ڪاهي آيو ته ان کي قتل ڪري ڇڏيائون (ڏسو فتوح البلدان ص ٥١ تاريخ سنڌ ممتاز پٺاڻ ص ص ٢١٩ - ٢١٨) ۽ پوءِ موسي بن يحيٰ بر مڪي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. نظر ائين اچي ٿو ته خليفي هارون الرشيد (١٧٠هه ١٩٣هه کان پوءِ عباسي گهراڻو گهوٽالي جو شڪار ٿي ويو. خليفي امين (١٩٨ - ١٩٣) ۽ خليفي مامون (٢١٨هه - ١٩٨) ۾ جو ڦيتاڙو پيو ته ڪو به عباسي حڪمران اپڙي ۽ ايري ڪونه سگهيو. عباسي گهراڻي جو آخري خليفو ٦٤٠ (١٢٤٢ع) ۾ ٿيو، جنهن جو نالو معتصم باالله هو. ان وقت بغدادّ جي خليفي جي حڪمراني فقط بغداد جي آس پاس هئي. جڏهن چنگيز خان جي پوٽي ٦٥١هه ۾ بغداد تي حملو ڪيو ته ان زماني ۾ عباسي گهراڻي جو اهو نمڪندڙ ڏيئو به گل ٿي ويو. ڏسندا تاريخ سنڌ عبدالغني عبدالله ص ص ١٣، ١٤ ۽ ١٥) پر اسان کي سنه ٢٥٦هه کان ٢٩٠هه (٧٦٧ع کان ٩٠٤ع ) تائين صفاري خاندان ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن ۾ يعقوب ۽ عمروءَ جا نالا ڏسڻ ۾ اچن ٿا: پر اهي ڪڏهن به سنڌ ۾ ڪونه آيا. عبدالغني عبدالله پنهنجي ڪتاب تاريخ سنڌ ۾ ابن اثير ۽ ابن خلدون جي حوالي سان ص ٦ تي لکيو آهي ته ”عمروءَ جي وفات (٢٩هه) کان پوءِ جهڙيءَ ريت ٻيا ملڪ خود مختيار ٿي ويا، تهڙيءَ ريت سنڌ جون رياستون به وري خوُد مختيار ٿي ويون. هن حقيقت مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت صفارين جون ڏن پيرو رياستون گهٽيون هيون ، فقط عمر بن عبدالعزيز هباري جي هڪ

ڏاهي پٽ ڪري ڇڏيائون، حجر اسود پٽي ڪٽي هليا ويا، پر پوءِ به خليفو ڪجهه ڪونه ڪري سگهيو. سنه ٣١٩هه ۾ بغداد وڃي خود خليفي مقتدر کي قيد ڪيائون. حالتن مان ڏنو وڃي ته عباسي خليفا ٢٩٠هه کان گهٽو وقت اڳي ڪمزور ٿي چڪا هئا. تحفة الڪرام (ص ٦٢ سنڌي ترجمو) جو بيان آهي ته ” جڏهن بني اميه جا گورنر سنڌ تي حڪومت ڪري رهيا هئا، ته سنڌ جا ڪي بادشاه، ظاهري ڏيک لاءِ، وقت جي بادشاه جي اطاعت تي قائم هئا.“ عبدالغني عبدالله تاريخ سنڌ ص ١٣ تي لکيو آهي ته ”سنڌ ملڪ ٢٥٦هه (سنه ٨٧٠ع) ۾ بغداد جي خليفن کان صفا ڇڄي ويو هو.“

هن سان گڏ ٻي اهم ڳالهه اها به ڏسڻ ۾ اچي ٿي ته جتي ڪيچ مڪران ، قندابيل ۽ منصوره جي مسلمان گورنرن جا نالا ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ انهن علائقن کي مسلمان سياست جي چرپر ۾ هلندو ڦرندو ڏسجي ٿو، اتي سنڌ جي اهم علائقن جي گورنرن جا نالا نظر ڪونه ٿا اچن، اهي سيوهڻ ، ٻڌيه ۽ اروڙ آهن. سياسي ۽ معاشي طور تي سنڌن اهميت کان لنوائي ڪونه ٿو سگهجي . اروڙ واسطي عبدالغني عبدالله پنهنجي ڪتاب ”تاريخ سنڌ ص ٣٤ تي لکي ٿو ته : خليفي هشام بن عبدالملڪ (١٠٥هه کان ١٢٥هه) جي زماني ۾ جيئن خلافت جي سيني پرڳڻن ۾ بغاوتون ٿيون، تيئن سنڌ ۾ به بدنظمي ۽ بدانتظامي پيدا ٿي پئي ...سنڌ جو گورنر تميم گورنريءَ تان هٽ ڪٽي اروڙ ڇڏي هليو ويو. اهڙيءَ ريت اتان جا ٻيا ڪيترا عرب عملدار ۽ سردار نڪري هليا ويا ...... خليفي هشام جڏهن حڪم ڪري سنڌ جو گورنر ۽ عمر بن محمد بن قاسم کي سپهه سالار ڪري موڪليو، ته هن تخت ڳاهه پرسان اول محفوظه ۽ پوءِ منصوره جو شهر آباد ڪيو. انهن عملدارن ڪي رياستون خراج ۽ جزيه ڏيڻ سان قائم رکيون، جن مان اروڙ جي به هڪ رياست هئي. جيڪا جزيه ڏيڻ سان قائم رهجي وئي.“ يعني اروڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري رياست سنہ۱۰۵ھ کان پوءِ سنڌين جي قبضي هيٺ هئي" اهڙن علائقن ۾ ٻڌيہ بہ شامل آهي، جن ۾ عرب گورنرن جا نالا ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿا اچن. مذڪوره علائقي ۾ لاڙڪاڻي، شڪارپور، جيڪب آباد ضلعي ۽ سبي ۽ راڄڻ پور جا علائقا بہ شامل هئا. عرب دور ۾ ٻڌيہ جو سرسبز ۽ خوشحال خطو هو، پر ان دور ۾ هن علائقي جو نالو نظر ڪونہ ايندو. سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ اتي بہ سنڌي رياست قائم ٿي چڪي هئي.

سکر جي ويجهو درياهہ جي هڪ ٻيٽ تي خضر جي آستان پرسان مسجد ۾ هڪ ڪتبو لڳل آهي، جنهن ۾ سنہ ۳۴۱ھ لکيل آهي چيو ويندو آهي تہ هن دور جي لڳ ڀڳ درياهہ پنهنجو وهڪرو متائي بکر وٽان وهڻ لڳو هو. تاريخي حوالن مطابق ان زماني ۾ اروڙ تي راجا دلو راءِ جو راڄ هو. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ اهو سومرو هو.

سنڌ ۾ هباري دور جنهنجو مٿي ذڪر اچي چڪو آهي، تنهن جا ڪل هي حڪمران ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جهڙوڪ عمر بن عبدالعزيز، عبدالله. بن عمر بن عبدالعزيز، موسيٰ بن عمر، عمربن عبدالله، محمد بن عبدالله اهو دور صفاري خاندان جو همعصر آهي. سنڌن حڪمراني منصوره جي ٻاهر ٿائين مس هلندي هئي. جهڙيءَ ريت سليمان بن عبدالملڪ واري بني اميہ جي حڪمراني يا سٺين صدي هجري واري عباسي خلافت جنهنجو اثر بغداد کان ٻاهر ڪونہ هو، پر اهي سڏيا اميرالمومنين ويندا هئا. اهڙي ريت ارڙهين صديءَ جي پوئين اڌ ۽ اڻوهين صديءَ جي پهرئين اڌ جا مغل حڪمران بہ ان جو مثال آهن، جيڪي سڏيا تہ هندستان جا شهنشاه ويندا هئا، پر سندن حڪومت دهلي کان ٻاهر ڪانہ هوندي هئي. هباري خاندان منصوره جو حڪمران هو. پر تاريخي حقيقتن موجب ان کي سڄيءَ سنڌ جو حڪمران سڏي ڪونہ ٿو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهجي. اهڙيون حقيقتون مٿي بيان ٿي چڪيون آهن. تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي ته محمد بن قاسم تر تي حملو ڪونه ڪيو هو. جزيه ونئي محمد بن قاسم پنيوراء جي رياست جي خود مختياري تسليم ڪئي هئي. (ڏسندا تاريخ سنڌ عبدالغني عبدالله ص ٢٧). هشام بن عبدالملڪ جي زماني ۾ تميم کان پوءِ اروڙ جو ڪوبه عرب گورنر مقرر ڪونه ڪيو ويو هو ۽ جزيه وٺي هن سنڌي رياست کي قائم رهڻ ڏنو ويو هو. عربن جي تاريخن مطابق ٻڌيه جو عرب سياست ۾ ڪو به ڪردار نظر ڪونه ٿو اچي. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو علائقو به ڪنهن سنڌي راجا جي حڪمرانيءَ هيٺ هو.

سنڌ جي هن سياسي صورت حال مان اندازو ڪرڻ ڏکيو ڪونه ٿيندو ته سومرا سنڌ جي سياسي آسمان تي ڪهڙي سمي ايري آيا. تاريخ معصوميءَ جي حوالي موجب سلطان عبدالرشيد (٤٤١ - ٤٤٤هه) جي زماني ۾ سومرن ٿريءَ جي شهر ۾ گڏ ٿي سومر نالي هڪ شخص کي تخت تي ويهاريو هو. تحفة الڪرام (سنڌي ص ٩٣ - ٩٤) جو حوالو آهي ته بنو عباس جي گورنر آل تميم جي پوئين گورنر کان پوءِ سومرن جي گهٽائي ڏسي ، تاريخدانن جي هڪ ٽولي هن قوم جو زمانو انهيءَ وقت کان ليکيو آهي. بنو عباس جي خلافت جا به آل تميمي گورنر ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هڪ عيني بن موسي بن ڪعب ۽ ٻيو معبد بن خليل تميمي آهي. پهريون گورنر ابوجعفر منصور (١٣٦هه کان ١٥٨هه تائين) ۽ ٻيو خليفو مهدي (١٥٨هه کان ١٦٩هه تائين) جي زماني ۾ ٿيو. امڪان آهي ته سومرا هن دور ۾ مٿي ايري آيا هجن. ڊاڪٽر علامه داؤد پوٽو تاريخ معصوميءَ جي تعليقات (ص ٢٨٧ - ٢٨٦) لکي ٿو ته سومرن جي حڪومت، عباسي خليفي متوڪل جي وفات (٢٤٧هه) کان پوءِ شروع ٿي. تحفة الڪرام جو (ص ٩٢) بيان آهي ته سومرن جي بادشاهي پنج سو پنج سال هلي. سنڌ ۾ لکيل ٻي تاريخ بيگلارنامه جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ص ٩٢) بيان آهي تہ سومرن جي بادشاهي پنج سو سال هلي.

سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت جو خاتمو ان وقت آيو جڏهن ابن بطوطہ (٧٣٧هہ - ٣٤- ١٣٣٣ع) سنڌ ۾ آيو. ان دور ۾ همير سومري ۽ ڄام انڙ سمي جي وچ ۾ جنگ هلي رهي هئي. (ڏسندا مڪلي نامو ص ١٠٣ ۽ سفرنامہ ابن بطوط اردو ص ٢٢ - ٢٣) سومرن جي طاقت جي شروعاتي زماني تي نظر ڪرڻ واسطي اسان کي عباسي خلافت جي زوال کي بہ جاچي ڏسڻو پوندو.

تاريخي حقيقتن مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ عباسي خلافت جي سياسي سگهہ جو سر چشمو خراسان هو. ابو مسلم خراسانيءَ (مروزي) وڏو لشڪر ڪٺو ڪري، رمضان ١٢٩هہ عباسي خلافت واسطي بغاوت جو اعلان ڪيو. بنو اميہ طرفان مقرر ڪيل حاڪم نصر بن سيار، ابو مسلم جي مقابلي ڪان لنوائي نڪري هليو ويو (ڏسندا طبقات ناصري ص ٢٠٧). جڏهن عباسي حڪومت قائم ٿي تہ ابو مسلم خراسان ۾ وهي مشرقي ملڪن جا گورنر مقرر ڪندو هو ۽ انتظام سنڀاليندو هو. مغلس عبد ۽ موسيٰ بن ڪعب کي سنڌ جو گورنر بہ هن خراسان ۾ ويهي مقرر ڪيو هو. عينيہ بن موسيٰ بن ڪعب عباسي دور جو ٻهريون گورنر هو، جنهن عباسي خلافت جي خلاف بغاوت ڪئي "خليفہ منصور عباسي عينيہ جي بغاوت کي ختم ڪرڻ لاءِ عمر بن حصص کي روانو ڪيو (تاريخ سنڌ اعجاز الحق ص ٢٦٠). هن دور ۾ معلوم ٿئي ٿو تہ خراسان ۾ ڪابہ چڪتاڻ ڪانہ هئي، جنهن مان اسان بغداد جي عباسي خلافت جي تخت کي لڏندو لمندو محسوس ڪونہ ٿا ڪريون. باقي مقامي طور تي هن صورتحال مان سومرن کي مٿي ابري اچڻ جي وٿيءَ ملڻ جو ضرور وجهہ ملي ويو هوندو.

خليفي هارون الرشيد جي وفات کان پوءِ سندس پٽ امين تخت تي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وينو. هن جي سڄي ڄمار پنهنجي ڀاءُ مامون سان گهرو لڙائي ۾ گذري. (ڏسندا تاريخ سنڌ اعجاز الحق ٢٥٧ طبقات ص ٢١٩ ـ ٢١٨) خليفي امين پنهنجي ڀاءُ مامون سان گهرو جهيڙي ۾ ايترو رڌل رهيو، جو سنڌ ڏانهن توجه ڏئي ڪونه سگهيو. ان زماني ۾ علوين به خروج ڪيو. (طبقات ٢١٩ ـ ٢١٨). هن زماني ۾ خراسان جو حاڪم طاهرذاليمنين ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مامون عباسي پنهنجي ڀاءُ خلاف مدد حاصل ڪرڻ لاءِ اچي خراسان پهتو. امين بغداد مان علي عيسيٰ ماهان کي روانو ڪيو. هوڏانهن مامون مقابلي لاءِ طاهر کي موڪليو. جيڪو هن جنگ ۾ علي هٿان مارجي ويو. پوءِ هن بغداد پهچي امين کي گرفتار ڪيو ۽ آخر ۾ قتل ڪري ڇڏيو. چيو ويندو آهي ته امين کي طاهر جي غلام فردوس قتل ڪيو هو ۽ سومرن جي سياسي سگهه جي اوسر جو زمانو به اهو سمجهڻ گهرجي.

سومرن جي سياسي سگهه جي بئراميٽر کي هن ناتي به سان ڏسڻ کپي. سنه ٤١٦ هه ۾ جڏهن سلطان محمود سومنات کان موٽندي منصوره تي حملو ڪيو هو ته اتان جو حڪمران خفيف نالي هڪ سومرو هو. مولانا ابوظفر ندوي پنهنجي ڪتاب تاريخ سنڌ (ص ٢٧٤ ـ ٢٧٣) ڪامل ابن اثير جو حوالو ڏيندي لکيو آهي ته سنڌ جي هن سومري حڪمران وٽ تمام گهڻو لشڪر ۽ هاٿي به هئا. هن کان سواءِ ريورٽي جي ڪتاب ”مهراڻ آف“ سنڌ ۾ به هڪ تاريخي حقيقت اسان جي سامهون اچي ٿي ته سنڌي محمود غزنوي جي فوج سان ملتان تائين وڙهندا ويا. سنه ٤١٧هه ۾ محمود غزنويءَ سنڌ تي ٻيهر جوابي حملو ڪيو. پاٽيءَ جي ان جنگ ۾ محمود چار هزار ٻيڙيون آنديون. هن پاسي کان فوجي مهندار سلطان محمود غزنوي پاڻ هو. پر جنهن جوان سنڌ جي اٺن هزارن ٻيڙين جي ڪمان ڪئي، ان جو نالو تاريخ ۾ موجود ڪونه آهي. ”منهنجو خيال آهي ته اهو فوجي مهندار منصوره جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاه خفيف سومري جي ويجهن مان ڪو سومرو سردار هوندو، جنهن سلطان محمود سان سندرو ساهي ايڏو وڏو مقابلو ڪيو هوندو. اهڙو ساڳيو حوالو تاريخ سنڌ اعجاز الحق ص ص۳۲۲، ۳۲۳ ۽ ۳۲۴ تي موجود آهي. سلطان محمود تي مذڪوره حملو خود منصوره جي بادشاه خفيف سومري جي حڪم سان ٿيو هو.

مٿين حقيقتن مان معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت سومرا ملتان جي حدن تائين سڄيءَ سنڌ تي پنهنجو مستحڪم راڄ قائم ڪري چڪا هئا. ۽ سنڌن فوج ۾ هاٿي به شامل هئا. هڪ اندازي مطابق سومرن ٺر ۽ چوڙ واري علائقي تي مشتمل هڪ خود مختيار رياست قائم ڪري مٿي وڌڻ شروع ڪيو هو. ٻئي طرف بغداد جي عباسي خلافت جو سنڌ جي عربن سان واسطو هوريان هوريان ٽٽي رهيو هو. خليفي امين ۽ مامون جي وچ ۾ گهرو ويڙهه دوران خراسان جو طاهري خاندان اڳتي وڌي آيو هو. ان سان گڏ اسان ساماني خاندان کي ڪوڙيءَ ول جيان وڌندي ڏسون ٿا ۽ خليفي معتمد باالله (ولادت ۲۴۳) جي زماني ۾ سڄي ايراني سياست تي ڇانيل ڏسون ٿا. امير المؤمنين متقي باالله جي دور ۾ ديلمي امير بويه جو گهراڻو ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪي سڀ ايراني حڪمران هئا. سنه ۳۳۳هه تورون جي سرڪردگيءَ ۾ ترڪن هن خليفي جون اکيون ڪڍي، کيس بصارت کان محروم ڪيوهو، پر عرب ماٺ هئا. خليفي مطيع الله جي زماني ۾ عضد الدوله گهراڻو اچي ڪاري جو مالڪ هو. انهن سيني گهراڻن جو تعلق ايران سان هو، سنڌن سنڌ ۾ رهندڙ عربن سا ڪوبه رت جو رشتو ڪونه هو ۽ اڳي ايران، سنڌ ۽ خلافت جي وچ تي هڪ رابطو هوندو هو، جنهن جا حاڪم عرب هوندا هئا. هاڻي صورت حال تبديل ٿي وئي هئي. پهريون ته سنڌ اندر بغاوتن جو سلسلو ڳنڍيو آيو ۽ اهڙي خطري کي محسوس ڪري محفوظ ۽ منصوره جا شهر تعمير ڪيا ويا هئا. ٻي ڳالهه ته بغداد جا عباسي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خليفا ڪمزور هئا، جن کي ترڪ درباري ۽ پهريدار وٺندو هون، ته تخت تان لاهي ڇڏيندا هئا. وٺندو هون ته کين بصارت کان محروم ڪري ڇڏيندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن کين قتل ڪري ڇڏيندا هئا. ٽين اهم ڳالهه اها به هئي ته ايران وارو وچون رابطو به ايراني حاڪمن جي اچڻ ڪري ٽٽي ويو هو ۽ سنڌ وڳوڙي حالتن تي خليفي هارون الرشيد کان پوءِ ڌيان ڪونه ڏنو ويو. سنڌ جي سومرن، عباسين جي ڪمزوريءَ جو فائدو ورتو. اهو عرصو ٢١٨هه کان ٢٤٧هه تي سگهي ٿو، جيڪو عباسي خليفه مامون ۽ خليفي متوڪل علي الله جي وچ وارو زمانو هو ۽ سنڌين به اهو وجهه تاڙي سنڌ کي آزاد ڪرائي ورتو. آخر هو محمود غزنويءَ جي پوين ٽائين پوريون پهه صديون ماٺ ڪري ڇو ويهي رهن ها ۽ ان حساب سان سومرن جو دور حڪومت تحفة الڪرام جي بيان مطابق س سال بيهي ٿو (مترجم).

(17)تحفة الڪرام (سنڌي ـ ص ٩٨) اسان کي ٻڌائي ٿو ته سامره جا عرب هئا، جيڪي چوٿين صدي هجري ۾ هتي آيا هئا. دلوراءِ جو پاءُ ڇتو امرائي بغداد وڃي خليفه کان سيد علي موسوي جي سرڪردگيءَ هيٺ سامره جا هڪ سؤ عرب پاڻ سان وٺي آيو" پر اسان کي تاريخي حقيقتن مان معلوم ٿئي ٿو ته پهرين صديءَ هجريءَ جي ختم ٿيڻ سان ئي سنڌ ۾ عربن خلاف رد عمل شروع ٿي چڪو هو ۽ گهڻا عرب سنڌ ڇڏي هليا ويا هئا. اهو حال ڏسي خليفه سليمان بن عبدالملڪ هڪ فرمان جاري ڪيو هو ته ڪوبه عرب سنڌ خالي ڪري عرب ملڪ نه پهچي. (ڏسندا ـ سومرن جو دور ـ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ص ٢٣٩) پر پوءِ به عرب سنڌ مان پڇندا رهيا. اها حالت ڏسي خليفي هشام بن عبدالملڪ (١٠٥ـ ١٢٥هه ـ ٧٢٤ـ ٧٤١ع) پنهنجي دور خلافت ۾ جنيد کي سنڌ جو گورنر ڪري موڪليو ته ڪيئن به ڪري عربن کي سنڌ خالي ڪرڻ کان روڪي. ٽين صديءَ جي وچ ڌاران سنڌ جي لاڙ واري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصي ۾ سومرن جو تسلط قائم ٿيَ چڪو هو. ان وقت تائين شام ۾ خارجين جو ۽ مصر ۾ اسماعيلي فرقي جو زور وڌي رهيو هو ۽ هو سنڌ ۾ پنهنجا پير کوڙي چڪا هئا. چوٿين صدي ۾ قرمطين ڪوفي بصري کي تباه ڪري مڪي معظمہ کي قري لٽي پڙپانگ ڪري ڇڏيو هو. ان دور ۾ خليفن جي ترڪ غلامن کي ايتري طاقت هوندي هئي جو جنهن خليفي کي وٽندو هون، تہ انڌو ڪري ڇڏيندا هئا ۽ جنهن کي وڏدو هون تہ قتل ڪري ڇڏيندا هئا هو تہ پنهنجي جيئڻ ۾ آجرت (عاجز) هئا. سي ڇتي امرائي کي سامري جا هڪ سو عرب ڪيئن ڪيدي ڏين ها. اهي سؤ عرب پنهنجي پهري لاءِ چونہ تي رکيائون تہ کين ترڪن کان بچاءُ ملي پوي ها. ۽ اهي هڪ سو عرب وري هڪ سيد عليءَ جي همراهيءَ ۾! بني اميہ کان عباسي گهراڻو سيدن جو وڏيڪ رت پياڪ هو سو هڪ سيد جي همراهيءَ ۾ هڪ سو عرب ڪيئن موڪليندو. پر جيڪڏهن اهو قبول ڪجي تہ سيد جي ماتحت سامري جا هڪ سؤ عرب چوٿين صديءَ ۾ سنڌ آيا تہ اهو ممڪن ڪيئن ٿي سگهيو جو هنن سندس بيان موجب سلطان عبدالرشيد جي زماني ۾ ٤٣٦هہ ۽ ١٠٥٠ع ۾ انهن هڪ سؤ عربن ايترو غلبو حاصل ڪيو، جو ساموندي ڪناري کان وٺي اُچ تائين سڄيءَ سنڌ جا ٽن صدين تائين حڪمران رهيا، جڏهن تہ هنن کان وڌيڪ طاقتور عرب گهراڻا بنو ايمہ ۽ بنو عباس بئي گهراڻا سنڌ تي فقط هڪ سو ستيتاليهہ سال مس حڪمراني ڪري سگهيا: جيڪڏهن عباسي سيدن جا ايڏا عقيدتمند هئا، تہ پوءِ هنن سنڌ جي گورنر عمر بن حفص سان بدسلوڪي ڇو ڪئي هئي. مير معصوم بکري هن قبيلي جي اصل نسل تي خاص روشني ڪانہ وڌي آهي. سندس بيان آهي تہ سلطان محمود جي وفات کان پوءِ سلطان عبدالرشيد غزنوي جي زماني (٤٤١هہ - ١٠٥٠ع) ۾ سومرن جو قبيلو ٿريءَ جي شهر ۾ ڪٺو ٿيو ۽ هنن سومر نالي هڪ ماڻهوءَ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪومت جي پڳ ٻڌائي. بعد ۾ پاڙي جي زميندار صاد نالي هڪ شخص جي ڌيءَ سان شادي ڪيائين. جنهن مان ڪيس هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو ڀونگر رکيائين.

هن حقيقت مان اڻ سڌيءَ طور ٻه ڳالهيون واضح ٿين ٿيون. هڪ ته سومرن جو قبيلو"اصل نسل" سنڌي هو. ٻيو ته ان صاد نالي هڪ شخص جي ڌيءَ سان شادي ڪئي. نالي مان معلوم ٿئي ٿو صاد (سعد) عرب آهي. هن حقيقت مان محسوس ٿئي ٿو ته ان زماني ۾ عرب زميندارن جي حيثيت ۾ وچي رهيا هئا. سومرا سلطان عبدالرشيد جي دور ۾ نه، پر سلطان محمود غزنويءَ جي زماني ۾ ايترا طاقتور ٿي چڪا هئا، جو منصوره ڪان وٺي ملتان جي حدن تائين متس حملا ڪندا ويا هئا. اهڙو حوالو مٿي اچي چڪو آهي.

مولانا عبدالحليم شرور پنهنجي ڪتاب "تاريخ سنڌ" جي پهرئين جلد ۾ هن قبيلي کي يهودي سڏي ٿو، جيڪو سندس خيال موجب بعد ۾ مسلمان ٿيو. مير طاهر محمد نسيانيءَ سومرن کي هندو راجپوتن جي نک مان سمجهي ٿو. ڪاڪي ڀيرو مل پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي جي تاريخ (ص ٢٢٧) ۾ سومرن کي هندو راجپوت لکيو آهي. مرزا قليچ بيگ ( "قديم سنڌ" ص ٤١) سومرن کي هندو راجپوت سڏي ٿو، جيڪي بعد ۾ مسلمان ٿيا. انگريز مورخن مان ٽاڊ پنهنجي تصنيف "راجستان" ۾ لکي ٿو ته: سومرا هندو راجپوت آهن. ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا جلد ٣ ۾ لکيل آهي ته "سومرن راجپوتن سنڌ ۾ پنهنجي بادشاهي قائم ڪئي" هن ڪتاب انڊس ڊيلٽا ڪنٽري جي ص ٧٣ تي آهي ته سومرا ڏيهي نسل ۽ هندو آهن". سنڌ گزيٽيئر ص ١٧٩ تي لکيل آهي ته "سومرا پرمار راجپوتن مان آهن" سر هينري ايلٽ پنهنجي ڪتاب هسٽري آف انڊيا جلد I ص ٤٨٤ تي لکي ٿو ته سومرا اصل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندو هئا. عبدالغني عبدالله پنهنجي ڪتاب تاريخ سنڌ (ص ٧٥) ۾ لکيو آهي تہ سومرا عربي نسل قوم جا نہ آهن. ايبٽ جي ”تاريخ سنڌ“ ۾، ص ٨٩ جي حاشيہ ۾ لکيل آهي تہ سومرا قوم ڪڇ ڪاٺياواڙ، گجرات، سورٺ، مڪران ،ملتان ۽ بکر جا حڪمران رهيا آهن. ان ڪان سواءِ سندن نالا سومر، پونگر، ننگر، منگر، ڏونگر، دودو ۽ چنيسر پڌائن ٿا تہ سندن اصل نسل راجپوٽ آهي. ( مترجم)

(٩٤) رايل ايشياٽڪ سوسائٽي جي جرنل جلد xix ياڱي، تئين ۾ ” ابن بطوطہ ان سنڌ“ جي عنوان سان هن موضوع تي واضح نموني سان لکيو ويو آهي. هتان جي هڪ ڏيهي تاريخ بيگلار نامہ سمن جي اقتدار جو سال ٧٣٤هہ (٣۴-١٣٣٣ع) ڪري لکيو آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ هن مورخ کي ابن بطوطہ جي اچڻ جي خبر ڪانہ آهي.

(٩٥) پڙهندا. ساه ڪنگس” Sah kings“ جي عنوان سان سندس مقالي جي صفحي پڇتيهہ تي حاشيہ.

(٩٦) ڪئپٽن فلپس جيڪو هاڻي ميجر جنرل آهي، پنجيتهہ سال کن اڳ هن ترڙن تي بمبئي برانچ جي رايل ايشياٽڪ سوسائٽي جي جرنل ۾ سندس کي مضمون ڇپيا هئا. (اهو غلط آهي سومرا سنڌ جي سامونڊي ڪناري کان وٺي اُچ ۽ ملتان تائين سڄيءَ سنڌ جا حاڪم هيا) (مترجم.)

(18) ڪالاڪوٽ وارو قلعو مسلمان دور کان اڳ جو آهي، چاڪاڻ تہ قلعي جي چؤ يتيءَ اندر ڪالي ديويءَ جو مندر موجود آهي. جيڪڏهن اهو قلعو ڪنهن مسلمان بادشاه جي دور ۾ تعمير ڪيو وڃي ها، تہ هندن کي ڪهڙي مجال هئي، جو ڪالي ماتا جو مندر اچي قلعي ۾ اندر ٺاهين ها (مترجم).

(٩٧) ڪالا ڪوٽ جو بنياد تغلق جي دور کان گهٽو اڳي پيو هو .


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ معصوميءَ موجب هو سما گهراڻي جي سلطانن مان ٻارهون سلطان هو. ڪالاڪوٽ قلعي لاءِ چيو ويندو آهي تہ سما خاندا جي اقتدار ۾ اچڻ سان هن قلعي جو بنياد رکيو ويو هو. هن قلعي جا مختلف نالا جهڙوڪ ”ڪلان ڪوٽ“ يعني عظيم قلعو. ڪلياڻ ڪوٽ يعني سهڻو قلعو، اهي سڀ نالا انگريزن جا ڇاڻايل آهن ۽ ڏيهي ماڻهو اهڙن نالن کان بي خبر آهن.

(19) ٺٽي جو شهر سما خاندان جي اقتدار ۾ اچڻ کان گهڻو اڳي موجود هو. لب تاريخ (سنڌي ترجمو) جي ص ٦٠ تي هڪ حوالو موجود آهي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي، تہ ٺٽي شهر جو بنياد ڄام نظام الدين رکيو هو. تحفة الڪرام (ص ١٣٦) موجب هن سلطان ٩١٤هہ (١٥٠٨ع) ۾ وفات ڪئي. هو وڏيڪ ڇوي ٿو تہ سندس حڪمرانيءَ جو دور پنجاهہ سالن کان گهٽ ۽ ٽيتاليهن سالن کان مٿي آهي. هڪ اندازي مطابق هيءَ سلطان ٨٦٦هہ (٦١ ـ ١٤٦٠ع) ڌاران تخت تي ويٺو هوندو. اڳتي هلي سنڌ جو هي مورخ ٻڌائي ٿو تہ ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي ٩٠٠هہ (اٽڪل ٩٦ ـ ١٤٩٥ ڌاران) ٺٽي جي شهر جو بنياد رکيو (ص ٦٤ ـ ٣٦٣) پر حقيقت اها آهي تہ جڏهن سلطان محمد تغلق (٧٢٥ ـ ٧٥٢هہ) طغيءَ جو پيڇو ڪندي سنڌ تي حملو ڪيو هو تہ ٺٽو نہ فقط موجود هو، پر هڪ مضبوط قلعو بہ هو. خواجہ رشيدالدين فضل الله طيب، پنهنجي پٽ عزيز الدين ابراهيم حاڪم شيراز ڏانهن لکيل هڪ خط ۾ مغلن جي حوالن جو ذڪر ڪندي ٺٽي جو نالو ڪنيو آهي. خواجہ رشيد الدين کي سلطان خدا بندي ٧١٨هہ ۾ قتل ڪرايو هو. (مڪلي نامہ ص ٢١) امير خسروءَ (٦٥١ ـ ٧٢٥هہ) پنهنجو ديوان تحفة الاصغر ترتيب ڏنو هو، جنهن ۾ هن سورهن سالن کان اڻويهن سالن جي عمر تائين جيڪا پنهنجي شاعري ڪئي هئي، تنهن کي مرتب ڪري مٿيون نالو ڏنو هئائين جنهن ۾ سندس هڪ غزل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـرو چـوتـو، در اچ ودر تـتہ نبا شـد
گـل مـثـلِ رخ تـو ، البـتہ نبا شـد

جيڪڏهن هن غزل ناهڻ وقت امير خسروءَ جي عمر ١٩ سال هوندي تہ مذڪوره غزل ٦٧٠ هہ ڌاران ناهيو هوندائين. هن حقيقت مان اهومعلوم ٿئي ٿو تہ سنہ ٦٧٠ هہ ڌاران ٺٽي جي رونق، رنگيني، سونهن ۽ سيبتائي ايتري مشهور ٿي وئي هئي، جو دهليءَ وچي دنگ ڪيو هئائين ۽ وقت جا مشهور شاعر پنهنجي محبوب جي سونهن جي ڀيٽ ٺٽي جي سهڻن گلن ۽ سروقد سان ڏين ٿا. ان ڪري اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ ٺٽي جو شهر ٦٧٠هہ کان بہ پنجاهہ سٺ سال اڳ تعمير ٿي چڪو هوندو.

خان شهيد ولد سلطان غياث الدين بلبن ٦٦٨هہ ۾ ملتان جو گورنر ٿي آيو. ان جو ذڪر ڪندي تاريخ مبارڪ شاهيءَ (تاليف ٨٣٨هہ) ۾ لکيو آهي. از مالم تاحد جناتي اقطاع او داخل ملتان بود....... جناتي شصت ڪروه ارز تتہ پيشتر برسر درياه است " (مڪلي نامہ ص ٢١ تاريخ مبارڪ شاهي انگريزي ترجمو - ڪي - ڪي - باسو ص ٤٠).

مٿين تاريخي حوالن مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ ٺٽي جو بنياد ڄام نظام الدين جي دور کان گهٽ ۾ گهٽ بہ اڍائي صديون اڳ پيو هو. (مترجم)

(20) جيڪڏهن اها حقيقت آهي تہ لاهري بندر تي لاهور تان نالو پيو آهي تہ پوءِ ڪراچي کي لاهري بندر سڏيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ ڪراچي جي بندر تان گهڻو ڪري پنجاب جو تيار ٿيل مال چڙهندو آهي. اهڙيءَ طرح پٽالا ۽ ان کان پوءِ ديبل بندر بہ هئا. بمبئي بندر تان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صده بغاوت ڪئي هئي. تاريخ مبارڪ شاهي انگريزي (مترجم) طفيءَ باغيءَ کي ڄام خيرالدين پناه ڪانہ ڏني هئي، پر ڄام جوڻي ۽ ڄام بابيني پناه ڏني هئي، جيڪي پاڻ ۾ چاچا ڀائٽيا هئا. (مترجم)

(23) سلطان فيروز شاه اسپدار رجب جو پٽ هو ۽ اسپدار رجب سلطان غياث الدين تغلق جو ڀاءُ هو. ان رشتي موجب سلطان فيروز ۽ سلطان محمد تغلق پاڻ ۾ سوٽ هئا، پر هتي غلطيءَ وچان سلطان محمد تغلق کي سلطان فيروز جو چاچو سمجهيو ويو آهي. (ڏسندا تاريخ مبارڪ شاهي انگريزي ص ١٢١ - تاريخ فيروز شاهي اردو حصو اول - سراج عفيف ص ٣٥ (مترجم.)

(٩٩) اليٽ واري نسخي ۾ چار لک لکيل آهي. مان سمجهان ٿو تہ اها اتاري ڪرڻ واري جي غلطي آهي. * هن واقعي بابت تاريخ فيروز شاهيءَ جي مصنف سراج عفيف جو بيان آهي، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي. اسان ڪيس بنگال ۾ فقط هڪ جنگ دوران سلطان شمس الدين جا هڪ لک اسي هزار ماڻهو (مسلمان پائڻ) ڪسندا ڏسون ٿا. (ڏسو تاريخ فيروز شاهي سراج عفيف اردو ترجمو ص ٩۴ تاريخ مبارڪ شاهي انگريزي ترجمو ڪي ڪي باسو ص ١٢٩) تاريخي واقعن مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ دهليءَ جي سلطانن وٽ بنگالين ۽ سنڌي مسلمانن لاءِ ڪوبہ رحم ڪونہ هو. (مترجم)

(24) دولت آباد ۾ آباد اميران صده بغاوت ڪري دولت آباد جي گورنر مجدد الملڪ کي قتل ڪري اسماعيل ماخ کي دولت آباد جي تخت تي وهاريو. اها خبر جڏهن سلطان محمد تغلق کي پهتي تہ وڏو لشڪر ساڻ ڪري دولت آباد ڏانهن روانو ٿيو. سلطان اڃا دهليءَ کان پنجٽيهن ميلن تي پهتو تہ خبر پيس تہ گجرات ۾ اميران صده جي بغاوت کي ختم ڪرڻ لاءِ سلطان طرفان موڪليل احمد لاچين کي باغين گجرات ۾ قتل ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان سان گڏ عزيز خمار کي بہ ماري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيو اٿن. ڪيس دولت آباد مان اهي به خبرون پهتيون ته اسماعيل ماخ کي حسن ڪانگو ڏوڙائي علاوالدين جي لقب سان پاڻ تخت تي ويٺو آهي. دولت آباد جي انتظام رکڻ لاءِ عماد الملڪ کي روانو ڪيو ويو. پر ان کي حسن ڪانگو قتل ڪري ڇڏيو. هيڏانهن وري ڪيس طغي جي بغاوت جو پتو پيو، جنهن صوبيدار شيخ معزالدين کي قتل ڪري گجرات جي اميران صده کي پاڻ سان ملائي ورتو هو. سلطان اها خبر ٻڌڻ سان ڀڙوچ طرف روانو ٿيو، جتي طغي، کنيات جي عوام جو قتل عام ڪري آرام لاءِ ترسيو ويٺو هو. سلطان نهر والا پهتو ته خبر پيس ته طغي ڪڙه ۾ مقيم آهي. سلطان وسندي مينهن ۾ سفر ڪندو اساول روانو ٿيو ۽ ٽئين چوٿين ڏينهن وڃي ڪڙه پهتو. ٻنهي ڌرين ۾ جهيڙو لڳو. طغي اتان شڪست کائي گرنار جي راجا مهروپ وٽ پهتو. سلطان به سنڌس ڪڍ گرنار جو رخ ڪيو. گرنار جي راجا سلطان کان ڏجي طغي کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪيس اهڙي ڀاڳُور پئجي وئي. پوءِ هن اڳتي وڃي ٺٽي جي سمي کان سام گهري.

تاريخ ۾ به ٽي ڳالهيون اهڙيون آهن، جن تي ويچارڻو پوندو ته طغيءَ جي بغاوت ايڏي اهم ڇو هئي؟ جڏهن ته دولت آباد ۾ اميران صده دولت آباد جي گورنر مجدد الملڪ کي قتل ڪري ڇڏيو هو. اسماعيل ماخ کي دولت آباد جو بادشاه بنايو ويو. هو جنهن کي حسن ڪانگو ڏوڙائي پاڻ بادشاه ٿيو. انتظامي ڪاروائي لاءِ سلطان، عماد الملڪ کي لشڪر ڏئي روانو ڪيو ته ڪيس به قتل ڪيو ويو. طغي، اسماعيل ماخ ۽ حسن ڪانگو جهڙو ڏوهي ته ڪونه هو، جن سلطان طرفان مقرر ڪيل گورنر ۽ موڪليل سپهه سالار کي قتل ڪري، تاج سر تي رکي تخت تي ويهي بادشاه هجڻ جو دم هنيو هو. سلطان انهن سيني ڳالهين کي ڇڏي اتو ٻڌي جڻ طغيءَ جي ڪڍ لڳي ٿو پوي. ڪاوڙ سندس ڪنڌي تي ايتري چڙهيل آهي، جو وسندي مينهن ۾ به پيش


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قدمي ڪندو ٿو رهي. پر تاريخي واقعن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سلطان ۱۳۴۷ع جي اڳياڙيءَ ۾ گجرات پهتو هو. پر ان ۱۳۴۷ع وارو پورو سال، ۱۳۴۸ع وارو پورو سال ۱۳۴۹ع وارو پورو سال، ۱۳۵۰ وارو پورو سال ۽ ۱۳۵۱ وارو پورو سال ويندي آگسٽ سيپٽمبر تائين ڪٿي گذاريو.

جيتريقدر طغي تي حملي ڪرڻ جي اهميت جو سوال آهي تہ معلوم ائين ٿئي ٿو تہ سلطان محمد تغلق جو طغيءَ تي حملي ڪرڻ جو ايترو شوق ڪونہ هو، جيتري ڪيس ٺٽي تي حملي ڪرڻ جي نيت هئي. هن حقيقت کان پوريءَ ريت باخبر هو تہ طغي سنڌ کان سواءِ ڪٿي سر لڪائي ڪونہ سگهندو.

اسان کي ابن بطوطہ جي سفر نامي مان پتو پوي ٿو تہ جڏهن ابن بطوطہ سنہ ۷۳۷هہ ۳۴-۱۳۳۳ع ۾ سنڌ ۾ آيو هو تہ محمد شاه تغلق بہ ان وقت موجود هو ۽ ابن بطوطہ ان سان گڏجي گينڊي جو شڪار ڪيو هو (ڏسندا سفر نامہ ابن بطوطہ اردو - ص ۲۰) ان زماني ۾ سمن ۽ سومرن جي وچ ۾ جنگ هلي رهي هئي. سلطان محمد تغلق (۷۲۵هہ) جي زماني ۾ چام انڙ، سومرن جي حڪومت ختم ڪري ۳۴-۱۳۳۳ع سنڌ ۾ سمن جو راڄ قائم ڪيو. تاريخ سنڌ ۾ عبدالغني عبدالله جي حوالي موجب هن ساموئي (سانگر) مان وڏو لشڪر وٺي سيوهڻ تي ڪاهيو ۽ دهليءَ طرفان مقرر ڪيل گورنر ملڪ رتن کي قتل ڪري ڇڏيو (ص ۱۱۰) امڪان اهو آهي تہ سمن جي سگهہ کي ايرڻ کان روڪڻ لاءِ هن متا مونا هنيا هوندا، پر سوپارو ڪونہ ٿيو هوندو. ان پلاند وٺڻ لاءِ طغي کيس هڪ وجهہ فراهم ڪري ڏنو هو.

پي ڳالهہ تہ سلطان گجرات جي حدن ۾ ۱۳۴۷ع ۾ داخل ٿيو ۽ ٺٽي ۾ پنجين سال يعني ۱۳۵۱ع جي آگسٽ ۾ پهچي ٿو. جيڪڏهن في ڏينهن جي، ويهن ميلن واري سولي منزل ڪجي، تہ بہ اهو فاصلو هڪ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهيني جو بہ ڪونہ آهي. رستي ۾ طغي سان رکو پہ پيرا مقابلو ٿيو. سلطان نربدا جي ڪناري وٽان يوسف بغرا کي ٻہ هزار لشڪر ڏئي، طغي جي مقابلي لاءِ روانو ڪيو، جنهن ۾ يوسف مارجي ويو. تاريخي حوالن مطابق ٻيو مقابلو ڪڙهہ ۾ ٿيو، جنهن ۾ طغي هارائي ڀاڄ ڪئي. ان کان پوءِ طغي اڳ ۾ ئي سلطان محمد تغلق سندس ڪيڏ آهي. طغي تيز رفتاريءَ سان هلندو سنڌ جي حدن ۾ داخل ٿي ويجي ٿو ۽ سلطان نٽي جي حدن تي ٻيهي وڃي ٿو ۽ حملي ڪرڻ کان اڳ مري وڃي ٿو. سراج عفيف پنهنجي ڪتاب فيروز شاهي (ص ١٧٨) ۾ لکيو آهي تہ " سلطان محمد شاه تغلق پنهنجي جرار لشڪر سان سالها سال ڪوشش کان پوءِ بہ فتح ڪري ڪونہ سگهيو هو. " هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سلطان محمد شاه تغلق بيمار ٿيڻ کان اڳ ۾ نٽي تي حِملو ڪري چڪو هو. تاريخ فيروز شاهي (ضيا برني) جو هڪ واضح حوالو آهيَ تہ محمد شاه تغلق ١٣٤٨ع وارو چوماسو منڌل ۽ پاتري ۾ گذاريو. ١٣٤٩ س وارو چو ماسو هن گرنار ۾ گذاريوءِ ١٣٥٠ع وارو چوماسو گونڊل ۾گذاريو. منڌل ۽ پاتري جو ماڳ ڪڇ جي علائقي ۾ نٽي جي ويجهو آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ طغي ١٣٤٨ع ۾ سنڌ ۾ داخل ٿي چڪو هو، نہ تہ سلطان محمد تغلق هن کي پوئتي ڇڏي اڳ ۾ منڌل ۽ پاتري ڪونہ رَسي ها ۽ لازمي طور تي سندس ائين ڪيڏ لڳو آيو هوندو، جيئن پڙوچ کان لڳو آيو هو. نٽي تي حملي ڪرڻ ۽ شڪست کائڻ کان پوءِ هن وٽي گرنار ڏانهن منهن ڪيو ۽ اتان خداوند زاده، حرم، مخدوم صدرالدين ۽ وڏي فوج وٺي اچڻ لاءِ هن پنهنجو ماڻهو موڪليو (تاريخ فيروز شاهي - برني ص ٧٤٠) امڪان آهيَ تہ هن اتان خراسان جي حڪمران علي قليءَ ڏانهن مدد موڪلڻ لاءِ خط لکيو هجي، جنهن وزيراعظم قرغن جي پاءُ التون کي مغلن جو لشڪر ڏئي سلطان محمد تغلق جي مدد لاءِ سنڌ روانو ڪيو. نٽي جي هن حملي ۾ فيروز شاهہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد تغلق سان گڏ ڪونه هو. (ڏسندا تاريخ فيروز شاهي ص ص ٧٢٠ ۽٧٢٨) پر ڪيس پنهنجو قائم مقام بڻائي احمد اياز سان گڏ دهلي ڇڏي آيو هو. تاريخ جي حوالن مان اڻ سڌيءَ طور اهو معلوم ٿئي ٿو تہ سلطان محمد تغلق جي گهٽي وقت کان وٺي پتي نہ پوڻ ڪري دهليءَ جي هڪ بزرگ هستي نصيرالدين چراغ مخدوم عباسي، فيروز شاه کي دهلي سلطنت جو سلطان بنائي تخت ۽ تاج سندس حوالي ڪري ڇڏيا هئا. اهو ٻڌي سلطان محمد تغلق پنهي کي قيد ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم ڪيو. اهي ٻئي ان وقت پهتا، جڏهن سلطان محمد زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ مبتلا هو. (ڏسندا منتحب تاريخ ملا عبدالقادر انگريزي ص ٣٢٢) سلطان فيروز شاه تخت تي وهڻ کان پوءِ هانسي وارو سارو پرڳڻو مخدوم نصيرالدين کي ڏئي ڇڏيو (منتخب التواريخ انگريزي - ٣٢٣) تاريخي حقيقتن مان اسان کي اهو پتو ٿو پوي تہ سلطان محمد شاه جي حڪم سان دهليءَ جي جنهن لشڪر درياه پار اڪري ٺٽي تي حملو ڪيو هو، تنهن جي فتح ۽ شڪست جو ذڪر ڪونہ ٿو ملي. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ دهليءَ جي فوج کي سلطان محمد شاه جي زندگيءَ ۾ ئي شڪست ملي هئي، جنهن جا اهڃاڻ هي آهن:

ان زماني ۾ دستور هوندو هو تہ ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالهہ تي قطعہ تاريخ ضرور چيو ويندو هو. ان زماني ۾ قتلغ خان ديوگريءَ مان سلامتيءَ سان موٽي آيو تہ درباري شاعر بدر چاچ قطعہ تاريخ لکي دربار ۾ پيش ڪئي هئي. پر جڏهن سلطان محمد شاه پاڻ هن وڏيءَ بيماريءَ مان ڇُٽي ڇڙي اٿي ٿو تہ ڪنهن بہ شاعر قطعہ تاريخ ڪانہ چئي ۽ نہ وري ڪنهن قصيدو چيو. سمجهہ ۾ ائين اچي ٿو هو تہ بيماريءَ واري ڳالهہ جڙتو آهي. ڊاڪٽر مهدي حسين پنهنجي ڪتاب ( رائيز اينڊ فال آف محمد شاه تغلق ص ٢١٠ ۽ ٢٠٩) ۾ لکيو آهي تہ سلطان محمد شاه تغلق جو موت زهر سان ٿيو هو. امڪان اهو آهي تہ هن زهر ان وقت


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڏو هوندو جنهن وقت ڪيس پتو پيو هوندو ته نئي ڏانهن رواني ڪيل لشڪر کي سنڌ وارن شڪست ڏني آهي. ان ڪان سواءِ ۱۳۴۸ع ۾ منڊل پاتري پهچي وري گرنار جو موٽي ويو. اهڙيءَ ريت ۱۳۵۰ع ۾ نئي پهچي وري نريءَ ڏانهن چو هٽي ويو هو. اهڙي ساڳي برسات ته نريءَ ۾ به هوندي. طغيءَ جي ڪيڏ به پيش قدمي دوران مينهن وسائيندو آيو هو. تنهن ڪري مينهن جو سبب ڏئي سلطان محمد تغلق کي واپس موٽائڻ تاريخي واڌاءُ آهي. ٻي ڳالهه ته جڏهن دهلي ڪان نڪتو هو ته ساٿس گڏ لشڪر هو. ته پوءِ هن گونڊل ۾ ويهي، مشائخ، عالم، امرا، سوار ۽ پيادل فوج گهرائي ورتي. ملتان، اچ، ديبال پور ۽ سوستان مان ٻيڙيون گهرايون. لشڪر پهچڻ ڪان پوءِ به ۷۵۱هه يا ۱۳۵۰ع وارو سڄو سال نئي ۽ نريءَ پرسان وانڊو ويهي ٿو گذاري ۽ ۷۵۲هه جي محرم مهيني ۾ ۱۳۵۱ع جي مارچ مهيني ۾ سندس وفات ٿئي ٿي ۽ ان وقت جنگ هلي رهي هئي پورو ڏيڍ سال واڙو فوج کي ڀهتي ٿيو هو. پر تاريخ ۾ جنگ ان وقت ڏيکاري وڃي ٿي، جنهن وقت سلطان محمد شاه تغلق موت جي بستري تي سمهيل آهي. هن مان سلطان جي شڪت جو جواز ڳولٿو هو. دهليءَ جي فوج جي شڪست جو اندازو لشڪر ۽ سلطان فيروز شاه جي طرز عمل مان به لڳائي سگهجي ٿو، ته هن شاهي تخت تي وهڻ شرط دهليءَ طرف ڪوچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو (تاريخ فيروز شاهي عفيف ص ۱۲۱). جيڪڏهن جنگ چالو حالت ۾ هجي ها ته دهليءَ جو لشڪر غالب هجي ها، ته فيروز شاه به جنگ جاري رکي ها. پر جيڪڏهن دهليءَ جو لشڪر نئي کي فتح ڪري ها جشن ملهائڻ جا بيان تاريخن ۾ ملن ها. قصيده پڙهڻ ۾ اچن ها. قطع تاريخون لکيون وڃن ها. التون بهادر سان شامل مغل فوج فتح جي حالت ۾ نئي جي ڦر لٽ جو آسرو رکي جنگ ۾ شريڪ ٿي هئي، تن هتان پورچوگيزن جيان نٺو سڙندو ٻرندو خاڪ ٿيندو ڏسون ها. پر جڏهن نئي جي بدران

دهليءَ جي لشڪر هار کاڌي ۽ مغلن کي ٺٽي جي ڦر لٽ جو وجهه نه مليو، ته سلطان فيروز جي لشڪر کي شڪسته خورده فوج سمجهي مٿانئس حملو ڪيو" (ڏسندا تاريخ فيروز شاهي عفيف ص ۴۵ - تاريخ مبارڪ شاهي انگريزي ص ۱۲۱ - تاريخ سنڌ- اعجاز الحق ص ۳۹۴).
پر لشڪر جي رواني ٿيڻ کان اڳ ۾ دهلي فوجي ڪئمپ ۾ ڇا حال هو؟ سو ضيابرني جي حوالي سان پڌاندا هلو. "هُو ڏاڍا پريشان هئا. ڪين پنهنجي پچڻ ۽ واپس وڃڻ جو رستو معلوم ڪونه هو. انهن حالتن ۾ هو پنهنجي زندگين تان هٿ ڌوئي ويٺا ۰ (ص ۷۴۲) خوف ۽ خطري سبب سڀ نٺيا وڏا نماز، دعا، تضرع ۽ مسڪيني ۽ انڪساري ظاهر ڪرڻ ۾ مشغول هئا. ان حيراني ۽ پريشانيءَ جي حالت ۾ سندن اکيون مٿي ڪجي ويون. عام طور تي لشڪر جي زبان تي هي الفاظ هئا. يا دليل المتحريين يا غياث المستغيثين" (تاريخ فيروز شاهي ضيا برني ص ۷۴۴). "شور ۽ غوغاءَ سبب عورتن ۽ ٻارن جي لڻجي وڃڻ جي ڊپ کان ٻه ٽي ڏينهن ته ماڻهن جي نڙيءَ کان هيٺ نه مانيءَ جو گره نه پاڻيءَ جو ڍڪ لهي سگهيو هو" .(تاريخ فيروز شاهي ضيابرني - ص ۷۵۲) اڃا قيام گاه کان پري نه ويا، ته ٺٽي جي مفسدن اچي مٿائن حملو ڪيو. هنن ڪنهن به طريقي سان درياه تي پهچي، ڪناري سان آرام ڪيو"(ضيابرني) ۵۵- ۷۵۴) هي تغلق دور جي درباري مورخ جا اکر آهن، جن مان معلوم ٿئي ٿو ته سلطان فيروز شاه کان اڳ خود سلطان محمد تغلق سنڌين هٿان شڪست کائي چڪو هو.

سنه ۱۳۵۱ع کان ۶۵- ۱۳۶۴ع تائين سلطان ڄام بابينو ماٿ ڪري ڪونه ويٺو. جڏهن سلطان فيروز شاه تغلق لکنوتي علائقن تي حملا ڪيا ته هن ڄام ملتان جي حد تائين دهليءَ جي حڪمراني وارا علائقا فتح ڪري سنڌ سان گڏي ڇڏيا هئا ( مڪلي نامه ص ۱۰۴) سنه ۶۵-۷ ۱۳۶۴ع سلطان فيروز شاه، وزيراعظم خانِ جهان کي دهليءَ ۾ پنهنجو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قائم مقام ڪري ٺٽي تي حملو ڪيو. ان وقت ڄام جوڻو ۽ ڄام بانڀيڻو ٺٽي جا حڪمران هئا. (مڪلي نامو ۱۰۴) -تاريخ مبارڪ شاهي انگريزي ص۱۳۸)

ٺٽي تي حملي ڪرڻ وقت سلطان فيروز سان نوي هزار سوار، اسي هزار پيادا، چار سو اسي جنگي هاٿي ۽ پنج هزار ٻيڙيون هيون. (تاريخ فيروز شاهي عفيف ص ص ۱۴۲ ۽ ۱۴۳) سنڌين جي فوج جو انگ ويهه هزار سوار ۽ چار لک پيادا ٻڌائي ٿو (ص ۱۴۵). پر جنرل هئگ انڊس ڊيلٽا ڪنٽري جي ص ۸۰ تي ٻڌائي ٿو ته سنڌي چار لک ٻدران فقط چاليهه هزار هئا. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ مقابلي کان پوءِ سلطان فيروز هڪ ڏينهن پنهنجي فوج جي ڪُٽپ ڪئي ته ڏٺائين ته سنڌس گهوڙيسوارن مان باقي چوٿون حصو وڃي بچيو هو. (تاريخ فيروز شاهي عفيف ص ۱۴۵) يعني سلطان جي نوي هزار گهوڙيسوارن مان سنڌين سٺهٺ هزار قتل ڪري ڇڏيا هئا. ان حساب سان پيادا به مئا هوندا. ان کان پوءِ بادشاه گجرات ڏانهن رخ ڪيو. تاريخ فيروز شاهي عفيف ص ۱۴۶) جڏهن روانگيءَ لاءِ دمامي جو آواز دهلي جي لشڪر جي ڪن تي پيو ته ڏاڍا خوش ٿيڻ لڳا (تاريخ فيروز شاهي عفيف ص ۱۴۸) مورخ هتي ڏڪر ۽ جانورن جي بيماريءَ جو بهانو ڏئي، سلطان کي گجرات ڏانهن پڇي وڃڻ جو جواز فراهم ڪري ٿو ڏئي. جيڪا سنڌس پهرين شڪست هئي. مورخ طرفان پيش ڪيل سبب تڏهن دل سان لڳن ها، جڏهن سلطان فيروز شاه هندستان کان گهڻو پري هُجي ها. سنڌس رسد واري لائين ڪٽيل هجي ها، يا گهيري اندر هجي ها. هو گجرات ۽ ڪڇ جي پرسان بيٺو هو ۽ دهليءَ تائين سنڌس حڪمراني هئي. جيڪڏهن سنڌس جانور بيمار هئا ته ساڳي وبا ٺٽي جي جانورن ۾ پئجي ٿي سگهي. ٺٽو محدود هو، پر دهليءَ جي سلطنت وسيع هئي. ان حساب سان به حالتون سلطان فيروز جي وڌيڪ فائدي ۾ هيون، جيتريقدر وٺن مرڻ واريءَ حقيقت جو تعلق آهي ته سلطان جي وزير اعظم خان جهان

www.sindhsalamat.com  books.sindhsalamat.com

ڏانهن لکيل خط ۾ اهڙو ذڪر موجود ڪونہ آهي، جنهن ۾ هن ڏانهس بي انتها سازو سامان روانو ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو آهي (ايضا ص ١٥٨) پر سلطان جي شڪست ۽ لشڪر ۽ سلطان جي گمشدگيءَ جو ٻڌي سڀجي دهلي ڏمين محرم ٻڌجي وئي هئي. وقت جو مورخ عفيف لکي ٿو تہ "خان جهان جي موجود هجڻ ڪري ڪنهن کي مخالفت ڪرڻ جي جرئت ئي ڪانہ هئي، پر سڄو شهر ماتم ڪده ٻڻيل هو (ص ١٥٢) هن اتڪل ڪري سلطان فيروز شاه جي نالي هڪڙو جڙتو فرمان جاري ڪيو، جنهن ۾ بادشاه ۽ لشڪر جي خير عافيت جوذڪر هو (ايضا ص ١٥٢). سلطان فيروز شاه ٺٽي روانو نہ ٿيو، پر سندس فوج تي سنڌين جو خوف ايترو غالب هو، جو هو رات جي وڳڙي ۾ پوئتي ڀڄڻ لڳا. سلطان کي صلاح ڏنائون تہ فوج کي ڀڄڻ کان روڪڻ لاءِ متس پهرو رکيو وڃي، بادشاه بہ خان جهان ڏانهن هن مضمون جو فرمان روانو ڪيو تہ فوجي جيڪي سنڌ وڃڻ کان لهرائي دهليءَ پهچي اچن ٿا، تن کان پيچا ڳاچا ڪئي وڃي" ايضاً ١٦٣- ١٦٢ خان جهان انهن ڀاڄوڪڙن کي پڪڙي سزا ڏيڻ لڳو (وڌيڪ لاءِ ڏسندا تاريخ فيروز شاهي عفيف ص ص ١٦٤ - ١٦٣- ١٦٢- ١٦١)

سلطان فيروز پنهنجي لشڪر سان وڃي سنڌوءَ جي ڪنار سان پنهنجي فوجي ڪئمپ هڻين پرڪيس ٺٽي تي حملي ڪرڻ جي جرئت ئي ڪانہ ٿي. وري حملن جي شروعات سنڌين ڪئي، جيڪي روزانو گهاٽ ڄڏي، اچي سلطاني لشڪر متان حملو ڪندا هئا. (ايضاً عفيف ١٦٧) شاهي فوج کي ٺٽي سامهون سنڌو پار ڪرڻ جي جرئت ڪانہ ٿي. سلطان فيروز عماد الملڪ ۽ ظفر خان کي حڪم ڪيو تہ لشڪر وٺي هڪ سو ٽيهہ ڪوهہ مٿي وڃي، بکر وٽان درياه اولهہ پاسي ڏانهن پار ڪن، وري ٻئي ڪناري سان هڪ سو ٽيهہ ڪوهہ سفر ڪري ٺٽي اچن. شاهي فرمان مطابق هنن ائين ڪيو (ايضاً ١٦٧). جنگي ميدان سلطان ڪان ايترو پري هو، جو فقط گهوڙن کي ڊوڙندي ڏسي رهيو هو. شاهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مورخ عفيف لکي ٿو تہ ليڪن سلطان فيروز شاه جون اکيون آسمان ۾ کُتل هيون ۽ لطيفہ غيبي جو اميدوار هو (ص ١٦٨). بعد ۾ سلطان پنهنجو ملازم موڪلي عماد الملڪ ۽ ظفر خان کي گهرائي ورتو ۽ اهي جنهن رستي سان ويا هئا، تنهن ۽ سان واپس موٽيا.

اهو حال ڏسي صلاح مشورو ڪري عمادالملڪ کي دهليءَ موڪليو تہ جيتري بہ فوج ٿي سگهي وٺي اچي. (ايضاً ١٦٩). هيءَ سلطان فيروز جي ٽين شڪست هئي. عماد الملڪ دهليءَ پهتو. خان جهان، بدايون، قنوج، اٿوڌ، جونپور، بهار، ديپال پور، ترهٽ، مهوبہ، ايرج، چنديري، ڌار دميان دوآبہ، سامانہ، ملتان ۽ لاهور جو لشڪر ميڙي چونڊي ٺٽي روانو ڪيو ويو (تاريخ سنڌ اعجاز الحق ٤٠٣، تاريخ فيروز شاهي عفيف ص - ١٧٠) مذڪوره لشڪر جي پهچڻ کان پوءِ بہ سلطان فيروز کي ٺٽو جي فتح جو آسرو ڪونہ هو. ان ڪري سلطان فيروز ماڻهو موڪلي مخدوم جهانيان کي اُچ مان گهرائي ورتو، جنهن دهليءَ جي لشڪر ۾ ويهي دعا تهجد ۽ مناجات جا تير ۽ تفننگ شروع ڪيا. اهي سما جيڪي تغلقن جي تلوارن کان نہ ڊنا، سي مخدوم صاحب جي تسبيح جي ڪرامت کهي ويا (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسندا مڪلي نامہ ص ١٣٣ ۽ ١٣٤). ڊاڪٽر پروفيسر مهدي حسين آغا بہ پنهنجي ڪتاب تغلق ڊينسٽي ۾ لکي ٿو تہ: سلطان فيروز شاه، ٺٽي ۾ ٽي ڀيرا شڪست کاڌي هئي. (ص ٤٠٥ - ٤٠٤) (مترجم)

فيروز شاه تغلق جي مقابلن دوران سمن ۾ ڪنهن بہ قسم جو اختلاف ڪونہ هو. ڪنهن بہ تاريخ ۾ اهڙن اختلافن جو هلڪو اشارو بہ موجود ڪونہ آهي (مترجم) سمن آڻ کانہ ميجي هئي پر سلطان فيروز شاه سندن مرشد مخدوم جهانيان کي ميڙ ڪري وٺي آيو هو. (تفصيل لاءِ ڏسندا مڪلي نامہ ص ١٣٣ ۽ ١٣٤) مترجم.

(25) ڄام نظام الدين جي پيءُ جو نالو ڄام سنجر عرف ڄام راءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو هو (شجرو مڪلي نامہ) مترجم.

(۱۰۰) بيگلارنامي ۾ جام نندي جي وفات جو سال ۹۱۴هہ ڏنل آهي.

(۱۰۱) مير معصوم جو بيان اِئين آهي، پر ابو الفضل، نظام الدين ۽ فرشتي جو بيان ارسڪن Erskins جيان آهي، جنهن پنهنجي تاريخ ۾ پهرين پن تيموري حڪمرانن بابت حوالا هڻ وٺان ڪنيا آهن. (ڏسندا سندس ڪتاب جو جلد I حاشيہ ۳۴۳).. سندس بيان آهي تہ محمد بيگ جي قتل جي پلاند وٺڻ ڪارڻ ارغونن هڪدم بکر ۽ سيوهڻ تي قبضو ڪيو هو. پر مير معصوم هن دور جو اعتماد جوڳو مورخ آهي. ڇاڪاڻ تہ پاڻ بکر ۾ ڄائو هو. هن پنهنجي پيءُ کان بہ احوال پڇي پڪ ڪئي هوندي، جنهن ۱۵۸۳ع ۾ وفات ڪئي هئي. ان صديءَ جي اڳياڙي جي احوالن بابت هن پنهنجي ڏاڏي کان بہ پڇا ڳاڇا ڪئي هوندي. ٻي ڳالهہ اسان کي اها بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي تہ تاريخ ۾ هو ارغونن جي ڏر نہ آهي شايد هنجون همدرديون ارغونن سان وڌيڪ هيون.

(26) مير معصوم ڏنو وائنو ارغونن جي ڏر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سمن جو علم دوست گهراڻو هو، ڪنهن سان اڳرائي ڪونہ ڪيائون. ڪنهن ملڪ تي حملو ڪري اتان جي رهواسين کي غلام ڪونہ بنايائون. نہ شهرن کي باهيون ڏنائون ۽ نہ وري ماڻهن جو قتل عام ڪيائون جهڙيءَ ريت ارغونن ڪيو. سنڌ ۾ شاه بيگ ارغون گهراڻي جو بنياد وڌو هو. پر ان گهراڻي جي حڪومت فقط سندس پٽ تائين هلي ختم ٿي وئي. يعني ارغون گهراڻي جو فقط هڪ ماڻهو شاه حسين ارغون سنڌ تي حڪومت ڪري سگهيو. هن ۹۶۲ هہ (۱۵۵۴ع) ۾ وفات ڪئي ۽ پنهنجي حڪمرانيءَ واري دور ۾ سنڌ، ڪڇ ۽ ملتان خلاف اهي ٿهري ڪاروايون ڪيون، جو تاريخ ۾ انهن جو مثال ئي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي. سر ايچ اليٽ جو چوڻ آهي ته ڪاهان جي علائقي واري جوءِ مري قبيلي جي قبضي هيٺ ايراضيءَ ۾ موجود آهي: ۱۸۴۰ع ۾ بمبئي ريجمنٽ جي اتي رهڻ وقت اهو تجربو ٿيو ته اهو علائقو بچاءَ جي نقطہ نگاه کان اهم هو. باغبان ۾ ڳاها، ٻئي آئين اڪبري موجب سيوهڻ سرڪار جا محال هوندا هئا. (مترجم)

(۱۰۴) معلوم ائين ٿئي ٿو ته فطري ۾ قديم وهڪرن تي اهڙي قسم جا نالا ڪونہ رکيا ويندا آهن، پر اهڙا وڏا ڪم ڪري ڪنهن مشهور شخصيت نالي ارپيا ويندا آهن. هن نالي خان واه سان پيو بہ هڪ وهڪرو آهي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ ڪلري Kalri کان هيٺ وهندو هو. تنهن ڪي هن وهڪري سان ڳنڍائي وچڙائي منجهايو نہ وڃي. پتو نہ آهي تہ تاريخ طاهريءَ جو اشارو هن ننڍي خانواهہ ڏانهن آهي، يا ان وڏي واه ڏانهن، جنهن لاءِ سندس بيان آهي تہ دريا خان جي ڪوشش سان ڪوٽائي تيار ڪيو ويو هو، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن ساڪري پرڳڻي ۾ ٺٽي جي چوڦير ٽڪرائتي علائقي جي زمين آباد ڪري سگهجي. گجرات جي مشهور تاريخ ظفروالہ جي حوالي موجب سنڌ جي هن سورهيہ ۾ سچي انسان کي ارغونن دغا سان گرفتار ڪيو ۾ بعد ۾ شهيد ڪري ڇڏيو.

(۱۰۵) هتي اسان کي اهو ڏسڻ ۾ ايندو تہ سنہ ۱۵۲۰ع ۾ ٺٽي شهر جي چوڌاري وهندڙ ٻئي ڇاڙهون، سنڌوءَ ۾ گهٽ پاڻي هجڻ واري موسم ۾ بہ وهنديون هيون.

(27) اسان کي هن ڪتاب "انڊس ڊيلٽا ڪنٽري جي ص ۷۸ تي هڪ حوالو مليو ٿو، جنهن ۾ لکيل آهي تہ سنہ ۱۶۱۴ع ۾ ٻن انگريز سيلانين رچرڊ اسٽيل Richard Steele ۽ جان ڪروٿر Jhon Crowther سفر ڪندي لاهور ۾ پورچوگيز واپارين کي ڏٺو هو. ٻي بہ هڪڙي تاريخي حقيقت سامهون اچي ٿي تہ سنہ ۱۵۰۵ع ۾ ترڪ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خليفي، اميرالمؤمنين، سنڌ جي ڄام نظام الدين ۽ گجرات جي حڪمران محمود جي گڏيل قومن کي پورچوگيزن جي ساموندي فوج، گجرات ۽ سنڌ جي وچ تي ڪنهن ساموندي علائقي ۾ شڪست ڏني هئي. اهو به تاريخي حوالو نظر مان گذريو آهي ته ارغون حڪمران سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ گجرات تي حملي ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو ۽ لشڪر وٺي ان ارادي سان ٻاهر به نڪتو هو. محمود ڪوڪلتاش جي بيماريءَ جي سبب ڪري ڪيس اهو ارادو ترڪ ڪرڻو پيو هو ۽ اڳهم ۾ سنه ٩٢٨ ۾ وفات ڪئي. ان کان سواءِ اسان کي هيءَ حقيقت به معلوم آهي ته مرزا عيسيٰ ترخان اول (١٥٥٥ع) بکر (سلطان محمود ڪوڪلتاش) خلاف پورچوگيزن کان وڏيڪ واپاري رعايتن جي واعدي تي مدد به گهري هئي. (ڏسندا هن ڪتاب جو ص ٩٧) هنن سيني ڪڙين کي ملائڻ سان هڪ ڳالهه سامهون اچي ٿي ته جيئن پورچوگيزن بعد ۾ گجرات جي ساموندي علائقي ۾ گوا، ڊيو ۽ دمن علائقا ۽ بندر قائم ڪري ورتا هئا، ته هنن ڄام نظام کان به اهڙي گهر ڪئي هوندي، جيڪا ڄام بر وقت ٺپ ٺڏي ڇڏي هوندي، ان سان گڏ هنن سنڌ جي سمي سلطان کان ٺٽي ۾ واپاري ڪوٺيءَ ۽ سنڌو درياهه سان واپار ڪرڻ جي اجازت به طلب ڪئي هوندي، جنهن کان به ڪين انڪار ڪيو ويو هوندو. ڄام نظام الدين جي حياتيءَ ۾ ته هو ڪجهه به ڪري ڪونه سگهيا هوندا. سندس وفات کان پوءِ سندس پٽ فيروز کي پنهنجي ڪنهن ماٺهوءَ پٽيون پڙهائي، دولهه درياهه جهڙي عقل جي اڪابر ۽ تلوار جي ڌڻيءَ کي سندس دربار مان ڪيرائي ڇڏيو. پوءِ انهن ٺي ماڻهن ڪيس غير سنڌي ڌاري مغل فوج ڀرتي ڪرڻ جي صلاح ڏني. جهڙيءَ ريت خليفه معتصم پنهنجي عربن بدران ترڪن مسلمانن تي اعتبار ڪري ڪين پنهنجو محافظ ڪري رکيو ته هنن ترڪن، جن عباسي خليفن کي قتل نه ڪيو ته انڌو ضرور ڪيو ۽ آخر ۾ خود خلافت کي هجرت ڪرائي ترڪيءَ وٺي ويا. اهڙيءَ ريت مغلن وري فيروز ۽ صلاح الدين کي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويڙهائي شاه بيگ ارغون کي آندو. ويچار ڪري ڏسجي ته شاه بيگ ارغون پاڻ سلطان حسين باقرا جو گورنر هو. جيڪو مرزا بديع الزمان جي پاسي کان محمد خان شيبانيءَ جو مقابلو ڪندي مارجي ويو. ان کان پوءِ هو ۽ سندس پيءُ مقيم مرزا قنڌار ۽ داور جا حاڪم هئا.

سن ١٥١٦ع ۾ بابر اچي قنڌار تي قبضو ڪيو. شاه بيگ جي هڪ پاسي بابر ۽ ٻئي پاسي ايران جو شاه اسماعيل هو. هن ڊوڙي اچي سبيءَ ۾ ساهه پٽيو. جيڪو نسبتن سجو علائقو هو. شاه بيگ جا فوجي سپاهي گجرون ۽ گوگڙون کائي وقت گذاري رهيا هئا. هو ڪنهن اهڙيءَ جالاري جوءِ لاءِ واجهائي رهيو هو، جتي هو پنهنجو سر لڪائي سگهي. اهي ڪهڙا ماڻهو هئا، جن شاه بيگ جي مدد لاءِ سلطان فيروز کي هشي ڏني، جنهن کي گهٽي فوج به ساڻ ڪانه هئي ۽ نبل ۽ لاچار هو. شاه فيروز سان مغل. ڌاري فوج ته غداري ڪئي، پر امڪان آهي ته ڪين جديد هٿيارن جي مدد پورچوگيزن ڪئي. جهڙيءَ ريت اورنگزيب خلاف دکن ۽ گولڪنڊي جي حڪومتن کي انگريز هٿيار ڏئي رهيا هئا. اهي واسطا ناتا قائم هئا، تڏهن ته ١٥٥٥ع ۾ مرزا عيسيٰ اول پورچوگيزن کان بکر خلاف مدد گهري هئي ۽ شاه بيگ گجرات تي حملو به پورچوگيزن جي منصوبي جي ڪڙي هو. شايد ان کان پوءِ ئي پورچوگيزن جو سنڌ ۽ ٺٽي رستي دنيا سان واپار شروع ٿيو. جنهنجو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. سرفراز ڪلهوڙو توڙي جو ڪمزور حڪمران هو، پر تنهن هوندي به انگريزن جون واپاري ڪوٺيون پٽرائي ڇڏيون هئائين. جام فيروز ڪٿي ڪيڏو به ڪمزور حڪمران هجي ها، پر پوءِ به پورچوگيزن کي پير کوڙڻ ڪونه ڏئي ها. ساڳي حڪمت عملي پر ڪجهه ٻئي طريقي سان انگريزن وري ايسٽ آفريڪا ۽ ساؤٿ آفريڪا ۾ آزمائي ۽ اتان جي ديسي ماڻهن کي مٿي آڻڻ بدران، سب ماڻهو هندستان مان آڻي اتي آباد ڪيا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۰٦) ٺٽيءَ کان ڏکڻ طرف سنڌوءَ جو ويڪرو پراڻو پيٽ اڃا به موجود آهي، منجهس اڃا به ججهو پاڻي ڏسڻ ايندو آهي. ماڻهو ان کي ٺٽي ڍنڍ جي نالي سان سڏيندا آهن.

(۱۰۷) اها جوءِ حيدرآباد کان ٽيهه ميل ڏکڻ اوبر طرف آهي.

(۱۰۸) تاريخن ۾ سن جي معاملي ۾ مان مير معصوم تي وڌيڪ اعتماد رکان ٿو. مون کي پڪ آهي ته کيس وڌيڪ ڄاڻ هوندي. هن سنڌ تي پيءُ شاه بيگ به ڏنو هوندو ۽ سندس وفات جي تاريخ ۾ غلطي ڪرڻ جو گمان گهٽ نظر اچي ٿو. مير معصوم سندس وفات تي قطعہ تاريخ ۾ شهر شعبان يعني شعبان جو مهينو چيو آهي، جنهن جا عدد ۹۲۸ بيهن ٿا. اوبر هندستان جا مورخ جيڪي سنڌ کان پري ۽ واقعن کان گهٽو بي خبر آهن. تن شاه بيگ جي وفات جي تاريخ ۹۳۰هه لکي آهي. ارسڪن پنهنجي تاريخ (جلد I ص ۳۷٦) ۾ مذڪوره مورخن جي تقليد ڪئي آهي. پر عام طور تي ڏٺو ويو آهي، ته هنن هميشه مير معصوم کي ئي پنهنجو ماخذ بنايو آهي. حقيقت اها آهي ته ارغونن جي سنڌ تي حملي جي تاريخ، بابر جو ارغونن سان لهه لاڳاپو، يا بابر جي هندستان تي حملي بابت ڪي تاريخي حقيقتون اڻ ڇنيون ۽ منجهيل آهن. جيڪڏهن ڪنهن واقعي جي اعتماد جوڳي تاريخ ڏني وئي آهي ۽ قطعہ تاريخ به ان واقعي جي تاريخ جي پٺڀرائي ڪري ٿي ته واقعي جي ڏنل تاريخ تي تيستائين اعتبار ڪرڻ لازمي ٿيندو، جيستائين ان تاريخ کي ٻئي اعتماد جوڳي وسيلي ذريعي ڪُوڙو ثابت نه ٿو ڪيو وڃي.

(۱۰۹) پنهي ڌرين جي وچ ۾ ڪهڙيءَ جوءِ ۾ جهيڙو ٿيو، سا ڄاڻ مير معصوم ڪونه ڏئي سگهيو آهي. پر جنگ جو اهو ميدان انهن درويشن فقيرن جي اڳ ڪٽين مان معلوم ڪري سگهجي ٿو، جنهن کي سنڌ وارا ماموئي فقير سڏيندا آهن. چيو ويندو آهي ته اهي درويش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمن جي دور جي اڳياڙيءَ ۾ زنده هئا. مسٽر برٽن (سنڌ ـ ص ٨٩) اڳ ڪٽيءَ جو هڪ بيت هن ريت لکيو آهي.

ڪاري ڪاڇاري، جهيڙو لڳندو ڇهه پهر
مرمچي ماري، سڪ وسندي سنڌڙي.

مان سندس ڏنل معني ۽ مفهوم کي وڌيڪ سولي بنائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس بيان آهي، ته سنڌ وارا هن بيت کي ٽالپرن ۽ انگريزن جي وچ ۾ دبي واري جنگ ڏانهن اشارو ڪن ٿا، جيڪا انگريزن طرفان سرنيپيئر جي اڳواڻيءَ ۾ وڙهي وئي هئي. جنهن کان پوءِ ٽالپرن جي حڪمراني ختم ٿي وئي هئي. ڪاري ڪاڇاري وارا لفظ انهن سان ميل ڪونه ٿا کائن ۽ نه وري اها جنگ ان جنگي ميدان تي وڙهي وئي هئي. هن صاحب عام ماڻهن جي عام روايت کي قبول ڪيو آهي ۽ "مرمچي" لفظ کي ٽالپر سردارن ڏانهن منسوب ڪري ٿو، جيڪو ٺهڪي ڪونه ٿو اچي. واقعي اها حقيقت آهي ته عام ماڻهوءَ جي راءِ ائين آهي، جيئن هن صاحب بيان ڪيو آهي، پر منهنجو ويچار آهي ته اهو غلط آهي. ڪارو ڪاڇارو ڪو خيالي نالو ڪونه آهي. جنهن ماڳ جو نالو کنيو ويو آهي، سو ڪاري ڪيڙلوءِ آهي. جيڪو هاڻي ٽنڊي باگي پرڳڻي ۾ آهي، جيڪو چاچڪان جي قديم سردار جو حصو هو. منهنجو خيال آهي ته اها جنگ ڪاري ڪيڙلوءِ وٽ لڳي هئي، جنهن ۾ سنڌ اندر سما گهراڻي جي حڪومت ختم ٿي ۽ ارغونن جي فتح ٿي هئي ۽ هن بيت جو مذڪوره فيصلو ڪن جهيڙي ڏانهن اشارو آهي. چيو ويندو آهي ته انهن ماموئي فقيرن کي جام تماچيءَ جي حڪم سان قتل ڪرايو ويو هو. حقيقت به اها آهي ته قتل ٿيڻ کان پوءِ هر هڪ درويش جي وڍيل سر واري سان بيت چيو هو. انهن فقيرن جا جيڪي معتقد هئا، تن سمجهيو پئي ته ان قهر جي نتيجي ۾ ڪو هاڃو ضرور


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيندو ۽ اهو چار تماچيءَ جي ڪڏن ڪرتوتن ڪري تيندو. جيڪڏهن اسان تاريخي حقيقتن کي پرکي ڏسنداسون تہ ماموئي فقير جي اڳ ڪٽيءَ وارو بيت منهنجي خيال سان سهمت نظر ايندو. مير معصوم چاچڪان واريءَ جنگ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ڪيس ماموئي فقيرن جي اڳ ڪٽين جي خبر بہ ضرور هوندي. پر پوءِ بہ هن اهڙو اشارو ڪٽي بہ ڪونہ ڏنو آهي ۽ ڪيس ان مشهور جنگ جي ميدان جي بہ خبر ڪانہ آهي، جتي اهو جهيڙو صبح سويل کان وٺي لڙيءَ رات تائين پورا ڇهہ پهر سانده لڳو هو. هو بڌائي ٿو تہ سنڌين جو دستور آهي، تہ جڏهن سنڌن جهونجار جنگ ۾ سرترين تي رکي وڙهڻ چاهيندا آهن، تہ پنهنجا پٽڪا يا پنهنجا ڪپڙا هڪ ٻئي سان ٻڌندا آهن ۽ پوءِ صفون ڪري جنگ ۾ ڪڏي پوندا آهن. سمن بہ ائين ڪيو هو. ٿي سگهي ٿو تہ اهو سندس وڏاءُ هجي. پر انهن حقيقتن مان اهو پتو پوي ٿو تہ سنڌين مٿو مٿي تي رکي جهونجهارن جيان جنگ جوٺي هئي. جيڪڏهن اهڙا ڪوپا ۽ ڪنڌار جوان ٺي اچي پڙ ۾ پرزا تيندا، تہ اتي جنگ بہ سانده ڇهہ پهر لڳي سگهي ٿي ۽ هن ۾ ڪا شاعراڻي مبالغي آرائي بہ ڪانہ آهي. پر هن جي جاءِ تي ڊبي واري جنگ هڪ پهر بہ ڪانہ وڙهي وئي هئي ۽ ان سان گڏ هيءَ جنگي ميدان ڪاري ڪٻڙلوءِ کان پورا ست ميل پري آهي. تنهن ڪري اسان سمجهي ڪونہ ٿا سگهون تہ اها اڳ ڪٽي ٽالپرن لاءِ ڪيل آهي. ان کان سواءِ "مرمچي" لفظ جي معنيٰ اسان کي ڪير بہ سنڌ ۾ سمجهائي ڪونہ سگهيو آهي. مان سمجهان ٿو تہ ان لفظ کي ڇٽي ساڍيون ٿي صديون ٿي چڪيون آهن، ان ڪري عام ماڻهوءَ کان ان لفظ جي معنيٰ بہ وسري وئي هوندي. امڪان آهي تہ اهو لفظ ڪنهن ذات يا نالي کي ڳهت سمجهڻ ۾ ڇتڙ طور ڪتب آندو ويندو هوندو ۽ ٻين لاءِ سمجهہ کان ٻاهر هوندو. ڪوبہ ماڻهو اهو ثابت ڪري ڪونہ سگهندو، تہ ماموئي فقيرن اڳ ڪٽيءَ وارو اهو بيت ٽالپرن يا انهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪست ڏانهن منسوب ڪيو آهي. اها به پڪ آهي ته ٽالپر سردار ڪاري ڪيڙ لوءِ وٽ يا اوسي پاسي جنگ ڪانهه وڙهيا هئا. ڄام فيروز جيڪا ارغونن سان چوٽ ڏني، سا سولائيءَ سان سمجهائي سگهجي ٿي. ڪڇ کان ايندڙ فوج به اهو ساڳيو طرف وٺي سگهي ٿي. اهو فوجي مهندار، جيڪو ضرورت وقت گجرات ڏانهن نڪري وڃڻ چاهيندو ته چاچڪان سرڪار جو ڪاري ڪيڙ لوءِ وارو جنگي ميدان چاهيندو، ڇو ته اتان مٺي، اسلام ڪوٽ ۽ پارڪر وسيلي سولائيءَ سان گجرات پهچي سگهندو. اسان کي اهو به پڌايو وڃي ٿو ته ڄام فيروز جنگ ۾ هارائڻ کان پوءِ گجرات ڏانهن هليو ويو هو. ڪاري ڪيڙ لوءِ جي معنيٰ آهي ڪيڙن جي ويڙهين وارو ڪلرائو علائقو. هن ذڪر سان گڏ مان هيءَ به واڌارو ڪندس ته ڄام فيروز گجرات ۾ ١٥٣٥ع ۾ ئي وفات ڪئي هئي. هو ان وقت ڪنيات ۾ همايون جي فوجي ڪئمپ ۾ قيد هو، جو اتان جي ڀيلن ۽ ڳنوارن اچي همايون مٿان راتاهو هنيو. همايون جي پهريدارن ان ڪري کيس قتل ڪري ڇڏيو، ته متان اهي کيس آزاد ڪرائي وڃن. (ارسڪن II ص٦٢ ـ حاشيو).

(١١٠) اڄ اهو پاٽ جو شهر ڇڻ ڪنڊر لڳو پيو آهي. ١٥٤١ع واري زماني ۾ همايون مغل هتي حميده بيگم سان شادي ڪئي هئي. اهو پراڻو پاٽ موجوده پاٽ ڳوٺ کان اوپر طرف ، ڪَڪَڙ Kakar پرڳڻي ۾ موجود هو ۽ ان کي پاٽ پراڻي جي نالي سڏيو ويندو هو. پراڻي پاٽ جي الهندي پاسي درياهه جو پراڻو پيٽ آهي، جيڪو هن کي نئين پاٽ کان الڳ ڪري ٿو. مذڪوره پراڻي پيٽ ۾ پاڻي ڊنڊ بڻائي بيٺو آهي. هن علائقي بابت هڪ ڏيهي تاريخ جو بيان آهي ته همايون جڏهن پاٽ ۾ لٿو هو ته هي پراڻو وهڪرو وهندو هو. هو پير لوءِ (روهڙيءَ کان ٿورو ڏکڻ) کان هلي پاٽ پهتو ته وچ تي ڀهلاڻي تعلقي ڪنڊياري وٽان ڪنهن به درياهي وهڪري کي پار ڪونه ڪيو هئائين. درياهه هاٿي يا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿوري عرصي کان پاٽ کان پنج ڇهه ميل اوڀر ۾ ٽي ميل ڏکڻ کان وهندو آهي. هيءَ جوءِ ڪنهن دور ۾ ڏاڍي سکي ستابي ۽ ريان کيان هوندي هئي. آئين اڪبريءَ جو بيان آهي ته سوستان سرڪار جو سيني کان وڌيڪ خوشحال محال هو. پراڻي پاٽ جو شهر مدد خان پٺاڻ جي ڪاهه (١٧٩٨ع) واري رستي تي هو. هن جيئن سنڌ جا ٻيا سدا ساوا ڏاوا ڳوٺ وسنديون واهڻ ۽ شهر ڦري لٽي ساڙي ٻاري ويران ڪري ڇڏيا، تيئن پاٽ جهڙو سهڻو شهر به هن اهڙو ويران ڪري ڇڏيو. جو وري ساڳي اوج تي ڪونه رسيو. قدرت ڇڻ هن مدد خان پٺاڻ کي پيدائي ساون کي ساڙڻ ڪاڻ ڪيو هو.

(١١١) سنڌ گزيٽيئر جو بيان آهي ته اڪبر بادشاهه ١٥٩١ع ۾ عمر ڪوٽ وارو رستو ڏئي، سنڌ تي حملو ڪيو هو. مان سمجهان ٿو ته اهو هڪ خيالي تاريخي بيان آهي. اڪبر سنڌ ۾ ان وقت موجود هو جڏهن هو ماءُ جي هنجن تي هو. ان کان پوءِ هو وري ڪڏهن به سنڌ ڪونه آيو.

(١١٢) شهزادي دارا شڪوه به ڪجهه وقت جوڻ ۾ گذاريو هو. ان زماني (١٦٥٨ع) ۾ پياءُ اورنگزيب جون فوجون کيس مارڻ واسطي سندس ڪڍ هيون، جوڻ جي هڪ سردار سندس ڏاڍي ٿهل ٽڪور ڪئي. پر دل ۾ دغا رکي کيس پڪڙي اورنگزيب جي حوالي ڪري ڇڏيو. هن وقت پراڻي جوڻ شهر جا ماڳ ٽنڊي غلام حيدر کان ٻه ميل ڏکڻ اوڀر ڏسي سگهجن ٿا.

(١١٣) ارسڪن (II ص ٢٦٠) چوي ٿو ته انهن ڳاهين جي ٽولي "ريڻ" جي وهڪري کان گهٽو اوڀر ٿر جي علائقي ۾ موجود ٿري Thari موڪليو ويو هو. پر مير معصوم هن معاملي ۾ بلڪل صحيح آهي. هو ٻڌائي ٿو ته اها جاءِ ٻنوري جي پرڳڻي ۾ هئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١١٤) رينڻ واري وهڪري متان پل ٺاهڻ جو امڪان تڏهن هوندو، جڏهن پاڻيءَ جو چاڙهه انتها تي پهچي چڪو هوندو. هن حقيقت مان اها به ثابتي ملي ٿي ته رينڻ وارو وهڪرو گهڻو ويڪرو ڪونه هو ۽ نه وري ان جي وهڪري ۾ ڪن ۽ ڪاروئيار هئا. اهو نهايت سانت سان وهندو هوندو.

(١١٥) جيتريقدر مونکي ياد پوي ٿو (چاڪاڻ ته مون ڪي گهربل ڪتابن جي مطالعي جو موقعو ڪونه مليو) ته گلبدن بيگم وهڪري جو نالو روناءِ Ronai لکيو آهي. جوهر Jauhar به لڳ ڀڳ روناءِ Ronai ئي لکيو آهي.

(١١٦) هن علائقي جي جاگرافي سان لاڳاپيل جيڪي نقشا مليا آهن، تن ۾ "روشنائي" Roshanai نالي جو ڪوئي نشان ڪونه ٿو ملي. حقيقت اها آهي ته ان جوءِ جي هڪ ننڍي ڀاڱي جو نالو مڪان Makan هو. ٿورو وقت اڳي جڏهن ڳوٺيءَ جي سيٽلمينٽ سروي ڪئي وئي هئي ته ان ماڳ جو هڪ ديهه جي صورت ۾ اڃا به هيءُ نالو موجود هئو. جڏهن ڪوبه شهر يا ڳوٺ ڊهي، ڊرتيءَ جي متاڇري تان ناس ٿي ويندو آهي، ته ان جي موجودگيءَ جي ثابتي ڪنهن ديهه يا ٽپي جي نالي مان به ملي ويندي آهي ۽ هيءُ به ان جو هڪ مثال آهي. هيءُ شهر به جڏهن ناس ٿي ويو، ته سندس نالو به ماڻهن ڪان وسري ويو. روشنائي Roshanai ننڍي محمد خان ڪان ڇهه ميل سرِ ڏکڻ آهي، ان جي اوير پاسي ڪان لڳو لڳ هڪ رستو ڏاڪٽين علائقي ڏانهن ويندي ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

(١١٧) هيءُ مرزا عيسيٰ جو ننڍو پٽ مرزا جان بابا هو ، جيڪو ان وقت ٺٽي جو نگران حاڪم مقرر ڪيو ويو هو. ان وقت مرزا عيسيٰ جنگي مهم تي اتر سنڌ ويل هو. هن واقعي کان ڪيترا سال پوءِ ڪيس


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دغا سان پڪڙي قتل ڪيو ويو هو. ان جو قاتل سندس وڏو ڀاءُ مرزا محمد باقي هو، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته ڪجهه موڳو به هو.

(١١٨) هن مان لاهري بندر سمجهڻ گهرجي. بنديل جو لفظ بندر بدران غلطيءَ وچان ائين لکجي ويو آهي. ٻئي نالا باري ديول Bari Diwal (يعني. Diwal Estuary) جي هجي ۾ لکيل آهن، پر مان اهي نالا سنڌ جي ڏيهي ادب ۾ ڪونه پڙهيا آهن.

(١١٩) اهو ڪو جابلو نانگ جو قسم هوندو. منهنجو خيال آهي ته اها ڪوراڙ Python جي ڪٽم جي ڪا بلا هوندي. جنهن کي سنڌ جي جابلو علائقي ۾ رهڻ گهرجي نه ڪه ساموندي علائقي جي ڀر پاسي ۾ ڪٿي به هجي، پر اها بلا وهڙو ته ڪهي ڪانه سگهندي آهي. جنهن بلا جو ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، سا ڪوراڙ ٿي ٿي سگهي ٿي ۽ اها تمام وڏي هوندي آهي.

(١٢٠) شايد پادري صاحب Good father ڏيو Diu ۽ ديول Diual کي سمجهڻ ۾ منجهي پيو آهي.

(١٢١) هن محاذ تي پورچوگيزن وڏا ٻيڙا استعمال ڪيا هئا، جن کي اهي فستا Fusta سڏيندا هئا. فاريا واءِ سوزا هن جنگي مهم ۾ ڪتب ايندڙ جهازن جي ڪمانڊرن جا نالا به ڏنا آهن.

(28) حالتن مان نظر ائين اچي ٿو ته پورچوگيزن اچڻ ۾ پاڻ دير ڪئي هوندي. سندن ارادو اهو هوندو ته مرزا عيسيٰ ٻلي پنهنجو لشڪر وٺي وڃي بکر تي حملو ڪري ۽ ٺٽي جهڙو سکيو ستابو شهر بنا بچاءَ جي هجي ته جيئن کين هن عظيم شهر کي ڦرڻ لٽڻ ۾ آساني ٿئي. پهريون هن ڍمڪاءَ وهارڻ ڪارڻ شهر کي ٻاهيون ڏنيون ۽ اٺ هزار اهڙا ماڻهو ماريا، جيڪي نهايت معصوم ۽ بي هٿيار هئا. ٺٽو پنهنجي دور جو بخارا ۽ اصفهان هو. تاريخون ٻڌائن ٿيون ته ٺٽي ۾ ان زماني ۾

چار سو ڪاليج هئا. جيڪي ڪنهن به دور ۾ نه بخارا ۾ هئا ۽ نه وري اصفهان ۾ هئا. جڏهن ان علم ۽ عرفان جي ڌرتيءَ تي پورچوگيز جهڙن پاپي ماڻهن پير پاتو، ته انهن مان رت جي درياهه وهائڻ کان سواءِ پي ڪهڙي توقع ڪري سگهجي ٿي ۽ جن ماڻهن جي ڪوٽ تي اهڙا ماڻهو آيا، سي به ڪهڙا هوندا، تنهنجو اندازو ته هرڪو ماڻهو ڪري سگهي ٿو (مترجم).

(١٢٢) انهن حقيقتن جي نه رڳو ڏيهي تاريخن پٺيرائي ڪئي آهي، پر پورچوگيز پاڻ به بيان ڪن ٿا، ته ٺٽي جي علائقي ۾ سندن هڪ ماڻهو به قتل ڪونه ٿيو هو.

(١٢٣) مرزا صالح محمد مرزا عيسيٰ جو پيو نمبر ۽ عقلمند پٽ هو. ڪيس ١٥٦٢ع ۾ هڪ بلوچ پلاند ونڻ جي نيت سان قتل ڪري ڇڏيو هو. مرزا صالح هن جي سڄي گهراڻي کي وڳوڙ ڪرڻ جي ڏوهه ۾ قتل ڪرائي ڇڏيو هو.

(28-A) ڏسڻ ۾ اهو اچي ٿو جڏهن به ڌاريا ڪنهن ڌرتيءَ تي پير ڌريندا آهن ته اڳ ۾ انهن کي اکين ۾ رکندا آهن، جيڪي اوچا ڳاٽ ڪري، سندن اکين سان اکيون ملائي اتڪڻ جا جتن ڪندا آهن. شهيد صديق شوري، اسماعيل شوري ۽ جهونجهار جا ته نالا تاريخن ۾ زنده رهجي ويا، پر سنڌ جا پيا به ڪيترائي ارڏا ۽ اڙٻنگ پٽ هوندا، جن پنهنجي ريتي رت سان ڌرتي جي صفحي تي سنڌ جي تاريخ تحرير ڪئي. پر اها هتن کان اپاهج تاريخ پنهنجي پني تي ڪاريءَ مس سان سندن نالن نه لکڻ ڪري رهجي وئي. انگريزن جي دور ۾ ننگر پارڪر جو روپلو به هو، جيڪو سنڌ جي آجپي ڪارڻ پنهنجي آڱرين جون ڏياتيون ٻاري هر اونداهي چوواٽي تي ڏيئا ٻاري ويو. ڌارئي کي ڌرتي اوس به ڇڏڻي هوندي آهي، پر ويندي ويندي ڌرتيءَ جا ڏڱ ۽ ڪوپا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڌار مڙس ڪهي ويندو آهي. انهن ڪونڌن مان مذڪوره بلوچ جو خاندان به هو (مترجم.)

(۱۲۴) سيوهڻ بابت اهي حقيقتون اڻ سڌي طور اسان کي ڏيهي تاريخن جي حوالن مان ملن ٿيون. پر سڌيءَ طور اسان کي فقط مير معصوم جي ذاتي راءِ مان معلوم ٿيون آهن. هن پنهنجي عملدارن جي صلاح مشوري کان پوءِ مرزا عبدالرحيم خان خانان کي پڌايو هو ته سيوهڻ، اتر کان ڏکڻ ويندڙ رستي تي، هڪ اهڙيءَ اهم جاءِ تي واقع آهي، جتان درياهه پار ڪرڻو پوندو آهي. شاهي لشڪر ۽ ٻيڙيون به اتان لنگهنديون آهن، تنهن ڪري سيوهڻ کي پهريائين فتح ڪرڻ ضروري آهي، وغيره.

(۱۲۵) اهو نالو موجوده دور ۾ به قائم آهي ۽ چاڙهه واريءَ رت ۾ هن علائقي مانِ ساڪري جي پراڻي پيٽ مان وهندو آهي. مذڪوره ساڪري وهڪري جو ذڪر، ۱۷۳۹ع ۾ نادر شاهه ۽ شهنشاهه محمد شاهه مغل جي وچ ۾ ٿيل صلح جي عهد نامي ۾ موجودِ آهي. صلح جي ان دستاويز ۾ هن وهڪري جِي سنڌين جي بيان ڪيل ڏيگهه کان وڌيڪ ڏکهائي ڏيکاري وئي آهي.

(29) درياهه جي پرسان ڪن علائقن ۾ چورڳپ هوندي آهي، جيڪا مٿان سڪل ڏسبي آهي، پر ماٺهو اتي پير رکڻ سان هوريان هوريان هيٺ لهندو ويندو آهي. جيڪڏهن مدد نه پهچندي اٿس ته هيٺ هليو ويندو آهي. (مترجم.)

(۱۲۶) مير معصوم بکريءَ کي هن جنگي مهم ۾ فوج جي ڪنهن حصي جي مهنداري سپرد ڪيل هئي، تنهن جو بيان آهي، ته هن درياهه پيهر پار ڪونه ڪيو هو. سندس بيان ڪيل حقيقت مان اهو به واضح ٿئي ٿو ته شاهي لشڪر سنڌوءَ جو ساڄو پاسو ڏئي، پيش قدمي ڪري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو هو. پر پوءِ جي واقعن جي سلسلي مان سمجهجي ٿو ته هو جاني ٿي جَلهه واسطي سنڌوءَ جي ڏائي ڪنار ڏئي اڳتي وڌي رهيا هئا.

(١٢٧) نظام الدين طبقات اڪبري ۾ اهو انگ ٻڌايو آهي. پر معلوم ائين ٿئي ٿو ته فاتحن جي اهليت ۽ لياقت کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ واسطي هن سچي پچي انگ کي گهٽائي پيش ڪيو آهي. حقيقت اها آهي ته هن واقعي ۾ حصي وٺندڙ آرماڙ ۾ جهازن جو انگ ٻڌايل تعداد کان وڌيڪ هو.

(١٢٨) تاريخ طاهري جو بيان آهي ته خسرو خان چرڪس کي گرفتار ڪيو ويو. سندس ڪيتريون ئي ٻيڙيون قبضي ۾ ڪيون ويون. پر هرمز جي هڪ فرنگي واپاري جنهنجو نالو ڏافتر Daftir هو، جيڪو هر سال ٺٽي ايندو ويندو هو. ان جا خسرو خان چرڪس سان دوستاڻا ناتا هئا جيڪو هن جنگ ۾ به موجود هو. هن ڇا ڪيو جو پنهنجي ٻيڙي وچي وچ جهيڙي ۾ هنيائين ۽ خسرو خان کي حملہ آورن کان بچائي ورتائين. انهي ڪوشش ۾ ٻنهي جون حياتيون ضايع ٿي ويون (اليٽ ـ١ـ ٢٨٨) هن مورخ جي اها ڳالهه ٻڌي اچرج ٿيندو، ته خسرو خان چرڪس هن موقعي تي مارجي ويو هو. هي مشهور معروف ماڻهو سنڌوءَ جي هن ڀاڻيءَ واري جنگ کان پوءِ به ڪيترا سال زنده رهيو. بلاچ مين Bloch man مآثر الامرا جي حوالن جي آڌار تي سمجهي ٿو ته خسرو خان هن جنگ کان پوءِ سنڌ جي معاملن ۾ گهڻي دلچسپي ورتي هئي. (آئين اڪبري جي ترجمي جو ص ٣٦٣) خسرو خان چرڪس مسجد دابگران جو بنياد رکيو هو.

(30) مير علي شير قانع جو بيان آهي ته خسرو خان چرڪس چنگيز خان جي اولاد مان هو ۽ شروعاتي دور ۾ ملان بندري وٽ رهندو هو. مرزا عيسيٰ ان کي پنهنجو آفتابچي يعني پاڻيارو بڻايو (تحفة الڪرام


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ص ٢٢٨- سنڌي ايڊيشن). سندس اوج مرزا جانيءَ جي دور ۾ به ڏٺو
ويجي ٿو. جڏهن مرزا عبدالرحيم خان خانان سنڌ تي حملو ڪيو هو ته
خسرو خان سنڌ کي مغلن جي چنبي کان بچائڻ واسطي، ننهن چوٽيءَ
جو زور لاتو هو. سنڌ جي فتح کان پوءِ خان خانان جڏهن جاني بيگ
کي اڪبر جي دربار ڏانهن وٺي ويو ته خسرو خان کي به ساڻ وٺي
وڃڻ ڪونه وساريو هئائين. مرزا جاني بيگ جي وفات (٢٧ رجب
٩٠٩هه) کان پوءِ مرزا غازي بيگ کي بحال ڪيو ويو. تن ڏينهن مرزا
غازي بيگ ٻار هو، ان ڪري ملڪ جي اچي ڪاري جو مالڪ مرزا
خسرو چرڪس کي بڻايو ويو. ان کان پوءِ مرزا خسرو ايترو ته اثر
حاصل ڪري ورتو، جو جڏهن مرزا غازي بيگ هن کان جان ڇڏائڻ جا
حيلا هلايا ته ڪيس چاڳري ڊينگريءَ جيان وچڙي ويو ۽ منجهانئس
جان آجي ڪري ڪونه سگهيو. سنه ١٠٠١هه کان ١٠١٧هه تائين خسرو
خان سنڌ جي ترخان واري حصي تي مرزا غازي بيگ جو قائم مقام رهيو
۽ ٺٽي جي سرڪار پنهنجي پوٽن ۽ ڏوهٽن کي ورهائي ڏني هئائين.
سرڪار چاچڪان سندس پوٽي فتح الله جي حوالي هئي. نيرون ڪوٽ
محمد بيگ جي نگرانيءَ ۾ ڏنو ويو هو ۽ ٺٽي جي شهر جي سار سنڀال
شيخ عبدالباقي لهندو هو. حڪومت جو ڏنڊو هٿ اچڻ کان پوءِ خسرو
خان ظلم ڪرڻ ۾ ڪين گهٽايو. جڏهن اهي خبرون مرزا غازيءَ کي
پهتيون، ته هن هندو خان ۽ ماڻڪ چند کي سنڌ روانو ڪيو. پر نتيجو
ڪجهه به ڪونه نڪتو. آخر راءِ سنگهه پٽ ماڻڪ چند اچي خسرو
خان کي بي دخل ڪيو. غازي بيگ جي وفات کان پوءِ سندس بخت
پيڙو ڏنو. ان کان پوءِ جهانگير دور ۾ عبدالرزاق معموري اچي ڪيس بي
دخل ڪري، دهليءَ وٺي ويو ۽ اتي قيد خاني ۾ وفات ڪيائين. هن
ڪيترا مسافر خانا، پليون، مسجديون ۽ رانڪون ٺهرايون، تلاءَ ۽
کوهه کوٽايا هئا. وڌيڪ لاءِ ڏسندا مڪلي نامه ص ١٩٥ کان ٢٣٢
(مترجم.)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٢٩) ان زماني ۾ سنڌو هن علائقي مان ساڱري Sangara واري پيٽ مان وهي رهيو هو ته ان جنگ جي ميدان کي اسان واقع طور پٽ شاهه کان ٽي ميل اتر اوڀر ڏس تي موجود سمجهون ٿا. اتي هن وهڪري جو پيٽ گهٽو چٽو آهي. مير معصوم جو به بيان آهي ته جهيڙي جو پڙ بوهيڙي Buhiri کان ڇهه کوهه يا ٻارهن ميل پري هو. اهو پتو ڪونه ٿو پوي ته مرزا عبدالرحيم خان خانان ان ڏينهن ٻهرئين جلهه کان پوءِ پيو پيرو حملو ڪيو هو يا نه؟ هن وقت بوهيڙي ديهه نصرپور کان ڏهه ميل ڪن اتر ۾ آهي. ان شهر جا ٿرڙ هن وهڪري جي پراڻي پيٽ جي اوڀارينءَ ڪنار سان اڄ به ڏسي سگهجن ٿا ۽ ساڳئي نالي سان نئون ڳوٺ انهن پراڻن پڊن کان منو ميل ڪن اتر طرف آهي.

(١٣٠) ڏسندا اليٽ V ص ٤٦٢- ان وقت سنڌين گوريلا جنگ شروع ڪري ڏني هئي. انهن جُلهون ڪندي ڪندي فوجي پيڙين جي هڪ مُڇي تي وچي حملو ڪيو، (ٽي سگهي ٿو ته انهن ۾ فوجي اميرن جون عورتون وينلِ هجن) ۽ گهيرو ڪيو. هن محاذ تي شاهي فوج جي مهندارن جو عمل ڪو ساراه جوڳو ڪونه رهيو. مير معصوم پاڻ بوهيڙيءَ جي محاذ تي موجود هو، پر گهيري ۾ آيل انهن پيڙين بابت خاموش آهي ۽ اهو به ڪونه ٿو ٻڌائي ته ڪمڪ ۽ رسد پهتي هئي الائي نه.

(١٣١)مرزا جاني بيگ جنهن رستي سان پيش قدمي ڪري رهيو هو سو هالا کان گذري رهيو هو، جيڪو سڪرنڊ وٽان موجوده رستي کان ڪاٻو طرف ڏئي وچي رهيو هو.

(١٣٢) هن انگ جي ڄاڻ اسان کي طبقات اڪبريءَ وسيلي ملي آهي. مير معصوم اسان کي ان شاهي لشڪر جي دستي جُو انگ فقط ٻارهن سو ٻڌائي ٿو ۽ سنڌين لاءِ چوي ٿو ته اهي ڏهه هزار هئا. انهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ جيڪي غير فوجي تير انداز ۽ پيا ماڻهو هئا، سي تنهن کان سواءِ هئا، ۽ انهن جو ڏهن هزارن ۾ شمار ڪونہ ٿو ڪري. هن جنگي مهم ۾ سنڌين جو انگ تمام گهٽو وڌائي پيش ڪيو ويو آهي، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هو شاهي دربار کي خوش ڪري سگهي، تنهن ڪري ويساهہ جوڳو ڪونہ رهيو آهي.

(١٣٣) هن جنگ ۾ شهنشاه اڪبر جي مشهور وزير راجا توڏر جو پٽ، ڌارو Dhara بہ سنڌين سان وڙهندي مارجي ويو.

(١٣٤) انڙپور جو تاريخي ماڳ ڪوٽڙيءَ کان ٻاويهہ ميل اتر طرف آهي. روايتن موجب اهو ٿيون پيرو وسايل ڳوٺ آهي ۽ تاريخ ۾ بيان ڪيل انڙ پور کان ڇهہ ميل اولهہ طرف آهي. منهنجو ويچار آهي تہ ١٥٩٢ع ۾ اچا بہ ڪجهہ اوير طرف هو ۽ درياه جو مکيہ وهڪرو پوهڙي کان ٿوري پنڌ تي اولهہ تي وهندو هو ۽ پوهڙي اڄ جيان اڳي بہ درياه جي ساڄي پاسي وسندڙ هئي. تحفة الڪرام جو بيان آهي تہ هن ڳوٺ جو بنياد ڄام انڙ رکيو هو، جيڪو سمي گهراڻي جو پهريون بادشاه هو. هن مورخ جي دور ۾ يعني ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ هن ڳوٺ جو وڏو حصو درياهہ پائي ڪٽي ويو هو. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اهو ڳوٺ ڪافي وڏو هوندو، ڇاڪاڻ تہ درياه جي پاڻي وڃڻ کان پوءِ ڪجهہ حصو اچا بہ موجود آهي.

(١٣٥) ٩٢-١٥٩١ع واري هن جنگ جا وڏيڪ ويساه جوڳا احوال اسان کي تاريخ طاهري مان ملي سگهن ٿا، جيڪا ١٦٢١ع ۾ ڏيهي ماڻهوءَ جي لکيل آهي. تر خان نامہ (١٦٥٥-١٦٥٤) بہ ان جنگ کان پوءِ سٺ ئي لکي وئي، تنهن تي بہ اعتماد ڪري سگهجي ٿو. هنن تاريخن کان سواءِ بيگلار نامہ بہ آهي، جيڪو ڪجهہ پوئين دور جو لکيل آهي. مذڪوره تاريخون هن موضوع تي وڌيڪ ڪارائتو مواد ڏين

ٿيون. هنن جي پيٽ ۾ مير معصوم جا حوالا ڪا خاص وقعت ڪونہ ٿا رکن. هن جنگي مهم ۾ هوَ پنهنجي سر پاڻ موجود هو. ڪيس جنگي واقعن جا سچا، کرا تفصيلي بيان ڏيڻ کپن ها. پر هن ائين ڪونہ ڪيو آهي. اهڙن احوالن جي نہ هجڻ ڪري اسان کي هاٿي پتو ڪونہ ٿو پوي تہ سيوهڻ نصرپور جي وچ تي درياہ جو تن ڏينهن ڪهڙن ماڳن تان وهڪرو هوندو هو.

(١٣٦) ڪلهوڙن بابت هن حاشئي ۾، ڪئپٽن جيمس مئڪمرڊو جي مقالي جي پنيرائي ڪري ٿو، جيڪو هن جي وفات کان گهڻو پوءِ رايل ايشياٽڪ سوسائٽي جي جرنل ۾ ١٨۴۴ع ۾ ڇپيو هو. هن مصنف ڪلهوڙن تي لکيل پنهنجي مقالي جو مواد گهڻو ڪري هڪ ڪتاب واقعات سنڌ تان کنيو آهي، جنهنجو مصنف "فقير" نالي هڪ ماڻهو هو.

(١٣٧) ڪاهرا بيلي جا ٽرڙ يان شهر کان ساڍا ٽي ميل ڏکڻ-اولهہ طرف ٿيندا، کهيري ڳوٺ جو نالو بہ ان راڄدانيءَ پنيان پيل ٿو ڀانئجي.

(١٣٨) گمبٽ Gambat هاٽي هڪ ٽيپي جي صورت ۾ موجود ۽ شهداد پور واري علائقي جي اولهہ پاسي ۾ واقع آهي. شهدادپور واري ايراضي ۾ "اڍيجاٽي" شهر جو بنياد اڍيجا قبيلي وڌو هو.

(١٣٩) ڏيپل گهانگرو هاٽي ڦري ڏيپر گهانگهرو ٿي پيو آهي. اهو اصل هندو نالو ديپل آهي، جيڪو بنيادي طور ديوپال آهي. جڏهن ان ذات جا ماڻهو مسلمان ٿيا، تہ ڪين اهو نالو ڪوتائڻ ڏکيو لڳو، تنهن ڪري ڏيپر سڏائڻ لڳا. امڪان اهو بہ آهي تہ اوير سنڌ ۾ رهندڙ راڇپر ڪنهن زماني راڄپال سڏائيندا هجن ۽ مسلمان ٿيڻ کان پوءِ ان ذات وارا پاڻ راڇپر سڏائيندا هجن. ڏيپل گهانگهرو، امڪان آهي تہ ذات جو راجپوت هوندو. اهي سنڌي نالا لاپرواهيءَ ڪري جڏهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فارسيءَ ۾ لکندا هئا. ته انهن جي هجي هڪ جي ٻي ٿي ويندي هئي. انهي ڪري مئڪمرڊو به ان کي ڊيبل ڪانگيرا Dibal Kangirah ڪري پڙهيو آهي.

(31) ميان آدم شاه ڪلهوڙو ولد ميان ڪچن ولد صاحب ولد ميان خان ولد طاهر ولد ميان راڻو ولد شاه محمد ولد ميان ابراهيم ولد ميان محمد، ولد چاهر چينه ولد شيخ الياس لنگراچ. ميان محمد جونپريءَ جو مريد هو. وقت جي حڪمران هتان جيڪو ملتان ۾ رهندو هو، شهيد ٿيو. اتان سندس هڪ مريد شاه محمد هنجو لاش آڻي سکر ۾ دفن ڪيو (تحفة الڪرام ص ص ٢٥٦ ـ ٢٥٧) (مترجم).

(١٤٠) هن شهر جا ترڙ ساڳئي نالي واري ڳوٺ پرسان ۾ ڪڪڙ ڪان اٺ نو ميل اتر ـ اولهه پاسي آهن. ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي فتح ڪرڻ کان اڳ ۾ هن شهر جو نالو فتح پور هو. فتح ڪان پوءِ مذڪوره شهر جو نالو مٽائي "ڳڙهي" رکيو ويو. سنڌيءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ " ڳاڙهو" آهي. هن شهر جو نالو ڳڙهي ان ڪري رکيو ويو هو، جو ان علائقي جي مٽيءَ جو رنگ ڳاڙهو هو. هتان جي هڪ ڏيهي تاريخ جيڪا فارسي ٻولي ۾ لکيل آهي، تنهن به هن علائقي کي "ريگ سرخ" يا ڳاڙهي واري ڪري لکيو آهي. مئسن Masson به ١٨٣٩ع ۾ هن ترڙ وٽان مٽيو هو. ڪيس اتان جي ماڻهن ٻڌايو ته انهن ماڳن جو نالو وريج Vrig آهي. (ٽريولس ـ جلد ii ص ١٣٥) هنن ماڳن جي پير پاسي هن نالي جي ڪنهن کي به خبر ناهي. (ٻ) ڳڙهي معنيٰ ننڍو قلعو، ڪوٽڙي وڏي پٽ، عالم پناه. (ڏسندا سنڌي لغات ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ص ٢٣٩٧) (مترجم) ان علائقي جي مٽيءَ جو ورن ڪٿي ڳاڙهو هوندو، اها ٻي ڳالهه آهي، پر سنڌ ۾ ڪاٿي به ڳاڙهي لفظ کي "ڳڙهي" ڪونه چوندا آهن. ڳڙهيءَ جو پنهنجو مفهوم آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۴۱) ڪنهن زماني ۾ هي وڏو علائقو هوندو هو. هاڻي فقط ديهه وڃي بچي آهي. ان نالي جو هڪ ڳوٺ سيوهڻ کان پندرهن ميل ڏکڻ اوڀر طرف ۽ سنڌوءَ جي اوڀارين ڪنار سان واقع آهي. پتو ڪونه ٿو پوي ته اهو سترهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ درياه جي اولهه پاسي هو يا نه، پر ايترو سو پرو پوي ٿو ته انتظامي نقطه ء نگاهه کان سيوهڻ سان ڳنڍيل هو. وچان درياهه وهڻ جي باوجود به امڪان آهي ته انتظامي طور اجا تائين به هن جو سيوهڻ سان واسطو هوندو. سندس حدون سڪرنڊ جي ڏکڻ اوڀر تائين هليون وڃن ٿيون.

(۱۴۲) ڳيريلي جو شهر لاڙڪاڻي کان ٻارهن ميل ڏکڻ اولهه ۽ باقراڻي کان ست ميل اولهه طرف آهي.

(۱۴۳) هن مان ديره جات جي هيٺين ڀاڱي ڏانهن اشارو هوندو. چيو ويندو آهي ته مذڪوره علائقي جي راڄڌاني شڪارپور هوندي هئي.

(32) آنندرام مخلص جي بدايع وقايع موجب ٻاويهه لک روپيه ۽ هڪ هيرو هٿا جيڪي ضبط ڪيا ويا. (مرآت دولت عباسيه ص ۱۳۷ ۽ جواهر عباسيه) لا لا دولت رام جو بيان آهي ته ميان محب سندس ڏاڏي مانجهي مل جي معرفت سون ۽ جواهرن مان جو ڪجهه به هو سو نادر شاه جي خدمت ۾ پيش ڪيائين ۽ پنهنجو قصور به معاف ڪرايائين. تحفة الڪرام ۾ آهي ته هڪ ڪروڙ روپيا وٺي نادر شاه ميان کي ملڪ موٽائي ڏنو. لب تاريخ سنڌ ۾ آهي ته ميان هڪ ڪروڙ روپيه جرمانو ادا ڪيو. هيوز چوي ٿو ته، ”ويهه لک روپيه ساليانو رقم، خراج طور ميان صاحب تي عائد ڪئي وئي. گولڊ سمٿ لکيو آهي ته: هڪ لک ويهه هزار پائونڊ ساليانو خراج مقرر ٿيو ۽ هڪ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ ڏن ورتو ويو. ايتڪن موجب ميان صاحب هڪ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪروڙ رپيا قرض ادا ڪيو ۽ خراج جو واعدو ڪيو. (تاريخ ڪلهوڙا دور، سنڌي ترجمو ص ٣٨٩) (مترجم)

(33) پٺاڻن پيسي ڪارڻ سنڌ جي سياست ۽ امن امان کي تباه ڪري ڇڏيو هو. پهريائين هنن ميان نور محمد جي وڏي پٽ مراد يار خان کي سنڌ جو حڪمران تسليم ڪيو هو. پر هن شرط سان ته هو روايتي ڏن کان وڌيڪ خراج ڏيندو رهندو. هو نصرپور پرسان مراد آباد نالي هڪ سهڻو شهر آباد ڪري اتي رهڻ لڳو. سرائي سردارن سان نه نڀڻ جي ڏوهه ۾ کيس لاهي قيد ڪري ميان غلام شاه کي تيرهين ذوالحج ١١٧٠هه (١٧٥٦ع) ۾ تخت تي وهاريو ويو. جنهن پنهنجي حڪومت جي راڄڌاني پنهنجي پيءُ جي آباد ڪرايل شهر محمد آباد مراد آباد پرسان قائم ڪئي، جنهن جو نالو الله آباد رکيو ويو. چاڪاڻ ته هن کان ڪجهه وقت اڳ مراد آباد کي درياهه پائي ڪٽي ويو هو.

ميان احمد يار خان، ميان مراد ياب خان جي سڳي ڀاءُ شورش شروع ڪئي. ان وقت سندن ٻيو ڀاءُ محمد عطر خان احمد شاهه ابداليءَ وٽ يرغمالي هو. تنهن به وڌيڪ رقم ڏيڻ جي بهاني تي سنڌ جي حڪومت جو پٺاڻن کان پروانو ورتو هو. هن کان اڳ ۾ احمد شاه ابدالي محمد مراد ياب کي سنڌ جو پروانو ڏئي چڪو هو. غلام شاه جڏهن ٻڌو ته پٺاڻن گهڻن پئسن بدلي محمد عطر خان کي سنڌ جي حڪومت ڏني آهي، ته هو پنهنجا خاص ماڻهو ۽ لشڪر وٺي ٿر ڏانهن نڪري ويو. محمد عطر خان جيڪو پٺاڻ لشڪر پاڻ سان وٺي آيو هو، تنهن اچڻ سان وٺي سنڌين سان ظلم ڪيا. پٺي پاسي کان محمد مراد ياب، احمد يار خان ۽ انهن جي سردارن کي آس هئي ته محمد عطر خان محمد مراد خان جي حڪمرانيءَ واسطي احمد شاه کان پروانو وٺي آيو آهي، ته اهو ڏسي کين مايوسي ٿي. هوڏانهن ميان غلام شاه

اڏيپور کان ڦيرو ڏئي اچي بهاولپور ۾ ترسيو ۽ حالتن جو اندازو لڳائي، سنڌ ڏانهن روانو ٿيو. پنهي ڌرين جي وچ ۾ روهڙيءَ پرسان امرڪس واه ويجهو جهيڙو لڳو، جنهن ۾ عطر خان ۽ احمد يار خان کي شڪست آئي. پوءِ هو روهڙيءَ کان سوستان پهتو. ان زماني ۾ محمد مراد ياب خان گذاري ويو هو. سندس پوينرن سان وات پرچاڻي ڪري ڪجهه دير تڏي تي ويهي، اتان شوال سنہ ١١٧١هه (جولاءِ ٥٨ ١٧ع) الله آباد پهتو. محمد عطر خان ۽ احمد يار خان کي ٻه وهڻ ڪونہ آيو ۽ قلات جي حڪمران محمد نصير خان وٽ وڃي پهتا. قلات جي والي نصير خان جا ميان غلام شاه سان دوستاڻا تعلقات هئا، سو هن ٻنهي کي ڪٽي بند يخاني ۾ بند ڪيائين. اتفاق اهڙو ٿيو جو تن ڏينهن نصير خان مٿان پٺاڻ شاهي فوج ڪاهي آئي هئي. انهن وڳوڙي حالتن جو فائدو وٺي عطر خان ۽ احمد يار خان جان ڇڏائي وڃي احمد شاه ابداليءَ وٽ پهتا.

اتان عطر خان عطائيءَ جي مهنداريءَ ۾ پٺاڻن جو لشڪر وٺي اچي سنڌ پهتا ۽ سنڌ جي تخت جي لالچ ۾ پٺاڻن هتان سنڌ جا سهڻا شهر، وسندڙ وسنديون ۽ ڳٺن پريا ڳوٺ پيلائي پينگ ڪري ڇڏيا. اهو حال ڏسي غلام شاه ١١٧٢ (١٧٥٨ع) ۾ اورنگا بندر اڪري وڃي ڪڇيءَ ۾ دم پٽيو. ان جو نالو شاه ڳڙه رکيائين. ان جي سامهون شاه بندر نالي هڪ نئين بندر جي اڏاوت شروع ڪرايائين. اتي پنهنجي پٽ سرفراز کي ڇڏي، پنهنجي ڀائرن جي مقابلي لاءِ لشڪر وٺي اڳتي روانو ٿيو. ٻئي طرف کان عطر خان پٺاڻ فوج هتان پنهنجي وسندڙ ملڪ کي ويران ۽ دڙيون ڏڦ ڪرائيندو اڳتي وڌي رهيو هو. ٻئي ڌريون اچي چاچڪن پرسان هڪ ٻئي جي سامهون ٿيون. صلح لاءِ ڳالهه ٻولهه هلي، جنهن موجب ساموندي ڪناري کان نصرپور تائين ملڪ ميان غلام شاه کي مليو ۽ سنڌ جو باقي حصو عطر خان ڪنيو. ان وچ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احمد يار خان جي پرواني جو پڌي ۽ هيڏانهن غلام شاه جون جنگي تياريون ڏسي عطر خان وٽي ڀڳو. وري بہ بهاولپور مان دائود پوٽن جو لشڪر وٺي مقصودو فقير ۽ بهادر خان ساڻ ڪري سنڌ تي حملو ڪيائين، پر اباوڙي وٽ غلام شاه جي فوج کيس سخت شڪست ڏني.

سنہ ١١٧٦ھ ۾ غلام شاه ڪڇ تي ڪاهيو. رستي ۾ سندري جو قلعو فتح ڪيائين پوءِ اڳتي وڃي جاڙي جبل تي حملو ڪيائين. بستا ۽ لکپت بندر پڻ فتح ڪيائين. هن ٻيو ڀيرو سنہ ١٧٧٨ع ۾ ڪڇ تي حملو ڪيو هو ۽ ڪڇ جي راجڌاني ڀج کان پنج ڪوه پري هڪ جاءِ تي وڃي منزل ڪئي هئائين. ڪڇ جي راءِ وچ تي وسيلا آندا. پنهي ڌرين ۾ ٺاهہ ٿيو. ان زماني جي تورو اڳ پوءِ پٺاڻ دربار غلام شاه کي سنڌ جو حڪمران مڃي"شاه وردي" خان جو لقب ڏيئي، هڪ هاٿي روانو ڪيو ۽ ان کان پوءِ کيس صمصام الدولہ جو لقب ڏنو ويو هو. غلام شاه پنهنجي قوت، پنهنجي همت ۽ تلوار سان مُجرائي هئي پر ڪنهن پرواني تحت ڪانہ مجرائي هئي. (وڌيڪ لاءِ ڏسندا تحفة الڪرام سنڌي ص ص ٢٧٤ کان ٢٨٣ تاريخ سنڌ اعجاز الحق ص ص ٤٦١ کان ٤٧٥ ۽ تاريخ ڪلهوڙا باب ٻيو) (مترجم.)

(١٤٤) منهنجي هڪ دوست ڊبليو - جي - ولڪنس W.J.Wilkins جيڪو ڪنهن زماني ۾ سنڌ جي روينيو کاتي جي سروي واري شعبي ۾ ملازم هو. ڏاڍو سليم طبع ۽ شريف انسان آهي. هن صاحب سنڌ جي قديم درياهي وهڪرن ڏانهن خاص ڌيان ڏنو آهي ۽ مون کي ڄاڻ ڏني اٿس تہ قليلي چاڙهہ سنڌوءَ جي هڪ قديم شاخ آهي، سندس ويچار آهي تہ هي وهڪرو، ڪنهن زماني ۾ سندس موجوده منهن کان نو ميل اتر اوڀر سيڪاٽ ڳوٺ وٽان سنڌوءَ مان ڇڄي ڌار ٿيندو هو. موجوده قديم وهڪري جي وچ تي موجود پراڻو پيٽ درياه لئي ڇڏيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو خيال آهي تہ سندس ان ويچار کي هٿي ۽ پنيرائي ڏيڻ واسطي ڪا ثابتي موجود ڪانہ آهي. جيڪڏهن سندس اهو خيال صحيح بہ آهي تہ بہ هي صاحب اها ڳالهہ ڪڏهن بہ ثابت ڪري ڪونہ سگهندو تہ قليلي سنڌوءَ جي هڪ نهايت، ڇاڙهہ آهي. ڇاڪاڻ تہ خود سنڌوءَ جو سيڪاڻ وارو مکيہ وهڪرو پاڻ ئي پوئين دور سان واسطو رکي ٿو. جڏهن سنہ ١٧٥٨ع ۾ سنڌوءَ پنهنجو وهڪرو مٽايو تہ اهو سندس آخري وهڪرو هو.

(١٣٥) شاه پور اڃا بہ آباد ۽ اسرندڙ شهر آهي جيڪو نصرپور کان چارميل اولهہ طرف آباد آهي.

(34) ميان سرفراز جي زماني ۾ راڄو ليکي اعتماد جوڳو ماڻهو سمجهيو ويندو هو. جنهن جي اشاري ۽ فريب سان مير بهرام کي قتل ڪرايو ويو. ان کان پوءِ فتح علي خان خداآباد تي حملو ڪيو. ميان سرفراز ڀڄي اچي حيدرآباد جي قلعي ۾ پناه ورتي. سندس جاءِ تي هن جي ننڍي ڀاءُ ميان محمود کي تخت تي وهاريو ويو. ان کان پوءِ حالتن جو اندازو ڪري ميان غلام نبي کي (١١٨٩هہ - ١٧٧٥ع) آندو ويو. ان زماني ۾ مير بجار خان حج تي ويل هو. واپس اچڻ ڪانپوءِ الله بخش منجهڻ، محراب جتوئي ۽ پيروز پتافيءَ ميان غلام نبيءَ کي اڳ ۾ ڪري جنگ جون تياريون ڪيون. اها جنگ تعلقي شهداد پور جي لانياري واري ماڳ تي لڳي. مير بجار وٽ ڇهہ هزار ۽ ميان غلام نبي وٽ ٽيهہ هزار لشڪر هو. جڏهن ميان غلام نبي ڏٺو تہ سندس شڪست ٿي رهي آهي، تہ هن لڪ چوريءَ ۾ مير بجار ڏانهن خط لکيو. جنهن ۾ واضح ڪيائين تہ مذڪوره جنگ ۾ سندس هٿ ڪونہ هو، ان ڪري هنجو ڪوبہ قصور ڪونہ آهي ۽ صلح لاءِ قرآن شريف وچ ۾ آندو. ٻنهي ڌرين ۾ ٺاه ٿي ويو، پتو نہ آهي ڪهڙيءَ ريت اهڙي خط


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ لڪ چوري ۾ پهتل پيغام ڪان تاجو ليڪي واقف ٿي ويو ۽ پنهنجا ڪجهه ساٿي ساڻ ڪري ميان غلام نبيءَ وٽ پهتو، ڪجهه سوال جواب ڪرڻ ڪان پوءِ ڪيس تلوارن جا وار ڪري قتل ڪيو ويو. تاريخي حوالن مطابق ڪيس زمينون گهمندي قتل ڪونہ ڪيو ويو هو ۽ نہ وري ڪيس مير بجارئي قتل ڪيو هو (تاريخ سنڌ اعجاز الحق ص ۴۹۶۔ لب تاريخ سنڌ (سنڌي ص ۱۵۹) تي آهي تہ جڏهن مير بجار خان حج تان موٽي آيو تہ ٽالپرن انتقام وٺڻ خاطر ميان غلام نبيءَ تي حملو ڪيو (اهو قتل سرفراز جي ڏينهن ۾ ٿيو هو ۽ انتقام ميان غلام نبيءَ ڪان ورتو ٿي ويو) ۽ هُو لانياري واريءَ جنگ ۾ مارجي ويو.

پنهنجي ڀاءُ غلام نبي جي جنازي دفن ڪرڻ ڪان پوءِ هن سمجهيو تہ هو پنهنجي ڀاءُ سرفراز سندس پٽ محمد خان سندس ڀاءُ محمود خان ۽ چاچي عطر خان جي موجودگيءَ ۾ سنڌ جي تخت تي ويهي ڪونہ سگهندو. ان ڪري هن جوٽيجہ ذات جي پهريدارن سان هم صلاحو ٿي سيني کي قتل ڪرڻ چڏيو. (مترجم.)

مير بجار جي قتل جي سازش ۾ قلات جو والي مير نصير خان، جوڌ پور جو راجا ۽ ميان عبدالنبي هڪ جيترو شريڪ هئا. (ڏسندا تاريخ سنڌ اعجاز الحق ص ۵۱۱) لب تاريخ سنڌ (سنڌي ص ۱۶۰) جو بيان آهي تہ جوڌ پور جي راجا وٽان بہ جلاد گهرائي ميان عبدالنبي مير بجار کي اکين آڏو ڪهرايو. تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور.

(35) ميان عبدالنبي، بي دخلي جي فرياد ڪٿي افغانستان پهتو هو. پر هن ڪان اڳ مدد خان محمد بهاول جي ملڪ ۾ پهچي چڪو هو. پنهنجي مدد لاءِ هن پنهنجو اثر رسوخ ڪتب آندو ۽ مدد خان کي راضي ڪرڻ لاءِ سوڪڙيون پاڪڙيون بہ ڏنيو هيون. مدد خان پٺاڻن جي صورت ۾ سنڌ تي ڪاري قيامر ۽ نسور ناحق تي نازل ٿيو، جتان بہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضـــــميـــــمو "الـــف"

سنڌيءَ ۾ "ٻار" سمنڊ کي ٻه چيو ويندو آهي. شاه عبداللطيف جي شعر جو هڪ ٽڪرو آهي "وڏائون پيڙا ٻار ۾" امڪان اهو آهي ته اها ڪا سامونڊي کاري هوندي جنهن ۾ لوٽي جو پاڻي اچي ڇوڙ ڪندو هوندو. لوٽي معنيٰ اها سامونڊي کاري جنهن ۾ لوٽيءَ جو وهڪرو ڇوڙ ڪندو هو.

# ضـــــميـــــمو "ب"

١- ڪنهن زماني ۾ اروڙ وٽان هن وهڪري مٿان پل جوڙيل هوندي هئي، منهنجو خيال آهي ته مذڪوره پل تڏهن ٺاهي وئي هوندي، جڏهن هن ننڍي وهڪري ۾ گهٽو پاڻي اچي ويندو هوندو. ماڻهن جي اچڻ وڃڻ جي سهوليت لاءِ اها پل تعمير ڪئي وئي هوندي. ڇاڪاڻ ته وهڪري جي تبديليءَ کان پوءِ به ڪيترن سالن تائين چاڙهه جو پاڻي انهيءَ ڇڏيل پيٽ مان وهندو رهيو هو.

٢- جيڪڏهن ماموئي فقيرن جي اڳ ڪٿين جي ڏند ڪٿا ۾ سچائي آهي، ته پوءِ امڪان اهو آهي ته اهي اڳ ڪٿيون سمن جي خلاف ۽ ڪين ڊيڇارڻ ڏمڪائڻ واسطي ڪيون ويون هيون، تنهن ڪري سمجهه ۾ اَئين اچي ٿو ته اهي سندن ڀاڳ ۽ بخت واسطي ڪي دعائون ڪونه هيون، پر اڳتي هلي جيڪي هن گهراڻي کي ڏچا ڏسڻا هئا، تن جو ڪين هڪ قسم جو چتاءُ ڏنو ويو هو.

چيو ويندو آهي ته ماموئي لفظ جي اصلي شڪل "معموئي" آهي معمہ جي معنيٰ راز ۽ ڳجهارت وغيره آهي. گهڻي استعمال ڪري معموئي جو لفظ بگڙي ماموئي ٿي ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Baer's law چيو ويندو آهي. هيءُ انسان طبعيات جو ماهر هو، سندس پورو نالو، ڪارل ارنسٽ وون باير Karl Ernst Von Baer هو. هيءُ پهريون ماڻهو هو، جنهن هن ڳالهه کي محسوس ڪيو هو، ته وهندڙ پاڻي ڪنارا ڇو ٿو ڪائي. هن قسم جي ڌرتيءَ جي ڇر پر، ڌرتيءَ جي اترئين اڌ گول O درياهن کي مجبور ڪري ٿي، ته اهي پنهنجا ساڄي طرف وارا ڪنارا ۽ ڏاکڻين اڌ گول وارن درياهن کي مجبور ڪري ٿي ته اهي پنهنجن کاٻن ڪنارن کي پائيندا ۽ ڪائيندا آهن. وون باير هن حقيقت ڏانهن به اشارو ڪيو آهي، ته بين قدرتي قانونن مطابق مٿين اصولن ۾ ڪجهه "گهٽ وڌائي ۽ تبديلي به ٿيندي رهندي آهي، جنهن ڪري درياهن جا وهڪرا ڪنهن خاص پنڌ جي دائري اندر هڪ پاسي کان ٻئي پاسي پيا پنهنجا پيٽ بدلائيندا آهن. ان عمل ۾ وهڪري جي پنهنجي سگهه ۽ ڪي ٻيا سبب به هوندا آهن، جن جو اڃا پتو پئجي ڪونه سگهيو آهي. هن ڏاهي انسان "اسٽڊين آرس جيبيٽي ڊرنيچر وزن سچافٽ" Studien aurs Gebiete der Naturwirren sehaften جي موضوع تي ڪتاب لکيو آهي، مٿان ٽائيٽل تي، " اُبر فلسي انڊ ڊيرن ورڪنگن" Uber Flusse and deren wrikungen لکيل اٿس، جنهنجو مطلب آهي. "درياه ۽ انهن جي پائيندڙ جو اصول " بروهن وڪ Bruns wick ١٨٨٦ع ڇاپيو پيو.

۵. (اناب Anab vi - 15 ) سڄي انڊيا مان يونان وارن جي مراد اها آهي ته هندستان جو اهو ڀاڱو جنهن کان واقف هئا. جڏهن اسان پڙهون ٿا ته پيٿان Peithon سنڌوماٿريءَ جي ڏاکڻين حصي ۽ انڊيا جي سموري سامونڊي ڪناري جو حڪمران مقرر ڪيو هو، ته لفظن جي وسعت کي ڇڏي، اسان کي رڳو سنڌ جي سامونڊي ڪناري تائين محدود ٿيڻو پوندو ۽ سمجهڻو پوندو ته کيس فقط مذڪوره علائقي ۽ ڪناري جو حڪمران مقرر ڪيو ويو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(37) ائرين، استربٿو ڪٿنتس ڪرٽس، تالمي، پلو تارڪ ۽ڊايو ڊورس وغيره جي لکتن مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ هنن "انڊيا" جو لفظ فقط سنڌ ڏانهن منسوب ڪيو آهي، ان سان گڏ اهو بہ معلوم ٿيندو تہ هو سنڌوءَ کي انڊي ۽ انڊس بہ سڏيندا هئا. هن حقيقت مان محسوس ائين ٿئي ٿو تہ شروعاتي دور ۾ يونان وارا سنڌ کي انڊ سڏيندا هئا. تنهن کان پوءِ هنن، مذڪوره لفظ کي حرف علت واري ڊگهي پڇاڙي ڏئي موسيقيت پيدا ڪئي آهي ۽ انڊ کي انڊيا بڻائي ڇڏيو. يوناني تاريخن ۾ اسان کي هر ملڪ جي نالي پٺيان "يا" "يا" ia جي ڊگهي حرف علت واري پڇاڙي ملندي. جهڙوڪ: عرب - عريبيا - باختر- بئڪتريا الگزينڊر-اليگزينڊريا علائقي کي Media لکيو آهي. بعد ۾ ان حساب سان سڄي هندستان کي سنڌ چيو ويو. ڇاڪاڻ تہ هندستان جي گنگا واري سڀيتا بہ سنڌ سڀيتا جو هڪ حصو آهي، اها ڪا آجي ۽ نجي سڀيتا ڪانہ آهي. (ڏسندا، رائيز آف سِولائيزيشن ان اِنڊيا ائنڊ پاڪستان برج ۽ ريمنڊ آليچن) ان نقطہ نگاه کان قديم دنيا ۾ سڀيتا جي سڃاڻ ۽ ساڃهہ جي ناتي هندسان جي نہ، پر سنڌ جي عظمت مڃيل هئي. ٽائون پلاننگ جي اهميت کي اٺويهن صديءَ جي پڇاڙي ۽ ويهين جي اڪياڙي ۾ محسوس ڪيو ويو . ماحول جي آلودگيءَ کي ختم ڪرڻ ڏانهن هن سڌريل دنيا جو خيال ويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ويو آهي. پر سنڌ سڀيتا اڄ کان پنج هزار سال اڳ، ان کي محسوس ڪري ورتو هو. يونان جي مِناني ۽ هيليني ۽ شام جي سيريائي تهذيب سنڌ سڀيتا جي عظمت جي ڏاڪي تائين پهچي ڪونہ سگهيون هيون. تنهن ڪري ائين چوڻ غلط آهي تہ سنڌ کي هندستان جي ناتي سان سڃاڻ ملي، پر حقيقت اها آهي تہ هندستان جي سنڌ جي ناتي سان سڃاڻ ٿي آهي ۽ سنڌ سڀيتا جي عظمت جون حقيقتون ، جنرل هگ جي هن ڪتاب لکڻ کان گهڻو پوءِ معلوم ٿيون آهن. (مترجم)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦ـ جيڪڏهن تبصره نگارن ۽ نقادن کي پتو پوي ها ته پور ٽيڪانوس Portikanos انهن ساڳين حدن اندر ٻڙديڪا Burdika نالي ۾ هڪ علائقو موجود آهي ته خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ نٿي ڪونه ماپن ها. اهڙي سڃاڻ کي چاگر جي آليءَ ڏنگريءَ جيان چنبڙي وڃن ها. پر حقيقت اها آهي ته ٻڙدي، جنهن ڪري هن علائقي مٿان نالو پيو آهي، سي بلوچ آهن ۽ ڪنهن ويجهي زماني ۾ بلوچستان کان لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا آهن. اهي ٻئي نالا هڪ ٻئي سان هڪ جهڙائي رکن ٿا، جن مان هڪ قديم ۽ ٻيو تازي دور سان واسطو رکي ٿو. اهي ايترا ته هڪ جهڙا آهن جو ماڻهو ٻڌي چرڪي وڃي ٿو ۽ پڇا ڳاڇا ڪرڻ تي مجبور ٿئي ٿو ته واقعي ٻڙدي سنڌ ۾ لڏي آيا آهن يا سنڌ سندن اصلي وطن آهي. اهڙيءَ ريت جنرل ڪننگام، ڊايو ڊورس جي بيان ڪيل نالي مساناءِ Massanae کي "مزارڪا" Mazarka سمجهي ويٺو آهي، جيڪو مٺڻ ڪوٽ کان هيٺ ۽ سنڌوءَ جي ساڄي طرف وارو علائقو آهي. اهڙيءَ طرح مري Marri به بلوچ آهن، جيڪي تازي دور ۾ بلوچستان مان لڏو ڪري اچي سنڌوءَ جي ڪنارن سان آباد ٿيا آهن. ٻڙديڪا وارو علائقو به سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري آهي، جيڪو سکر کان ٽيهه ميل اتر درياه جي ڪنار سان ٿورن ميلن ۾ پکڙيل آهي.

٧ـ ڪرنل بي آر بران فل B.R. Bran Fill هنن ماڳن ۽ اوسي پاسي واري علائقي بابت گهڻائي اچرج جهڙا احوال قلمبند ڪيا آهن، جيڪي سندس ڪتاب "انڊين انٽي ڪئائري" جلد vi ۾ ڏسي سگهجن ٿا. ڪرنل بران فل هن حقيقت کي قبول ڪري ٿو ته مؤ Mau جو لفظ موءِ Muy جي بگڙيل صورت آهي، جنهنجي معني آهي وار. هن جاءِ کي روهڙيءَ جيان محمد صلي الله عليه وسلم جي ڏاڙهيءَ جي وار مبارڪ جو شرف حاصل آهي. مان اهو چئي ڪونه ٿو سگهان ته مسلمانن وارو خيال صحيح آهي، پر ايترو ضرور چوندس ته ان جو نالو مؤ ضرور آهي،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاڪاڻ تہ ان ٿاڪ تي وار پهچڻ ڪان اڳ بہ سندس نالو اهوئي هو. هن جي خلاف ٻيون شهادتون بہ موجود آهن. هندستان ۾ اهڙا ٻيا بہ نالا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي اولهہ اتر هندستان جي وچ واري صوبي ۾ پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. سنڌ جي لاڙ واري علائقي ۾ هن نالي سان شهر هوندو هو. جيڪو پنجويهہ ويڪرائي ۽ اٺهٺ ڊگريون ۽ ستونجاهہ فوٽ ڊگهائي ڦاڪ تي، ان جوءِ ۾ موجود هو، جنهن ۾ پٽالا شهر جي موجودگيءَ جو امڪان آهي. مذڪوره علائقي ۾ گهٽي ايراضيءَ ۾ پکڙيل پراچين ٽرڙ کي "مؤ" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. عالمن جي خيال مطابق مؤ Mau يا Mao آرين جو پراڻو لفظ آهي، جنهنجي معنيٰ آهي "چنڊ". باختر جي هڪ بربر شهزادي Bargare Prince مائس Mauas يا Mayes جي سڪي تي يوناني صورتخطيءَ ۾ بہ اهو ساڳيو لفظ لکيل نظر اچي ٿو. (Lassen "zur Geschichte" and e p. 99 and other Numismatics)

٨ - ڪٽنتس ڪرٽس بنا سوچ فڪر جي ڪليتارڪوس Kleitaschos جو هيءَ بيان نقل ڪيو آهي، تہ هن علائقي ۾ سڪندر اسي هزار سنڌين جو ڪوس ڪيو هو ۽ ڪيترن کي باندي بڻايو هو. ڪلتار ڪوس، سڪندر جي جنگي مهم جو جنگي وقايع نگار ۽ حساس ماڻهو هو مان سمجهان ٿو تہ هيءُ سندس وڌاءُ آهي.

٩ - سنڌ ۾ ڪشمور ڪان وٺي سيوهڻ تائين ميداني علائقي جو لاهہ في ميل هڪ فوٽ ۽ اتان ڪان سمنڊ تائين في ميل ساڍا ست انچ ۽ وهڪري جي ايرندي پاسي في ميل نَو انچ آهي. درياهہ جي تري ۾ لاهہ جو في ميل جي حساب سان پنجن ڪان اٺن انچن تائين، فرق موجود آهي.

١٠- "ڊاس ڊيلٽا ڊيس نيل Das Delta Des Nil " وَن ڊاڪٽر جوهہ جانڪو Von Dr. Joh Janko بڊاپيسٽ ١٨٩٠ع ص ٢٦٨.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١١ - ادريسي، ابن حوقل جيترو ويساهہ جوڳو ڪونہ آهي. سندس بيان آهي، تہ ڪمبلي آدمشماري ۾ شاهوڪاري ۽ جي لحاظ کان ارمائيل جهڙو آهي. (اليٽ -١- ٨٠)

# ضـــميمو

١٢ - جيڪڏهن ديبل ڏانهن اچا بہ وڌيڪ سڌو ويجهي ها تہ گهاري واري ڪاري کي پار اڪرٽو پوي ها.

١٣ - زمين جو هڪ سوڙهو پٽو آهي، منهنجي خيال ۾، جتان پٽر ملي سگهي ٿو. مذڪوره پٽريلو علائقو اڪٿي وري اچي اسڪئنڊل پٿائنٽ Scandal Point وٽ ختم ٿي وڃي ٿو. اهو ماڳ آبزرويٽري آئلئنڊ کان منو ميل ڪن وٿيرڪو آهي.

١۴ - هيءُ ڏاڍو خطرناڪ علائقو آهي. اتان رات جو سفر ڪرڻ اوکو آهي. درياهي وهڪرنَ جي مطالعي مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ درياهہ پنهنجو رخ پوري ريت بدلائڻ کان اڳ ۾، امڪاني مڪيہ وهڪري جي طرف ڏانهن ڪجهہ وقت اڳ پنهنجي هڪ چاڙهہ چڏيندو آهي. ونجهڙوٽ وٿان ريٽيءَ جو وهڪرو يا ١٧٥٨ع وارو حيدرآباد جي قلعي وارو وهڪرو يا ان سان گڏ حيدرآباد کان اولهہ وارو ننڍو وهڪرو ان جا مثال آهن. درياهہ هڪدم مڪيہ وهڪرو ڪيڏانهن ڪونہ موڙيندو آهي.

The End.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو بِه ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم - گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوڻ، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو ته ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو بيجل بوليو)







Sketch Map of
**PATALENE,**
showing the coast-line 8 miles within that of the present day.

1 Inch = 16 Miles.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com




Map of the
**KARACHI COAST**
as supposed to have been in the time of
ALEXANDER THE GREAT.

1 Inch — 1 Mile.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book